آزمائشي اشاعت

# اسلاميات

## (لازمي)

### نائين ۽ ڏهين ڪلاس لاءِ

(نئين نصاب مطابق)

سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ، ڄام شورو

ڇپيندڙ

سيئي حقَ ۽ واسطا سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ ڄامشورو وٽ محفوظ آهن.

تيار ڪندڙ: سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ ڄامشورو

منظور ٿيل: صوبائي محڪمہ تعليم و خواندگي ، حڪومت سنڌ

مراسلہ نمبر: سنڌ حڪومت جي تعليم ۽ خواندگيءَ واري کاتي جي مراسلي نمبر SO(C)SELD/STBB-18/2021، مورخہ: 06 مئي 2021.

سنڌ صوبي جي اسڪولن لاءِ اسلاميات جو واحد درسي ڪتاب

ڪتابن جي ڇڪاسڻ جي صوبائي ڪميٽي ڊائريڪٽوريٽ آف ڪريڪيولم اسيسمينٽ اينڊ ريسرچ، ڄامشورو جو ڇڪاسيل

نگرانِ اعلىٰ: پرويز احمد بلوچ (چيئرمين سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ)

نگران: عبدالباقي ادريس السندي

ليکڪَ:
- ✸ پروفيسر ڊاڪٽر بشير احمد رند
- ✸ پروفيسر ڊاڪٽر عبدالوحيد انڍڙ
- ✸ مولانا محمد قاسم سومرو
- ✸ مولانا نياز احمد راڄپر

سنڌيڪار: پروفيسر ڊاڪٽر محمود الحسن چنڙ

ايڊيٽر: مولانا محمد قاسم سومرو

صوبائي جائزه ڪميٽي

- ✸ پروفيسر ڊاڪٽر ثناءُ الله ڀٽو
- ✸ ڊاڪٽر خليل احمد ڪورائي
- ✸ مولانا عبدالحڪيم ڀٽاڻ
- ✸ سيد شهاب الدين شاه
- ✸ مسز تحسين ڪوثر انصاري
- ✸ ڊاڪٽر عبدالمحسن
- ✸ مولانا عبدالله عابد سنڌي
- ✸ حافظ محمد يوسف ڀنڀرو

پروف ريڊنگ: مولانا عبدالعزيز شيخ

ڇپيندڙ:

# فهرست

| عنوان | صفحو |
|---|---|
| باب پهريون: قرآن مجيد | |
| (الف) قرآن مجيد: تعارف ۽ فضيلتون | 1 |
| (ب) چوندڊ آيتن جو ترجمو ۽ تشريح | 10 |
| باب ٻيو: حديث شريف | |
| (الف) حديث و سنت جو تعارف ۽ ان جا عملي زندگي تي اثرات | 47 |
| (ب) چوندڊ حديثن جو ترجمو ۽ تشريح | 55 |
| باب ٽيون: موضوعاتي مطالعو | |
| (الف) ايمانيات | |
| 1. عقيده توحيد (الله تعالىٰ جي صفتن جو تعارف، توحيد جون تقاضائون) | 86 |
| 2. عقيده رسالت | 93 |
| (ب) عبادات | |
| 1. عبادت جي اهميت ۽ افاديت | 103 |
| 2. جهاد (تعارف، اهميت ۽ قِسمَ) | 107 |
| (ج) سيرت طيبه | |
| 1. بعثت نبوي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ | 117 |
| 2. دعوت ۽ تبليغ | 123 |
| 3. هجرتِ مدينه ۽ غزوات | 131 |
| 4. خصائل ۽ شمائل نبوي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ | 143 |

| عنوان | صفحو |
|---|---|


5. مناقب اهل بيت اطهار رضي الله عنهم 150
6. مناقب صحابه ڪرام ۽ عشره مبشره رضي الله عنهم 162

(د) اخلاق و آداب
1. علم جي اهميت ۽ فضيلت 171
2. اسلام ۾ خاندان جي اهميت 175
3. احترامِ انسانيت 183
4. اجتماعي عدل 187
5. عفت ۽ حياءُ 193

باب چوٿون: هدايت جا سرچشما ۽ مشاهير اسلام
1. حضرت سيدنا امام حسين رضي الله عنه 200
2. حضرت ابو عبيدالله بن جراح رضي الله عنه 209
3. جابر بن حيان رحمة الله عليه 215
4. حضرت محمد راشد روضي ڌڻي رحمة الله عليه 220

## (الف) قرآن مجيد: تعارف ۽ فضيلتون

### سکيا جي حاصلات

* قرآن مجيد جو تعارف بيان ڪري سگھندا. * قرآن مجيد جي فضيلت ۽ عظمت بيان ڪري سگھندا. * زندگي جي هر لمحي ۾ قرآن مجيد جي حقن ۽ ادبن جي پيروي ڪري سگھندا.

**قرآن مجيد جو تعارف:** لفظ ”قرآن“ جي لغوي معنىٰ پڙهڻ آهي ۽ ان جي معنىٰ، پڙهيل ڪتاب پڻ آهي. قرآن ڪريم جي اصطلاحي معنىٰ آهي:
”الله تعالىٰ جو اهو ڪلام جيڪو حضرت مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللهِ خَاتَمُ النَّبِيِّيْنَ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ (حضرت محمد الله تعالىٰ جو رسول آهي ۽ الله تعالىٰ جو آخري نبي ۽ رسول آهي، سندن (صلي الله عليه وسلم) ۽ سندن آل ۽ اصحاب سڀني رضي الله عنهم اجمعين جي مٿان الله تعالىٰ جي رحمت ۽ سلامتي هجي.) تي جبرئيل عليہ السلام جي ذريعي نازل ٿيو ۽ صحيفن ۾ لکيو ويو.

قرآن مجيد ۾ 30 پاره، 114 سورتون، 558 رڪوع ۽ 6236 آيتون آهن. پهرين سورت الفاتحه ۽ آخري سورت الناس آهي. سڀ کان وڏي سورت البقره ۽ سڀ کان ننڍي سورت الڪوثر آهي. ۽ الله تعالىٰ جي وڏائي ۽ عظمت بيان ڪندڙ وڏي آيت آية الڪرسي آهي. سورة گھٽ ۾ گھٽ ٽن آيتن تي مشتمل هوندي آهي. ۽ هر سورة جو هڪ خاص مضمون ۽ موضوع هوندو آهي. جنهن جي ابتداء ۾ سورة التوبہ کان سواءِ بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ لکيل آهي. ان کي سورة چيو ويندو آهي. ”آيت“ جي لغوي معنىٰ نشان يا علامت آهي. اصطلاح ۾ ”آيت“ قرآن شريف جي هڪ حصي کي چئبو آهي ۽ حصي جي پڇاڙيءَ ۾ O نشاني

هوندي آهي.

قرآن شريف جا نالا: قرآن مجيد جو اصل نالو ”القرآن“ ئي آهي. پر علماء ڪرام ان ڪان سواءِ ٻيا بہ ڪيترائي نالا ڳڻيا آهن، جيڪي قرآن مجيد ۾ ذڪر ڪيل آهن. ان مان ڪجهہ مشهور نالا هي آهن:

(1) القرآن: ڪلام پاڪ جو هي اصلي ۽ ذاتي نالو آهي. (2) الفرقان: حق ۽ باطل ۾ فرق ڪرڻ وارو ڪتاب. (3) الذڪر: نصيحت وارو ڪتاب. (4) الڪتاب: خاص ڪتاب يعني الله تعالىٰ جو ڪتاب قرآن مجيد. (5) الهدىٰ: رستو ڏيکارڻ وارو ڪتاب. (6) النور: روشني وارو ڪتاب. (7) الحق: ثابت ٿيل ڪتاب. (8) الشفاء: يعني جسماني ۽ روحاني بيمارين کي ختم ڪرڻ وارو ڪتاب. (9) التنزيل: نازل ڪيل ڪتاب.

نزول قرآن: قرآن ڪريم الله تعالىٰ جو ازلي ۽ ابدي ڪلام آهي جيڪو ”لوح محفوظ“ ۾ موجود آهي، جيئن الله تعالىٰ فرمايو آهي: بَلۡ هُوَ قُرۡاٰنٌ مَّجِيۡدٌ ۝ فِىۡ لَوۡحٍ مَّحۡفُوۡظٍ ۝ (سورة البروج: 22) ترجمو: (هي ڪو معمولي ڪتاب ناهي) بلڪ هي قرآن عظيم الشان ڪتاب آهي. لوح محفوظ ۾ رکيل آهي.)

قرآن ڪريم لوح محفوظ ڪان زمين تي ٻن مرحلن ۾ پهتو آهي. پهرئين مرحلي ۾ سمورو قرآن ڪريم هڪ ئي دفعي دنيا واري آسمان تي ”بيت العزة“ ۾ نازل ٿيو. جيئن سورة القدر ۾ الله تعالىٰ فرمايو آهي: ترجمو: اسان هن قرآن کي قدر واري رات ۾ نازل ڪيو (القدر:1) ان ڪان پوءِ ٻئي مرحلي ۾ ضرورت ۽ موقعي مناسبت سان وقتاً فوقتاً حضرت جبريل عليه السلام، الله تعالىٰ جي حڪم سان حضرت مُحَمَّدٌ رَّسُوۡلُ اللهِ خَاتَمُ النَّبِيِّيۡنَ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ تي مختلف آيتن ۽ سورتن جي شڪل ۾ لاهيندو هيو. جيڪو بتدريج ٻاويهہ سالن ۽ ڪجهہ مهينن ۾ نازل ٿيو. جنهن مان ٻارنهن سال ۽ ڪجهہ مهينا مڪه مڪرمه ۾ هجرت ڪان پهرئين نازل ٿيو ۽ باقي دار الهجرة مدينہ منوره ۾ نازل ٿيو.

**تدريجي نزول:** قرآن ڪريم جي نزول جي ٻئي مرحلي کي تدريجي (مرحلي وار) چئبو آهي. ارشاد باري آهي تہ: ترجمہ: ۽ اسان قرآن شريف کي ٿورڙو ٿورڙو ڪري نازل ڪيو جيئن توهان کي ناهي ناهي پڙهي ٻڌائجيۓ اسان ان کي آهستي آهستي لاٿو آهي. (الاسراء: 106)

قرآن ڪريم جي تدريجي طور ۽ آهستي آهستي نازل ٿيڻ جون حڪمتون هيٺ ڏجن ٿيون:

- قرآن ڪريم ياد ڪرڻ آسان بڻجي ويو.
- مختلف قسمن جا احڪام جيڪي قرآن ڪريم ۾ موجود آهن. انساني طبيعتن کي انهن تي عمل ڪرڻ لاۓ آهستہ آهستہ آماده ڪيو ويو. جيڪڏهن هڪ ئي دفعي سان سڀ حڪم نازل ٿين ها تہ پراڻين عادتن کي ڇڏڻ ۽ نَوَن حڪمن تي عمل ڪرڻ ڏاڍو مشڪل ٿي وڃي ها.
- مخالفن جون تڪليفون ۽ اذيتون جڏهن حد کان وڌي وينديون هيون ۽ پوۓ ڪا وحي نازل ٿيندي هئي تہ اها مسلمانن جي دلين لاۓ راحت ۽ سڪون جو سبب بڻبي هئي.
- مختلف وقتن ۾ ماڻهن جي طرفان سوال پڇڻ تي ان جو بروقت جواب ڏيڻ سان قرآن ڪريم جي حقانيت ثابت ٿي.

**لوح محفوظ:** لوح محفوظ مان مراد اها تختي يا ڪتاب آهي، جيڪو هر طرح جي هٿ چراند کان محفوظ آهي ۽ سيني حڪمن، فرمانن ۽ ڪلمات الاهي جو اصل آهي.

**بيت العزة:** هي دنيا واري آسمان جي اها جڳهہ آهي جتي سڄي جو سڄو قرآن مجيد لوح محفوظ مان هڪ دفعي سان لاٿو ويو. پوۓ اتان کان ٿورو ٿورو ڪري حضور ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ تي نازل ڪيو ويو.

**مڪي ۽ مدني سورتن جو تعارف ۽ خصوصيتون:** قرآن مجيد جي سورتن کي نزول جي اعتبار سان ٻن حصن ۾ ورهايو ويو آهي. اهي

آيتون يا سورتون جيڪي هجرت مديني منوره کان پهريان نازل ٿيون، انهن کي مڪي چئبو آهي. ۽ جيڪي هجرت مديني کان پوءِ نازل ٿيون انهن کي مدني چئبو آهي. ان اعتبار سان مڪي سورتن جو تعداد 86 ۽ مدني سورتن جو تعداد 28 آهي. هيٺين خصوصيتن جي بنياد تي مڪي ۽ مدني سورتن کي سڃاڻي سگهجي ٿو:

- مڪي سورتون عام طور تي ننڍيون آهن ۽ انهن ۾ اڪثر توحيد، رسالت، آخرت جا اجمالي حڪم، دين، عبادت ۽ اڳين امتن جا واقعا ۽ انبياء ڪرام عليهم السلام جا قصا بيان ڪيا ويا آهن. جڏهن ته مدني سورتون وڏيون آهن ۽ انهن ۾ گهڻي کان گهڻا شريعت جا تفصيلي حڪم آهن.
- مڪي دؤر جي سورتن ۽ آيتن ۾ اهل ايمان کي انهن جا فرض ٻڌايا ويا آهن ۽ گمراهه ماڻهن کي گذريل قومن جي انجام کان خبردار ڪيو ويو آهي. جڏهن ته مدني سورتن ۽ آيتن ۾ تفصيلي حڪم ٻڌايا ويا آهن، جيئن زڪوٰة، جهاد ۽ لڙائي جا مسئلا ۽ گناهن جون سزائون وغيره ٻڌايون ويون آهن گڏوگڏ زندگي جي مختلف مسئلن سماجي، معاشي ۽ خانداني نوعيت جي حڪمن متعلق بنيادي هدايتون ڏنيون ويون آهن.
- مڪي سورتن ۾ مؤمنن سان گڏ اڪثر ڪري مشرڪن کي خطاب ڪري سمجهايو ويو آهي، جڏهن ته مدني سورتن ۾ مسلمانن سان گڏوگڏ منافقن ۽ اهل ڪتاب جو به تذڪرو ملي ٿو.
- گهڻو ڪري مڪي سورتن ۾ ”يَآيُّهَا النَّاسُ“ (اي انسانو) جي لفظن سان ۽ مدني سورتن ۾ ”يَآيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا“ (اي ايمان وارؤ) جي لفظن سان خطاب ڪيو ويو آهي.

**قرآ ن ڪريم جي عظمت ۽ فضيلت:** قرآن ڪريم الله تعالىٰ جي طرفان نازل ڪيل آخري ڪتاب آهي. جهڙي طرح الله تعالىٰ جي ذات عظمت ۽ بزرگي واري آهي ۽ هر نقص ۽ عيب کان پاڪ آهي. اهڙي طرح ان جو

ڪتاب ۾ عظمت ۽ بلند شان وارو آهي. جيڪو هر قسم جي غلطي، مٿائڻ ۽ ڦير گهير کان پاڪ آهي. ارشاد باري آهي: اِنَّا نَحۡنُ نَزَّلۡنَا الذِّکۡرَ وَ اِنَّا لَہٗ لَحٰفِظُوۡنَ (الحجر:9) ترجمو: بيشڪ اسان ئي هن نصيحت واري ڪتاب کي نازل ڪيو آهي ۽ يقيناً اسان ئي ان جا نگهبان آهيون. هن ڪتاب ۾ تمام گهڻو تاثير آهي. جيئن ارشاد باري آهي. ترجمو: جيڪڏهن اسان هي قرآن ڪنهن جبل تي نازل ڪريون ها ته تون ان کي الله تعالىٰ جي خوف کان ڦاٽل ڏسين ها. ۽ هي مثال اسان ماڻهن جي لاءِ بيان ڪندا آهيون جيئن اهي غور و فڪر ڪن. (الحشر: 21)

حضور اڪرم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَعَلٰی آلِہٖ وَاَصۡحَابِہٖ وَسَلَّمَ جن قرآن مجيد جي تعليم حاصل ڪرڻ واري جي لاءِ فرمايو آهي خَيْرُكُمْ مَنْ تَعَلَّمَ الْقُرْآنَ وَعَلَّمَهُ (صحيح بخاري، حديث: 5027) ترجمو: توهان مان بهتر شخص اهو آهي جيڪو قرآن سکي ۽ سيکاري.

حضور اڪرم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَعَلٰی آلِہٖ وَاَصۡحَابِہٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو ته آءُ توهان جي وچ ۾ ٻه اهڙيون شيون ڇڏيو پيو وڃان جن تي عمل ڪرڻ کان پوءِ توهان ڪڏهن به گمراهه نه ٿيندؤ. انهن مان هڪ قرآن ۽ ٻي منهنجي سنت آهي. جيڪي ٻئي هرگز جدا نه ٿيندا. ايستائين جو اهي ٻئي مون وٽ حوض ڪوثر وٽ حاضر ٿين.

(مستدرڪ حاڪم، حديث:4321)

## قرآن مجيد جون ڪجهه خوبيون:

**(1) قرآن مجيد جو الهامي ڪتاب هجڻ:** قرآن ڪريم الله تعالىٰ جو آخري الهامي ڪتاب آهي. جيڪو انسانن جي هدايت جي لاءِ آخري پيغام آهي. جيڪو سڄي دنيا جي قومن لاءِ عمل جو دستور آهي ۽ دنيا ۽ آخرت جي ڪاميابي جو ضامن آهي. الله تعالىٰ جي هن وڏي نعمت جو ڪو به مَٽُ ناهي. ان جو پڙهڻ ۽ ٻڌڻ برڪت ۽ ثواب جو سبب آهي، ان کي سمجهڻ، ان جي ننڍين ننڍين ڳالهين تي غور و فڪر ڪرڻ هدايت

۽ ٻنهي جهانن جي ڀلائيءَ جو سبب آهي. جڏهن ته ان جي تعليمات تي عمل ڪرڻ، ٻين کي ٻڌائڻ ۽ ان جي برڪتن کان محروم ماڻهن تائين ان جو پهچائڻ تمام وڏي نيڪيءَ جو ڪم ۽ ٻنهي جهانن ۾ ڪاميابي جو سبب آهي.

(2). **قرآن ڪريم جو عربي زبان ۾ نازل ٿيڻ:** قرآن ڪريم ۾ ارشاد باري تعاليٰ آهي ته: اِنَّآ اَنۡزَلۡنٰهُ قُرۡءٰنًا عَرَبِيًّا لَّعَلَّكُمۡ تَعۡقِلُوۡنَ (سورة يوسف 2) ترجمو: اسان هن قرآن کي عربي زبان ۾ نازل ڪيو آهي جيئن توهان سمجهي سگهو. قرآن ڪريم الله تعاليٰ جو اهو ڪتاب آهي، جيڪو صدين کان ان طريقي سان پڙهيو وڃي ٿو جهڙي طرح اهو پنهنجي نزول جي وقت پڙهيو ويندو هئو. جنهن جو وڏو ۽ خاص سبب ان جو عربي زبان ۾ هجڻ آهي ۽ بيان جو هڪ نرالو طريقو آهي.

(3). **انداز يا طريقي جو منفرد هجڻ:** قرآن ڪريم جي سڀ کان وڏي فضيلت اها آهي ته اهو الله تعاليٰ جو ڪلام آهي. هي پنهنجي انداز ۽ طريقي ۾ اڪيلو ۽ الڳ آهي. هي تمام گهڻو ڪشش رکندڙ ۽ روح ۾ رهاڻ ڪندڙ ڪتاب آهي. ان جي مضمونن ۽ موضوعن ۾ ڪو به تضاد ۽ اختلاف نه آهي. اها ئي ڳالهه ان جي برحق هجڻ جو ثبوت آهي. الله تعاليٰ فرمائي ٿو: ترجمو: ڀلا هي قرآن ۾ غور چو نه ٿا ڪن، جيڪڏهن هيءُ الله تعاليٰ کان سواءِ ٻئي ڪنهن جو ڪلام هجي ها ته ان ۾ اختلاف گهڻا هجن ها. (النساء 27)

حديث شريف ۾ آهي ته حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو ته ترجمو: قرآن پاڪ جي فضيلت ٻين ڪلامن تي ائين آهي جيئن الله سائين کي سموري مخلوق تي فضيلت حاصل آهي. (شعب الايمان للبيهقي: 2208). جهڙي طرح سڄي ڪائنات ۾ الله تعاليٰ کي برتري ۽ عظمت حاصل آهي، اهڙي طرح ان جي ڪلام کي به وڏي عظمت ۽ فضيلت حاصل آهي.

**(4) شڪ ۽ شبهي کان پاڪ ڪتاب:** قرآن ڪريم شروعات ۾ ئي پنهنجي عظمت جو اعلان ڪيو آهي، جيئن ارشاد باري آهي: ذٰلِكَ الْكِتٰبُ لَا رَيْبَ ۛۚ فِيْهِ (سورة البقرة 2). هي ڪتاب يعني قرآن مجيد جنهن ۾ ڪنهن به شڪ جي گنجائش ناهي تہ هيءُ الله پاڪ جو ڪلام آهي. پرهيزگارن لاءِ رهنما آهي.

**قرآن ڪريم زندگي گذارڻ جو طريقو آهي:** قرآن مجيد قيامت تائين سڄي ڪائنات جي سيني مادي، روحاني، ديني ۽ دنيوي تقاضائن لاءِ زندگي جو مڪمل دستور آهي. جيڪو لازوال ۽ عالمي قانون آهي. قرآن شريف اسان کي زندگي جي سيني شعبن ۾ رهنمائي ڪري ٿو، جنهن ۾ انساني زندگيءَ جي حقيقت، حلال ۽ حرام، ڀلائي ۽ برائي، تقويٰ توڙي عبادت جي مسئلن سان گڏوگڏ شرعي حڪمن ۽ نصيحتن، حڪومت ۽ تجارت، جنگ ۽ صلح جهڙن مسئلن ۾ بہ رهنمائي ڪري ٿو. ۽ هي سماجي، اقتصادي، سياسي ۽ اخلاقي تعليمات ۽ ڪردار کي بهتر کان بهتر بنائڻ جا اصول ٻڌائي ٿو.

**قرآن ڪريم جا حق ۽ ادب:** قرآن مجيد هڪ بابرڪت ڪتاب آهي. ان جو شان ٻين عام ڪتابن کان وڏو آهي. ان جي ڪري مسلمانن تي ان جا حق ۽ ادب واجب ٿين ٿا. جن جو خيال رکڻ تمام ضروري آهي. مثلاً: (1). قرآن مجيد تي ايمان آڻڻ، (2). قرآن مجيد کي باوضو پڙهڻ ۽ غور سان ٻڌڻ، (3). قرآن مجيد کي سمجهڻ، ان ۾ تدبر ۽ غور و فڪر ڪرڻ، (4). قرآن مجيد تي عمل ڪرڻ، (5) قرآن مجيد جي تعليم کي عام ڪرڻ، (6) قرآن مجيد جي نظام کي انفرادي ۽ اجتماعي طور تي جاري ڪرڻ.

تنهن ڪري اسان کي گهرجي تہ قرآن ڪريم جي حڪمن تي چڱي ريت زندگي گذارڻ جي ڪوشش ڪريون ۽ ان جي تعليمات تي ڀرپور عمل ڪريون.

شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ سرگرمي

”مسلمان ۽ قرآن مجيد“ جي عنوان بابت استاد جي نگراني هيٺ ڪلاس ۾ اجتماعي طور تي گڏيل گفتگو ڪرڻ کان پوءِ نڪتا تيار ڪريو.

## مشق

(الف) هيٺين سوالن جا تفصيلي جواب لکو:

1. قرآن ڪريم جو جامع تعارف لکو.
2. قرآن مجيد جون ڪجهه خوبيون بيان ڪريو.
3. قرآن شريف جي فضيلتن تي نوٽ لکو.

(ب) هيٺين سوالن جا مختصر جواب لکو:

1. لفظ قرآن جو مطلب لکو.
2. سورت ۽ آيت جو مطلب بيان ڪريو.
3. مڪي ۽ مدني سورتن ۾ فرق لکو.
4. قرآن ڪريم جا مشهور نالا لکو.
5. قرآن مجيد جي فضيلتن بابت گهٽ ۾ گهٽ ٻه حديثون بيان ڪريو.
6. قرآن مجيد جا حق ۽ ادب بيان ڪريو.

(ج) هيٺين سوالن جي صحيح جوابن تي (✓) جو نشان لڳايو:

1. لفظ ”قرآن“ جي معنیٰ آهي:

(الف) آسماني ڪتاب (ب) ٻُڌل ڪتاب
(ج) پڙهيل ڪتاب (د) لکيل ڪتاب

2. الله تعالیٰ جو دائمي ۽ عالمگير قانون آهي:

(الف) قرآن مجيد (ب) حديثون
(ج) فقه (د) تفسير

.3 قرآن مجيد جي نالي ”الذڪر“ جو مطلب آهي:

(الف) رستو ڏيکارڻ وارو ڪتاب (ب) روشنيءَ وارو ڪتاب

(ج) نصيحت وارو ڪتاب (د) ثابت ٿيل ڪتاب

.4 قرآن مجيد الله جو ازلي ڪلام، جيڪو موجود آهي:

(الف) بيت المعمور ۾ (ب) خانه ڪعبه ۾

(ج) بيت العزة ۾ (د) لوح محفوظ ۾

**استادن لاءِ هدايتون**

”قرآن مجيد زندگي گذارڻ جو مڪمل دستور / آئين“ آهي تي تقريري مقابلو ڪرايو وڃي.

## (ب) چوندڊ آيتن جو ترجمو ۽ تشريح

**سکيا جي حاصلات**

* چونڊ آيتن جو ترجمو ۽ تشريح ۾ ذڪر ڪيل اصطلاحات جي تشريح ڪري سگهن. * آيتن جي روشني ۾ سماجي عدل ۽ انصاف ڪي سمجهي سگهن. * چونڊ آيتن ڪي سمجهي ڪري انهن جي مفهوم تي روشني وجهي سگهن.

### (ب) چونڊ آيتون، ترجمو ۽ تشريح:
### سورة البقره 177، سورة النساء 1 کان 4.

**آيت نمبر 1:** لَيۡسَ الۡبِرَّ اَنۡ تُوَلُّوۡا وُجُوۡهَكُمۡ قِبَلَ الۡمَشۡرِقِ وَ الۡمَغۡرِبِ وَ لٰكِنَّ الۡبِرَّ مَنۡ اٰمَنَ بِاللّٰهِ وَ الۡيَوۡمِ الۡاٰخِرِ وَ الۡمَلٰٓئِكَةِ وَ الۡكِتٰبِ وَ النَّبِيّٖنَ ۚ وَ اٰتَى الۡمَالَ عَلٰى حُبِّهٖ ذَوِى الۡقُرۡبٰى وَ الۡيَتٰمٰى وَ الۡمَسٰكِيۡنَ وَ ابۡنَ السَّبِيۡلِ ۙ وَ السَّآئِلِيۡنَ وَ فِى الرِّقَابِ ۚ وَ اَقَامَ الصَّلٰوةَ وَ اٰتَى الزَّكٰوةَ ۚ وَ الۡمُوۡفُوۡنَ بِعَهۡدِهِمۡ اِذَا عٰهَدُوۡا ۚ وَ الصّٰبِرِيۡنَ فِى الۡبَاۡسَآءِ وَ الضَّرَّآءِ وَ حِيۡنَ الۡبَاۡسِ ؕ اُولٰٓئِكَ الَّذِيۡنَ صَدَقُوۡا ؕ وَ اُولٰٓئِكَ هُمُ الۡمُتَّقُوۡنَ ﴿۱۷۷﴾
(سورة البقره آيت 177)

**ترجمو:** نيڪي صرف اها ئي نہ آهي تہ توهان مشرق ۽ مغرب ڪي قبلو سمجهي ان جي طرف منهن ڪري ڇڏيو. پر نيڪي هيءَ آهي تہ ماڻهو الله تعالىٰ تي ۽ قيامت تي ۽ ملائڪن تي ۽ الله پاڪ جي ڪتاب تي ۽ پيغمبرن تي ايمان آڻين ۽ مال ملڪيت سان محبت هجڻ باوجود مٽن مائٽن ۽ يتيمن ۽ محتاجن ۽ مسافرن ۽ فقيرن ڪي ڏين ۽ غلام آزاد ڪرڻ ۾ خرچ ڪن ۽ نماز پڙهن ۽ زڪوٰة ڏين ۽جڏهن وعدو ڪن تہ انهيءَ ڪي پورو ڪن ۽ سختي ۽ تڪليف ۾ ۽ جنگ جي وقت ثابت قدم رهن. اهي ئي ماڻهو سچا مؤمن آهن ۽ اهي الله تعالىٰ کان ڊڄڻ وارا آهن.

| لفظ ۽ انهن جي معنيٰ | | |
|---|---|---|
| الْبِرَّ: نيڪي | الرِّقَابِ: گردنون (يعني بانها) | الْمُوْفُوْنَ: پورو ڪرڻ وارا |
| الْبَاْسَآءِ: تڪليفون | الضَّرَّآءِ: مصيبتون | حِيْنَ الْبَاْسِ: جنگ جي وقت |

الْبِرَّ: بِر جي معنيٰ آهي نيڪي ۽ ان مان مراد آهي سنا ۽ پسنديده ڪم ڪرڻ.

تشريح: هن آيت ۾ دين اسلام جي اصل روح ايمان ۽ نيڪيءَ کي بيان ڪيو ويو آهي. هن آيت جو تعلق قبلي جي تبديل ٿيڻ واري واقعي سان آهي. جڏهن مديني شريف هجرت ڪان پوءِ حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن 16-17 مهينا بيت المقدس جي طرف منهن ڪري نماز پڙهڻ ڪان پوءِ الله پاڪ جي حڪم سان بيت الله جي طرف منهن ڪري نماز پڙهڻ شروع ڪئي ته يهودي اعتراض ڪرڻ لڳا ته هي وري ڪهڙو دين آهي جو ڪڏهن مغرب ته ڪڏهن مشرق جي طرف منهن ڪري نماز ٿا پڙهن.

قرآن ڪريم جي آيتن مان هيءَ هڪ اهم ۽ جامع آيت آهي جنهن ۾ ايمانيات، معاملات، جاني ۽ مالي عبادات ۽ نيڪ عمل جي تعليم ۽ ترغيب ڏني وئي آهي، جنهن جو مقصد آهي ته نيڪي رڳو ظاهري عمل ڪرڻ ۽ رسمن ادا ڪرڻ جو نالو نه آهي. پر نيڪيءَ جا اصل ڪم ته هي آهن: دين جي بنيادي عقيدن تي ايمان آڻڻ، معاشري ۾ ضرورتمندن جي ڪم اچڻ، الله جا فرض نڀائڻ، معاملن ۾ سڌو هجڻ ۽ دين تي ثابت قدم رهڻ وغيره جيڪو به هي نيڪيءَ جا ڪم ڪندو ته ان کي نيڪ، سچو ۽ پرهيزگار ڪوٺيو ويندو. ان ڪري اسان کي گهرجي ته صحيح عقيدن سان گڏوگڏ سنا ڪم ۽ نيڪيون ڪرڻ جي ڪوشش

ڪندا رهون. جيئن اسان جي دنيا ۽ آخرت سينگارجي وڃي.

| سرگرمي | ابواب البر (اعتقادات، عبادات، اخلاق و اعمال) جي فهرست شاگردن کان ترتيب ڏياري وڃي. |
|---|---|

آيت نمبر 2: يٰٓاَيُّهَا النَّاسُ اتَّقُوْا رَبَّكُمُ الَّذِيْ خَلَقَكُمْ مِّنْ نَّفْسٍ وَّاحِدَةٍ وَّخَلَقَ مِنْهَا زَوْجَهَا وَبَثَّ مِنْهُمَا رِجَالًا كَثِيْرًا وَّ نِسَآءً ۚ وَ اتَّقُوا اللّٰهَ الَّذِيْ تَسَآءَلُوْنَ بِهٖ وَ الْاَرْحَامَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ عَلَيْكُمْ رَقِيْبًا۝ (سورة النساء آيت:1)

ترجمو: اي انسانو! پنهنجي پالڻهار کان ڊڄو جنهن توهان کي هڪ انسان مان پيدا ڪيو (يعني پهريان ان جي جوڙي کي پيدا ڪيو) ۽ ان مان ڪيترا ئي مرد ۽ عورتون پيدا ڪري سڄي زمين ۾ ڦهلائي ڇڏيا. پوءِ الله سائين کان ڊڄو جنهن جي واسطي سان توهان هڪ ٻئي کان ضرورتون پوريون ڪرڻ جو سوال ڪريو ٿا. رشتن کي ٽوڙڻ کان بچو ان ۾ ڪو به شڪ نه آهي ته الله تعالىٰ اوهان کي ڏسي رهيو آهي.

| لفظ ۽ انهن جي معنىٰ | | |
|---|---|---|
| بَثَّ: ڦهلايو | نِسَآءً: عورتون | تَسَآءَلُوْنَ: هڪ ٻئي کان سوال ڪيو ٿا |
| الْاَرْحَامَ: رشتيداريون | رَقِيْبًا: نگهبان | |

الْاَرْحَامَ: رحم جو جمع آهي، جنهن جي معنىٰ آهي نسبي ۽ ويجها رشتا، جن سان تعلقات برقرار رکڻ کي صلهٔ رحمي چيو ويندو آهي. والارحام مان رشتن جي ويجهڙائپ مراد آهي. جيئن حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: صلهٔ رحمي اها نه آهي ته جڏهن ٻيو ڪو اوهان سان ڳنڍي ته اوهان پوءِ ڳنڍيو پر صلهٔ رحمي هي آهي جو جيڪڏهن ٻيو ڪو اوهان سان ٽوڙي ته به اوهان ان سان ويجهڙائپ وارو تعلق ڳنڍيل رکو.

**تشريح:** هن آيت ۾ (1) هڪ خالق، (2) وحدت انسانيت، (3) صله رحمي جي اهميت، (4) رشتيدارن جا حق ۽ (5) قطع رحمي جي وعيد کي بيان ڪيو ويو آهي.

"اي انسانو!" جي لفظ سان الله تعالىٰ پوري انسانيت کي خطاب فرمايو آهي تہ: توهان سڀني جو خالق الله تعالىٰ آهي. توهان جيڪي مرد ۽ عورتون، وڏا ۽ ننڍا، سٺا ۽ خراب، داناءَ ۽ نادان، مسلمان يا ڪير بہ آهيو! اوهان کي پنهنجي پروردگار جي سامهون بيهڻ ۽ ان جي سزا جي خوف کان ڊڄي نافرمانين کان بچڻو آهي. هن خطاب جي ذريعي ان ڳالهہ ڏانهن بہ ڌيان ڏياريو ويو آهي تہ سڀ انسان اصل ۾ هڪ ئي آهن ۽ سڀ جا سڀ مٽي مان پيدا ڪيا ويا آهن. پهريان الله تعالىٰ حضرت آدم عليه السلام کي پيدا ڪيو پوءِ سموري انسان ذات کي حضرت آدم ۽ حضرت حوا مان پيدا ڪيو. ان ڪري اسان سڀني کي پنهنجو پاڻ ۾ پيائپيءَ وارو تعلق ۽ محبت وارو سلوڪ رکڻ گهرجي. مٿن مائٽن سان سهڻي سلوڪ جو مظاهرو ڪرڻ گهرجي ۽ صله رحميءَ تي اختيار ڪرڻ گهرجي، رشتا ناتا ٽوڙڻ ۽ ٻين جا حق کائڻ کان بچڻ گهرجي ۽ اسان سڀني کي هڪ ٿي رهڻ گهرجي.

| سرگرمي | صله رحمي جي مفهوم ۽ فائدن تي روشني وجهو، گڏيل گفتگو کان پوءِ شاگردن کان نکتا لکرايو. |
| --- | --- |

**آيت نمبر 3:** وَ اٰتُوا الْيَتٰمٰۤى اَمْوَالَهُمْ وَ لَا تَتَبَدَّلُوا الْخَبِيْثَ بِالطَّيِّبِ وَ لَا تَاْكُلُوْۤا اَمْوَالَهُمْ اِلٰۤى اَمْوَالِكُمْ اِنَّهٗ كَانَ حُوْبًا كَبِيْرًا ۝ (سورة النساءِ، آيت: 2)

**ترجمو:** ۽ يتيمن جو مال جيڪو توهان جي نگرانيءَ ۾ آهي، اهو انهن جي حوالي ڪريو ۽ انهن جي پاڪيزه ۽ عمده مال ڪي پنهنجي ناقص ۽ خراب مال سان نہ بدلايو ۽ نہ انهن جو مال پنهنجي مال سان مِلائي ڪري کائو چو تہ اهو تمام وڏو گناهہ آهي.

| لفظ ۽ انهن جي معنىٰ | |
|---|---|
| لَاتَتَبَدَّلُوا: تبديل نہ ڪريو | الْخَبِيْثَ: خراب شيءِ |
| الطَّيِّبِ: سٺي شيءِ | حُوْبًا: گناهہ |

**تشريح:** هن آيت ۾ يتيمن جي سنڀاليندڙن کي خطاب آهي، جنهن ۾ يتيمن جي حقن ۽ انهن جي مال جي حفاظت جي باري ۾ قانون بيان ڪيو ويو آهي. قرآن ۽ حديث ۾ (1) يتيم ٻارن جي سار سنڀال لهڻ، (2) انهن سان سٺو سلوڪ ڪرڻ ۽ (3) سندن مال ملڪيت جي حفاظت جي باري ۾ تفصيل سان هدايتون ڏنيون ويون آهن. هِتي انهن ماڻهن کي حڪم آهي جيڪي يتيمن جا سرپرست ۽ نگران آهن تہ ڪين ورثي جي طور تي جيڪو يتيمن جو مال مليو آهي اهو انهن جي جوان ٿيڻ تي ٿي سندن حوالي ڪن چو تہ انهن جي ملڪيت هنن وٽ امانت آهي، انهن جي ڪا سٺي شيءِ ڪٽي پنهنجي بيڪار مال سان بدلائن ۽ نہ وري کائڻ پيئڻ ۽ استعمال جي شين جي واپرائڻ وقت هرويرو فضول خرچي ڪري انهن جو مال هڙپ ڪن. ڪنهن جي بہ حق کائڻ کان پاسو ڪن چو تہ ائين ڪرڻ الله تعالىٰ جي نظر ۾ تمام وڏو گناهہ ۽ ناانصافي جي ڳالهہ آهي. تنهن ڪري اسان کي گهرجي تہ اسان پنهنجي روزاني جي زندگيءَ ۾ حق دارن جو حق پورو ادا ڪريون ۽ يتيمن جي مال جي حفاظت ڪريون ۽ انهن جي عاقل ۽ بالغ ٿيڻ کان پوءِ انهن جو ورثي ۾

مليل مال سندن حوالي ڪريون.

| سرگرمي | يتيمن جي مال جي حفاظت جي حڪمن جي گڏيل گفتگو ڪان پوءِ شاگردن ڪان نڪتن جي صورت ۾ لکرايو. |
|---|---|

**آيت نمبر 4:** وَ اٰتُوا النِّسَآءَ صَدُقٰتِهِنَّ نِحۡلَةً ؕ فَاِنۡ طِبۡنَ لَكُمۡ عَنۡ شَىۡءٍ مِّنۡهُ نَفۡسًا فَكُلُوۡهُ هَنِيۡٓـًٔا مَّرِیۡٓـًٔا ۝۴ (سورة النساء، آيت: 4)

**ترجمو:** ۽ عورتن کي انهن جو حق مهر خوشي سان ڏئي ڇڏيو. ها جيڪڏهن اهي پنهنجي خوشيءَ سان ان مان ڪجهه ڇڏين ته اهو خوشگواري مزي سان کائو.

| لفظ ۽ انهن جي معنیٰ | |
|---|---|
| صَدُقٰتِهِنَّ: انهن(عورتن) جا مهر | مَّرِیۡٓـًٔا: مزو |
| هَنِيۡٓـًٔا: خوشگواري | طِبۡنَ: اهي (عورتون) خوشيءَ سان ڏين |

مهر اهو مال آهي، جيڪو عقد نڪاح جي سبب گهر واريءَ جو حق بڻجي ٿو، جيڪو گهر واري (مڙس) تي ڏيڻ لازم آهي، ته هو پنهنجي گهر واري کي ان جو حق ادا ڪري.

**تشريح:** هن آيت ۾ عورتن جي هڪ خاص حق يعني مهر جي ادائيگي جو تاڪيد بيان ڪيو ويو آهي. حق مهر ڪڏهن به معاف نه ٿو ٿئي. پلو آهي ته حق مهر جلدي ادا ڪيو وڃي. هي مڙس جي طرف کان زال لاءِ هڪ احترام جو تحفو آهي، جيڪو پئسن جي صورت ۾ يا ڪنهن بي قيمت رکندڙ شيءِ جي صورت ۾ تي سگهي ٿو. اسلام مهر کي عورت جي ملڪيت قرار ڏنو آهي جنهن کي هوءَ پنهنجي مرضي مطابق استعمال ڪري سگهي ٿي، مڙس کي ان بابت پڇا ڳاڇا جو ڪو به حق ناهي.

مهر اگر وقت تي ادا ڪيو وڃي ته ”مُعَجَّل“ ۽ جيڪڏهن دير سان ادا ڪيو وڃي ته ان کي مُؤَجَّل چيو ويندو آهي، مهر مقرر نه ڪرڻ جي صورت ۾ ”مهر مثل“ لازم ٿئي ٿو (يعني عورت جي خاندان جي عورتن مثلاً: پڦي ۽ ڀيڻ وغيره کي جيترو مهر مليو آهي) جيڪڏهن سڄي زندگي مڙس مهر ادا نه ڪيو ته اهو ان جي مٿان قرض رهندو ۽ ان جي مرڻ کان پوءِ ان جي ميراث منجهان گهر واريءَ کي ڏياريو ويندو.

هن آيت ۾ (1) الله تعالىٰ گهر وارين جي هڪ خاص حق: حق مهر / ڪابين جي باري ۾ تاڪيد ڪيو آهي، ته گهر وارين کي انهن جا حق مهر خوشي ۽ چاهت سان پاڻ ادا ڪريو. جيئن اوهان هڪ ٻئي سان جڙيا رهو، زبردستي معاف ڪرائڻ، ادا ڪرڻ ۾ ٽال مٽول ڪرڻ يا نه ڏيڻ جو ارادو رکڻ گناه آهي. (2) ها جيڪڏهن گهر واري دل جي خوشيءَ سان مهر جو ڪجهه حصو يا سڄو مهر ڇڏي ڏئي ته پوءِ مڙس تي ڪو به حرج نه آهي ۽ هو ان کي پنهنجي استعمال ۾ آڻي سگهي ٿو. تنهن ڪري اسان کي گهرجي ته عورتن جا حق ادا ڪريون خاص ڪري ”مهر“ ته هر حال ۾ ادا ڪرڻ گهرجي.

| سرگرمي | ڪلاس ۾ مهر جي ادائيگي جي حڪم، تاڪيد ۽ استعمال ڪرڻ جي مختصر تشريح ڪريو. |
| --- | --- |

آيت نمبر5: وَ لَا تُؤْتُوا السُّفَهَآءَ اَمْوَالَكُمُ الَّتِیْ جَعَلَ اللّٰهُ لَكُمْ قِیٰمًا وَّ ارْزُقُوْهُمْ فِیْهَا وَ اكْسُوْهُمْ وَ قُوْلُوْا لَهُمْ قَوْلًا مَّعْرُوْفًا۝ (سورة النساء، آيت: 5)

ترجمو: ۽ بي عقلن کي پنهنجا اهي مال نہ ڏيو جن کي الله پاڪ اوهان جي گذران جو سبب ڪيو آهي ۽ انهن مان انهن کي کارايو ۽ ڍڪايو ۽ انهن کي چڱي ڳالھ چئو.

| لفظ ۽ انهن جي معنیٰ | | |
|---|---|---|
| لَاتُؤْتُوا: حوالي نہ ڪريو | السُّفَهَآءَ: بي سمجھ | اكْسُوْهُمْ: توهان انهن کي ڍڪايو |

تشريح: هن آيت ۾ يتيمن، بي سمجهن ۽ معذورن سان سهڻي سلوڪ ڪرڻ ۽ ان جي بنيادي ضرورتن کي پورو ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي ۽ يتيم ٻارن جي ڪفيل کي هيٺيون هدايتون ڏنيون ويون آهن تہ:

جيڪڏهن يتيم ٻار جوان ٿي چڪا آهن پر مال جي حفاظت جو طريقو نہ ڄاڻندا هجن ۽ استعمال جي صلاحيت نہ رکندا هجن يا انديشو هجي تہ پنهنجي سادگيءَ ۽ ناداني‌ءَ جي ڪري نقصان نہ ڪري وجهن، تہ انهن کي اهو مال ۽ ملڪيت حوالي نہ ڪريو جيڪو اوهان سڀني جي گذر سفر ۽ زندھ رهڻ جو ذريعو آهي، ڇو تہ مال انسان جو ذريعہء معاش آهي، ٿورڙي غفلت بہ مال ۽ صاحب مال کي نقصان ڏئي سگهي ٿي.

ملڪيت ان جي حوالي ڪرڻ بجاءِ انهن جي زندگيءَ جي ضرورتن جو انتظام ڪندا رهو. مثلاً: کائڻ پيئڻ، ڪپڙي لٽي، تعليم ۽ تربيت تي خرچ ڪري انهن کي فائدو ڏيو. ڇو تہ اهي سندن بنيادي حق آهن.

جيڪڏهن هو ملڪيت جو مطالبو ڪن تہ انهن کي سهڻي نموني سان سمجهايو تہ هيءَ ملڪيت اوهان جي ئي آهي، اسان تہ صرف نگران ۽ سرپرست آهيون. اوهان جڏهن ان جي سنڀالڻ جي قابل ٿي ويندؤ تڏهن اهو اوهان جو مال اوهان کي ئي ڏنو ويندو.

| سرگرمي | يتيمن جي پرورش جي مسئلن کي اجمالي طور تي نڪتن جي صورت ۾ شاگردن کان لکرايو. |
|---|---|

## مشق

**(الف) هيٺين سوالن جا جواب لکو:**

1. **هيٺين آيتن جو ترجمو لکو.**

- وَاٰتُوا الْيَتٰمٰۤى اَمْوَالَهُمْ وَلَا تَتَبَدَّلُوا الْخَبِيْثَ بِالطَّيِّبِ وَلَا تَاْكُلُوْۤا اَمْوَالَهُمْ اِلٰۤى اَمْوَالِكُمْ اِنَّهٗ كَانَ حُوْبًا كَبِيْرًا۔
- وَاٰتُوا النِّسَآءَ صَدُقٰتِهِنَّ نِحْلَةً فَاِنْ طِبْنَ لَكُمْ عَنْ شَيْءٍ مِّنْهُ نَفْسًا فَكُلُوْهُ هَنِيْٓـًٔا مَّرِيْٓـًٔا۔

2. **آيت لَيسَ البِرجي روشنيءَ ۾ البر جا نُڪتا لکو.**

**(ب) هيٺين لفظن جون معنائون لکو:**

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| الْبَاْسَآءِ | بَثَّ | حُوْبًا | نِحْلَةً | السُّفَهَآءَ |

**(ج) هيٺين سوالن جا مختصر جواب لکو:**

1. آيت ليس البر۾ صبر جا موقعا بيان ڪريو.
2. صلہ رحميءَ جو مطلب ڇا آهي؟ لکو.
3. يتيمن جي مال جي باري ۾ سرپرستن کي ڪهڙيون هدايتون ڏنيون ويون آهن؟

**(د) هيٺين سوالن جي صحيح جوابن تي (✓) جو نشان لڳايو:**

1. وَالْمُوْفُوْنَ بِعَهْدِهِمْ اِذَا عٰهَدُوْا جو تعلق آهي:

(الف) ايمانيات سان　　(ب) معاملات سان

(ج) مالي عبادت سان　　(د) عبادتن سان

2. يٰٓاَيُّهَا النَّاسُ سان مخاطب ڪيو ويو آهي:

(الف) فرشتن ڪي　　(ب) انسانن ڪي

(ج) حيوانن ڪي　　(د) جنن ڪي

3. اَلْبِرُّ حُسْنُ الْخُلُقِ جي معنىٰ آهي:

(الف) نيڪي سخاوت جو نالو آهي　　(ب) نيڪي بردباري جو نالو آهي

(ج) نيڪي سٺي اخلاق جو نالو آهي　　(د) نيڪي قربانيءَ جو نالو آهي

## (ب) 2. چونڊ آيتون، ترجمو ۽ تشريح
### سورة النساء: 6 کان 10 تائين.

آيت نمبر 6: وَ ابْتَلُوا الْيَتٰمٰى حَتّٰۤى اِذَا بَلَغُوا النِّكَاحَ ۚ فَاِنْ اٰنَسْتُمْ مِّنْهُمْ رُشْدًا فَادْفَعُوْۤا اِلَيْهِمْ اَمْوَالَهُمْ ۚ وَ لَا تَاْكُلُوْهَاۤ اِسْرَافًا وَّ بِدَارًا اَنْ يَّكْبَرُوْا ؕ وَ مَنْ كَانَ غَنِيًّا فَلْيَسْتَعْفِفْ ۚ وَ مَنْ كَانَ فَقِيْرًا فَلْيَاْكُلْ بِالْمَعْرُوْفِ ؕ فَاِذَا دَفَعْتُمْ اِلَيْهِمْ اَمْوَالَهُمْ فَاَشْهِدُوْا عَلَيْهِمْ ؕ وَ كَفٰى بِاللّٰهِ حَسِيْبًا ۝ (سورة النساء آيت: 6)

ترجمو: ۽ يتيمن کي آزمائيندا ڪريو، ايتري تائين جو اهي جڏهن نڪاح (جي عمر) کي پهچن تہ پوءِ جيڪڏهن انهن ۾ ڪا هوشياري ڏسو تہ سندن مال ڪين حوالي ڪريو. ۽ انهن (مالن) کي اجايو ۽ سندن وڏي ٿيڻ جي ڊپ کان تڪڙ ڪري نہ کائو ۽ جنهن (سنڀاليندڙ) کي گهرج نہ هجي سو (يتيم جي مال کائڻ کان) بچي ۽ جيڪو مسڪين هجي سو دستور جي موافق کائي. پوءِ جڏهن انهن کي سندن مال حوالي ڪريو تہ متن شاهد ڪريو. ۽ الله پاڪ حساب وٺندڙ ڪافي آهي.

| لفظ ۽ انهن جي معنیٰ | | |
|---|---|---|
| اِبْتَلُوْا: توهان آزمائيندا رهو | بَلَغُوْا: اهي پهتا | اٰنَسْتُمْ: توهان محسوس ڪيو |
| رُشْدًا: ڪا هوشياري | اِسْرَافًا: اجايو خرچ | بِدَارًا: ڊپ کان |
| فَلْيَسْتَعْفِفْ: ان کي بچڻ گهرجي | حَسِيْبًا: حساب وٺندڙ | |

بُلوغ: بلوغ مان مراد نڪاح جي عمر کي پهچڻ آهي. رُشد: رشد مان مراد مالي انتظام ۽ ڪاروبار جي هوشياري رکڻ.

تشريح: هن آيت ۾ نابالغ ۽ يتيمن جي مال ملڪيت جي واپسيءَ جي شرطن ۽ وقت جو ذڪر آهي. ۽ انهن جي مال ڪي اجايو خرچ ڪرڻ جي منع بيان ڪئي وئي آهي ۽ ٻڌايو ويو آهي تہ جڏهن انهن ۾ بلوغت ۽ هوشياري لڏي وڃي تہ ملڪيت انهن جي حوالي ڪجي. دولت ڪي سنڀالڻ، ان ڪي جائز واپار ۾ هڻڻ ۽ نفعي نقصان ۾ فرق سمجهڻ جهڙين خوبين ۾ انهن ٻارن جي قابليت ۽ صلاحيت ڪي پرکيو وڃي. جيڪڏهن اهي ان عمر ڪي پهچي چڪا آهن ۽ شين ڪي سمجهڻ لڳا آهن تہ هاڻي ملڪيت انهن جي حوالي ڪري ڇڏجي. ۽ ملڪيت حوالي ڪرڻ وقت شاهد مقرر ڪيا وڃن جيئن بعد ۾ ڪنهن تي بہ الزام نہ اچي، غلط فهمي بہ ختم ٿي ويندي ۽ آئنده ڪنهن بہ جهيڳڙي جو خدشو بہ نہ رهندو.

ٻي ڳالهہ اها ٻڌائي وئي آهي تہ: جيستائين مال ان جي حوالي نہ ٿيو هجي، بلڪ مال ڪفيل وٽ آهي ۽ اهو خود دولتمند آهي تہ يتيم ٻارن جي مال مان ڪجهہ بہ استعمال ڪرڻ جي ان ڪي اجازت ناهي. باقي جيڪا هي انهن جي سنڀال ڪري ٿو. ان جو الله تبارڪ و تعالىٰ ان ڪي تمام وڏو اجر ڏيندو. پر جيڪڏهن ڪفيل خود غريب ۽ محتاج آهي تہ ڪفايت سان پنهنجي ضرورت جي مطابق ان مال مان ان ڪي کڻڻ جي اجازت آهي. پر الله تعالىٰ يتيمن جي ڪفيلن ڪي هدايت ڪئي آهي تہ هي سوچ رکڻ تہ يتيم ٻار وڏا ٿي ويندا ۽ پنهنجي مال جي گهر ڪندا، تنهنڪري جلدي جلدي ۽ خوب خرچ ڪري وڃي تہ اهڙي استعمال ۾ انهن جي مال ڪي ختم ڪرڻ جي ڪڏهن بہ اجازت ناهي بلڪ اهو تہ ظلم آهي.

**آيت نمبر7:** لِلرِّجَالِ نَصِيۡبٌ مِّمَّا تَرَكَ الۡوَالِدٰنِ وَ الۡاَقۡرَبُوۡنَ ۖ وَلِلنِّسَآءِ نَصِيۡبٌ مِّمَّا تَرَكَ الۡوَالِدٰنِ وَ الۡاَقۡرَبُوۡنَ مِمَّا قَلَّ مِنۡهُ اَوۡ كَثُرَ ؕ نَصِيۡبًا مَّفۡرُوۡضًا ۝ (سورة النساء آيت 7)

**ترجمو:** جنهن (مال) کي ماءُ پيءُ ۽ مائٽ ڇڏي ويا ان مان مردن لاءِ (هڪ مقرر) حصو آهي ۽ زالن لاءِ به ان (مال) مان جنهن کي (سنڌن) ماءُ پيءُ ۽ مائٽ ڇڏي ويا، ٿورو هجي يا گهڻو. مقرر ڪيل حصو آهي.

| لفظ ۽ انهن جي معنیٰ | | |
|---|---|---|
| نَصِيۡبٌ: مقرر حصو | تَرَكَ: ان ڇڏيو | مَّفۡرُوۡضًا: لازم مقرر ڪيل |

**تشريح:** هن آيت ۾ والدين ۽ ٻين مائٽن جي طرفان ڇڏيل مال ۾ ٻينرن لاءِ ورثي واري حق جو بيان آهي. اسلام کان پهريائين عام طور تي عربن جي دستور مطابق عورتن، ڇوڪرين ۽ نابالغ اولاد کي ورثي مان حصو نه ڏنو ويندو هئو. اسلام اچي اهو اصول ۽ ضابطو قائم ڪيو ته حقدار هجڻ جي حساب سان مرد ۽ عورت ٻئي برابر آهن. هن آيت ۾ هيٺين ڳالهين جي وضاحت ڪئي وئي آهي:

- مرحوم جي ڇڏيل سڄي ملڪيت / دولت (منقوله وغير منقوله زمين وغيره سڀ ورثي ۾ شامل ٿينديون.
- مردن سان گڏوگڏ ٻار ۽ عورتون به پنهنجي حصي جي مطابق ورثو حاصل ڪندا.
- ورثو ٿورڙو هجي يا گهڻو، ان ۾ سڀ شريڪ هوندا.
- وارثن مان هر هڪ جي لاءِ ان جو حصو مقرر آهي، جنهن جو ڏيڻ ضروري آهي، پوءِ مال ٿورڙو هجي يا گهڻو.

بهرحال هن آيت ۾ مسلمانن مان يتيمن ۽ عورتن وغيره جي حقن جي حفاظت ڪري انهن جي حقن کي غصب ٿيڻ کان روڪيو ويو آهي. اسان کي گهرجي ته اسلام جي وراثت واري قانون تي پنهنجي معاشرتي زندگي ۾ عمل ڪريون. ۽ وارثن جو جيترو به حصو ٿئي انهن

ڪي رضا خوشيءَ سان ڏجي ۽ ڪنهن جو حق ڪسڻ کان بچجي، جيئن ٻنهي جهانن جي ڀلائي ماڻي سگهجي.

| سرگرمي | ڪلاس ۾ ”وراثت جي حڪمن ۽ اهميت“ تي گڏيل گفتگو ڪرايو ۽ ڪنهن عالمِ دين جي مدد سان مختصر نڪتا لکرايو. |
|---|---|

**آيت نمبر8:** وَ اِذَا حَضَرَ الْقِسْمَةَ اُولُوا الْقُرْبٰى وَ الْيَتٰمٰى وَ الْمَسٰكِيْنُ فَارْزُقُوْهُمْ مِّنْهُ وَ قُوْلُوْا لَهُمْ قَوْلًا مَّعْرُوْفًا۝ (سورة النساء آيت: 8)

**ترجمو:** ۽ جڏهن ورثي ورهائڻ وقت قرابت وارا ۽ يتيم ۽ مسڪين حاضر ٿين تہ ان مان ڪين ڪجهہ ڏيو ۽ انهن کي چڱي ڳالهہ چئو.

| لفظ ۽ انهن جي معنىٰ | | |
|---|---|---|
| اَلْقِسْمَةَ: تقسيم (جي وقت) | اُولُوا الْقُرْبٰى: ويجهارشتيدار | فَارْزُقُوْهُمْ: انهن کي کارايو/ انهن کي ڏيو |

**تشريح:** شريعت ۾ وارث ۽ انهن جا حصا مقرر ڪيا ويا آهن، جنهن ۾ ڪنهن قسم جي گهٽ وڌائي نٿي ٿي سگهي. هن آيت ۾ وارثن جي وچ ۾ ورثي جي ورهاست وقت غريب رشتہ دارن سان حسن سلوڪ جي متعلق الله تعالىٰ ڪجهہ ادب ٻڌايا آهن. ۽ اخلاقي هدايتون ڏنيون آهن تہ، جڏهن ڪنهن مرحوم جي مال ۽ دولت کي ورثي طور تي تقسيم ڪيو ويندو آهي تہ ڪڏهن ڪڏهن اتي برادري يا ڪٽنب جا ڪجهہ اهڙا ماڻهو بہ گڏ ٿيندا جن کي شريعت تہ ان ملڪيت مان ڪو مقرر حصو نہ ڏيندي آهي. مثلاً: پري جا رشتيدار، يتيم، مسڪين، غريب، محتاج ۽ سوالي وغيره پر قرآن ڪريم جي هدايت مطابق ان مال مان انهن ماڻهن کي بہ ڪجهہ نہ ڪجهہ ڏئي انهن جي مدد ڪجي.

هن ڳالهہ جو خيال رکڻ ضروري آهي تہ انهن ماڻهن کي گڏيل

مال خيرات نہ ڏني ويندي. بلڪ وارثن مان جيڪو بالغ پنهنجو پنهنجو حصو وٺي چڪو هجي، اهو ڏئي سگهي ٿو. جو تہ نابالغ ٻارن ۽ غائب وارثن جي مال مان انهن جي اجازت جي بغير غريبن وغيره کي ڏيڻ جائز ناهي. ان سان گڏوگڏ وارثن کي غير وارثن سان اخلاقي ورتاءُ ڪرڻ جي تلقين ڪئي وئي آهي، تہ جيڪڏهن انهن غير حقدارن کي ڏيڻ نہ ٿا چاهين تہ ائين نہ ٿئي تہ بخل ۽ ڪاوڙ ۾ انهن کي برو ڀلو چوڻ شروع ڪري ڏيو تہ توهان جو ڪو بہ حق ناهي، هيءَ اسان جي پنهنجي ملڪيت آهي. بلڪ انهن ماڻهن کي خوش دليءَ ۽ نرميءَ سان سمجهه واري ڪا ڳالهہ چئي انهن کي روانو ڪريو ۽ انهن جي دل رنجائڻ ڪنهن بہ طريقي سان مناسب ناهي.

آيت نمبر9: وَ لْيَخْشَ الَّذِيْنَ لَوْ تَرَكُوْا مِنْ خَلْفِهِمْ ذُرِّيَّةً ضِعٰفًا خَافُوْا عَلَيْهِمْ ۠ فَلْيَتَّقُوا اللّٰهَ وَ لْيَقُوْلُوْا قَوْلًا سَدِيْدًا ۝ (سورة النساء، آيت 9)

ترجمو: ۽ اهي (الله تعالىٰ کان) ڊڄن جيڪي جيڪڏهن پنهنجي پٺيان ضعيف اولاد ڇڏين تہ انهن (جي ضايع ٿيڻ) جو ڊپ ٿئين، پوءِ اهي الله کان ڊڄن ۽ سڌي ڳالهہ چون.

| لفظ ۽ انهن جي معنىٰ | | |
|---|---|---|
| وَلْيَخْشَ: اهي ڊڄن | ذُرِّيَّةً ضِعٰفًا: ڪمزور اولاد | خَافُوْا: ڊپ ڪن |

تشريح: هن آيت ۾ سر پرستن کي يتيمن (جيڪي وارث نہ هجڻ جي ڪري حصو نہ ڪٿي سگهيا) سان حسن سلوڪ ۽ انهن جي حقن جي طرف متوجه ڪيو ويو آهي، تہ ٿورو سوچيو. جيڪڏهن توهان پنهنجا ننڍا ننڍا ٻار ڇڏي دنيا کان رخصت ٿيندا هجو تہ توهان کي انهن جو ڪيترو فڪر هوندو؟ تہ پوءِ توهان کي هر يتيم جي باري ۾ ايئن ئي سوچڻ ۽ ورتاءُ ڪرڻ گهرجي. تہ جيئن توهان جي دلين ۾ انهن جي لاءِ

رحمت جو جذبو ۽ محبت پيدا ٿئي. يتيمن سان سڌي، نرم ۽ سٺي ڳالهه چوڻ گهرجي. ڪا بہ سخت ڳالهه نہ ڪرڻ گهرجي جنهن مان انهن جي دل ڏکوئجي ۽ انهن جو نقصان ٿئي. بلڪ انهن جي اصلاح ٿئي. حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن يتيمن جي سنڀال ۽ حقن جي ادائيگي جو گهڻو تاڪيد فرمايو آهي.

(صحيح بخاري، ڪتاب الوصايا، حديث 2727)

آيت نمبر10: اِنَّ الَّذِيْنَ يَاْكُلُوْنَ اَمْوَالَ الْيَتٰمٰى ظُلْمًا اِنَّمَا يَاْكُلُوْنَ فِيْ بُطُوْنِهِمْ نَارًا ؕ وَ سَيَصْلَوْنَ سَعِيْرًا۠ (سورة النساء، آيت 10)

ترجمو: بيشڪ جيڪي يتيمن جا مال ظلم سان کائين ٿا، سي پنهنجي پيٽن ۾ رڳو باهه کائين ٿا ۽ پڙڪندڙ باهه ۾ داخل ٿيندا.

| لفظ ۽ انهن جي معنىٰ | | |
|---|---|---|
| يَاْكُلُوْنَ: اهي کائن ٿا | بُطُوْنِ: پيٽ | نَارًا: باهه |
| سَيَصْلَوْنَ : اجهو داخل ٿيندا | سَعِيْرًا: پڙڪندڙ باهه | |

تشريح: هن آيت ۾ يتيمن جي حقن ۽ انهن جي مال ۾ خيانت ڪرڻ تي سزا ۽ وعيد بيان ڪئي وئي آهي. انساني زندگيءَ ۾ مال ۽ دولت کي وڏي اهميت حاصل آهي. ان کي حلال ۽ جائز طريقي سان ڪمائڻ عبادت ۾ شامل آهي. جڏهن تہ باطل طريقن سان مال جمع ڪرڻ کان سختي سان منع ڪئي وئي آهي. عام ماڻهن جي مقابلي ۾ جيڪڏهن ڪمزورن، ضعيفن، يتيمن ۽ مسڪينن جي مال ۾ ناجائز تصرف ۽ خيانت ڪري سندن حق غصب ڪيو وڃي تہ اها اجا وڌيڪ خراب ڳالهه آهي. تنهن ڪري يتيمن جي مال کي ظلم ۽ ناحق طريقي سان ڦٻائڻ وارن جي لاءِ الله تعالىٰ فرمايو تہ جيڪي بہ ان طريقي سان يتيم جو مال

ڪائن ٿا تہ جڻ اهي پنهنجي پيٽ جي اندر جهنم جي باھ ڪائي رهيا آهن. ۽ انهن جي لاءِ آخرت جي پڙڪندڙ باھ الڳ تيار آهي. حديث ۾ بہ يتيم جي مال ڪائڻ کي وڏن گناهن ۾ شمار ڪيو ويو آهي.

(صحيح بخاري، ڪتاب المحاربين، حديث: 6857)

| سرگرمي | ”يتيمن جي مال ۾ خيانت“ جي نقصانن تي گڏيل گفتگو ڪان پوءِ نڪتا لکرايو. |
|---|---|

## مشق

(الف) هيٺين سوالن جا جواب لکو:

1. هيٺين آيتن جو ترجمو لکو.

- وَ لۡيَخۡشَ الَّذِيۡنَ لَوۡ تَرَكُوۡا مِنۡ خَلۡفِهِمۡ ذُرِّيَّةً ضِعٰفًا خَافُوۡا عَلَيۡهِمۡ ۖ فَلۡيَتَّقُوا اللّٰهَ وَ لۡيَقُوۡلُوۡا قَوۡلًا سَدِيۡدًا۔
- اِنَّ الَّذِيۡنَ يَاۡكُلُوۡنَ اَمۡوَالَ الۡيَتٰمٰى ظُلۡمًا اِنَّمَا يَاۡكُلُوۡنَ فِىۡ بُطُوۡنِهِمۡ نَارًا ؕ وَ سَيَصۡلَوۡنَ سَعِيۡرًا۔

2. سورة النساء جي آيت نمبر 6 جي روشنيءَ ۾ يتيمن جي حقن کي لکو.

(ب) هيٺين لفظن جون معنائون لکو:

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| فَلۡيَسۡتَعۡفِفۡ | مَّفۡرُوۡضًا | فَارۡزُقُوۡهُمۡ | ذُرِّيَّةً | خَافُوۡا | بُطُوۡنِ | سَعِيۡرًا |

(ج) هيٺين سوالن جا مختصر جواب لکو:

1. بلوغ ۽ رشد جو مطلب ڇا آهي؟ لکو.
2. قرآن ڪريم ۾ يتيم کي مال حوالي ڪرڻ جو طريقو ڪهڙو ٻڌايو ويو آهي؟
3. قرآن مجيد يتيم جي ڪفيل / سرپرست جون ڪهڙيون ذميواريون ٻڌايون آهن؟
4. يتيمن جي مال ۾ خيانت ڪرڻ وارن جي ڪهڙي سزا ٻڌائي وئي آهي؟

(د) هيٺين سوالن جي صحيح جوابن تي (✓) جو نشان لڳايو:

1. ملڪيت حوالي ڪرڻ جي وقت مقرر ڪيو وڃي:

(الف) وڪيل (ب) شاهد

(ج) نائب (د) حاڪم

2. يتيمن کي مال حوالي ڪرڻ وقت پرکڻو آهي:

(الف) بلوغت ۽ رشد کي (ب) صحت ۽ مرض کي

(ج) علم ۽ دانشمندي کي (د) تحمل ۽ برداشت کي

3. يتيم جي مال مان سنڀاليندڙ کي بقدر ضرورت مال کڻڻ جي اجازت آهي جڏهن اهو:

(الف) سنڀاليندڙ غريب هجي (ب) سنڀاليندڙ امير هجي

(ج) سنڀاليندڙ قرضدار هجي (د) سنڀاليندڙ هجي

4. يتيمن ۽ مسڪينن سان ڳالهه ڪرڻ گهرجي:

(الف) سختيءَ سان (ب) نرميءَ سان

(ج) ڪاوڙ سان (د) بدسلوڪيءَ سان

5. قرآن مجيد يتيمن جو مال ناحق کائڻ وارن جو ٺڪاڻو ٻڌايو آهي:

(الف) جنت (ب) جهنم

(ج) برزخ (د) قبر

6. يتيمن جو مال ناحق کائڻ وارا پنهنجي پيٽ ۾ ڀرن ٿا:

(الف) مٽي (ب) باهه

(ج) پاڻي (د) هوا

(ب) 3. چوندڊ آيتون، ترجمو ۽ تشريح:

سورة النساء آيت 29- 36، سورة المائده آيت: 32، 33، 34

آيت نمبر 11: يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَاْكُلُوْٓا اَمْوَالَكُمْ بَيْنَكُمْ بِالْبَاطِلِ اِلَّآ اَنْ تَكُوْنَ تِجَارَةً عَنْ تَرَاضٍ مِّنْكُمْ ۟ وَلَا تَقْتُلُوْٓا اَنْفُسَكُمْ ۭ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ بِكُمْ رَحِيْمًا ۝۲۹
(سورة النساء، آيت:29)

ترجمو: اي ايمان وارؤ! اوهين پاڻ ۾ هڪ ٻئي جو مال ناحق نہ کائو مگر جنهن وقت (اها ڏي وٺ) اوهان جي رضامندي سان واپار هجي (تہ پلي کائو) ۽ پاڻ کي قتل نہ ڪريو بيشڪ الله تعالىٰ اوهان تي مهربان آهي.

| لفظ ۽ انهن جي معنىٰ | | |
|---|---|---|
| لَاتَاْكُلُوْٓا: نہ کائو | بِالْبَاطِلِ: ناحق طريقي سان | تَرَاضٍ: رضامندي |

تشريح: هن آيت ۾ حلال کائڻ جو تاڪيد (يعني ناحق مال کائڻ جي ممانعت) ۽ ناحق قتل جي ممانعت بيان ڪئي وئي آهي. هر انسان جون ٽي شيون تمام وڏي اهميت رکن ٿيون: ان جي جان، مال ۽ عزت، اسلام پنهنجي پيروي ڪندڙن کي انهن ٽن شين جي ضمانت ڏئي ٿو، تنهن ڪري جيڪي ماڻهو اسلام قبول نہ ٿا ڪن صرف ان کي پنهنجو سياسي نظام سمجهي ان جي حڪم هيٺ ذمي ٿي رهڻ پسند ڪن ٿا تہ اسلام انهن کي بہ اهي ٽئي حق ڏئي ٿو. هن آيت ۾ پهرين ٻن شين جو تاڪيد ڪيو ويو ۽ جيڪي ماڻهو اسلام آڻي چڪا آهن، انهن کي تہ خاص ڪري انهن شين ڏانهن ڌيان ڏيڻ گهرجي.

ناحق ۽ ناجائز مال کائڻ جي ممانعت: اهڙيون شيون جيڪي بذات خود حرام آهن. مثال طور: سوئر، شراب، نشيدار شيون وغيره. انهن جي ڏيتي ليتي ۽ استعمال پهريان ئي ناجائز ۽ حرام آهي، پر اهڙيون شيون جيڪي پنهنجو پاڻ حلال ۽ جائز آهن جيڪڏهن انهن شين جي خريد ڪرڻ ۽ پنهنجي استعمال ۾ آڻڻ لاءِ ڪو ناجائز طريقو استعمال ڪيو وڃي تہ اهي بہ حرام ٿي پَوَن ٿيون. مثال طور: چوري، ڦر، ڌاڙو، حق

تلفي، رشوت ۽ وياج. اهڙي طرح ڪوڙ، ڏوکي بازي، ذخيره اندوزي، چور بازاري، سَٽو ۽ جُوا، ملاوت ۽ ماپ تور ۾ ڪوت جي ذريعي حاصل ڪيل مال ۽ دولت بہ باطل ۽ ناجائز طريقي سان آهي، انهن کان بچڻ ۽ حلال مال جي حاصل ڪرڻ جي تاڪيد جو حڪم ڏنو ويو آهي. رضامندي ۽ خوشي سان ڏيتي ليتي ۽ حاصل ڪيل مال حلال ۽ جائز ملڪيت آهي.

**ناحق قتل جي منع:** جهڙي طرح ڪنهن ٻئي جو ناحق مال کائڻ حرام آهي، اهڙي طرح ڪنهن کي ناحق قتل ڪرڻ ان کان وڌيڪ حرام آهي. يعني پنهنجو پاڻ ۾ بغير ڪنهن سبب جي قتل بہ نہ ڪريو ٻئي ڪنهن کي قتل ڪرڻ کي "پنهنجو پاڻ کي قتل ڪرڻ" سان مشابهت ڏيڻ ۾ هي اشارو بہ آهي تہ جڏهن ڪو بہ ڪنهن ٻئي کي ناحق قتل ڪندو تہ هو خود بہ قصاص ۾ قتل ڪيو ويندو. اهڙي طرح ان آيت ۾ خودڪشي جي بہ ممانعت واضح ٿي وئي، تہ ٻئي ڪنهن جي بدلي ۾ قتل ٿي وڃڻ کان بہ وڌيڪ اهو برو آهي جو هو پنهنجو پاڻ کي ختم ڪري ڇڏي. تنهن ڪري اهي سڀئي صورتون حرام ۽ ناجائز آهن.

| سرگرمي | "ناحق مال کائڻ" تي گڏيل بحث مباحثي کان پوءِ سماجي نقصان شاگردن کان نڪتن جي صورت ۾ لکرايو. |
|---|---|

آيت نمبر12: وَ اعْبُدُوا اللّٰهَ وَ لَا تُشْرِكُوْا بِهٖ شَیْــٴًـا وَّ بِالْوَالِدَیْنِ اِحْسَانًا وَّ بِذِی الْقُرْبٰى وَ الْیَتٰمٰى وَ الْمَسٰكِیْنِ وَ الْجَارِ ذِی الْقُرْبٰى وَ الْجَارِ الْجُنُبِ وَ الصَّاحِبِ بِالْجَنْۢبِ وَ ابْنِ السَّبِیْلِ ۙ وَ مَا مَلَكَتْ اَیْمَانُكُمْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَا یُحِبُّ مَنْ كَانَ مُخْتَالًا فَخُوْرَاۙ۟ (سورة النساء، آيت:36)

ترجمو: ۽ الله جي ئي عبادت ڪريو ۽ ان سان ڪنهن کي شريڪ نہ ڪريو ۽ ماءُ پيءُ سان ڀلائي ڪريو. مائٽن ۽ يتيمن ۽ مسڪينن ۽ پاڙيسري مائٽ ۽ ڌارئي پاڙيسري ۽ پرسان رهڻ واري ۽ مسافر ۽ پنهنجي هٿ هيٺ رهندڙن سان بہ ڀلائي ڪريو. بيشڪ الله هنيلن پاڻ پڏائيندڙن کي دوست نہ ٿو رکي (۽ انهن کي) بہ جيڪي بخل ڪن ٿا.

| لفظ ۽ انهن جي معنىٰ | | |
|---|---|---|
| اَلْجَارِ: پاڙيسري | بِالْجَنْبِ: پرسان رهندڙ | ابْنِ السَّبِيْلِ: مسافر |
| اَيْمَانُكُمْ: توهان جا زيردست | مُخْتَالًا: هنيلا | فَخُوْرًا: وڏائي ڪرڻ وارو |

تشريح: هن آيت ۾ الله تعالىٰ جي عبادت، توحيد ۽ حقوق العباد جو تاڪيد ۽ اهميت بيان ڪئي وئي آهي. انسان سان ٻن قسمن جا حق تعلق رکن ٿا، جن ۾ هڪ جو تعلق الله تعالىٰ سان آهي جڏهن تہ ٻئي جو تعلق ماڻهن سان آهي. پهرئين قسم کي حقوق الله ۽ ٻئي قسم کي حقوق العباد چيو ويندو آهي. هن آيت ۾ ٻنهي قسمن جي حقوق جي ادائيگي جو حڪم ڪيو ويو آهي.

حقوق الله: هن آيت ۾ الله تعالىٰ جي حقن متعلق ٻن ڳالهين جو بيان آهي: (1) الله تعالىٰ کي بلند شان وارو سمجهي ڪري ان جي وحدانيت جو قائل ٿي وڃڻ. (2) ان جي فرمانبرداري ۽ اطاعت گذاري ۾ رهندي سندس ذات ۽ صفات ۾ ڪنهن کي شريڪ نہ ڪرڻ ڇو تہ اهو هڪ وڏو گناهہ ۽ ظلم آهي. يعني توحيد جو اقرار ۽ صالح عمل مطلب تہ الله

تعالىٰ سان شرڪ نہ ڪرڻ صرف ۽ صرف ان جي ئي عبادت ڪرڻ ۽ ان جي ٻڌايل حڪمن مطابق عمل ڪرڻ ۽ الله تعالىٰ جي حدن ڪي پار نہ ڪرڻ.

حقوق العباد: ماڻهن جي حقن ۾ سڀ کان وڏو مرتبو والدين جو آهي. قرآن ڪريم ۾ الله تعالىٰ ڪيترن ئي جڳهن تي پنهنجي عبادت کان پوءِ والدين جو ذڪر ڪيو آهي. مثال طور تي ترجمو: ۽ اوهان جي پالڻهار فيصلو ٻڌائي ڇڏيو آهي تہ توهان ان جي بندگي ڪندؤ ۽ والدين سان چڱائي ڪندا رهندؤ. (سورة الاسراء: 23)

والدين کان پوءِ ٻين ماڻهن سان بہ چڱائي ۽ سهڻي سلوڪ ڪرڻ جو حڪم آهي مثال طور: ويجها مٽ مائٽ يا دور (پري) جي مٽن مائٽن سان مرتبي مطابق سهڻو سلوڪ ڪرڻ ۽ انهن جا حق ادا ڪرڻ. اسان ڪي سماجي زندگي ۾ سيني ماڻهن سان امن ۽ سلامتي ۽ سهڻي نموني پيش اچڻو آهي. قرآن مجيد ۽ حديثن ۾ صلہ رحمي جو تاڪيد ۽ قطع رحمي تي سخت دڙڪو بيان ڪيو ويو آهي. سماج جا ڪمزور طبقي وارا ماڻهو جهڙوڪ: يتيم، غريب مسڪين، ضرورتمند ۽ جن سان اڪثر طور تي ملڻ جلڻ ٿئي ٿو جيئن ويجها ۽ پري وارا پاڙيسري، مسافر، مهمان، نوڪر چاڪر، ماتحت رهڻ وارا غلام، سفر جا ساٿي، ڪاروبار جا ڀائيوار وغيره. انهن سيني سان ڀلائي، احسان، سهڻي سلوڪ ۽ دلداري ڏيڻ ۽ انهن تي مال خرچ ڪرڻ وغيره جو حڪم آهي. اهڙي طرح مال متاع سان بہ رحمدليءَ وارو رويو رکڻ جو تاڪيد ڪيو ويو آهي.

| سرگرمي | شاگرد پنهنجي زندگي جا واقعا لکن جن ۾ انهن ڪنهن سان سهڻو سلوڪ ڪيو آهي. |
|---|---|

**آيت نمبر13:** مِنۡ اَجۡلِ ذٰلِكَ ۛۚ كَتَبۡنَا عَلٰى بَنِىۡۤ اِسۡرَآءِيۡلَ اَنَّهٗ مَنۡ قَتَلَ نَفۡسًۢا بِغَيۡرِ نَفۡسٍ اَوۡ فَسَادٍ فِى الۡاَرۡضِ فَكَاَنَّمَا قَتَلَ النَّاسَ جَمِيۡعًا ؕ وَمَنۡ اَحۡيَاهَا فَكَاَنَّمَاۤ اَحۡيَا النَّاسَ جَمِيۡعًا ؕ وَلَقَدۡ جَآءَتۡهُمۡ رُسُلُنَا بِالۡبَيِّنٰتِ ثُمَّ اِنَّ كَثِيۡرًا مِّنۡهُمۡ بَعۡدَ ذٰلِكَ فِى الۡاَرۡضِ لَمُسۡرِفُوۡنَ ﴿۳۲﴾

(سورة المائده، آيت: 32)

**ترجمو:** ان ڪري اسان بني اسرائيلن تي هي حڪم ڪيو تہ جيڪو ڪنهن ماڻهوءَ کي ڪنهن ٻي جان جي عوض کانسواءِ يا ملڪ ۾ فساد ڪرڻ (جي سبب) بنا قتل ڪندو تہ ڄڻ ان سيني ماڻهن کي قتل ڪيو ۽ جنهن ان کي بچايو تہ ڄڻ سيني ماڻهن کي جياريائين (بچايائين) ۽ بيشڪ انهن وٽ اسان جا رسول ظاهر نشانيون ڪٺي آيا وري بہ انهن مان گهڻا ان کان پوءِ زمين ۾ حد کان لنگهندڙ آهن.

| لفظ ۽ انهن جي معنىٰ | |
|---|---|
| كَتَبۡنَا: اسان لکيو | اَحۡيَا: ان زندھ ڪيو |
| مُسۡرِفُوۡنَ: حد کان لنگهندڙ | الۡبَيِّنٰتِ: واضح هدايتون |

**تشريح:** هن آيت ۾ انساني جان جي حرمت ۽ حفاظت جي اهميت بيان ڪئي وئي آهي. جڏهن بني اسرائيل ۾ ناحق قتل جو رواج شروع ٿيو تہ الله تعالىٰ قانون ٻڌائي ڇڏيو تہ ڪنهن ماڻهو جو ناحق قتل ڪرڻ (جنهن نہ ڪنهن جو قتل ڪيو ۽ نہ وري زمين ۾ فساد پکيڙيو) ائين آهي ڄڻ تہ پوري انسانيت کي قتل ڪرڻ ۽ ڪنهن جي جان بچائڻ پوري انسانيت کي بچائڻ جي برابر آهي. ناحق قتل سان انسان جي عزت جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. هيءُ ان لاءِ چيو ويو آهي تہ ڪو بہ ماڻهو قاتل ان وقت بڻجي ٿو، جڏهن هو انساني رَت جا رشتا ٽوڙي ڇڏي ٿو ۽ ان جي دل مان انسانيت سان همدردي جو جذبو نڪري وڃي ٿو ۽ ان جي سامهون صرف پنهنجو مفاد ئي رهي ٿو. جنهن جي نتيجي ۾ ٻين کي قتل ڪري ٿو. هي قانون صرف بني اسرائيل لاءِ نہ آهي، پر قيامت تائين

پوري انسانيت لاءِ آهي. هي آيت واضح دليل آهي ته اسلام خونريزي، فتني ۽ فساد کي سخت ناپسند ڪري ٿو ۽ پنهنجي مڃڻ وارن کي امن ۽ صلح، صبر ۽ تحمل ۽ هڪ ٻئي جي بقا ۽ انساني عزت ۽ احترام جي تعليم ڏئي ٿو.

**آيت نمبر14-15:** اِنَّمَا جَزٰٓؤُا الَّذِیْنَ یُحَارِبُوْنَ اللّٰهَ وَ رَسُوْلَهٗ وَ یَسْعَوْنَ فِی الْاَرْضِ فَسَادًا اَنْ یُّقَتَّلُوْۤا اَوْ یُصَلَّبُوْۤا اَوْ تُقَطَّعَ اَیْدِیْهِمْ وَ اَرْجُلُهُمْ مِّنْ خِلَافٍ اَوْ یُنْفَوْا مِنَ الْاَرْضِ ؕ ذٰلِكَ لَهُمْ خِزْیٌ فِی الدُّنْیَا وَ لَهُمْ فِی الْاٰخِرَةِ عَذَابٌ عَظِیْمٌۙ﴿۳۳﴾ اِلَّا الَّذِیْنَ تَابُوْا مِنْ قَبْلِ اَنْ تَقْدِرُوْا عَلَیْهِمْ ۚ فَاعْلَمُوْۤا اَنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِیْمٌ۠﴿۳۴﴾ (سورة المائده، آيت: 33-34)

**ترجمو:** جيڪي الله ۽ ان جي رسول سان جنگ ڪن ٿا ۽ زمين ۾ فساد ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. انهن جي سزا هيءَ آهي ته انهن کي قتل ڪيو وڃي يا ڦاهيءَ چاڙهيو وڃي يا سندن هڪ طرف جا هٿ ۽ ٻئي طرف جا پير وڍيا وڃن يا انهن کي ملڪ مان نيڪالي ڏني وڃي. اها انهن لاءِ دنيا ۾ خواري آهي ۽ آخرت ۾ انهن لاءِ وڏو عذاب آهي. (33) پر جن اوهان جي قابوءَ ۾ اچڻ کان اڳ توبهه ڪئي ته پوءِ ڄاڻو ته الله تعالىٰ معاف ڪندڙ ۽ نهايت رحم ڪرڻ وارو آهي.(34)

| لفظ ۽ انهن جي معنیٰ | | |
|---|---|---|
| یُحَارِبُوْنَ: اهي لڙائي ڪن ٿا | یَسْعَوْنَ: ڪوشش ڪن ٿا | یُصَلَّبُوْۤا: سوليءَ چاڙهيا وڃن |
| تُقَطَّعَ: ڪٽيو وڃي | اَرْجُلُ: پير | یُنْفَوْا: ڏيهه نيڪالي ڏنا وڃن |
| خِزْیٌ: خواري | تَابُوْا: انهن توبهه ڪئي | تَقْدِرُوْا: توهان قابو ڪيو انهن کي |

هن آيت ۾ ”الارض“ مان مراد اها جڳهه، ملڪ، رياست يا علائقو) آهي جتي اسلامي حڪومت قائم هجي ۽ جنهن ۾ امن قائم ڪرڻ جي ذميداري اسلامي رياست جي هجي.

تشريح: هن آيت مبارڪ ۾ جرم، فتني ۽ فساد جي ممانعت ۽ انهن ماڻهن لاءِ شرعي سزا جو بيان آهي جيڪي الله تعالىٰ ۽ ان جي نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي قانونن جي بي حرمتي ڪري صالح نظام ۽ سماج سان لڙائي ڪرڻ جا مرتڪب ٿيا آهن، پُر اَمُن ماڻهن ڪان اسلحي جي زور تي ڦُر ڪن تا ۽ زمين ۾ فساد پکيڙن تا، سماج جي سڪون ۽ امن کي تباهه ڪن تا. اهڙن ظالم ۽ فسادي قسم جي ماڻهن جي لاءِ هن آيت ۾ چئن قسمن جون سزائون ٻڌايون ويون آهن: انهن کي قتل ڪيو وڃي يا سُوليءَ تي چاڙهيو وڃي يا انهن جا هٿ ۽ پير مخالف پاسن ڪان ڪٽيا وڃن يا وري ملڪ نيڪالي ڏني وڃي.

هيءُ سزائون خلاصي طور تي بيان ڪيون ويون آهن جيئن قاضي يا حاڪم پنهنجي اجتهاد سان هر ڏوهه جي نوعيت مطابق سزا ڏئي سگهي. ان سزا جو بنيادي مقصد هي آهي ته اسلامي حڪومت جي اندر قتل غارت گري، ڏاڙو فساد ۽ اسلامي حڪومت جي خلاف ورزي يا بغاوت ڪرڻ وغيره بدترين ڏوهه آهن ۽ ڏوهيءَ کي انهن سزائن منجهان ڪا به سزا ڏئي سگهجي ٿي.

ڏوهه ڪان توبه تائب ٿيڻ: بي آيت مان ثابت ٿيو ته جيڪڏهن ڪو فسادي يا ظالم حڪومت طرفان گرفتار ٿيڻ ڪان پهريان توبهه تائب ٿي ويو ته هي شرعي سزائون جيڪي حقوق الله مان آهن سي معاف ٿي وينديون. پر حقوق العباد جي تحت ان جو معاملو حق دارن سان طئي ڪرڻ ضروري آهي يعني ڦريل مال انهن کي واپس ڪرڻو پوندو يا ان جي چٽي ڏيڻي پوندي ۽ جيڪڏهن قتل يا زخمي ڪيو ويو آهي ته وارث قصاص يا ديت تي راضي ٿين يا معاف ڪري ڇڏن ته ان جي جان بخشي ويندي ٻي صورت ۾ ڪيس ان مطابق سزا ڀوڳڻي پوندي.

| سرگرمي | "توبه سان حقوق الله يا حقوق العباد جي معافي" جي وضاحت استاد يا عالمِ دين کان ڪرايو. |
|---|---|

## مشق

**(الف) هيٺين سوالن جا جواب لکو:**

1. هيٺين آيتن مان ڪن ٻن آيتن جو ترجمو لکو.

- يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَاْكُلُوْٓا اَمْوَالَكُمْ بَيْنَكُمْ بِالْبَاطِلِ اِلَّآ اَنْ تَكُوْنَ تِجَارَةً عَنْ تَرَاضٍ مِّنْكُمْ ۟ وَلَا تَقْتُلُوْٓا اَنْفُسَكُمْ ۭ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ بِكُمْ رَحِيْمًا۔
- وَ اعْبُدُوا اللّٰهَ وَ لَا تُشْرِكُوْا بِهٖ شَيْئًا وَّ بِالْوَالِدَيْنِ اِحْسَانًا وَّ بِذِي الْقُرْبٰى وَ الْيَتٰمٰى وَ الْمَسٰكِيْنِ وَ الْجَارِ ذِي الْقُرْبٰى وَ الْجَارِ الْجُنُبِ وَ الصَّاحِبِ بِالْجَنْۢبِ وَ ابْنِ السَّبِيْلِ ۙ وَ مَا مَلَكَتْ اَيْمَانُكُمْ ۭ اِنَّ اللّٰهَ لَا يُحِبُّ مَنْ كَانَ مُخْتَالًا فَخُوْرَا۔
- مِنْ اَجْلِ ذٰلِكَ ۚ كَتَبْنَا عَلٰي بَنِيْٓ اِسْرَاۗءِيْلَ اَنَّهٗ مَنْ قَتَلَ نَفْسًۢا بِغَيْرِ نَفْسٍ اَوْ فَسَادٍ فِي الْاَرْضِ فَكَاَنَّمَا قَتَلَ النَّاسَ جَمِيْعًا ۭ وَمَنْ اَحْيَاهَا فَكَاَنَّمَآ اَحْيَا النَّاسَ جَمِيْعًا ۭ وَلَقَدْ جَاۗءَتْهُمْ رُسُلُنَا بِالْبَيِّنٰتِ ۡ ثُمَّ اِنَّ كَثِيْرًا مِّنْهُمْ بَعْدَ ذٰلِكَ فِي الْاَرْضِ لَمُسْرِفُوْنَ۔

2. هڪ انسان جي ناحق قتل کي پوري انسانيت جو قتل ڇو قرار ڏنو ويو آهي؟
3. قرآن ڪريم ۾ عام امن ۾ خلل وجهڻ وارن لاءِ ڪهڙيون سزائون مقرر ڪيون ويون آهن؟

**(ب) هيٺين لفظن جون معنائون لکو:**

| لَا تَاْكُلُوْٓا | مُخْتَالًا | مُسْرِفُوْنَ | خِزْيٌ | تَقْدِرُوْا |
|---|---|---|---|---|
| | | | | |

(ج) هيٺين سوالن جا مختصر جواب لکو:

1. يتيم جي مال جي حفاظت ڇو ضروري آهي؟
2. ۽ پنهنجو پاڻ کي قتل نہ ڪريو جو مفهوم لکو؟
3. مال حاصل ڪرڻ جا ناجائز طريقا ڪهڙا آهن؟

(د) هيٺين سوالن جي صحيح جوابن تي (✓) جو نشان لڳايو:

1. آمدني جو ناجائز طريقو آهي:

(الف) زراعت (ب) صنعت

(ج) واپار (د) رشوت

2. حقوق العباد مان مراد آهي:

(الف) الله جا حق (ب) انسانن جا حق

(ج) جانورن جا حق (د) وڻ ٽڻ جا حق

3. ابن سبيل مان مراد آهي:

(الف) فقير (ب) مسڪين

(ج) مسافر (د) پاڙيسري

4. بيگناهہ کي قتل ڪرڻ ڄڻ تہ قتل ڪرڻ آهي:

(الف) سموري ڪائنات جو (ب) سموري انسانيت جو

(ج) سموري حيوانيت جو (د) سموري خاندان جو

## (ب) 4. چونڊ آيتون، ترجمو ۽ تشريح:
## سورة التوبه آيت 24، 33 — سورة الحج: 39- 40

آيت نمبر 16: قُلۡ اِنۡ كَانَ اٰبَآؤُكُمۡ وَ اَبۡنَآؤُكُمۡ وَ اِخۡوَانُكُمۡ وَ اَزۡوَاجُكُمۡ وَ عَشِيۡرَتُكُمۡ وَ اَمۡوَالُ ۨ اقۡتَرَفۡتُمُوۡهَا وَ تِجَارَةٌ تَخۡشَوۡنَ كَسَادَهَا وَ مَسٰكِنُ تَرۡضَوۡنَهَآ اَحَبَّ اِلَيۡكُمۡ مِّنَ اللّٰهِ وَ رَسُوۡلِهٖ وَ جِهَادٍ فِىۡ سَبِيۡلِهٖ فَتَرَبَّصُوۡا حَتّٰى يَاۡتِىَ اللّٰهُ بِاَمۡرِهٖ ؕ وَ اللّٰهُ لَا يَهۡدِى الۡقَوۡمَ الۡفٰسِقِيۡنَ ﴿۲۴﴾

(سورة التوبة، آيت 24)

ترجمو: چؤ تہ: جيڪڏهن اوهان جا ابا ۽ اوهان جا پٽ ۽ اوهان جا ڀائر ۽ اوهان جون زالون ۽ اوهان جا مائٽ ۽ اهي مال جي اوهان ڪمايا آهن ۽ واپار، جنهن جي گهٽجي وڃڻ کان ڊڄو ٿا ۽ رهڻ جون جايون جن کي پسند ڪريو ٿا، اوهان وٽ الله تعالیٰ ۽ سندس رسول ۽ سندس رستي ۾ جنگ ڪرڻ کان زياده پيارا آهن: تہ انتظار ڪريو جيسين الله پنهنجو حڪم موڪلي ۽ الله نافرمان قوم کي رستو نہ ٿو ڏيکاري.

| لفظ ۽ انهن جي معنیٰ | | |
|---|---|---|
| عَشِيۡرَتُكُمۡ: خاندان توهان جو | اقۡتَرَفۡتُمُ: توهان ڪمايو | تَخۡشَوۡنَ: توهان ڊڄو ٿا |
| كَسَادَ: گهٽجڻ | مَسٰكِنُ: گهر | تَرَبَّصُوۡا: انتظار ڪريو |

تشريح: هن آيت ۾ هر قسم جي رشتيدارين ۽ تعلقن کان پوءِ بيان ڪيو ويو آهي تہ الله تعالیٰ تي ايمان آڻڻ، الله تعالیٰ ۽ حضرت مُحَمَّدٌ رَّسُوۡلُ اللّٰهِ خَاتَمُ النَّبِيّٖنَ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ سان محبت ۽ الله تعالیٰ جي رستي ۾ جهاد ڪرڻ دنيا جي هر شيءِ کان اول آهن. ايمان دنيا جي سڀ کان وڏي دولت آهي. جنهن سان انسان نہ صرف دنيا ۾ فائدو حاصل ڪري ٿو بلڪ ان سان گڏوگڏ آخرت لاءِ بہ تياري ڪندو رهي ٿو. ذڪر ڪيل آيت ۾ الله تعالیٰ پنهنجي ۽ پنهنجي رسول حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ

عَلَيۡهِ وَعَلٰی آلِهٖ وَاَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي محبت ۽ فرمانبرداري ۽ الله سائين جي رستي ۾ جهاد ڪي وڏي شان ۽ عظمت وارو بيان ڪيو آهي. مثلاً:

- جن ايمان آندو ۽ هجرت ڪيائون ۽ پنهنجي جان ۽ مال سان الله جي راهه ۾ جهاد ڪيائون. الله سائين وٽ انهن جو وڏو مرتبو آهي ۽ اهي ئي ڪامياب ماڻهو آهن.
- اي ايمان وارو! توهان جا والدين، توهان جو اولاد، زالون ۽ ٻيا رشتيدار ۽ مال و ملڪيت هي سڀ ڪجهه الله سائين ۽ ان جي رسول پاڪ کان وڌيڪ پيارو نه هجڻ گهرجي، پيءُ ماءُ ۽ ٻين رشتيدارن جي محبت توهان کي حق جي رستي تي هلڻ کان نه روڪي. جيڪڏهن ڪو شخص الله سائين ۽ ان جي رسول پاڪ سان سڀ کان گهڻي محبت نه ٿو ڪري ته پوءِ اهو الله پاڪ جي ناراضگيءَ کان بچي نه سگهندو.

| سرگرمي | "جهاد جي اهميت ۽ ضرورت" تي گڏيل گفتگو ڪرڻ کان پوءِ شاگردن کان نڪتن جي صورت ۾ لکرايو. |
|---|---|

آيت نمبر17: هُوَ الَّذِیۡۤ اَرۡسَلَ رَسُوۡلَهٗ بِالۡهُدٰی وَ دِیۡنِ الۡحَقِّ لِیُظۡهِرَهٗ عَلَی الدِّیۡنِ کُلِّهٖ ۙ وَلَوۡ کَرِهَ الۡمُشۡرِکُوۡنَ ﴿۳۳﴾ (سورة التوبة، آيت:33)

ترجمو: هو (الله تعالیٰ) اهو آهي جنهن پنهنجي رسول کي هدايت ۽ سچي دين سان موڪليو هن لاءِ ته ان کي سڀني دينن تي غالب ڪري توڙي مشرڪ ناپسند ڪن.

| لفظ ۽ انهن جي معنیٰ | | |
|---|---|---|
| اَرۡسَلَ: ان موڪليو | لِيُظۡهِرَهٗ: جيئن غالب ڪري ان کي | كَرِهَ: ناپسند ڪَن. |

**تشريح:** هن آيت ۾ حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي بعثت جا مقصد، هدايت ۽ دين اسلام (نظام زندگي ۽ فرمانبرداري جي نظام) جي مقام ۽ ان جي اهميت ۽ غلبي ۽ برتري جي خبر ۽ وعدو بيان ڪيو ويو آهي. ۽ هيءُ خوشخبري ان وقت ڏني وئي هئي، جڏهن مسلمان صاف ڪمزور هئا، ۽ ظاهري طور تي ڪنهن به قسم جي فتح جي اميد نه هئي. ان وقت اهو ٻڌايو ويو ته اسلام ئي هڪ واحد دين آهي. جيڪو الله تعالىٰ کي پسند آهي.

حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي بعثت جا مقصد قرآن مجيد ۽ حديثن مبارڪن ۾ بيان ڪيا ويا آهن. انهن مان هڪ مقصد هن آيت ۾ به بيان ڪيو ويو آهي ته الله تعالىٰ پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ کي هدايت ۽ دين برحق ڏئي ان لاءِ موڪليو آهي ته جيئن پاڻ سڳورا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ هن دين کي سمورن دينن تي غالب ڪن توڙي جو ڪافرن ۽ مشرڪن کي هيءَ ڳالهه ناپسند هجي. ان غلبي مان ٻن قسمن جو غلبو مراد آهي:

1. **عقل ۽ دليلن جو غلبو:** جنهن جو مطلب هي آهي ته نظريي ۽ علمي بحثن جي ذريعي ٻين مذهبن جا ماڻهو شڪست کائي اسلام جي برتري جو اقرار ڪن ۽ ان قسم جو غلبو هر دؤر ۾ موجود رهيو آهي.
2. **سلطنت ۽ حڪومت جو غلبو:** هن اعتبار سان ته هر ڪنهن ملڪ ۽ سڄي دنيا ۾ صرف دين اسلام ئي غالب هجي. ٻين دينن کي ڪنهن به قسم جي بالادستي نه هجي. ان قسم جو غلبو حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ ۽ سندن صحابه ڪرام رضوان الله عليهم اجمعين جي دور ۾ اسلام کي حاصل رهيو. ايستائين جو سر زمين عرب ۾ اسلام سر بلند ٿيو ۽ دنيا جي ٻن سپر پاور طاقتن روم ۽ فارس به شڪست کاڌي، ۽ سڄي دنيا

اسلام سان منور ٿي وئي.

تنهن ڪري اسان مسلمانن کي گهرجي تہ حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي تابعداري ۽ اسلام جي اصولن جو لحاظ ڪرڻ ۽ حق واري دين کي غالب ڪرڻ لاءِ ڪم ڪريون. اهو سڀني جو ديني فريضو آهي ۽ ان ۾ ئي ڪاميابي آهي.

| | |
|---|---|
| سرگرمي | ”موجوده دؤر ۾ دين جي غلبي لاءِ تجويزون“ گڏيل گفتگو ڪان پوءِ شاگردن ڪان نڪتن جي صورت ۾ تحرير ڪرايو |

**آيت نمبر 18-19:** اُذِنَ لِلَّذِيْنَ يُقٰتَلُوْنَ بِاَنَّهُمْ ظُلِمُوْا ؕ وَ اِنَّ اللّٰهَ عَلٰى نَصْرِهِمْ لَقَدِيْرُ ۙ﴿۳۹﴾ الَّذِيْنَ اُخْرِجُوْا مِنْ دِيَارِهِمْ بِغَيْرِ حَقٍّ اِلَّاۤ اَنْ يَّقُوْلُوْا رَبُّنَا اللّٰهُ ؕ وَلَوْلَا دَفْعُ اللّٰهِ النَّاسَ بَعْضَهُمْ بِبَعْضٍ لَّهُدِّمَتْ صَوَامِعُ وَ بِيَعٌ وَّ صَلَوٰتٌ وَّ مَسٰجِدُ يُذْكَرُ فِيْهَا اسْمُ اللّٰهِ كَثِيْرًا ؕ وَلَيَنْصُرَنَّ اللّٰهُ مَنْ يَّنْصُرُهٗ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَقَوِيٌّ عَزِيْزٌ ﴿۴۰﴾ (سورة الحج، آيت: 39-40)

ترجمو: جن سان ڪافر جنگ ڪن ٿا تن کي (جنگ ڪرڻ جي) اجازت ڏني وئي آهي هن ڪري تہ مٿن ظلم ڪيو ويو آهي ۽ بيشڪ الله کين مدد ڏيڻ تي قدرت رکندڙ آهي(39) جن کي سندن گهرن مان رڳو هن ڪري ناحق ڪڍيو ويو هو جو هو چون پيا تہ اسان جو پاليندڙ الله آهي ۽ جيڪڏهن الله جو ماڻهن کي هڪڙن سان ٻين کي دفع ڪرڻ نہ هجي ها تہ (عيسائين جون) خانقاهون ۽ گرجا ۽ (يهودين جون) عبادت گاهون ۽ مسجدون جن ۾ الله جو نالو گهڻو ياد ڪيو وڃي ٿو. ڊاٿيون وڃن ها ۽ جيڪي الله جي (دين جي) مدد ڪندا تن جي الله ضرور مدد ڪندو. بيشڪ الله طاقت وارو زبردست آهي. (40)

| لفظ ۽ انهن جي معنيٰ | | |
|---|---|---|
| اُذِنَ: اجازت ڏني وئي | اُخْرِجُوْا: اهي ڪڍيا ويا | دِيَارِ: گهر |
| دَفْعُ: روڪڻ | هُدِّمَتْ: ڊاٺو ويو | صَوَامِعُ: خانقاهون |
| بِيَعٌ: ڪليسائون | صَلَوٰتٌ: عبادتگاهون | نَصْرٍ: مدد |

تشريح: هنن آيتن ۾ جهاد جي اجازت، مسلمانن جي مدد جو وعدو، انهن جي همٿ افزائي ۽ قتال جي حڪمت جو بيان ڪيو ويو آهي. حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي مڪي مڪرمه ۾ نبوت جي اعلان کان وٺي مديني جي طرف هجرت تائين جا تيرهن سال مسلمانن ۽ خود حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي لاءِ نهايت صبر، آزمائش ۽ مشڪلات وارا هئا. جتي تڪليفن ۽ سختين جي رد عمل جي بجاءِ صبر جو حڪم هيو ۽ ڪنهن بہ قسم جي جوابي ڪارروائي کان روڪيو ويندو هئو. پر هجرت کان پوءِ مدينہ منوره ۾ اسلامي مملڪت جي قيام جي فوراً بعد مسلمانن کي پهرين هجري ۾ ئي پنهنجي دفاع جي لاءِ ڪافرن سان مقابلي، مظلوميت جي خاتمي، اسلام جي ٻين دينن تي غلبي ۽ اعلاء ڪلمة الله جي لاءِ جهاد ڪرڻ جي اجازت ملي وئي. جنهن جو ذڪر سورة الحج جي آيت نمبر 38 ۾ آهي، ان ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ اسلام جي دشمن ظالم ماڻهن جي مقابلي ۾ الله تعالىٰ مؤمنن جو دفاع ڪندو. مظلوم مسلمانن کي جهاد ڪرڻ جي اجازت ڏني وڃي ٿي، جن کي زيادتي جو نشانو بڻائي صرف ان لاءِ گهرن کان بي گهر ڪيو ويو جو اهي هڪڙي معبود کي مڃڻ وارا آهن. انهن کي جهاد جي اجازت هن لاءِ ڏني وئي جيئن ماڻهن جي جان، مال، عزت و ناموس، دين ۽ عبادت گاهن جي تقدس کي فسادي ماڻهن جي شر کان محفوظ رکيو وڃي ۽ مظلوم ماڻهن جي مدد ۽ داد رسي ڪري

سگهجي.

هنن آيتن ۾ جهاد جي حڪمت عملي بيان ڪئي وئي آهي. تہ جيترا بہ نبي سڳورا هن دنيا ۾ آيا انهن پنهنجي امتن کي صرف اڪيلي الله تعاليٰ جي بندگي جي تعليم ڏني ۽ دين کي قائم ڪرڻ لاءِ وڏيون ڪوششون ڪيون ۽ ان لاءِ عبادتگاهون ناهيون. مثلاً: عيسائيت ۾ خانقاهون/ صومعہ، ڪليسا/ بيعہ. يهودي مذهب جي عبادت جون جايون صلوات ۽ اسلام ۾ مسجدون ناهيون ويون. جيڪي ماڻهو انهن آسماني مذهبن جا مخالف هئا. اهي انهن جي عبادتگاهن جي ڊاهڻ جي چڪر ۾ هئا، ان لاءِ جهاد جي ذريعي انهن جو دفاع ڪيو وڃي. پوءِ مظلومن جي داد رسي ڪرڻ، فسادي ۽ ناشڪرن ۽ وعدو ڀڃندڙ ماڻهن کي سزا ڏيڻ، دنيا ۾ امن ۽ سڪون آڻڻ ۽ الله پاڪ جي ڪلمي جي بلندي لاءِ ڪوشش ڪرڻ بہ جهاد جي حڪمتن ۾ شامل آهن.

ان جي ڪري اسان کي گهرجي تہ اعلاء ڪلمة الله، امن امان قائم ڪرڻ ۽ مظلومن جي مدد جي لاءِ تيار رهون. جيئن دنيا ۽ آخرت جي ڀلائي حاصل ڪريون.

**آيت نمبر 20:** اَلَّذِیْنَ اِنْ مَّكَّنّٰهُمْ فِی الْاَرْضِ اَقَامُوا الصَّلٰوةَ وَ اٰتَوُا الزَّكٰوةَ وَ اَمَرُوْا بِالْمَعْرُوْفِ وَ نَهَوْا عَنِ الْمُنْكَرِ ؕ وَ لِلّٰهِ عَاقِبَةُ الْاُمُوْرِ ﴿۴۱﴾ (سورة الحج، آيت: 41)

**ترجمو:** جن کي جيڪڏهن زمين ۾ طاقت ڏينداسون تہ نماز قائم ڪندا ۽ زڪوات ڏيندا ۽ چڱي ڪم جو حڪم ڪندا ۽ بڇڙي ڪم کان روڪيندا ۽ سڀني ڪمن جي پڇاڙي الله جي اختيار ۾ آهي.

| لفظ ۽ انهن جي معنيٰ | | |
|---|---|---|
| مَّكَّنّٰا: اسان جڳهہ ڏني | اَقَامُوا: قائم ڪندا | الْمَعْرُوْفِ: نيڪ ڪم |
| الْمُنْكَرِ: برا ڪم | عَاقِبَةُ: انجام | الْاُمُوْرِ: معاملات |

تشريح: هن آيت ۾ مومنن جي فضيلت، انهن جي اقتدار جي پيشنگوئي، اسلامي رياست جي ذميواري ۽ دين جي مددگارن جي خوبين جو ذڪر آهي. جيڪڏهن انهن کي حڪومت ملي ته ايمان، عمل صالح، عبادت گذاري، شرڪ کان پرهيز، دين جي غلبي لاءِ ڪوشش ۽ خوف ۽ خطره ۾ ثابت قدم رهن. نماز ۽ زڪواة جي پڻ پابندي ڪن. پنهنجا سڀ اختيار نيڪي کي ڦهلائڻ ۽ برائي کي ختم ڪرڻ ۾ استعمال ڪن.

مدينہ منوره ڏانهن هجرت کان پوءِ پهرين اسلامي رياست جو قيام عمل ۾ آيو. جنهن لاءِ ميثاق مدينہ جي نالي سان پهريون آئين ۽ دستور ناهيو ويو. ان جي مطابق حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن ان جا سربراهه ۽ رعيت جي وچ ۾ صلح صفائي ڪرائڻ جا ذميوار قرار ڏنا ويا. اهڙي اعتبار کان رعيت کي امن ۽ سڪون فراهم ڪرڻ، انهن جي تعليم، صحت ۽ معيشت جو انتظام ڪرڻ بہ رياست جي ذميوارين ۾ شامل آهن. تنهن ڪري آيت مذڪوره ۾ انهن ڳالهين تي زور ڏنو ويو آهي تہ جڏهن ايمان وارن کي زمين ۾ حڪومت ۽ اختيار ملي تہ انهن کي هينين ڳالهين تي خاص ڌيان ڏيڻ گهرجي.

نماز قائم ڪرڻ: نماز دين جو هڪ اهم رڪن ۽ عبادت آهي، جنهن جو مقصد آهي تہ انسان جو تعلق الله تعالىٰ سان مضبوط ٿئي ۽ نفس جي پاڪائي حاصل ٿئي.

زڪواة ادا ڪرڻ: زڪواة جو تعلق براه راست سماج جي معيشت سان آهي. ان لاءِ رياست جي اها بہ ذميواري آهي تہ معيشت جا وسيلا پيدا ڪري ۽ ماڻهن جي ضروريات لاءِ مناسب انتظام ڪري.

امر بالمعروف ۽ نهي عن المنڪر: معروف جي معنىٰ آهي اهڙا نيڪي ۽ ڀلائي وارا ڪم جن کي سڀ ڪو سٺو چوي. منڪر جي معنىٰ آهي هر

قسم جي بدي يا برائي جنهن کي سڀ ڪو ناپسند سمجهي. سماج ۾ سٺن ڪمن ڪرڻ جو رجحان پيدا ڪجي ۽ اهڙن ماڻهن جي حوصلہ افزائي ڪئي وڃي جيڪي سماج جي سڌاري ۽ بهتري جو ڪارڻ هجن. اهڙي طرح جن ماڻهن مان معاشري ۾ فساد ۽ بگاڙ جو انديشو آهي تہ اهڙن ماڻهن کي برائي، فسق، گناهہ ۽ وڌائي کان روڪجي ۽ انهن جي لاءِ سزائون ۽ قانون نافذ ڪيا وڃن تہ جيئن معاشري ۾ امن ۽ سڪون قائم ٿئي.

| | |
|---|---|
| **سرگرمي** | ”اسلامي رياست جون ذميواريون“ تي بحث مباحثي ڪرڻ کان پوءِ اهم نڪتا شاگردن کان لکرايو. |

## مشق

**(الف) هيٺين سوالن جا جواب لکو:**

1. هيٺين آيتن مان ڪن بہ ٻن جو ترجمو تحرير ڪريو.

- هُوَ الَّذِیۡۤ اَرۡسَلَ رَسُوۡلَهٗ بِالۡهُدٰی وَ دِیۡنِ الۡحَقِّ لِیُظۡهِرَهٗ عَلَی الدِّیۡنِ كُلِّهٖ ۙ وَ لَوۡ كَرِهَ الۡمُشۡرِكُوۡنَ۔
- اُذِنَ لِلَّذِیۡنَ یُقٰتَلُوۡنَ بِاَنَّهُمۡ ظُلِمُوۡا ؕ وَ اِنَّ اللّٰهَ عَلٰی نَصۡرِهِمۡ لَقَدِیۡرُ۔
- اَلَّذِیۡنَ اِنۡ مَّكَّنّٰهُمۡ فِی الۡاَرۡضِ اَقَامُوا الصَّلٰوةَ وَ اٰتَوُا الزَّكٰوةَ وَ اَمَرُوۡا بِالۡمَعۡرُوۡفِ وَ نَهَوۡا عَنِ الۡمُنۡكَرِ ؕ وَ لِلّٰهِ عَاقِبَةُ الۡاُمُوۡرِ۔

2. سورة الحج جي آيت 41 جي روشنيءَ ۾ اسلامي سلطنت جو مقصد ۽ خوبيون لکو.

3. سورة التوبة جي آيت 24 جي روشني ۾ هڪ سچي مؤمن کي سڀ کان وڌيڪ محبت الله تعالىٰ ۽ ان جي رسول (حضرت مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللهِ خَاتَمُ النَّبِيِّيْنَ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ) سان ڪرڻ گهرجي. وضاحت ڪريو.
4. اقتدار ملڻ کان پوءِ مسلمان حڪمرانن جا فرض ڪهڙا هوندا؟ وضاحت ڪريو.

(ب) هيٺين لفظن جي معنىٰ لکو:

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| اقْتَرَفْتُمُ | كُرِهَ | صَوَامِعُ | بِيَعٌ | مَّكَّنَّا |

(ج) هيٺين سوالن جا مختصر جواب لکو:

1. الله ۽ حضرت مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللهِ خَاتَمُ النَّبِيِّيْنَ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ سان محبت جو معيار ڪهڙو هجڻ گهرجي؟
2. قرآن مجيد ۾ اِذْن قِتال جي ڪهڙي حڪمت ٻڌائي وئي آهي؟
3. مڪي دؤر ۾ مسلمانن جي حالت ڪهڙي هئي؟
4. امر بالمعروف ۽ نهي عن النمڪر مان ڇا مراد آهي؟
5. الله تعالىٰ وٽان مدد ملڻ جون چند صورتون لکو؟

(د) هيٺين سوالن جي صحيح جوابن تي (✓) جو نشان لڳايو:

1. بِيَعُ عبادت گاهه آهي:

(الف) هندن جي (ب) عيسائين جي
(ج) سکن جي (د) يهودين جي

2. مسلمانن جي مڪه مڪرمه کان مديني منوره ڏانهن هجرت ڪرڻ جو سبب هئو:

(الف) بيروزگاري (ب) ڏڪار
(ج) سخت گرم موسم (د) ڪفار مديـنہ جا ظلم

3. مسلمانن کي جهاد جي اجازت ڏني وئي:

(الف) مجبوريءَ جي حالت ۾ (ب) خوشيءَ جي حالت ۾

(ج) پريشانيءَ جي حالت ۾ (د) غصي جي حالت ۾

4. مسلمانن تي ڪافرن جي ظلم جو سبب هيو:

(الف) قومي دشمني (ب) خانداني دشمني

(ج) سياسي دشمني (د) مذهبي دشمني

5. اقامت صلواة، ايتاءُ الزڪواة ۽ امر بالمعروف و نهي عن المنڪر جي نافذ ڪرڻ جي ذميواري آهي:

(الف) عالمن جي (ب) حڪمرانن جي

(ج) مجاهدن جي (د) استادن جي

# (الف) حديث و سنت جو تعارف ۽ ان جا عملي زندگي تي اثرات

## سکيا جي حاصلات

* حديث و سنت جو مفهوم ۽ ان جي اهميت بيان ڪري سگهندا.
* حديث ۽ سنت جا عملي زندگي تي اثرات بيان ڪري سگهندا.

**حديث:** لفظ "حديث" جي لغوي معنىٰ آهي خبر، ڳالهه ۽ نئين شيءِ. اصطلاح ۾ سيدنا حضرت مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللهِ خَاتَمُ النَّبِيِّيْنَ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي قول (ڳالهه) فعل (ڪم) ۽ تقرير (برقرار رکڻ) کي حديث چئبو آهي. اهڙي طرح حديث کي "خبر" ۽ "سنت" به چئبو آهي. جڏهن ته حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ کان اسان تائين جن ماڻهن اهي حديثون بيان ڪيون آهن انهن کي "راوي" ۽ راوين جي سلسلي کي "سند حديث" چئبو آهي ۽ حديث جي عبارت کي "متن" چئبو آهي.

**حديث جا قسم:** حديث جا چار قسم آهن. (1) حديث قولي (2) حديث فعلي (3) حديث تقريري (4) حديث قدسي.

**حديث قولي:** حديث قولي جو مطلب آهي اها حديث جنهن ۾ حضرت مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللهِ خَاتَمُ النَّبِيِّيْنَ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي ڪنهن ڳالهه يا فرمان کي بيان ڪيو وڃي جيڪو حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن پنهنجي زبان مبارڪ مان فرمايو هجي. جيئن قَالَ النَّبِيُّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ اَفْشُوا السَّلَامَ ترجمو: سلام کي عام ڪريو.
(سنن ترمذي حديث: 1854)

**حديث فعلي:** حديث فعلي جو مطلب آهي اها حديث جنهن ۾ حضرت مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللهِ خَاتَمُ النَّبِيِّيْنَ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي ڪنهن اختيار ڪيل عمل ۽ طريقي ڪي بيان ڪيو ويو هجي ته حضور پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن هيئن ڪيو. جيئن حضرت انس رضي الله فرمائي ٿو ته: حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن ٻڪري جو ڪير ڏُهي پيئڻ فرمايو، پوءِ پاڻيءَ سان ڪرڙي ڪيائون.
(سنن ابن ماجه، حديث: 99)

**حديث تقريري:** حديث تقريري جو مطلب آهي اها حديث جنهن ۾ ڪنهن صحابيءَ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي موجودگيءَ ۾ ڪو ڪم سرانجام ڏنو هجي. جنهن جو حضور ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن ڪي علم هجي پر پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن ان ڪي ان ڪم ڪان نه روڪيو هجي نه ئي وري ان جي تعريف ڪئي هجي، بلڪ خاموش رهيا هجن يا حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن ان ڪم جي اجازت ڏني هجي يا پنهنجي رضامندي جو اظهار فرمايو هجي. جيئن حضرت انس رضي الله فرمائي ٿو ته منهنجو هڪڙو ننڍڙو ڀاءُ "ابو عمير" هو جنهن بلبل پکي پاليو هو ۽ هو ان سان کيڏندو هو. حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن اڪثر اسان جي گهر ايندا رهندا هئا پر پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن ڪڏهن به ان بلبل پالڻ ۽ ذاري رکڻ کان منع نه فرمايو. (صحيح بخاري: 6129، صحيح مسلم: 2150)

**حديث قدسي:** حديث قدسي جو مطلب آهي اها حديث جنهن جي معنيٰ ۽ مفهوم الله تعاليٰ جي طرفان ۽ لفظ سيدنا حضرت مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللهِ خَاتَمُ النَّبِيِّيْنَ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جا هجن. مثلاً: قَالَ رَسُوْلُ اللهِ صَلَّى

اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ: قَالَ اللهُ : اَنْفِقْ يَا ابْنَ آدَمَ اُنْفِقْ عَلَيْكَ ترجمو: رسول **الله** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: **الله** فرمايو: اي آدم جي اولاد! توهان (منهنجي بندن) تي خرچ ڪندؤ تہ آءُ توهان جي مٿان خرچ ڪندس. (صحيح بخاري: 5352)

**سنت:** "سنت" جي لغوي معنىٰ "طريقو" ۽ "رستو" آهي. اصطلاح ۾ حضور ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي زندگي ۾ اختيار ڪيل طريقي کي "سنت" چئبو آهي. ۽ ان ۾ اهو عمل بہ شامل آهي جنهن کي نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن هر هر ڪيو هجي. سنت کي قرآن ڪريم ۾ "اسوه حسنه" جي نالي سان بيان ڪيو ويو آهي.

**حديث ۽ سنت جي اهميت:** اسلام ۾ جهڙي طرح الله تعالىٰ جي توحيد تي ڪامل يقين رکڻ ضروري آهي اهڙي طرح حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي رسالت تي ايمان آڻڻ بہ اهم آهي. حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن تي ايمان آڻڻ جو مطلب هي آهي تہ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي اسوه حسنه کي سڀ کان بهتر نموني جو عمل سمجهي ڪري الله تعالىٰ جي حڪمن کي پورو ڪيو وڃي. جيئن ارشاد باري تعالىٰ آهي. ترجمو: توهان جي لاءِ پيغمبر جي ذات ۾ بهترين نمونو موجود آهي. (سورة الاحزاب: 21) حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي مبارڪ هستي اسان جي لاءِ هر وقت روشن ڏيئو ۽ عمل جو نمونو آهي. اسان جي ڪاميابي تڏهن ممڪن آهي جڏهن اسان پنهنجي سيرت ۽ ڪردار ۽ عمل کي پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي اسوه حسنه جو تابع بڻايون ۽ زندگي جي هر شعبي ۾ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي ٻڌايل طريقي ۽ هدايتن کي اپنايون،

اهي هدايتون حديث ۽ سنت جي صورت ۾ اسان وٽ موجود آهن.

ارشاد باري آهي: وَ مَآ اٰتٰىكُمُ الرَّسُوْلُ فَخُذُوْهُ ۚ وَ مَا نَهٰىكُمْ عَنْهُ فَانْتَهُوْا ۚ

(سورة الحشر:7) ترجمو: ۽ رسول اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن توهان کي جيڪو بہ ڏين اهو وٺو ۽ جنهن شيءِ کان منع فرمائن تہ ان کان رڪجي وڃو.

هن آيت سڳوري ۾ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي سمورن حڪمن ۽ تعليمات کي قبول ڪرڻ ۽ منع ڪيل شين کان رڪجي پوڻ جو امت کي واضح حڪم آهي. هڪ حديث ۾ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو آهي تہ ترجمو: جنهن شخص بہ منهنجي امت جي فساد جي وقت منهنجي ڪنهن بہ هڪ سنت کي مضبوطي سان پڪڙيو. ان لاءِ سؤ شهيدن جو ثواب آهي.
(حِلية الاولياء للاصبهاني، ج8، ص 200)

حديث ۽ سنت جي اسان جي زندگي ۾ ان لاءِ بہ وڏي اهميت آهي جو سنت ۽ حديث ئي حقيقت ۾ قرآن جي حڪمن جي وضاحت ۽ تشريح آهي. ڇو تہ قرآن ڪريم ۾ بيشمار حڪم اهڙا آهن جن جو تعين ۽ شرح نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن کان بغير ناممڪن آهي. مثلاً: نماز جي رڪعتن جو تعداد ۽ رُڪن، سنتون ۽ تسبيحون وغيره. روزي جي حالت ۾ ڪهڙين شين کان بچڻ گهرجي. زڪواة جي نصاب ۽ زڪواة جي مال مان ڇا مراد آهي. حج جا رڪن ڪهڙي طرح ادا ڪرڻ گهرجن؟ انهن سڀني عبادتن کي پنهنجي زندگيءَ ۾ عملي طور تي ڪيئن ادا ڪجي؟ انهن جا جواب صرف ۽ صرف حديث ۽ رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي سنت ۽ سندن پاڪ زندگيءَ مان معلوم ٿي سگهن ٿا.

صحابہ ڪرام رضوان الله عليهم اجمعين حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ

وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي فرمانبرداري ۽ سنت جي تابعداري ۾ سڀ کان وڌيڪ اڳرا هئا. انهن کي اها ڳالهه پسند هئي تہ حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن سفر ۾ هجن يا حضر ۾ ڪٿي ۽ ڪيئن پنهنجو ڪم سرانجام ڏين ٿا. تہ اهي بہ ان ڪم کي ان ئي انداز ۾ ادا ڪن ۽ رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي سنت جي پيروي ڪن.

**حديث ۽ سنت ۾ فرق:** حديث ۽ سنت ذري گهٽ هڪ ئي مفهوم کي ظاهر ڪن ٿيون، صرف هڪ معمولي فرق آهي يعني حديث عام طور تي قول جي لاءِ ۽ سنت، فعل ۽ عمل جي لاءِ استعمال ٿيندي آهي.

**قرآن ۽ سنت جو تعلق:** قرآن مجيد "متن" جي حيثيت رکي ٿو ۽ حديث توڙي سنت "شرح" جي حيثيت رکن ٿيون ۽ حضور ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن قرآن مجيد جا مبلغ، شارح ۽ معلم بڻائي موڪليا ويا آهن. پيغمبر جو صرف اهو ڪم نہ آهي تہ احڪام الاهي ماڻهن کي زباني ٻڌائين بلڪ سندن فرائض ۽ ذميدارين ۾ اها ڳالهہ بہ شامل آهي تہ پاڻ انهن احڪام خداوندي جو مفهوم، فائدا ۽ حڪمتون بيان ڪندي انهن جي عملي تشريح بہ امت جي سامهون پيش ڪري ڏيکارين ۽ صراط مستقيم تي پاڻ هلي عملي نمونو ماڻهن کي سمجهائين تانتہ ماڻهو احڪام الاهي جي تعميل ۾ ڪنهن بہ قسم جي ڪمي يا ڪوتاهي کان بچي سگهن.

**حديث ۽ سنت جا عملي زندگيءَ تي اثر:** سنت تي عمل ڪرڻ سان انساني زندگيءَ مٿان حضرت مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ خَاتَمُ النَّبِيِّيْنَ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي سنت جا نهايت اهم اثر مرتب ٿين ٿا، جيڪي سنت نبوي جا اهم نتيجا شمار ٿيندا. ان جون ڪجھ ڳالهيون هيٺ ذڪر ڪجن ٿيون:

- انسان پنهنجي ضرورتن ۽ ڪمن کي پوري ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪندو آهي. پر جيڪڏهن انهن ڪمن ۾ سنت نبوي جو اهتمام هوندو ته اهي ڪم عمل ۽ عبادت شمار ٿيندا. مثلاً: کائڻ ۽ پيئڻ اسان جي ضرورت آهي. پر جيڪڏهن سنت جي نيت سان باادب ٿي دسترخوان تي گڏ ويهي، گڏيل کاڌي جو اهتمام ڪيو وڃي ته اهو کائڻ به عبادت آهي.
- سنت نبوي جي اهتمام سان انساني صحت ۽ ماحول جي بهتري جو سامان ميسر ٿيندو. جو ته سنت نبوي حلال ۽ پسنديده شين جي استعمال ڪرڻ ۽ پاڪائي ۽ صفائي جو درس ڏئي ٿي، جنهن سان سمورين بيمارين جو دروازو بند ٿئي ٿو.
- سنت نبوي جي پيروي اختلافن کي ختم ڪندي اتحاد ۽ ٻڌي پيدا ڪري ٿي. سيني ماڻهن کي عملي زندگي گذارڻ جو گڏيل ۽ عام دستور ملڻ سان انهن ۾ نااتفاقي جو رجحان ڪمزور ٿي وڃي ٿو.
- سنت نبوي جي پيروي سان باطل ۽ شيطاني طور طريقن جي رستا روڪ ٿئي ٿي. حق ۽ نيڪيءَ جي ماحول کي جيئدان ملي ٿو، جنهن سان سمورين سماجي ۽ اخلاقي برائين جو در بند ٿئي ٿو.
- ڪيترن ئي مسئلن ۾ سائنس به سنت جي تائيد ڪئي آهي، ڪٿي جو سنت کي سائنس جي تائيد جي ضرورت ناهي.

**شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ سرگرمي**

- اسان جي موجوده ماحول ۾ سنت نبوي جا اسان جي عملي زندگي ۾ ڪهڙا اثر مرتب ٿين ٿا؟ استاد جي نگراني ۾ نڪتا لکرايو.
- حديث قولي، فعلي، تقريري ۽ قدسيءَ جون تعريفون مثالن سان گڏ چارٽ تي لکي ڪلاس ۾ لڳايو.

## مشق

### (الف) هيٺين سوالن جا تفصيلي جواب لکو:

1. حديث ۽ سنت تي مضمون لکو.
2. حديث جي قسمن تي نوٽ لکو.
3. اسان جي زندگي تي سنت جي مرتب ٿيندڙ اثرن تي نوٽ لکو.

### (ب) هيٺين سوالن جا مختصر جواب لکو:

1. سنت مان ڇا مراد آهي؟ قرآن ڪريم جي روشني ۾ لکو؟
2. حديث جي لغوي ۽ اصطلاحي معنيٰ لکو؟
3. سنت جي لغوي ۽ اصطلاحي معنيٰ لکو؟
4. اسوه حسنه ڪهڙي زبان جو لفظ آهي ۽ ان جي لغوي معنيٰ ڇا آهي؟
5. حديث جو متن ڇا کي چئبو آهي؟
6. حديث جي سَنَدَ ڇا کي چئبو آهي؟
7. ”راوي“ مان ڇا مراد آهي؟ وضاحت ڪريو.
8. حديث ”جنهن منهنجي سنت کي زنده ڪيو، ان کي سؤ شهيدن جو ثواب ملندو.“ وضاحت ڪريو.

(ج) هيٺين سوالن جي صحيح جوابن تي (✓) جو نشان لڳايو:

1. سنت جي لغوي معنیٰ آهي:

| | | | |
|---|---|---|---|
| (الف) | ڳالهه ٻولهه | (ب) | قانون |
| (ج) | رسم و رواج | (د) | طريقو |

2. ڳالهه الله سائين جي ۽ لفظ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جا هجن ته ان کي حديث چئبو آهي:

| | | | |
|---|---|---|---|
| (الف) | تقريري | (ب) | فعلي |
| (ج) | قولي | (د) | قدسي |

3. حديث جي مفهوم کي ظاهر ڪري ٿو لفظ:

| | | | |
|---|---|---|---|
| (الف) | سنت | (ب) | عقل |
| (ج) | قياس | (د) | اجماع |

**استادن لاءِ هدايتون**

استادن کي گهرجي ته اهي شاگردن ۽ شاگرديائڻين ۾ سنت نبوي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ ۽ جديد سائنس جي عنوان تي ڪلاس ۾ تقريري مقابلو ڪرائڻ.

## (ب) چوندڊ حديثن جو ترجمو ۽ تشريح
## حديث 1 کان 5

**حديث (1):** خَيْرُكُمْ مَّنْ تَعَلَّمَ الْقُرْآنَ وَعَلَّمَهٗ۔ (صحيح البخاري، حديث:5027)

**ترجمو:** توهان مان ڀلو ماڻهو اهو آهي جيڪو قرآن ڪريم سکي ۽ ٻين کي سيکاري.

**تشريح:** هن حديث ۾ قرآن مجيد جي پڙهڻ ۽ پڙهائڻ وارن (استادن ۽ شاگردن) جي فضيلت بيان ڪئي وئي آهي. قرآن ڪريم الله تعالىٰ جو آخري مقدس ڪتاب آهي، جيڪو حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن تي نازل ٿيو، جيڪو انسانن لاءِ قيامت تائين زندگي جو قانون آهي. ۽ هي اهو مبارڪ ڪتاب آهي جنهن جي حفاظت جو ذمو خود الله تعالىٰ ڪنيو آهي. جهڙي طرح سڄي دنيا ۾ الله سائين بلند ۽ برتر آهي، اهڙي طرح سندس ڪلام قرآن ڪريم به اعلىٰ ۽ اتم آهي. هن ۾ اسان جي نفعي، نقصان ۽ ڪاميابيءَ جون سڀ ڳالهيون لکيل آهن. تنهن ڪري اسان کي گهرجي ته اسان قرآن ڪريم کي دل جي خلوص سان پڙهون، گڏوگڏ سمجهه، تدبر ۽ غور و فڪر به هجي، ٻين کي قرآن ڪريم جي تعليم ڏيون. ان جي دعوت کي ماڻهن تائين پهچايون. ۽ ان تي عمل ڪريون ان جي مطابق عمل ڪرڻ ۾ ٻنهي جهانن جي ڪاميابي آهي.

**حديث (2):** اَفۡضَلُ الذِّكۡرِ لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَ اَفۡضَلُ الدُّعَاءِ اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ۔

(سنن ترمذي، حديث:3383)

**ترجمو:** سڀ کان بهترين ذڪر لا اله الاالله آهي ۽ سڀ کان بهتر دعا الحمد لله چوڻ آهي.

**تشريح:** هن حديث ۾ ذڪر ۽ دعا جي اهميت ۽ فضيلت بيان ڪئي وئي آهي. ”ذڪر الله“ پنهنجي وسيع معنىٰ جي لحاظ سان نماز، قرآن جي تلاوت، دعا ۽ استغفار سيني تي شامل آهي. پر عام طور تي ۽ اصطلاح ۾ الله سائين جي تسبيح ۽ تقديس، هيڪڙائي ۽ پاڪائي، ان جي عظمت ۽ وڏائي ۽ ان جي ڪامل صفتن جي بيان ڪرڻ کي ”ذڪر الله“ چئبو آهي. ”دعا“ ڪنهن ڪمزور جو پاڻ کان برتر يا اعلىٰ کان گهرڻ کي ۽ گهرڻ وقت عاجزي جي ظاهر ڪرڻ کي دعا چئبو آهي. دعا مان مراد هي آهي تہ الله تعالىٰ کي قادر مطلق مڃيندي ان جي بارگاهہ ۾ التجا ڪرڻ ۽ درخواست پيش ڪرڻ، دعا مقصد کي حاصل ڪرڻ جو هڪ وسيلو آهي. يعني بانهو جهڙي طرح پنهنجي ضرورتن ۽ حاجتن جي لاءِ ٻيون محنتون ۽ ڪوششون ڪندو آهي، اهڙي طرح جي هڪ ڪوشش دعا بہ آهي.

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ جو ڪلمو صرف هڪڙي الله تعالىٰ کي معبود مڃڻ جي تلقين ڪري ٿو، ان جي ڪري ان کي ”ڪلمو توحيد ۽ ڪلمہ ايمان“ چئبو آهي. سيني ذڪرن ۾ لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ کي افضل ذڪر ان لاءِ چيو ويو آهي جو هي ڪلمو سيني ڪامل صفتن جو مجموعو ۽ عظمت ۽ وڏائي ۾ برتر آهي. اندر کي پاڪ ڪرڻ، دل کي هر طرف کان موڙي الله تعالىٰ سان ڳنڍڻ ۾ سڀ کان وڌيڪ اثر وارو آهي ۽ پڻ ان کي يقين ۽ سچائي سان مڃڻ جي ڪري انسان اسلام ۾ داخل ٿي ويندو آهي. ۽ جنت ۾ داخل ٿيڻ جو حقدار بڻجي ويندو آهي. ”اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ“ جيتوڻيڪ هڪ ذڪر آهي، پر حقيقت ۾ هيءُ هڪ دعا بہ آهي. جو تہ الحمدلله جي برڪت ۽

اٺر سان نيڪين ۾ اضافو ٿئي ٿو ۽ گناهہ مٽجي وڃن ٿا. جيئن تہ ذڪر ۽ دعا الله تعالىٰ جي قربت حاصل ڪرڻ جو ذريعو آهن. تنهن ڪري اسان کي گهرجي تہ پنهنجي روزمره جي زندگي ۾ ذڪر ۽ دعا جي عمل کي غالب ۽ نمايان ڪريون جيئن الله تعالىٰ جو خصوصي قرب حاصل ڪري سگهون.

**حديث(3):** مَنْ اَحَبَّ لِلّٰهِ وَاَبْغَضَ لِلّٰهِ وَاَعْطٰی لِلّٰهِ وَمَنَعَ لِلّٰهِ فَقَدِ اسْتَكْمَلَ الْاِيْمَانَ۔

(سنن ابي داؤد، حديث:4681)

**ترجمو:** جنهن شخص الله خاطر محبت ڪئي ۽ الله خاطر ئي بغض رکيو ۽ الله خاطر ڏنو ۽ الله خاطر روڪيو پوءِ بيشڪ ان جو ايمان مڪمل ٿي چڪو.

**تشريح:** هن حديث مبارڪ ۾ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ مؤمن ڀانهي لاءِ اهڙا چار اصول ٻڌايا آهن جيڪي تڪميل ايمان جو ذريعو آهن. محبت ڪرڻ ۽ بغض رکڻ ٻئي فطري عمل آهن. پر ٻنهي جو تعلق دل سان هوندو آهي. اهڙي طرح ماڻهن کي مالي فائدو ڏيڻ ۽ ڪجهہ ڏيڻ يا محروم ڪرڻ ظاهري عضون جي ذريعي سان ٿيندو آهي جيڪو انسان جو ظاهر هوندو آهي. ان جي ڪري حديث شريف ۾ هي ٻڌايو ويو آهي تہ ماڻهو ڪامل مؤمن ان وقت بڻبو آهي جڏهن ان جا باطني ۽ ظاهري عمل خالص الله تعالىٰ جي رضا لاءِ هجن. انهن ۾ ڏيکاءُ جي بوءِ نہ هجي ۽ دل خود غرضي کان بلڪل پاڪ هجي. خاص طور تي محبت، دشمني ۽ الله جي رستي ۾ خرچ ۾ الله تعالىٰ جي مرضي ۽ رضا جو لحاظ رکڻ ضروري آهي. اها ئي ڪامل ايمان جي نشاني آهي.

حديث (4): اَوۡلَى النَّاسِ بِيۡ يَوۡمَ الۡقِيَامَةِ اَكۡثَرُهُمۡ عَلَيَّ صَلَاةً۔

(سنن ترمذي، حديث:484)

ترجمو: قيامت جي ڏينهن ماڻهن مان مون کي سڀ کان وڌيڪ قريب اهو ماڻهو هوندو جيڪو مون تي سڀ کان گهڻو درود شريف موڪليندڙ هوندو.

تشريح: هن حديث ۾ درود شريف جي فضيلت بيان ڪئي وئي آهي. حضور اکرم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جو پاڪ وجود اسان سيني انسانن جي لاءِ برڪت ۽ سعادت جو ذريعو آهي. پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي واسطي سان ئي اسان کي اسلام جي سڃاڻ ملي. درود شريف ۽ سلام اصل ۾ هڪ تحفو آهي جيڪو مسلمان پنهنجي رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي خدمت ۾ موڪليندو آهي ۽ درود شريف الله تعالىٰ جي بارگاهه ۾ پيش ڪئي ويندڙ اعلىٰ درجي واري اها دعا آهي جيڪا حضور اکرم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي پاڪ ذات سان پنهنجي ايماني تعلق ۽ محبت جي اظهار لاءِ سندن حق ۾ ڪئي ويندي آهي. تنهن ڪري اسان جي مٿان لازم آهي ته اسان پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي سيرت ۽ سنت تي عمل ڪريون. ۽ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي ٻڌايل تعليمات تي عمل ڪريون ۽ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي بارگاهه ۾ عقيدت ۽ محبت، وفاداري ۽ نيازمندي جو نذرانو پيش ڪريون. ۽ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي لاءِ ڪثرت سان درود شريف پڙهڻ جو اهتمام ڪريون جيئن اسان کي حضور اکرم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ

جن جو روحاني قرب حاصل ٿئي ۽ حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي شفاعت جا بہ حقدار ٿيون.

| سرگرمي | درود شريف جي فضيلتن تي تقرير ڪرايون. |
| --- | --- |

**حديث (5):** لَايُؤۡمِنُ اَحَدُكُمۡ حَتّٰى اَكُوۡنَ اَحَبَّ اِلَيۡهِ مِنۡ وَّالِدِهٖ وَوَلَدِهٖ وَالنَّاسِ اَجۡمَعِيۡنَ۔ (صحيح البخاري، حديث:15)

**ترجمو:** توهان منجهان ڪنهن جو بہ ايمان ان وقت تائين ڪامل ناهي، جيستائين مان ان جي نظر ۾ ان جي پيءُ، ان جي اولاد ۽ سڀني ماڻهن کان پيارو ۽ محبوب هجان.

**تشريح:** هن حديث مبارڪ ۾ حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن سان محبت کي ايمان جي نشاني ٻڌايو ويو آهي. حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن سان محبت ڪرڻ ۾ سڀني قسمن جون محبتون جيڪي ماءُ، پيءُ ۽ زال، ٻارن جي محبت جهڙيون هونديون آهن. يا ٻيون محبتون جيڪي طبعي سببن يا نفسياتي سببن جي ڪري هونديون آهن سڀ شامل آهن يعني حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن سان اختياري محبت رکي جيستائين ٻانهو پنهنجي خواهشن، پنهنجي مرضي، پنهنجي مال، اولاد ۽ پنهنجي جان بہ الله تعالىٰ ۽ پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي حڪمن تي قربان نہ ٿو ڪري، تيستائين اهو ڪامل ايمان وارو نہ آهي. ان ڳالهہ جي تائيد پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي هڪ ٻي حديث سان بہ ٿئي ٿي. جنهن ۾ پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو آهي ”توهان مان ڪو بہ ڪامل مؤمن نہ ٿو ٿي

سگهي جيستائين ان جي خواهش هن شريعت جي تابع نہ ٿي ٿئي. جنهن کي مون آندو آهي.”

(شرح السنة للبغوي، ج1، ص 212، 213)

## مشق

**(الف) هيٺين سوالن جا تفصيلي جواب لکو:**

1. هيٺين حديثن جو ترجمو لکو.

- خَيْرُكُمْ مَّنْ تَعَلَّمَ الْقُرْآنَ وَعَلَّمَهٗ۔
- اَوْلَى النَّاسِ بِيْ يَوْمَ الْقِيَامَةِ اَكْثَرُهُمْ عَلَيَّ صَلَاةً۔

2. لَا يُؤْمِنُ اَحَدُكُمْ حَتّٰى اَكُوْنَ اَحَبَّ اِلَيْهِ مِنْ وَّالِدِهٖ وَ وَلَدِهٖ وَالنَّاسِ اَجْمَعِيْنَ۔ جي تشريح ڪيو.

**(ب) هيٺين سوالن جا مختصر جواب لکو:**

1. ذڪر الله مان ڇا مراد آهي؟ لکو.
2. تڪميل ايمان جا چار اصول بيان ڪريو.
3. لاالٰہ الااللّٰہ کي افضل ذڪر ڇو چيو ويو آهي؟
4. دعا مان ڇا مراد آهي؟

**(د) هيٺين سوالن جي صحيح جوابن تي (✓) جو نشان لڳايو:**

1. حديث ۾ افضل ذڪر ڇيو ويو آهي:

(الف) حمد (ب) ذڪر (ج) دعا (د) صلوٰة

2. الله تعالىٰ جي بارگاهہ ۾ التجا ڪرڻ کي سڏجي ٿو:

(الف) حمد (ب) ذڪر (ج) دعا (د) صلوٰة

3. اطمينان قلب (دل جي اطمينان) جو سبب آهي:

(الف) شڪر (ب) صبر (ج) ذڪر (د) سخا

## (ب) 2- چوندڊ حديثن جو ترجمو ۽ تشريح: حديث 6 کان 10

**حديث (6):** طَلَبُ الْعِلْمِ فَرِيْضَةٌ عَلٰى كُلِّ مُسْلِمٍ۔ (سنن ابن ماجہ، حديث 224)

**ترجمو:** علم حاصل ڪرڻ هر مسلمان تي فرض آهي.

**تشريح:** هن حديث ۾ علم جي اهميت ۽ فضيلت ٻڌائي وئي آهي. موجود دؤر ۾ هر قسم جي معلومات ڄاڻڻ ۽ هر طرح جي علمن ۽ فنن جي باري ۾ مهارت رکڻ کي علم سان تعبير ڪيو وڃي ٿو. البتہ اسلام جي شروعاتي دور ۾ ”علم“ مان خاص طور تي قرآن ۽ حديث جو علم مراد ورتو ويندو هيو. جنهن جي ذريعي پنهنجي خالق ۽ مالڪ جو قرب حاصل ٿي سگهي ۽ هر سٺي ۽ بري جي سڃاڻپ ٿي سگهي جيئن عمل صالح ڪري سگهجن ۽ گناهن کان بچي سگهجي.

علم جون ٻہ حيثيتون آهن:

1. **فرض عين:** هر انسان چاهي مرد هجي يا عورت ان کي ايترو علم سکڻ لازم آهي جنهن جي ذريعي اهو عقيدي جي ضروري ڳالهين، حلال ۽ حرام، پاڪ ۽ ناپاڪ، جائز ۽ ناجائز ۽ پنهنجي ذميوارين کي سمجهي.
2. **فرض ڪفايہ:** دين جو مڪمل علم حاصل ڪرڻ ۽ دنياوي علمن ۽ فنن جو حاصل ڪرڻ فرض ڪفايہ آهي. جڏهن تہ هن حديث ۾ انفرادي ۽ اجتماعي طور تي علم کي لازم قرار ڏنو ويو آهي. ان ۾ مردن سان گڏ عورتون بہ شامل آهن جيئن هو آئنده جي نسلن جي تربيت اسلام جي مطابق ڪري سگهن. جيئن اسلام جي مطلوب صالح معاشرو جڙي سگهي.

تنهن ڪري اسان کي علم حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي جيئن ان جي ذريعي فائدي واري شين کي حاصل ڪيون ۽ نقصان وارين شين کان پاسو ڪيون ۽ ٻنهي جهانن جي ڪاميابي حاصل ڪري سگهون.

حديث (7): اَلصَّلَاةُ عِمَادُ الدِّيْنِ۔ (الدرر المنتشره في الاحاديث للسيوطي، 280)
ترجمو: نماز دين جو ٿنڀ آهي.

تشريح: هن حديث شريف ۾ نماز جي فضيلت ۽ اهميت بيان ٿيل آهي. قرآن ڪريم ۾ ”الصلاة“ جو لفظ ”درود شريف“ ۽ ”نماز پڙهڻ“ لاءِ استعمال ٿيو آهي، پر نماز جي معنىٰ ۾ سڀ کان گهڻو آيو آهي. هر عاقل، بالغ ۽ مسلمان مرد يا عورت تي پنج وقت نماز ادا ڪرڻ فرض آهي. نماز جي ذريعي ٻانهي جو تعلق ۽ رابطو الله تعالىٰ سان قائم ٿئي ٿو. نماز جي ذريعي ئي الله تعالىٰ جو قرب، ان جي رحمت ۽ رضا حاصل ٿيندي آهي، جيڪو ماڻهو نماز کي ڇڏي ٿو. ان جو رابطو ۽ تعلق ڪمزور ٿي ويندو آهي. قرآن ڪريم ڪيترين ئي جڳهن تي ان جي اهتمام جو حڪم ڪيو آهي. مثلاً: ترجمو: نماز قائم ڪريو، زڪواة ادا ڪريو. (البقره: 43) حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو ”اسلام جو بنياد پنجن ڳالهين تي آهي:
1. توحيد ۽ رسالت جي شاهدي، 2. نماز قائم ڪرڻ، 3. زڪواة ادا ڪرڻ، 4. روزا رکڻ، 5. بيت الله جو حج ڪرڻ (متفق عليه) . تنهن ڪري اسان کي پنج وقت نماز وڏي اهتمام ۽ خشوع و خضوع سان ادا ڪرڻ گهرجي. جيئن الله تعالىٰ سان اسان جو تعلق ۽ رابطو مضبوط ٿئي ۽ ان جو قرب ۽ رحمت حاصل ڪري سگهجي.

**حديث (8):** مَنْ صَامَ رَمَضَانَ إِيْمَانًا وَّ احْتِسَابًا غُفِرَ لَهٗ مَا تَقَدَّمَ مِنْ ذَنْبِهٖ۔

(صحيح البخاري، حديث:38)

**ترجمو:** جنهن شخص رمضان جا روزا ايمان ۽ ثواب جي نيت سان رکيا (ان جي ڪري ان جا پويان سڀ گناهہ معاف ڪيا ويندا.)

**تشريح:** هن حديث پاڪ ۾ رمضان جا روزا فرض هجڻ، رمضان جي روزن جي اهميت ۽ روزي کي مغفرت جو ذريعو هجڻ بيان ڪيو ويو آهي. رمضان جا روزا رکڻ اسلام جو اهم رڪن آهي. جيڪو سن 2 هجري ۾ فرض ٿيو. رمضان شريف جي مهيني ۾ هر عاقل، بالغ، رهائشي ۽ تندرست ماڻهو تي روزا رکڻ فرض آهن. روزو هڪ وڏي عبادت آهي، جنهن جي ذريعي ماڻهو ۾ تقوىٰ پيدا ٿيندي آهي. حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: روزو دوزخ جي باهہ کان ڍال آهي. (سنن نسائي: 2224) روزي رکڻ سان انسان جي صحت بهتر رهندي آهي ۽ ان سان بين ضرورتمندن جو احساس پڻ پيدا ٿيندو آهي.

| سرگرمي | ”روزي جا فائدا“ شاگردن کان نڪتن جي صورت ۾ لکرايو. |
|---|---|

**حديث (9):** رِبَاطُ يَوْمٍ وَّلَيْلَةٍ خَيْرٌ مِّنْ صِيَامِ شَهْرٍ وَّ قِيَامِهٖ۔

(صحيح مسلم حديث 1913)

**ترجمو:** هڪ ڏينهن يا هڪ رات جهاد ۾ گذارڻ هڪ مهيني جا روزا رکڻ ۽ نفلي عبادت کان بهتر آهي.

**تشريح:** هن حديث شريف ۾ اسلامي رياست جي سرحدن جي حفاظت ڪرڻ جي فضيلت ۽ اهميت بيان ڪئي وئي آهي تہ مورچہ بند ٿي ملڪ جي سرحدن جي حفاظت ۽ نگراني ڪرڻ کي بہ جهاد ۾ شمار ڪيو ويو

آهي. ۽ انهن سيني ڪمن ۾ جيڪو ماڻهو الله تعالیٰ جي خوشنودي حاصل ڪرڻ جي لاءِ سرانجام ڏئي ٿو اهڙن مجاهدن ۽ اسلامي ملڪن جي جانبازن جي لاءِ وڏو ثواب آهي. اهڙي طرح هن حديث ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ مورچہ بند يعني اسلامي مجاهد جيڪڏهن هڪ ڏينهن يا هڪ رات سرحدن جي دفاع ڪن ٿا تہ انهن کي مهيني جيتري روزن ۽ رات جي تهجد جو ثواب ملندو آهي. تنهن ڪري اسان کي گهرجي تہ اعلاء ڪلمة الله جي لاءِ جهاد، وطن ۽ وطن جي سرحدن جي حفاظت جي جذبي سان ڀرپور هجون. جيئن اسلام، ملڪ ۽ وطن ڏي ڪو بہ ميري اک سان نہ ڏسي سگهي ۽ دين جو اعزاز بہ قائم رهي ۽ ان ۾ ئي ٻنهي جهانن جي ڪاميابي آهي.

**حديث (10):** كُلُّكُمْ رَاعٍ وَّ كُلُّكُمْ مَسْئُوْلٌ عَنْ رَّعِيَّتِهٖ۔ (صحيح البخاري، حديث: 892)

**ترجمو:** توهان سڀ نگران آهيو ۽ توهان کان توهان جي (نگراني ۾ فردن) رعيت جي باري ۾ سوال ڪيو ويندو.

**تشريح:** هن حديث ۾ هر ماڻهو کي نگران قرار ڏنو ويو آهي. نگران هر اهو ماڻهو آهي جنهن کي سماجي طور تي يا دنياوي اعتبار سان ڪجهہ معاملن جو ذميوار بڻايو ويو آهي. ۽ ان جي ماتحت رهندڙ فردن کي ان جي رعيت چئبو آهي. نگران جي لازمي فرضن مان هيءُ بہ آهي تہ اهو انهن جي تربيت ۽ اصلاح جو ذميوار آهي يعني انهن مان هر هڪ کي ادب سيکاري ۽ انهن کي سٺي حالت ۾ رکي.

هن حديث ۾ هي بہ ٻڌايو ويو آهي تہ قيامت جي ڏينهن هر هڪ ماڻهو پنهنجي عملن جو حساب ڪتاب تہ ڏيندو ئي پر جيڪڏهن ڪنهن وٽ دنيا ۾ ڪو عهدو يا منصب يا ذميواري هئي تہ ان جي ماتحتن جي باري ۾ بہ ان کان سوال ڪيو ويندو. اهڙي طرح بادشاهہ کان ان جي سڄي قوم جي باري ۾ سوال ڪيو ويندو تہ انهن سان انصاف ڪيئي؟

انهن جا حق پورا ڪيئي؟ انهن جي جان ۽ مال جي حفاظت ڪئي يا نه؟ زال کان گهر جي باري ۾، مڙس کان زال، ٻارن ۽ انهن جي بهتر ڪفالت، تعليم و تربيت جي متعلق سوال ڪيو ويندو پوءِ ان جي جواب جي مطابق ان سان معاملو ڪيو ويندو. ايستائين جو هر انسان کان پنهنجي عضون جي متعلق به پڇيو ويندو ته انهن کي ڪٿي استعمال ڪيئي ته پوءِ انعام جو حقدار ٿيندو يا سزا جو اهڙي طرح سيني ماڻهن کي خبردار ڪيو ويو آهي ته پنهنجي زيردستن ۽ معاشري جي ڪمزور ماڻهن جي حقن کي اهتمام سان سرانجام ڏين ۽ انهن جي حقن کي چنڻ کان پرهيز ڪن.

| سرگرمي | استاد ۽ شاگردن جي ذميوارين کي تفصيل سان گڏيل بحث ڪرڻ کان پوءِ نڪتن جي صورت ۾ شاگردن کان تيار ڪرايو. |
| --- | --- |

## مشق

(الف) هيٺين سوالن جا تفصيلي جواب لکو:

1. هيٺين حديثن مان ڪنهن به هڪ حديث جو ترجمو ۽ تشريح لکو.
   - طَلَبُ الْعِلْمِ فَرِيْضَةٌ عَلٰى كُلِّ مُسْلِمٍ۔
   - اَلصَّلَاةُ عِمَادُ الدِّيْنِ۔
2. كُلُّكُمْ رَاعٍ وَّكُلُّكُمْ مَسْئُوْلٌ عَنْ رَّعِيَّتِهٖ۔ جي تشريح لکو.
3. حديث رباط يوم وليلة جي روشنيءَ ۾ وطن جي سرحدن جي حفاظت جي فضيلت ۽ اهميت بيان ڪريو.

(ب) هيٺين سوالن جا مختصر جواب لکو:

1. علم جون ڪهڙيون حيثيتون آهن؟ لکو.
2. اسلام جو بنياد ڪهڙين ڳالهين تي آهي؟
3. روزي جي فضيلت بابت ڪا هڪ حديث لکو.
4. روزو ڪهڙن ماڻهن تي فرض آهي. بيان ڪريو.

(ج) هيٺين سوالن جي صحيح جوابن تي (✓) جو نشان لڳايو:

1. ”دين جو مڪمل علم حاصل ڪرڻ“ آهي:

(الف) فرض عين (ب) فرض ڪفايہ
(ج) سنت (د) مستحب

2. حديث ۾ ”دين جو ٿنڀ“ چيو ويو آهي:

(الف) روزي کي (ب) زڪواة کي
(ج) حج کي (د) نماز کي

3. حديث ۾ دوزخ جي باهہ کان ”ڍال“ قرار ڏنو ويو آهي:

(الف) نماز کي (ب) زڪواة کي
(ج) روزي کي (د) حج کي

## (ب) 3- چونڊ حديثن جو ترجمو ۽ تشريح
## حديث 11 کان 15

**حديث (11):** أَكْمَلُ الْمُؤْمِنِيْنَ اِيْمَانًا اَحْسَنُهُمْ خُلُقًا- (سنن ابي داؤد، حديث 4682)
**ترجمو:** توهان مان ڪامل ايمان وارا اهي ماڻهو آهن، جن جا اخلاق بين کان ڀلا آهن.

**تشريح:** هن حديث ۾ سنن اخلاقن جي فضيلت ۽ اهميت ٻڌائي وئي آهي. ”سنن اخلاقن“ کي ڪامل ايمان جو شرط ٻڌايو ويو آهي. ايمان ۽ اخلاق جي گهري تعلق کي واضح ڪيو ويو آهي.
**حسن اخلاق:** زندگي گذارڻ ۽ دين جي اصولن ۽ ضابطن جي بجا آوري ڪرڻ ۾ ٻين کي تڪليف ڏيڻ جي بجاءِ انهن سان سنو ورتاءُ ڪرڻ، نوڙت سان پيش اچڻ ۽ انهن جي مالي مدد ڪندي پنهنجون ذميواريون خوشيءَ سان سرانجام ڏيڻ کي ”حسن اخلاق“ چئبو آهي.

حسن اخلاق کي اسلام ۾ وڏي اهميت حاصل آهي. حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو ”توهان مان مون کي وڌيڪ محبوب اهو آهي. جيڪو سنن اخلاقن وارو آهي. (مسند احمد، حديث 6735). ڪڏهن ڪڏهن ماڻهو نفلي عبادتن جي اعتبار سان سست لڳندو آهي پر الله تعالي وٽ ”حسن اخلاق“ جي ڪري مٿاهون مرتبو ماڻي وٺندو آهي.

| سرگرمي | حسن سلوڪ/ اخلاق حسنہ جي فائدن تي گڏيل مذاڪري کان پوءِ شاگردن کان نڪتا لکرايو. |
|---|---|

**حديث (12):** خَيْرُ النَّاسِ اَنْفَعُهُمْ لِلنَّاسِ.

(الجامع الڪبير للسيوطي، حديث:1176)

**ترجمو:** سنو انسان اهو آهي جيڪو انسانن کي گهڻو نفعو پهچائي.

**تشريح:** هن حديث ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ ”ماڻهن جي لاءِ نفعي وارو هجڻ“ انسان جي بهتر هجڻ لاءِ ضروري آهي. انسان جي بهتري جو دارو مدار ماڻهن کي نفعو ڏيڻ تي موقوف آهي. هن حديث ۾ حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن اهڙي ماڻهوءَ کي پسند فرمايو آهي، جيڪو الله تعالىٰ جي سموري مخلوق: انسانن، پکين، جيتن جڻين ۽ هر هڪ کي نفعو پهچائي. انهن کي تڪليف نہ پهچائي بلڪ پنهنجي طرفان حتي الامڪان انهن کي نفعو پهچائي. انهن جي کاڌي پيئڻ ۽ ٻين سهولتن جو انتظام ڪري. هن ذڪر ڪيل حديث ۾ سڀ کان سنو انسان هجڻ جي علامت ٻڌائي وئي آهي تہ ”سڀ کان سنو شخص اهو آهي جيڪو ٻين ماڻهن (چاهي مسلمان هجي يا غير مسلم) جي لاءِ فائدي وارو هجي.“

**سرگرمي**

”ٻين جي لاءِ نفعي مند هجڻ جا نڪتا“ گڏيل بحث ۽ مباحثي کان پوءِ شاگردن کان لکرايو.

**حديث (13):** لَيْسَ مِنَّا مَنْ لَّمْ يَرْحَمْ صَغِيْرَنَا وَلَمْ يُوَقِّرْ كَبِيْرَنَا.

(سنن الترمذي، حديث 1919)

**ترجمو:** اهو شخص اسان منجهان ناهي جيڪو اسان جي ننڍن تي رحم نہ ڪري ۽ اسان جي وڏن جي عزت نہ ڪري.

**تشريح:** هن حديث ۾ بزرگن جي تعظيم ۽ ننڍن تي رحم ڪرڻ جي اهميت بيان ڪئي وئي آهي، اسلام انسان کي بيحد عزت ۽ اڪرام

بخشيو آهي. الله تعالىٰ ارشاد فرمائي ٿو: ترجمو: ۽ اسان بني آدم کي عزت بخشي آهي. (سورة الاسراء:70) سيني مسلمانن کي پاڻ ۾ هڪ ٻئي جو ڀاءُ قرار ڏنو ويو آهي. رشتيدارن، پاڙيسرين، دوستن ۽ مسافرن سان سٺو سلوڪ ڪرڻ جو تاڪيد ڪيو ويو آهي. الله تعالىٰ پڻ مؤمنن کي ٻين ماڻهن سان نيڪي ۽ حسن معاشرت جي اهتمام ڪرڻ جو حڪم ڏئي ٿو، جيئن هڪ پرامن ۽ صالح معاشرو پيدا ٿئي. خاص ڪري ننڍن ٻارن سان محبت ڪرڻ، انهن سان شفقت سان پيش اچڻ، انهن جا حق ادا ڪرڻ،گڏوگڏ پاڻ کان وڏن کي تعظيم ۽ عزت ڏيڻ اخلاقي ذميواري پڻ آهي، تنهن ڪري اسان کي گهرجي تہ روز مره جي زندگي ۾ هڪ ٻئي وقت ٻين ماڻهن سان نيڪي ۽ حسن معاشرت جو مظاهرو ڪندي ٻارن تي رحمت ۽ شفقت ۽ بزرگن جي تعظيم ۽ عزت ڪريون.

**حديث (14):** لَعَنَ رَسُوْلُ اللّٰهِ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ الرَّاشِيَ وَالْمُرْتَشِيَ۔
(سنن ابي داؤد، حديث 3577)

**ترجمو:** رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن رشوت ڏيڻ ۽ رشوت وٺڻ واري تي لعنت ڪئي آهي.

**تشريح:** هن حديث ۾ راشي (رشوت ڏيڻ واري)، مُرتشي (رشوت وٺڻ واري) ۽ رشوت جي مذمت بيان ڪئي وئي آهي ۽ هڪ ٻي حديث شريف ۾ انهن ٻنهي جي درميان ترجماني ڪرڻ واري تي بہ لعنت ڪئي وئي آهي. (مسند احمد، 22399). رشوت مان مراد هر اها رقم يا عوض آهي جنهن جي ذريعي ڪنهن حقدار جو حق مري يا اها شي ۽ رقم ڪنهن ظلم جي عوض ورتي وڃي مثلاً: ناجائز نذرانو وغيره رشوت وٺڻ ۽ ڏيڻ وڏن گناهن مان آهي.

جڏهن رشوت جو رواج ڪنهن قوم ۾ عام ٿي ويندو آهي تہ

اتي عدل ۽ انصاف ۽ مروت ختم ٿي وڃي ٿي ۽ انسانن کي جائز حق ملڻ جي رستي ۾ ظالم ڪامورن جا ناجائز مطالبا رڪاوٽ بڻجي وڃن ٿا يا ڪمائي جي حصول ۾ ڪنهن حقدار جو حق ماريو وڃي ٿو ۽ ماڻهن کي انهن جا حق ۽ رعايتون جائز طريقي سان ملڻ مشڪل ٿي پوندا آهن. ان لاءِ حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن رشوت وٺڻ ۽ ڏيڻ وارن تي لعنت فرمائي آهي. (سنن نسائي: 2631)

| سرگرمي | ”رشوت جا دنيوي نقصان“ جي عنوان تي گڏيل گفتگو ڪان پوءِ شاگردن کا نڪتا لکرايو. |
| --- | --- |

**حديث (15):** اَلْيَدُ الْعُلْيَا خَيْرٌ مِّنَ الْيَدِ السُّفْلٰى- (سنن ابي داؤد، حديث 1645)

**ترجمو:** مٿان وارو هٿ هيٺان واري هٿ کان بهتر آهي.

**تشريح:** هن حديث ۾ في سبيل الله ڏيڻ واري جي فضيلت بيان ڪيل آهي. حديث شريف ۾ ”اَلْيَدُ الْعُلْيَا“ مان مراد ڏيڻ وارو هٿ ۽ ”اَلْيَدُ السُّفْلٰى“ مان مراد وٺڻ وارو هٿ آهي. ضرورتمندن جي ضرورت کي پوري ڪرڻ ۽ الله تعالىٰ جي رضا حاصل ڪرڻ لاءِ جيڪو ڪجهه پانهو خرچ ڪري ٿو ان کي ”صدقه“، ”خيرات“ ۽ ”انفاق في سبيل الله“ چئبو آهي. هيءَ هڪ وڏي عبادت آهي. مٿان وارو هٿ جيڪو ضرورتمندن کي ضرورت واريون شيون مهيا ڪري ٿو، سخا ڪري ٿو، اهو هيٺان واري هٿ کان پلو آهي ۽ ان جو مقام تمام وڏو آهي ان هٿ کان جنهن هٿ جي ذريعي ٻين کان سوال ڪيو وڃي، پنهنجون حاجتون گهريون وڃن، اهو هيٺيون هٿ ذلت جو سبب آهي. تنهن ڪري اسان کي گهرجي ته اسان جيترو ٿي سگهي سخاوت ڪرڻ وارن، ٻين کي ڏيڻ وارن ۽ ٻين جي ڪم اچڻ وارا بڻجون. گداگر، ٻين ماڻهن جي سامهون هٿ ڦهلائڻ وارا سوالي نه بڻجون جيڪا هڪ ڪريل ڳالهه آهي. ڪنهن تي بار

ٻڌجي زندگي نہ گذارجي ۽ اهڙن ڪمن کان بچجي. جيئن ٻنهي جهانن جي ڪاميابي حاصل ڪري سگهجي.

## مشق

**(الف) هيٺين سوالن جا تفصيلي جواب لکو:**

1. هيٺين حديثن مان ڪن بہ ٻن جو ترجمو ۽ تشريح ڪريو.
- اَكْمَلُ الْمُؤْمِنِيْنَ اِيْمَانًا اَحْسَنُهُمْ خُلُقًا۔
- خَيْرُالنَّاسِ اَنْفَعُهُمْ لِلنَّاسِ۔
- اَلْيَدُ الْعُلْيَا خَيْرٌ مِّنَ الْيَدِ السُّفْلٰى۔

2. ”رشوت“ جي نقصانن تي تفصيلي نوٽ لکو.

**(ب) هيٺين سوالن جا مختصر جواب لکو:**

1. حسن اخلاق مان ڇا مراد آهي؟ لکو.
2. سٺي انسان جون ڪهڙيون نشانيون آهن.
3. رشوت ڇا کي چئبو آهي؟ لکو.

**(ج) هيٺين سوالن جي صحيح جوابن تي (✓) جو نشان لڳايو:**

1. حديث ۾ ”انسانن مان وڌيڪ ڀلو آهي“ جنهن جي معنیٰ آهي:

(الف) افضل الناس (ب) اڪرم الناس
(ج) خير الناس (د) احب الناس

2. حديث ۾ لعنت جو مستحق قرار ڏنو ويو آهي:

(الف) چغل خور کي (ب) غيبت ڪرڻ واري کي
(ج) بهتان لڳائڻ واري کي (د) رشوت وٺڻ واري کي

3. حديث ۾ ”مٿان واري هٿ“ کي بهتر چيو ويو، ڇو تہ اهو آهي:

(الف) ڏيڻ وارو (ب) وٺڻ وارو
(ج) سوال ڪرڻ وارو (د) بخل ڪرڻ وارو

## (ب) 4. چونڊ حديثن جو ترجمو ۽ تشريح
## حديث 16 کان 20

**حديث(16):** مَنْ حَجَّ لِلّٰهِ فَلَمْ يَرْفُثْ وَلَمْ يَفْسُقْ رَجَعَ كَيَوْمٍ وَّلَدَتْهُ أُمُّهٗ۔
(صحيح البخاري: 1521)

**ترجمو:** جنهن الله تعالىٰ جي لاءِ حج ڪيو ۽ پوءِ نہ ان بدڪلامي ڪئي ۽ گاريون ڏنيون نہ ئي ڪو گناهہ ڪيائين تہ اهو حج کان ان ڏينهن وانگر موٽيو ڄڻ پنهنجي ماءُ جي پيٽ مان ڄائو هجي.

**تشريح:** هن حديث ۾ حج جي فضيلت ۽ اهميت بيان ڪئي وئي آهي. حج اسلام جي رڪنن مان آخري ۽ تڪميلي رڪن آهي، جيڪو هر عاقل، بالغ، صحتمند ۽ صاحبِ استطاعت واري تي هڪ دفعو فرض آهي. حج الله پاڪ جي ويجهڙائي جو ذريعو ۽ وسيلو آهي. حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جو ارشاد پاڪ آهي "عمري ۽ حج کي بار بار (نفلي عبادت طور) ادا ڪرڻ. گناهن کي اهڙي طرح صاف ڪري ڇڏيندو آهي جيئن (لوهار ۽ سوناري جي ڀٽي) لوهہ، سون ۽ چانديءَ جي ميرنهن کي صاف ڪري ڇڏيندو آهي ۽ حج مبرور (گناهن کان پاڪ) جو ثواب تہ جنت ئي آهي." (سنن نسائي: 2631) ۽ هن حديث ۾ اها تلقين ڪئي وئي آهي تہ ماڻهو حج دوران صبر جو مظاهرو ڪري. هر قسم جي بيهوده ۽ فحش ڪلام خاص ڪري شهوت جي ڳالهين، بدڪلامي، ڪنهن بہ قسم جي نافرماني جيڪا فسق جي حد ۾ ايندي هجي، غيرقانوني ۽ غير شرعي ڪمن ۽ لڙائي جهڳڙي توڙي گناهن کان پري رهي گڏوگڏ حقوق الله ۾ ڪوتاهي جي معافي ۽ حقوق العباد ۾ ڪوتاهيءَ جي تلافي ڪري تہ اهو گناهن کان ائين پاڪ صاف ٿي ويندو جيئن پيدائش واري ڏينهن بي گناهہ هيو.

**حديث (17):** لِلْمُسْلِمِ عَلَى الْمُسْلِمِ سِتٌّ بِالْمَعْرُوْفِ: يُسَلِّمُ عَلَيْهِ إِذَا لَقِيَهُ، وَيُجِيْبُهُ إِذَا دَعَاهُ، وَيُشَمِّتُهُ إِذَا عَطَسَ، وَيَعُوْدُهُ إِذَا مَرِضَ، وَيَتْبَعُ جَنَازَتَهُ إِذَا مَاتَ، وَيُحِبُّ لَهُ مَا يُحِبُّ لِنَفْسِهِ۔

(سنن ترمذي، حديث:2637)

**ترجمو:** هڪ مسلمان جا ٻئي مسلمان تي ڇهه حق آهن. (1). جڏهن هو ڪنهن مسلمان سان ملي ته ان کي سلام ڪري. (2). ۽ جڏهن ان کي دعوت ڏئي ته قبول ڪري، (3) جڏهن ان کي ڇڪ اچي ته يرحمڪ الله (الله تو تي رحم ڪري) چوي (4). ۽ جڏهن هو بيمار هجي ته ان جي عيادت ڪري. (5). ۽ جڏهن ان جي وفات ٿئي ته ان جي جنازي جي پٺيان هلي. (6). ۽ جيڪو ڪجهه هو پنهنجي لاءِ پسند ڪري اهو ٻئي جي لاءِ به پسند ڪري.

**تشريح:** هن حديث ۾ روز مره جي عملي زندگيءَ ۾ هڪ مسلمان جا ٻئي مسلمان تي اسلامي رشتي تحت جيڪي خاص ڇهه ڳڏيل حق عائد ٿين ٿا انهن جي ادائيگيءَ جي تلقين بيان ڪئي وئي آهي. جنهن سان ٻن مسلمانن جو ڳڏيل تعلق پيدا ٿيندو. ۽ ان ۾ مضبوطي ٿيندي تنهنڪري ان جو خاص طور تي اهتمام ڪيو وڃي. ارشاد باري آهي ترجمو: مؤمن ته پاڻ ۾ ڀائر آهن. (سورة الحجرات:10) اسلام انهن جي ڀائپي واري رشتي کي اڃا وڌيڪ مضبوط بڻايو آهي. اهڙي طرح اسلام اهو ئي چاهي ٿو ته مسلمانن جي پاڻ ۾ اها محبت ۽ الفت قائم ۽ دائم رهي. جيئن اهي هڪ ٻئي جي لاءِ خير خواهه ۽ پوري سماج جي لاءِ ڪارآمد بڻجي سگهن.

| سرگرمي | "هڪ مسلمان جا ٻئي مسلمان تي حق" جي عنوان تي شاگردن کان لکرايو. |
|---|---|

حديث (18): اُطْلُبُوا الْعِلْمَ وَلَوْ بِالصِّيْنِ. (ڪنز العمال، حديث28697، 28698)

ترجمو: علم حاصل ڪريو جيتوڻيڪ ملڪ چين ۾ ئي ڇو نہ هجي.

تشريح: هن حديث ۾ علم جي عظمت ۽ ان جي ضرورت بيان ڪئي وئي آهي. هر انسان جي فطري خواهش آهي تہ ان کي پنهنجي ذات ۽ ڪائنات بابت هر سنئي ۽ بري ڳالھ جو علم هجي، علم کان بغير انسان دنيا ۾ ترقي نہ ٿو ڪري سگھي. ۽ علم جي حصول لاءِ محنت، جدوجهد ۽ مشقت برداشت ڪرڻي پوندي آهي. ان کان بغير علم ۾ پختگي ۽ عمدگي نہ ٿي اچي سگھي. ۽ تنهنڪري جيڪڏهن سفر جي مشقت سامهون اچي تہ بہ ان کي برداشت ڪجي. پھرين زماني ۾ وڏا محدث، عالم ۽ سائنسدان علم حاصل ڪرڻ لاءِ ڊورانهان سفر ڪندا هئا، سفر ۽ هجرت جون تڪليفون برداشت ڪندا هئا. اهو ئي سبب آهي جو اڄ بہ انهن جو نالو عزت سان ورتو وڃي ٿو. هتي بہ اهائي ڳالھ ڪئي وئي آهي تہ علم ۽ فن جي لاءِ جيڪڏهن چين ملڪ وڃڻو پوي تہ اتي بہ وڃي علم حاصل ڪريون۽ سفر جي تڪليف ۽ مشقت برداشت ڪريون تنهنڪري اسان کي گهرجي تہ علم جي حصول لاءِ بي انتها محنت ڪريون ڪٽي جو پري وارا سفر ڪرڻا پون ۽ ان لاءِ مشقت برداشت ڪريون جيئن دين ۽ دنيا جي ترقي ماڻي سگھون.

| سرگرمي | ”حصول علم جا رستا“ جي عنوان تي شاگردن کان گڏيل گفتگو ڪانپوءِ نڪتا لکرايو. |
|---|---|

**حديث (19):** اِنَّ اللهَ لَا يَنْظُرُ اِلٰى اَجْسَادِكُمْ وَلَا اِلٰى صُوَرِكُمْ وَلٰكِنْ يَّنْظُرُ اِلٰى قُلُوْبِكُمْ۔

(صحيح مسلم حديث: 2564)

**ترجمو:** يقيناً الله تعالىٰ توهان جي جسمن ۽ صورتن کي نہ ٿو ڏسي بلڪ توهان جي دلين کي ڏسي ٿو.

**تشريح:** هن حديث ۾ اخلاص جي اهميت بيان ڪئي وئي آهي. انسان جو ظاهر ۽ باطن هڪ هجڻ گهرجي. هيءَ حديث اصلاح ۽ تربيت جي لحاظ کان تمام اهم آهي. اسلام پنهنجي سڀني عملن ۾ اخلاص ۽ تقوىٰ کي خاص اهميت ڏني آهي. جنهن جو مطلب هي آهي تہ جيڪو بہ نيڪ عمل ڪيو وڃي صرف الله تعالىٰ جي رضا حاصل ڪرڻ لاءِ ڪجي، ان ۾ دنياوي غرض، ڏيکاءُ، شهرت جي طلب يا ڪنهن عوض جو غرض نہ هجي. سڀني انساني عملن ۾ انسان جي دل، صحيح ارادي ۽ نيت کي بنيادي حيثيت حاصل آهي تہ ان عمل کي سرانجام ڏيڻ وقت دل جي ڪيفيت ۽ رجحان ڪهڙو آهي. جيڪڏهن اخلاص ۽ تقوىٰ وارو عمل آهي تہ الله تعالىٰ وٽ مقبول ۽ منظور آهي ۽ ان جو ثواب بہ ملندو. ۽ جيڪڏهن انهيءَ عمل ۾ دنياوي مفاد شامل هوندو تہ بس اها ئي ڳالهہ ملندي. آخرت ۾ الله تعالىٰ وٽ ان عمل جو بدلو ۽ ڪو اجر ثواب نہ ملندو.

| | |
|---|---|
| **سرگرمي** | استاد صاحب "اخلاص جو مطلب ۽ اهميت" جي ڪلاس ۾ وڏيڪ وضاحت ڪري. |

**حديث (20):** اَلْاِيْمَانُ بِضْعٌ وَّ سَبْعُوْنَ اَوْ بِضْعٌ وَّ سِتُّوْنَ شُعْبَةً فَاَفْضَلُهَا قَوْلُ لَا اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَ اَدْنَاهَا اِمَاطَةُ الْاَذٰى عَنِ الطَّرِيْقِ وَالْحَيَاءُ شُعْبَةٌ مِّنَ الْاِيْمَانِ۔

(صحيح مسلم، حديث:35)

**ترجمو:** ايمان جون ستر يا سٺ کان ڪجهہ وڌيڪ شاخون آهن. انهن ۾ سڀ کان وڌيڪ افضل شاخ لاالٰہ الا الله چوڻ آهي ۽ سڀ کان گهٽ شاخ رستي مان تڪليف ڏيندڙ شيءِ جو هٽائڻ آهي. جڏهن تہ حياءُ ايمان جي (هڪ اهم) شاخ آهي.

**تشريح:** هن حديث شريف ۾ ايمان جي شعبن ۽ شاخن جي تعداد، لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ، شرم، حياءُ ۽ رستي تان تڪليف واري شيءِ کي هٽائڻ جي فضيلت ۽ اهميت بيان ڪئي وئي آهي. اسلام جي بنيادي ۽ ضروري ڳالهين تي پختو يقين رکڻ۽ ان عقيدي جو زبان سان اقرار ڪرڻ جو نالو "ايمان" آهي. جڏهن تہ هن حديث ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ ڪامل ايمان جون سٺ يا ستر کان بہ گهٽيون شاخون آهن. جنهن ۾ سڀ کان اعلىٰ شعبو لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ چوڻ آهي جو تہ ان جي ذريعي ئي توحيد جو اقرار ٿيندو آهي جنهن کي اصل ايمان چئبو آهي. ايمان جي ٻين شعبن مان مراد عقيدا، نيڪ عمل ۽ سٺا اخلاق ۽ ظاهري ۽ باطني سڀ احوال آهن. ايمان ۾ اخلاقي اعتبار جو آخري شعبو هي آهي تہ "مؤمن ۾ ٻين ماڻهن کي تڪليف کان بچائڻ جي خوبي هجي" ان جي ڪري رستي مان ڪا بہ شيءِ جيڪا گذرندڙن جي تڪليف جو ذريعو بڻجي، ان کي هٽائڻ باعث اجر ۽ ثواب آهي.

ايمان جي شاخن ۾ "حياء" بہ هڪ اهم شعبو آهي جيڪو ڀلائين جو سرچشمو آهي ۽ حياء انسان جي اهڙي خوبي ۽ خصلت آهي جيڪا انسان کي بداخلاقي، ۽ ڪيترن ئي برائين ۽ گناهن کان روڪي ٿي. هيءَ صفت جنهن انسان ۾ هوندي اهو برائيءَ جي پاسي نہ ويندو ۽

پلائي جي طرف مائل ٿيندو. ان جي ڪري اسان کي بہ ڪوشش ڪرڻ گهرجي تہ پنهنجي اندر ايمان جي شاخن کي اپنايون. خاص طور تي حياء جي خوبي ۽ خصلت پيدا ڪريون جيئن اسان جي زندگي پاڪيزه ۽ سٺي گذري.

## مشق

### (الف) هيٺين سوالن جا تفصيلي جواب لکو:

1. هيٺين حديثن مان ڪنهن بہ هڪ حديث جو ترجمو ۽ تشريح ڪريو.
   - مَنْ حَجَّ لِلّٰهِ فَلَمْ يَرْفُثْ وَلَمْ يَفْسُقْ رَجَعَ كَيَوْمٍ وَّلَدَتْهُ اُمُّهٗ۔
   - اِنَّ اللّٰهَ لَا يَنْظُرُ اِلٰى اَجْسَادِكُمْ وَلَا اِلٰى صُوَرِكُمْ وَلٰكِنْ يَّنْظُرُ اِلٰى قُلُوْبِكُمْ۔
2. مسلمان جا مسلمان جي مٿان ڇهہ حق آهن بابت مختصر مضمون لکو.

### (ب) هيٺين سوالن جا مختصر جواب لکو:

1. علم جي اهميت تي نوٽ لکو.
2. اخلاص مان ڇا مراد آهي؟ لکو.
3. ايمان جو اعلىٰ شعبو ۽ آخري شعبو ڪهڙو آهي؟ لکو.
4. حياء جو مطلب ڇا آهي؟

(ج) هيٺين سوالن جي صحيح جوابن تي (✓) جو نشان لڳايو:

1. ڇڪ جي وقت ٻڌندڙ چوندو آهي:

(الف) الحمدلله (ب) يرحمک الله

(ج) بارک الله (د) جزاک الله

2. جڏهن ڪو ڪنهن سان ملي تہ چوي:

(الف) الله اڪبر (ب) السلام عليڪم

(ج) سبحان الله (د) ماشاء الله

3. جيڪو ڪم الله جي رضا جي لاءِ ڪيو وڃي ان کي چئبو آهي:

(الف) اخلاص (ب) ڏيکاءُ

(ج) تقوىٰ (د) زهد

4. حديث ۾ علم جي طلب لاءِ ڪهڙي ملڪ وڃڻ جي ترغيب ڏني وئي آهي:

(الف) يمن (ب) شام

(ج) ايران (د) چين

## (ب) 5. چونڊ حديثن جو ترجمو ۽ تشريح
## حديث 21 کان 25

**حديث (21):** مَنْ دَلَّ عَلٰی خَيْرٍ فَلَهٗ مِثْلُ اَجْرِ فَاعِلِهٖ۔ (صحيح مسلم حديث: 1893)

**ترجمو:** جنهن شخص ڪنهن ماڻهوءَ کي نيڪيءَ جي طرف رهنمائي ڪئي ته ان کي به اهو ئي اجر ملندو جيڪو نيڪي ڪرڻ واري کي ملندو.

**تشريح:** هن حديث ۾ ڀلائي ۽ نيڪي ڪرڻ ۽ نيڪي ۽ ڀلائي لاءِ هڪ ٻئي سان تعاون ڪرڻ جي تلقين ۽ تاڪيد ڪيو ويو آهي. قرآن ڪريم پرهيزگاري ۽ نيڪيءَ جي ڪم ۾ هڪ ٻئي سان تعاون ڪرڻ جو حڪم ڏئي ٿو. جڏهن ته گناهه ۽ نافرماني ۾ مدد ڪرڻ کان روڪي ٿو (سورة المائده: 2) تنهن ڪري سهڻي مشوري، رهنمائي ۽ تعليم ۽ تربيت ڏيڻ جي ذريعي جيترو ثواب ان ڪم ڪرڻ واري کي ملندو اوترو ثواب معاون کي به ملندو، تنهن ڪري اسان کي گهرجي ته اسين پاڻ به ڀلائي ۽ نيڪي ڪريون ۽ ٻين کي به نيڪيءَ جي ترغيب ڏيون.

| | |
|---|---|
| **سرگرمي** | شاگردن کان نيڪيءَ جي ڪمن جي نڪتن جي صورت ۾ نشاندهي ڪرايو. مثال طور: ڪنهن کي مفيد مشورو ڏيڻ. |

**حديث (22):** مَنْ نَفَّسَ عَنْ مُّؤْمِنٍ كُرْبَةً مِّنْ كُرَبِ الدُّنْيَا نَفَّسَ اللهُ عَنْهُ كُرْبَةً مِّنْ كُرَبِ يَوْمِ الْقِيَامَةِ وَمَنْ يَسَّرَ عَلٰى مُعْسِرٍ يَسَّرَ اللهُ عَلَيْهِ فِى الدُّنْيَا وَالْآخِرَةِ۔

(صحيح مسلم، حديث 2699)

**ترجمو:** جنهن ماڻهوءَ ڪنهن مؤمن جي دنيوي تڪليفن ڪان ڪا تڪليف ختم ڪئي ته الله تعالىٰ قيامت جي ڏينهن ڪيس تڪليفن ڪان نجات ڏيندو ۽ جنهن ماڻهوءَ ڪنهن تنگدست کي ڪا سهولت ڏني ته الله تعالىٰ ان لاءِ دنيا ۽ آخرت ۾ آسانيون پيدا ڪندو.

**تشريح:** هن حديث ۾ محتاجن، بيمارن، مصيبتن جي ماريلن جي مدد ۽ خدمت جو تاڪيد ۽ غريب قرضدار کي مهلت ڏيڻ جو اجر بيان ڪيو ويو آهي. هتي حقوق العباد جي بن ڳالهين کي واضح ڪيو ويو آهي. ان کي خدمت خلق سان به تعبير ڪيو ويندو آهي:

1. جيڪڏهن ڪو مؤمن ڪنهن تڪليف، مصيبت يا پريشاني ۾ هجي ته اهڙي صورت ۾ ان جي تڪليف هٽائڻ ۾ مدد ڪرڻ به وڏي عبادت آهي، جنهن جي لاءِ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو "جيڪو ماڻهو پنهنجي ڀاءُ جي ڪمن ۾ هوندو آهي، الله تعالىٰ ان جا ڪم آسان ڪندو آهي." (مسلم: 2699)

2. جيڪڏهن ڪو مؤمن محتاج، بيمار، غريب ۽ مسڪين آهي ته انجي خدمت ۽ مالي مدد ڪرڻ ۽ جيڪڏهن ڪنهن قرضدار ڪنهن ڪان قرض ورتو آهي ته ان کي قرض ۾ مهلت ڏئي سهولت پهچائڻ به تمام وڏي اجر جو ڪم آهي. الله تعالىٰ ان لاءِ دنيا ۽ آخرت ۾ آسانيون پيدا ڪندو. تنهن ڪري اسان کي گهرجي ته جيڪڏهن اسان جي معاشري ۾ ڪنهن تي اوچتو ڪا آفت اچي وڃي ته ان کي انهيءَ آفت مان ڪڍڻ جي ڪوشش ڪريون، خدمت خلق جي ڪمن ۾ به ڀرپور حصو وٺون ۽ ٻين کي به ترغيب ڏيون ته جيئن اسان جي معاشري جا ماڻهو سڪون ۽ خوشحالي جي زندگي گذاري سگهن. ان ۾ ئي ٻنهي جهانن جي ڀلائي

آهي.

| | |
|---|---|
| سرگرمي | محتاجن، بيمارن ۽ مصيبت جي مارين جي مدد ۽ خدمت تي گڏيل گفتگو ڪان پوءِ نڪتا لکرايو. |

**حديث** (23): وَاللهِ لَا يُؤْمِنُ، وَاللهِ لَا يُؤْمِنُ، وَاللهِ لَا يُؤْمِنُ، قِيْلَ: وَمَنْ يَا رَسُوْلَ اللهِ؟ قَالَ: اَلَّذِیْ لَا یَاْمَنُ جَارُهٗ بَوَائِقَهٗ۔ (صحيح بخاري: 6016)

**ترجمو:** الله جو قسم، اهو ماڻهو مؤمن ناهي، الله جو قسم اهو ماڻهو مؤمن ناهي، الله جو قسم اهو ماڻهو مؤمن ناهي، پڇيو ويو: ڪير يا رسول الله ! صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ (پاڪ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن) فرمايو: اهو شخص جنهن جي شرارتن کان ان جو پاڙيسري محفوظ ناهي.

**تشريح:** هن حديث ۾ پاڙيسرين جي حقن جي ادائيگيءَ جي تلقين ۽ تاڪيد بيان ڪيو ويو آهي ۽ پاڙيسرين ڪي تڪليف ڏيڻ تي ڏڪو بيان ڪيو ويو آهي. قرآن ڪريم ۾ ”پاڙيسرين سان سٺي سلوڪ“ جو حڪم ڏنو ويو آهي ۽ ان جا ٽي قسم بيان ڪيا ويا آهن. (سورة النساء: 36) 1. پاڙيسري جيڪو رشتيدار هجي. 2. جيڪو صرف پاڙيسري هجي، 3. ۽ جيڪو عارضي طور تي توهان سان ڪجهه وقت لاءِ گڏ رهيو هجي. مثال طور: ڪلاس، ملاقات، سفر يا ڪنهن مجلس وغيره جو ساٿي، تنهن ڪري سڀني پاڙيسرين سان سٺو سلوڪ ڪرڻ گهرجي، اهو اوهان جي مذهب جو هجي يا ٻئي مذهب جو هجي، اوهان جي نظريي جو هجي يا هن جو نظريو ۽ فڪر الڳ هجي.

حديث ۾ پاڙيسري جي ڪم اچڻ ۽ تڪليفن ۽ ايذاءُ پهچائڻ کان محفوظ رکڻ جي تلقين ملي ٿي ۽ ان ماڻهوءَ لاءِ تمام سخت ڏڪو ٻڌايو ويو آهي جنهن کان سندس پاڙيسري تڪليف محسوس ڪندا هجن. تنهنڪري اسان کي گهرجي تہ اسين پنهنجي پاڙيسرين سان اهڙو

برتاءُ رکون جو هو اسان جي طرف کان بلڪل مطمئن ۽ بي خوف هجن ۽ انهن جي دل ۽ دماغ ۾ اسان لاءِ ڪنهن به قسم جو انديشو يا خطرو نه هجي تانته الله تعالىٰ ۽ حضوراڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ اسان کان راضي ٿين.

| | |
|---|---|
| سرگرمي | انساني حق خاص ڪري ”پاڙيسرين جا حق“ شاگردن کان لکرايو |

**حديث (24):** مَنْ كَانَ يُؤْمِنُ بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ الْآخِرِ فَلْيُكْرِمْ ضَيْفَهٗ، وَمَنْ كَانَ يُؤْمِنُ بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ الْآخِرِ فَلْيَصِلْ رَحِمَهٗ، وَمَنْ كَانَ يُؤْمِنُ بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ الْآخِرِ فَلْيَقُلْ خَيْرًا اَوْ لِيَصْمُتْ۔

(صحيح بخاري:6138)

**ترجمو:** جيڪو شخص الله تعالىٰ ۽ قيامت جي ڏينهن تي يقين رکي ٿو ته ان کي گھرجي ته پنهنجي مهمان جي عزت ڪري ۽ جيڪو شخص الله تعالىٰ ۽ قيامت جي ڏينهن تي يقين رکي ٿو ته ان کي گھرجي مٽن مائٽن سان صله رحمي ڪري ۽ جيڪو شخص الله تعالىٰ ۽ قيامت تي يقين رکي ٿو ان کي گھرجي ته سٺي ڳالهه چوي يا خاموشي اختيار ڪري.

**تشريح:** هن حديث ۾ ٽن ڳالهين جي ترغيب ڏني وئي آهي:

(1) مهمان جو اڪرام ڪرڻ (2) صله رحمي ڪرڻ (3) سٺي ڳالهه چوڻ يا خاموش رهڻ. هي ٽئي شيون حقيقت ۾ حقوق العباد مان آهن. جن جي ترغيب ڏني وئي آهي.

**مهمان جو اڪرام:** جڏهن ڪو ماڻهو سفر ڪري ڪنهن مقصد لاءِ ڪنهن ماڻهو وٽ پهچي ٿو ته ان کي ”مهمان“ چيو وڃي ٿو، ان کان مناسب طريقي سان اچڻ جو مقصد پڇڻ، عزت سان پيش اچڻ، ان جي رهائش، کائڻ پيئڻ ۽ آرام جو انتظام ڪرڻ ۽ ڪيس مرتبي آهر عزت ڏيڻ ”مهمان جو اڪرام“ آهي.

**صلہ رحمي:** پنهنجي ويجهن عزيزن ۽ مٽن مائٽن جي ڏکن سکن ۾ شريڪ ٿيڻ، ضرورت جي وقت انهن جي ڪم اچڻ، انهن سان سهڻي سلوڪ ڪرڻ ۽ همدردي ڪرڻ جو نالو ”صلہ رحمي“ آهي. حديث مبارڪ ۾ آهي: جيڪڏهن ڪو شخص چاهي تہ ان جو رزق ڪشادو ۽ ڊگهي ڄمار ٿئي تہ ان کي گهرجي تہ مٽن مائٽن سان صلہ رحمي ڪري
(صحيح بخاري، حديث:2027)

**سهڻي ڳالهہ ڇوڻ يا خاموش رهڻ:** قرآن مجيد ۾ حڪم آهي: قُوْلُوْا لِلنَّاسِ حُسْنًا۔ (سورة القبره: 83) ترجمو: ماڻهن کي سني ڳالهہ چئو. جنهن ڳالهہ سان ماڻهن کي تڪليف نہ پهچي اها سني ڳالهہ آهي. تنهنڪري مومن کي گهرجي تہ هو ماڻهن سان سنو ڳالهائي ۽ غير ضروري ۽ بيهوده گفتگو کان پاسو ڪري يا خاموشي اختيار ڪري ڇو تہ جيڪڏهن هو ڪنهن کي فائدو نہ ٿو پهچائي سگهي تہ گهٽ ۾ گهٽ نقصان کان تہ بچائي . تنهنڪري اسان کي گهرجي تہ پنهنجي روزاني عملي زندگيءَ ۾ مهمان جو اڪرام ڪريون. صلہ رحمي ڪريون ۽ ضرورت جي وقت سني ڳالهہ چئون يا خاموش رهون.

| سرگرمي | گفتگو جا آداب باهمي مڪالمي کان پوءِ لکرايو. |
| --- | --- |

**حديث (25):** اِيَّاكُمْ وَالظَّنَّ فَاِنَّ الظَّنَّ اَكْذَبُ الْحَدِيْثِ۔
(صحيح بخاري، حديث: 6066)
**ترجمو:** بدگماني کان بچو، بدگماني سڀ کان وڏو ڪوڙ آهي .

**تشريح :** هن حديث ۾ بدگمانيءَ کان منع ڪيو ويو آهي، ڪنهن شيءِ جي تحقيق ۽ يقيني خبر کانسواءِ ڪنهن جي باري ۾ اندازي سان ڪجهہ چوڻ کي ”ظن“ يا گمان چئجي ٿو، جيڪڏهن ان ۾ ڀلائي مقصود هجي تہ اهو ”حسن ظن“ آهي جيڪا هڪ پسنديده خوبي آهي ۽ حديث ۾

ان جي ترغيب ڏني وئي آهي. خاص طور تي الله تعالىٰ سان ”حسن ظن“ رکڻ عبادت آهي. حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلىٰ آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو ”حسن ظن“ سٺي عبادت آهي. (مسند احمد، حديث 7956) ۽ جيڪڏهن ڪنهن جي باري ۾ بُرو گمان رکيو وڃي ته ان کي”بدگماني“ سان تعبير ڪيو وڃي ٿو. يعني ڪنهن جي نيت تي شڪ ڪرڻ ۽ بي سبب پنهنجي دل ۾ سٺو خيال نه رکڻ کي بدگماني چيو وڃي ٿو. قرآن ڪريم ۾ ان کان منع ڪئي وئي آهي. ”اي ايمان وارؤ! بدگمانين کان بچو ڇو ته اهو گناهه جو ڪم آهي. (سورة الحجرات: 12) تنهن ڪري ڪنهن انسان جي باري ۾ توهان وٽ پلي ڪيتريون به شڪايتون پهچن پر جيستائين ان جي تحقيق نه هجي ته اوهان کي ان جي باري ۾ بدگماني نه ڪرڻ گهرجي ڇو ته ان جي ڪري ئي پاڻ ۾ ميل جول ۾ ڪمي اچي وڃي ٿي. آهستي آهستي هيءَ بدگماني دلين جي نفرت ۽ دشمني ۾ تبديل ٿي وڃي ٿي جيڪو گناهه آهي.

| سرگرمي | ”بدگماني جا نتيجا/اثر“ نڪتن جي صورت ۾ شاگردن کان لکرايو. مثال طور: تعلقات جو بگڙجڻ. |
|---|---|

## مشق

**(الف) هيٺين سوالن جا تفصيلي جواب لکو:**

1. هيٺين حديثن مان ڪنهن به هڪ حديث جو ترجمو ۽ تشريح ڪريو.
   - مَنْ دَلَّ عَلىٰ خَيْرٍ فَلَهٗ مِثْلُ اَجْرِ فَاعِلِهٖ۔
   - اِيَّاكُمْ وَالظَّنَّ فَاِنَّ الظَّنَّ اَكْذَبُ الْحَدِيْثِ۔
2. ظن/ گمان تي نوٽ لکو.
3. محتاجن ۽ مصيبت جي مارين جي مدد ۽ خدمت جي وضاحت ڪريو.

(ب) هيٺين سوالن جا مختصر جواب لکو:

1. پاڙيسرين جا قسم بيان ڪريو.
2. ”اڪرام الضيف“ (مهمان جي آدرياءُ) جي وضاحت ڪريو.
3. صلہ رحميءَ مان ڇا مراد آهي؟ لکو.

(ج) هيٺين سوالن جي صحيح جوابن تي (✓) جو نشان لڳايو:

1. پنهنجي مٽن مائٽن جي ڏک سک ۾ شريڪ ٿيڻ کي ڇيو وڃي ٿو:

(الف) اڪرام الضيف (ب) صلہ رحمي
(ج) حسن ظن (د) حقوق العباد

2. ڪنهن شيءِ بابت تحقيق ڪانسواءِ ڪجهه چوڻ کي ڇيو وڃي ٿو:

(الف) يقين (ب) شڪ
(ج) ظن (د) خيال

3. حديث ۾ صلہ رحميءَ جو فائدو ٻڌايو ويو آهي تہ:

(الف) صحتمند ٿيڻ (ب) مشهور ٿيڻ
(ج) رزق ڪشادو ٿيڻ (د) عزت وارو ٿيڻ

باب ٽيون: موضوعاتي مطالعو

(الف) ايمانيات

## 1- عقيده توحيد

(الله تعالىٰ جي صفتن جو تعارف، توحيد جون تقاضائون)

### سکيا جي حاصلات

* توحيد جي عقيد جي معنىٰ، مفهوم ۽ اهميت سمجهي بيان ڪري سگهن. * الله جي صفتن جي وضاحت ڪري سگهن. * توحيد جون تقاضائون سمجهي بيان ڪري سگهن.

### توحيد جو عقيدو:

توحيد جو عقيدو اسلام جي بنيادي عقيدن مان پهريون عقيدو آهي. لفظ ”عقيده“ عَقد مان ورتل آهي، جنهن جي لفظي معنىٰ آهي مضبوط ڳنڍ ٻڌڻ. عقيدي مان مراد اهي خيالات ۽ فڪر، جن تي انسان پختو يقين رکندو هجي، جيڪي انسان جي ڪردار ۽ روين تي اثر وجهن ٿا. ”توحيد“ جي لغوي معنىٰ آهي هڪ سمجهڻ ۽ هڪ ڪري مڃڻ.

دين جي اصطلاح ۾ توحيد جي عقيدي جو مطلب آهي تہ: هن ڪائنات جو خالق، مالڪ ۽ هر شي تي اختيار رکندڙ الله تعالىٰ ئي آهي ۽ اهو هميشہ کان آهي ۽ هميشہ رهندو. اهو ئي حقيقي معبود آهي، انهيءَ هن ڪائنات جي هر شيءِ کي برابر ۽ ان جي نظام کي پوري حساب ڪتاب سان پيدا ڪيو آهي جنهن کي ڪائنات جي ذري ذري جو علم آهي، جنهن جي سڄي ڪائنات تي نظر آهي ۽ هو هر ڪنهن جي ٻڌي ٿو ۽ سڀ کي رزق روزي رسائي ٿو ۽ انهن کي هدايت ڏئي ٿو. جنهن جو ڪو ئي ثاني ۽ مثل ڪونهي. اهو ئي مخلوق جي نفعي ۽ نقصان جو مالڪ آهي. ان کانسواءِ ڪو ئي ڪونهي. اهو ئي آهي موت کان پوءِ بيهر هميشہ واري زندگي ڏيڻ وارو، اهو صرف هڪ ئي آهي، ان

سان ڪو ئي شريڪ نہ آهي، ان عقيدي ڪي دل جي پختي يقين سان مڃڻ ۽ ضرورت وقت ان جي زبان سان اظهار ۽ اقرار ڪرڻ ڪي توحيد جو عقيدو چئجي ٿو.

**توحيد جي اهميت:** قرآن مجيد ۾ جڳهہ جڳهہ تي توحيد جي تعليم ڏني وئي آهي. خاص ڪري سورة الاخلاص ۾ "توحيد مطلق" ڪي نهايت ئي جامع انداز ۾ هن طرح بيان ڪيو ويو آهي: قُلْ هُوَ اللّٰهُ اَحَدٌ ۚ ⊙ اَللّٰهُ الصَّمَدُ ۚ ⊙ لَمْ يَلِدْ ۙ وَ لَمْ يُوْلَدْ ۙ ⊙ وَ لَمْ يَكُنْ لَّهٗ كُفُوًا اَحَدٌ ۚ ⊙ (سورة الاخلاص: 1-4) ترجمو: چؤ تہ اهو الله هڪ آهي (1) الله بي نياز آهي (2) نہ ڪنهن جو پيءُ آهي نہ ڪنهن جو پٽ آهي. (3) ان جهڙو ڪوئي نہ آهي.(4). ساڳيءَ طرح ڪلمہ طيب جو پهريون جز لااله الا الله بہ انهيءَ عقيدي جي عڪاسي ڪري ٿو. توحيد ڪي الله تعالیٰ دين جو بنياد ۽ ان جو پهريون رڪن قرار ڏنو آهي. حضور ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: قُوْلُوْا لَا اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ تُفْلِحُوْا ترجمو: لا اله الا لله چئو ڪامياب ٿي ويندؤ. اهو ئي سمورين عبادتن جو نچوڙ آهي جنهن ڪانسواءِ نيڪي قبول ئي نہ ٿي ڪئي وڃي. نيڪ عمل چو نہ جبلن جيڏا هجن پر توحيد جي عقيدي ڪانسواءِ بلڪل ناڪاره ٿي ويندا.

حضرت آدم عليه السلام ڪان وٺي الله تعالیٰ جي آخري نبي حضرت مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ خَاتَمُ النَّبِيّٖنَ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن تائين جيترا بہ انبياء ڪرام عليهم السلام هن دنيا ۾ آيا، انهن ماڻهن کي توحيد جي دعوت ڏني ۽ توحيد جو عقيدو ئي سمورن نبين جي عملي زندگيءَ جو اصول، رڪن ۽ بنياد جو درجو رکي ٿو. توحيد ئي سمورن نبين عليهم السلام جي دعوت جو مُنڍ هئي. هر نبي ۽ رسول هڪ ئي ڪلمو لااله الا الله پڙهيو ۽ آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن بہ انسانن کي انهيءَ وحده لاشريك له ذات ڏانهن سڏيو.

الله تعالیٰ انسان جي ڪاميابي جو مدار ايمان ۽ نيڪ عملن

تي رڪيو آهي، ارشاد باري آهي”۽ جيڪو ماڻهو ايمان آڻي ۽ نيڪ عمل ڪندو رهي، ان جي لاءِ بخشش ۽ تمام وڏو ثواب آهي.“

(سورة فاطر، آيت:7)

**الله تعالىٰ جون صفتون:** الله تعالىٰ جي ذات سمورين صفتن ۽ ساراهيل صفتن سان موصوف آهي، ان جون صفتون ان جي ذات وانگر آهن. اهي ان جي ذات وانگر ازلي ۽ ابدي آهن. وَ لِلّٰهِ الْاَسْمَآءُ الْحُسْنٰى فَادْعُوْهُ بِهَا۔ (الاعراف:180) ترجمو: ۽ الله تعالىٰ جا سيئي نالا ڀلي ڪان ڀلا آهن سو اوهان ان کي انهن نالن سان سڏيو. انهن منجهان ڪجهه هيءُ آهن:

1. **الله تعالىٰ ازلي ۽ ابدي آهي: هُوَ الْاَوَّلُ وَالْآخِرُ:** ”اهو ئي اول آهي ۽ اهو ئي آخر آهي.“ (سورة الحديد، آيت:3) ان جو مطلب هيءُ آهي تہ ڪجهہ بہ نہ هئو تہ بہ اهو موجود هئو ۽ آخر ۾ بہ ڪجهہ نہ هوندو پر هو موجود هوندو. اهو هميشہ کان آهي ۽ هميشہ لاءِ رهندو ڪنهن بہ ان کي پيدا نہ ڪيو آهي.

2. **الحی (هميشہ زنده ۽ فنا نہ ٿيندڙ):** هيءَ اها صفت آهي جنهن سان ان جي وجود جي بقاء ازليت ۽ لافاني هجڻ ظاهر ٿئي ٿو.

3. **القدير و القادر (قدرت وارو):** هيءَ اها صفت آهي جنهن سان ان جي قدرت جي وسعت جو اظهارٿئي ٿو.

4. **الخالق (پيدا ڪرڻ وارو):** اهو خالق آهي يعني ان سڄي ڪائنات کي پيدا ڪيو آهي ۽ اڻ هوند مان وجود ۾ آندو آهي. اَللّٰهُ خَالِقُ كُلِّ شَيْءٍ ”الله هر شيءِ جو خالق آهي“ (سورة الزمر، آيت:62)

5. **العليم (سڀ ڪجهہ ڄاڻندڙ):** هو عليم آهي يعني هر ڳالهہ، هر ڪم، هر حرڪت کي ڄاڻي ٿو. ڪو ڪم ڏينهن جي روشني ۾ ٿئي يا رات جي انڌيري ۾ ڀريل مجلس ۾ ٿئي يا اڪيلائيءَ ۾، ريگستان ۾ ٿئي يا سمنڊ جي تهن ۾ ڪا بہ شيءِ ان جي علم ڪان لڪل نہ آهي. ڪو ڪم ماضي ۾ ٿيو هجي يا حال ۾ يا وري مستقبل ۾ ٿيندو هو

سڀ ڪجهه ڄاڻي ٿو. ڪا به شيءِ ان جي علم کان اوجهل نه آهي. اِنَّ اللّٰهَ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمٌ "بيشڪ الله هر شيءِ کي ڄاڻندڙ آهي"
(سورة التوبه: 115)

6. السميع (سڀ ڪجهه ٻڌڻ وارو): اهو سميع آهي يعني هو هر ڪنهن جي ٻُڌي ٿو. ڀلي ڪو ئي زبان سان پڪاري يا دل ۾، اڪيلائپ ۾ سڏي يا مجمعي ۾، عربي زبان ۾ سڏي يا ڪنهن ٻي زبان ۾. هو سڀ ڪنهن جي ٻڌي ٿو ۽ هر وقت ٻڌي ٿو. اِنَّ اللّٰهَ سَمِيْعٌ عَلِيْم ترجمو: بيشڪ الله ٻڌندڙ ۽ ڄاڻندڙ آهي. (البقره: 181)

7. البصير (سڀ ڪجهه ڏسڻ وارو): اهو ڏسندڙ آهي، ڪائنات جي ڪا به شيءِ ۽ ڪو به ڪم ان کان اوجهل نه آهي. ڀلي اهو ظاهري هجي يا پوشيده، سمنڊ جي گهرائي ۾ هجي يا زمين جي تهن ۾ هجي هو سڀ ڪجهه ڏسندڙ آهي. وَهُوَ السَّمِيْعُ الْبَصِيْرُ "ترجمو: ۽ هو خوب ٻڌندڙ ۽ خوب ڏسندڙ آهي." (سورة شوريٰ، آيت: 11)

8. هو جيڪو چاهي ٿو اهو ڪري ٿو: ارشاد باري آهي: فَعَّالٌ لِّمَا يُرِيْدُ (البروج: 16) هو جيڪي گهُري ٿو اهو ڪري ڇڏي ٿو.سڀ ڪم ان جي مرضيءَ سان ٿي رهيا آهن.

توحيد جون تقاضائون: توحيد صرف آخرت جي ڪاميابين جي ضمانت نه آهي پر دنيا جي ڀلائي ۽سعادت جو سبب به آهي. قرآن مجيد ۽ رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جا فرمان ٻڌائن ٿا ته توحيد جي عقيدي جون ڪجهه اهم ۽ بنيادي تقاضائون آهن جن تي يقين رکڻ ۽ عمل ڪرڻ ضروري آهي. انهن مان ڪجهه اهم هي آهن:

- الله تعالىٰ جي ذات بي مثال آهي. ڪائنات جي ڪابه شيءِ الله تعالىٰ جهڙي نه آهي الله تعالىٰ جو فرمان آهي ته "ان جهڙي ڪابه شيءِ نه آهي" ( سورت شوریٰ ، آيت :11) انهيءَ ڪري الله تعالىٰ کي بي مثال ذات مڃڻ گهرجي

- صرف الله تعاليٰ ئي آهي جنهن جي رضا لاءِ انسان کي فکر ڪرڻ گهرجي
- سيئي عمل ۽ ڳالهيون جيڪي عبادت ۾ اچي وڃن ٿيون. انهن کي الله تعاليٰ جي لاءِ ئي مخصوص ڪرڻ گهرجي. جيئن الله تعاليٰ فرمايو آهي تہ: اَنْ لَاتَعْبُدُوْٓا اِلَّآ اِيَّاهُ ( الاسراء:23) ترجمو : ان کانسواءِ ڪنهن جي عبادت نہ ڪريو. نذر نياز ۽ باسون ان جي لاءِ آهن ۽ دعائون ان کان گهريون وينديون، پناهہ ان کان گهري ويندي، غيبي مدد لاءِ صرف ان کي ئي سڏيو ويندو .
- سيئي جذبا ۽ احساس بہ الله تعاليٰ لاءِ ئي مخصوص ڪيا وڃن جن ۾ عبادت جو روح لڏو وڃي جيئن: حمد، شڪر، اميد، توڪل، خوف، تقويٰ، حقيقي محبت ۽ عقيدت ۽ خشوع ۽ خضوع وغيره.
- هن سڄي ڪائنات جو حقيقي حاڪم اعليٰ صرف الله تعاليٰ کي مڃڻ گهرجي. حڪم ڏيڻ ۽ منع ڪرڻ جو حق صرف ان کي ئي آهي . حقيقي قانون ناهيندڙ بہ اهوئي آهي . مخلوق جي زندگيءَ لاءِ قانون مقرر ڪرڻ، ان کي معاف ڪرڻ يا سزا ڏيڻ جو حق صرف ان کي ئي آهي .
- الله تعاليٰ جي موڪليل هدايت ۽ حڪم ۽ منع جي مطابق هن دنيا ۾ زندگي گذاري وڃي .
- الله تعاليٰ تي ان جي سمورين صفات سان گڏ ايمان آندو وڃي.

توحيد جون هي بنيادي تقاضائون ايتري اهميت رکن ٿيون جو انهن مان ڪنهن بہ هڪ جو انڪار الله تعاليٰ تي ايمان آڻڻ جي دعويٰ کي بي معنيٰ ڪري ڇڏي ٿو.ان جو مطلب هي آهي تہ هي سيئي ڳالهيون توحيد جي عقيدي جي اصل مفهوم ۾ شامل آهن ۽ ڪوبہ شخص ان وقت تائين صحيح معنيٰ ۾ مسلمان نہ ٿو ٿي سگهي جيستائين هو ان عقيدي تي پوري مفهوم سان گڏ ايمان نہ ٿو آڻي.

**توحيد جي عقيدي جا زندگي تي اثر:** جڏهن توحيد جو عقيدو ڪنهن انسان جي دل ۽ دماغ تي نقش ٿي وڃي ٿو تہ ان جي شخصيت تي ڪجهہ اثر ۽ پلايون ظاهر ٿين ٿيون. اسلامي عقيدن جو اثر انسان جي عملي زندگيءَ تي بہ پوي ٿو. اهي انسان جي سيرت، ڪردار، عمل ۽ اخلاق کي سنواري ڇڏين ٿا. توحيد جي عقيدي جا ظاهري اثر جيڪي انساني زندگيءَ تي پون ٿا اهي هي آهن:

- الله تعالیٰ جي ذات ۽ ان جي نالن ۽ صفتن تي ايمان آڻڻ سان ٻانهي جي دل ۾ الله تعالیٰ جي محبت ۽ تعظيم پيدا ٿئي ٿي جنهن جي نتيجي ۾ هو الله تعالیٰ جي حڪمن جو پابند ٿئي ٿو ۽ منع ڪيل شين کان پاسوڪري ٿو. الله تعالیٰ جي حڪمن جو پابند رهڻ ۽ منع ڪيل شين کان پاسو ڪرڻ ئي انسان ۽ معاشري لاءِ دنيا ۽ آخرت ۾ تمام وڏي سعادت آهي.
- انسان کي حريت ۽ آزادي جو بلند ترين مقام عطا ڪندو آهي.
- انسان جي اندر ۾ پرهيزگاري، خودداري ۽ عزت نفس جهڙيون وصفون پيدا ڪندو آهي.
- انسان ۾ عاجزي ۽ انڪساري پيدا ڪندو آهي.
- انسان وسيع نظر جي ڪري سڄي مخلوق کي محبت ۽ پيار سان ڏسندو آهي، ان ڪري جو هي الله تعالیٰ جي مخلوق آهي.
- انسان ۾ استقامت ۽ بهادري، قناعت ۽ نيازمندي عزم ۽ حوصلي، صبر ۽ توڪل جي طاقت پيدا ڪندو آهي جنهن ذريعي اهو دنيا جي مصيبتن جو جوان مردي سان مقابلو ڪندو آهي.
- الله تعالیٰ جي رحمت تي پورو يقين ڪرڻ سبب اهو ڪڏهن بہ مايوس ۽ نااميد نہ ٿيندو آهي. پر اهو بي ڊپو ٿي اعلاء ڪلمة الله جي لاءِ هر انداز سان جهاد ڪندو آهي ۽ موت کان نہ ڊڄندو آهي.
- انسان ۾ بني نوع انسان جي وحدت ۽ برابري جو تصور پيدا ڪري ٿو.

## مشق

(الف) هيٺين سوالن جا تفصيلي جواب لکو:

1. توحيد جي عقيدي جي وضاحت ڪريو.
2. توحيد جي تقاضائن تي تفصيلي نوٽ لکو.

(ب) هيٺين سوالن جا مختصر جواب لکو:

1. ايمان جو مفهوم ڇا آهي؟
2. عبادت ڇاکي چئبو آهي؟
3. توحيد جي عقيدي جي اثرن تي نوٽ لکو.
4. الله تعاليٰ جي ذات ازلي ۽ ابدي آهي. وضاحت ڪريو.
5. توحيد جو مطلب ڇا آهي؟

(ج) هيٺين سوالن جي صحيح جوابن تي (✓) جو نشان لڳايو:

1. توحيد جي لفظي معنيٰ آهي:

(الف) هڪ ڪري مڃڻ (ب) يقين رکڻ
(ج) نظم و ضبط رکڻ (د) هدايت ۽ رهبري ڪرڻ

2. هڪ مسلمان کي سڀ کان پهرين:

(الف) عقيدو درست ڪرڻ گهرجي (ب) نماز پڙهڻ گهرجي
(ج) اخلاق وارو ٿيڻ گهرجي (د) حج ڪرڻ گهرجي

3. انسان جي ڀلائي ۽ نجات جو مدار آهي:

(الف) صبر ۽ شڪر تي (ب) اخلاص ۽ تقويٰ تي
(ج) ايمان ۽ سٺن عملن تي (د) تحمل ۽ بردباري تي

**استادن لاءِ هدايتون**

استادن کي گهرجي ته هو شرڪ، شرڪ جي مذمت، شرڪ جي قسمن تي مختصر وضاحت ڪن.

## 2- عقيده رسالت

### سکيا جي حاصلات

* نبوت ۽ رسالت جي معنيٰ ۽ مفهوم کي سمجهي سگهن. * نبوت ۽ رسالت جي ضرورت واضح ڪري سگهن. * حب رسولؐ، اطاعت ۽ اتباع رسول صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلىٰ آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي اهميت ڄاڻي ڪري بيان ڪري سگهن. * ختم نبوت جي مفهوم ۽ ان جي ضرورت سمجهي ڪري بيان ڪري سگهن. * روز مره جي زندگي ۾ عقيده رسالت کي اپنائي سگهن.

### نبوت ۽ رسالت جي لغوي ۽ اصطلاحي معنيٰ ۽ مفهوم:

عقيده رسالت اسلام جو ٻيو اهم ۽ بنيادي عقيدو آهي. لفظ ”نبوت“ ”نبا“ مان ورتل آهي. جنهن جي معنيٰ خبر آهي. ۽ خبر ڏيڻ واري کي ”نبي“ چئبو آهي. جنهن جو جمع انبياء آهي. ۽ ”رسالت“ لغت ۾ پيغام پهچائڻ کي چئبو آهي ۽ پيغام پهچائڻ واري کي ”رسول“ چئبو آهي جنهن جو جمع ”رُسُل“ آهي.

دين جي اصطلاح ۾ ”نبوت ۽ رسالت“ هڪ اعليٰ روحاني منصب آهي، جنهن لاءِ الله تعاليٰ پنهنجي ٻانهن منجهان خاص ٻانهن کي چونڊڻ فرمائيندو آهي. جنهن جي ذريعي انسانن کي معرفت الاهي حاصل ٿيندي آهي. مطلب ته نبوت ۽ رسالت هڪ اهڙو منصب آهي جيڪو الله تعاليٰ ۽ ان جي ٻندن جي وچ ۾ رابطي قائم ڪرڻ جو ڪم ڪندو آهي. الله تعاليٰ ان جي ذريعي پنهنجا حڪم ۽ هدايتون پنهنجي ٻانهن تائين پهچائيندو آهي. ۽ ان جي ذريعي انسانن جي رهنمائي، اصلاح ۽ تربيت ڪندو آهي. جيڪو شخص ان منصب تي فائز هوندو آهي ان کي نبي يا رسول چئبو آهي. رسالت ملڻ کان پهريائين به رسول جي حيثيت پنهنجي قوم ۾ اعليٰ ۽ مثاهين هوندي آهي. اهو معصوم، پاڪ، نرم ڳالهائيندڙ، نيڪ طبيعت، سچو ۽ امانتدار هوندو آهي. ۽

”الرسول“ مان مراد رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ آهي. الله تعاليٰ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ کان اڳ ۾ جيترا بہ نبي ۽ رسول موڪليا آهن، سيني تي ايمان آڻڻ فرض آهي.

اسلام جي سلسلہ عقائد ۾ توحيد کان پوءِ ”رسالت“ جو درجو آهي. قرآن مجيد ۾ ارشاد باري تعاليٰ آهي: كُلٌّ اٰمَنَ بِاللّٰهِ وَ مَلٰٓىِٕكَتِهٖ وَ كُتُبِهٖ وَ رُسُلِهٖ لَا نُفَرِّقُ بَیْنَ اَحَدٍ مِّنْ رُّسُلِهٖ (سورة البقره: 285) ترجمو: سڀ الله تي ۽ ان جي ملائڪن تي ۽ ان جي ڪتابن تي ۽ ان جي پيغمبرن تي ايمان رکن ٿا ۽ چون ٿا تہ اسان انجي پيغمبرن مان ڪنهن ۾ ڪو بہ فرق نہ ٿا ڪريون.

### نبوت ۽ رسالت جي ضرورت:

1. اسلام انسان جي پيدائش ۽ زندگي جو مقصد ”الله تعاليٰ جي بندگي ۽ اطاعت“ ٻڌايو آهي ۽ اها ئي اها شيءِ آهي جنهن تي انسان جي دنيا ۽ آخرت جي ڪاميابي ۽ نجات جو دارو مدار آهي.
2. انسان فطري طور تي چاهيندو آهي تہ عملي زندگي جي لاءِ ان جي سامهون ڪو مثال يا نمونو هجي جنهن کي ڏسي ان جي موافق پنهنجي زندگي گذاري ان اعتبار کان پيغمبرن جي زندگي ماڻهن جي لاءِ بهترين مثال يا عمل جو عمدو نمونو آهي.
3. الله تعاليٰ پنهنجي ٻانهن جي هدايت لاءِ پيغمبرن سڳورن تي ڪتاب نازل فرمائيندو آهي، جيڪي ان ڪتاب جي تعليم ۽ احڪام ۽ حڪمتون ماڻهن کي سيکاريندا آهن. قرآن مجيد ۾ ارشاد باري تعاليٰ آهي: ترجمو: الله تعاليٰ مؤمنن تي يقيناً احسان ڪيو آهي جو انهن ۾ انهن مان ئي پيغمبر موڪليائين جيڪو انهن کي الله سائين جون آيتون پڙهي ٻڌائي ٿو، انهن کي پاڪ ڪري ٿو ۽ (الله جو) ڪتاب ۽ دانائي سيکاري ٿو. ۽ اڳ ۾ اهي ماڻهو واضح گمراهي ۾ هئا. (آل عمران: 164)

4. اسلامي عقيدي جي مطابق هيءَ دنيا عمل جي جڳهہ آهي ۽ آخرت حساب ڪتاب ۽ پڇا ڳاڇا جي جڳهہ آهي. هاڻي جيڪڏهن ماڻهن ڪي شروع ڪان ئي رهنمائي فراهم نہ ڪئي وڃي تہ قيامت جي ڏينهن انهن کان حساب ڪتاب نہ وٺي سگهبو، ڇو تہ اهي چئي سگهندا تہ اسان کي تہ ڪا بہ هدايت ناهي ملي پوءِ اسان عمل ڪيئن ڪريون.

5. الله تعالىٰ جهڙي طرح انسان جي طبعي ضرورتن کي پوري ڪرڻ لاءِ بندوبست ڪيو آهي. اهڙي طرح روحاني ضرورتن کي پورو ڪرڻ لاءِ نبوت ۽ رسالت جو اهتمام فرمايو آهي. رسولن ۽ نبين کي دنيا ۾ ماڻهن کي دين حق جي دعوت ڏيڻ لاءِ موڪليو ويو آهي. تہ جيئن اهي انسانن کي ايمان جي طرف سڏين ۽ الله تعالىٰ جي بندگي ۽ اطاعت جو حڪم ڏين. جيئن ماڻهن تي حجت پوري ٿي وڃي. پوءِ ڪو بہ هي نہ چئي سگهي تہ اسان کي ڪا بہ خبر ڪانہ هئي.

**حُبّ رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ:** قرآن ڪريم جي روشني ۾ نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ سان اسان جا چار بنيادي تعلق آهن. (1). ايمان، (2). اطاعت، (3) اتباع، (4). محبت. حب يا محبت هڪ فطري ڪشش ۽ فطري جذبي جو نالو آهي ۽ جيڪڏهن اها محبت ديني رشتي جي بنياد تي هجي تہ ان کي "روحاني محبت" يا "ايماني محبت" چئبو آهي. پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي ذات اقدس اسان لاءِ هر قسم جي محبت جي حقدار آهي ۽ ايمان جي بہ تقاضا آهي، ڇو تہ اها هستي الله تعالىٰ جي محبوب ۽ مؤمنن جي محسن ۽ مربي آهي. الله تعالىٰ اسان کي رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ سان محبت جو حڪم ڏئي ٿو. بلڪ الله تعالىٰ وٽ اهو ايمان ۽ اطاعت معتبر ئي ناهي جنهن جو بنياد حب رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ

وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ تي نہ هجي.

تنهنڪري ان محبت جي تقاضا هي آهي تہ اها محبت بہ محض ظاهري ۽ رسمي قسم جي نہ هجي بلڪ اهڙي محبت هجي جيڪا سيني محبتن تي غالب اچي وڃي. جنهن جي مقابلي ۾ پياري کان پيارن رشتن ۽ محبوب کان محبوب ناتن جي ڪا حيثيت نہ رهجي. ان محبت جي مقابلي ۾ دنيا جي هر شيءِ ڪي ڇڏي سگهجي. قرآن مجيد ۾ ان محبت جو معيار هي ٻڌايو ويو آهي تہ "نبي اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ مؤمنن جي لاءِ انهن جي پنهنجي جانين کان بہ وڌيڪ محبت جو حق رکن ٿا. (الاحزاب:6) ۽ حديث شريف ۾ "حب رسول صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ کي ايمان جي علامت قرار ڏنو يو آهي. پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: توهان مان ڪو شخص ايستائين مؤمن ٿي ئي نہ ٿو سگهي جيستائين اهو پنهنجي والدين، اولاد ۽ سيني ماڻهن کان وڌيڪ محبت مون سان نہ ڪري"

(صحيح البخاري، ڪتاب الايمان، حديث:15)

**اطاعت و اتباع رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ:** اطاعت جو لفظ "طوع" مان ورتل آهي جنهن جي معنىٰ دلي جهڪاءُ ۽ فرمانبرداري ڪرڻ يا حڪم مڃڻ آهي. اطاعت ۾ مڪمل طور تي پاڻ کي ڪنهن جي لاءِ تابع ڪرڻو پوندو آهي پوءِ اهو نہ ٿيندو تہ ڪجهہ حڪم مڃجن ۽ ڪجهہ نہ مڃجن. دل جي تعلق سان گڏوگڏ فرمانبرداري قبول ڪرڻ واري رويي کي "اطاعت" چئبو آهي.

**اتباع:** دل جي حقيقي محبت، طبيعت جي پوري جهڪاءَ ۽ گهري لڳاءَ سان رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي هر قدم ۽ هر ادا جي پيروي ڪرڻ کي "اتباع" چئبو آهي. يعني جڏهن مڪمل اطاعت ۽ قلبي محبت گڏ ٿيندا آهن تہ ان کي اتباع چئبو آهي. رسول الله صَلَّى اللّٰهُ

عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي اطاعت هيءَ آهي تہ زندگي جي سمورن معاملن ۾ پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جيڪي حڪم ڏنايا آهن يا هدايتون ڏنيون آهن يا جيڪو بہ عمل ڪيو آهي، ان جي اطاعت ڪئي وڃي ۽ ان تي عمل ڪيو وڃي.

سيدنا رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي اطاعت جو حڪم ڏيڻ جو اصلي سبب هي آهي تہ الله تعالىٰ پنهنجي اطاعت چاهي ٿو ۽ الله تعالىٰ جي اطاعت جو واحد ذريعو رسول ئي هوندو آهي، جو تہ الله تعالىٰ براه راست پنهنجي ٻانهن سان ڪلام ناهي ڪندو. بلڪ پنهنجي رسول جي واسطي سان ئي ڪلام ڪندو آهي ۽ رسول ماڻهن کي الله تعالىٰ جي هدايتن ۽ ان جي حڪمن کان آگاهہ ڪندو آهي، ان لحاظ کان رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي اطاعت دراصل الله تعالىٰ جي اطاعت آهي. تنهن ڪري جيڪو شخص الله تعالىٰ جي اطاعت ڪرڻ چاهي ٿو ان کي رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي اطاعت ڪرڻي پوندي. ان کان سواءِ الله تعالىٰ جي اطاعت جو تصور ئي نہ ٿو ڪري سگهجي. جيئن قرآن مجيد ۾ ارشاد باري آهي "جنهن رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي اطاعت ڪئي ان الله جي اطاعت ڪئي. (سورة النساء، آيت: 80)

**حضرت محمد صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي رسالت جون خصوصيتون:** حضرت آدم عليه السلام کان نبوت جو جيڪو سلسلو شروع ٿيو، اهو حضرت مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللهِ خَاتَمُ النَّبِيّٖنَ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن تي اچي مڪمل ٿيو. الله تعالىٰ پهرين نبين سڀني عليهم السلام کي جيڪي الڳ الڳ ڪمال عطا فرمايا هئا. حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي شريعت ۾ اهي سڀ شامل ڪيا ويا. ۽ اسان جو ايمان آهي تہ پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن

جي شريعت کي جيڪا هڪ خاص فضيلت حاصل آهي سا هي آهي ته سڀني رسولن جون شريعتون هن ۾ سمايل آهن. ان کان سواءِ ڪجهه خصوصيتون هي آهن: * عموميت ۽ عالمگيريت * پهرين شريعتن جو مٽجڻ * ڪامليت * ڪتاب جي حفاظت * سنت نبوي جي حفاظت * جامعيت * ختم نبوت.

ختم نبوت: ”ختم“ جي لغوي معنيٰ آهي مهر هڻڻ ۽ ڪنهن ڪم کي پورو ڪري فارغ ٿيڻ. ختم نبوت جو مطلب هي آهي ته نبوت جو سلسلو جيڪو حضرت آدم عليه السلام کان شروع ٿيو. ۽ هڪ ٻئي پٺيان ٻيا ڪيترائي نبي سڳورا آيا اهو سلسلو حضور ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن تي ختم ٿيو ۽ هاڻي حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن قيامت تائين ايندڙ سمورن انسانن جي لاءِ الله جو آخري نبي آهي. هاڻي ڪو به نئون نبي نه ايندو. ۽ جيڪو به ماڻهو حضور ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن کان پوءِ ڪنهن به طرح سان نبوت جي دعويٰ ڪندو ته اهو ڪافر ۽ اسلام جي دائري مان نڪتل آهي. پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن تي نازل ٿيڻ وارو ڪتاب يعني قرآن مجيد سڄي انسانيت جي لاءِ الله تعاليٰ جو آخري الهامي ڪتاب آهي. ان کان پوءِ ٻيو ڪو به ڪتاب نازل نه ٿيندو. حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي اچڻ سان هدايت جو سلسلو پنهنجي اختتام تي پهتو. دين مڪمل ٿي ويو هاڻي نبوت ختم ٿي وئي. قرآن مجيد ۾ ارشاد باري آهي اَلْيَوْمَ اَكْمَلْتُ لَكُمْ دِيْنَكُمْ وَ اَتْمَمْتُ عَلَيْكُمْ نِعْمَتِيْ وَ رَضِيْتُ لَكُمُ الْاِسْلَامَ دِيْنًا۔ (المائده:3) ترجمو: اڄ مان توهان جي لاءِ توهان جو دين ڪامل ڪري ڇڏيو آهي ۽ پنهنجون نعمتون توهان تي پوريون ڪيم ۽ توهان لاءِ اسلام کي بطور دين پسند ڪيم.

**ختم نبوت جي ضرورت:** جڏهن دين مڪمل ٿيو ۽ دين اسلام تي الله تعالىٰ جي رضامندي جو واضح اظهار ٿيو، حضوراڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلىٰ آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي آخري نبي ۽ رسول هئڻ جو اعلان ٿيو ته هاڻي ڪنهن ٻئي نبي جي ضرورت ئي نه رهي. حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلىٰ آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي آخري نبي هجڻ جي متعلق قرآن مجيد ۾ ارشاد آهي: مَاكَانَ مُحَمَّدٌ اَبَآ اَحَدٍ مِّنْ رِّجَالِكُمْ وَلٰكِنْ رَّسُوْلَ اللهِ وَخَاتَمَ النَّبِيّٖنَ (سورة الاحزاب:40) ترجمو: حضرت محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلىٰ آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن توهان مردن منجهان ڪنهن جا به پيءُ نه آهن پر الله جا رسول ۽ نبين جي پُڄاڻي آهن حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلىٰ آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: ترجمو: منهجي امت ۾ (30) ٽيهه اهڙا ڪوڙا ايندا جن مان هر هڪ پنهنجي نبي هجڻ جي دعويٰ ڪندو حالانڪ مان آخري نبي آهيان، مون کان پوءِ ٻيو ڪو به نبي ناهي. (ابو داؤد، حديث 4253) ذڪر ڪيل حديث مان واضح آهي ته حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلىٰ آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن آخري نبي آهن ۽ هيءَ امت آخري امت آهي. هاڻي ڪو به نبي نه ايندو، جيڪڏهن ڪو به اهڙي قسم جي دعويٰ ڪري ته اهو ڪوڙو آهي. اهڙي طرح حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلىٰ آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي آخري نبي هجڻ تي سموري امت جو اجماع ۽ اتفاق آهي.

**حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلىٰ آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن تي سلسلہ نبوت جي ختم ٿيڻ جو سبب:** حضرت محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلىٰ آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن تي سلسلہ نبوت جي ختم ٿيڻ جو سبب هيءَ آهي:

- حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلىٰ آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن تي اهڙو جامع ۽ هميشہ رهڻ وارو ڪتاب نازل ڪيو ويو آهي جنهن جا لفظ ۽ حڪم اڄا تائين محفوظ آهن ۽ قيامت تائين محفوظ رهندا. پاڻ سڳورن

صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن کي ڪامل دين ۽ مڪمل شريعت ڏني وئي. جنهن ۾ اهڙي جامع ۽ اصولي تعليم ڏني وئي آهي جو ان کي سامهون رکي قيامت تائين پيش اچڻ وارن مسئلن جو حل ڪڍي سگهجي ٿو.

- حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن کان اڳ وارا سيئي نبي سڳورا پنهنجي پنهنجي قومن، علائقن ۽ قبيلن جي طرف نبي ٿي آيا. انهن جي نبوت وقتي ۽ پنهنجين قومن لاءِ خاص هئي. جڏهن ته پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي نبوت عالمگير ۽ سموري انسانيت جي لاءِ ۽ قيامت تائين اچڻ وارن سيني انسانن جي لاءِ آهي.

ان جي ڪري اسان کي گهرجي ته مسلمان هجڻ جي حيثيت سان حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي ڏسيل ڳالهين تي سچائي سان يقين رکون. پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي اطاعت ۽ اتباع ڪريون. رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن سان بي پناهه محبت ڪندي پنهنجين سيني خواهشن کي حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي حڪمن جي تابع ڪريون. حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جو بيحد ادب ۽ احترام ڪريون. پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي عظمت ۽ جلال سبب هميشه تواضع ۽ انڪساري سان رهون. پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي نافرماني ۽ خلاف ورزي کان پاسو ڪريون. حضوراڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي امت (سيني مسلمانن) جا خيرخواهه رهون. حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي پيغام کي پنهنجي قول ۽ عمل سان اڳتي

قھلايون .

| | |
|---|---|
| شاگردن ۽ شاگرديائين لاءِ سرگرمي | ختم نبوت جي باري ۾ آيت ۽ حديث ياد ڪري ان کي چارٽ تي لکي ڪلاس ۾ هڻو. |

## مشق

**(الف) هيٺين سوالن جا تفصيلي جواب لکو:**

1. رسالت ۽ نبوت جي لغوي ۽ اصطلاحي معنىٰ ۽ مفهوم لکو.
2. عقيده رسالت تي تفصيلي مضمون لکو.
3. اطاعت ۽ اتباع رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ تي تفصيلي نوٽ لکو.
4. ”عقيده ختم نبوت“ جي تشريح ڪريو.
5. دين اسلام ۾ رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن سان محبت جي اهميت ڇا آهي؟

**(ب) هيٺين سوالن جا مختصر جواب لکو:**

1. نبي ۽ رسول ڪنهن کي چئبو آهي؟
2. رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن آخري رسالت جون خصوصيتون لکو.
3. ختم نبوت بابت قرآن مجيد ۽ حديث اسان جي ڪهڙي رهنمائي ڪن ٿا.
4. ڪامل ايمان جي سڃاڻ ڇا آهي؟

(ج) هيٺين سوالن جي صحيح جوابن تي (✓) جو نشان لڳايو:

1. نبوت ۽ رسالت هڪ اهڙو منصب آهي جيڪو:

(الف) ڪو بہ انسان محنت ڪري حاصل ڪري سگهي ٿو
(ب) عبادت گذار ماڻهن کي ملندو آهي
(ج) خدمت خلق ڪرڻ وارن انسانن کي ملندو آهي
(د) الله تعالىٰ پنهنجي خاص چونڊيل ٻانهن کي عطا ڪندو آهي.

2. الله تعالىٰ هر قوم جي هدايت ۽ رهبري لاءِ موڪليو آهي:

(الف) ڪتاب
(ب) نبي
(ج) ملائڪ
(د) جن

3. الله تعالىٰ جي طرف کان موڪليل پهريون نبي آهي:

(الف) حضرت آدم عليہ السلام
(ب) حضرت موسىٰ عليہ السلام
(ج) حضرت عيسىٰ عليہ السلام
(د) حضرت ابراهيم عليہ السلام

**استادن لاءِ هدايتون**

استاد عقيده ختم نبوت کي شاگردن جي دل ۽ دماغ ۾ پڪو ڪرڻ لاءِ موجوده دور جي تقاضائن جي مطابق وڏيڪ ٻڌائين.

(ب) عبادات

## 1. عبادت جي اهميت ۽ افاديت

### سکيا جي حاصلات

* عبادت جو مفهوم بيان ڪري سگهن.
* عبادت جي اهميت ۽ افاديت بيان ڪري سگهن.
* عملي زندگي ۾ عبادت جي اثرن کي بيان ڪري سگهن.

**عبادت جي معنىٰ ۽ مفهوم:**

عبادت عربي زبان جو لفظ آهي جيڪو "عبد" مان مشتق آهي، عبادت جي لفظي معنىٰ: بندگي، عاجزي، انڪساري، اطاعت ۽ فرمانبرداري آهي. اصطلاح ۾ الله تعالىٰ جي خوشنودي حاصل ڪرڻ جي نيت سان حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلىٰ آلِهِ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي اسوه حسنہ جي مطابق زندگي گذارڻ جو نالو "عبادت" آهي. هي عبادت هر ان عمل تي مشتمل آهي جنهن جي ڪرڻ جو حڪم الله تعالىٰ فرمايو آهي يا جنهن جي ڪرڻ جي منع فرمائي آهي. چو تہ ٻانهي جو ڪم مالڪ جي اطاعت ڪرڻ آهي. خاص طور تي جيڪڏهن اهو مالڪ بادشاهن جو بہ بادشاهہ هجي تہ ان جي حڪمن کي پنهنجي لاءِ خوشي جو سبب ۽ باعث مسرت ۽ اطمينان سمجهڻ ئي هڪ ٻانهي جو معراج آهي.

**عبادت جي اهميت ۽ افاديت:** اسلام ۾ ايمان يا عقيده جي درست هجڻ کان پوءِ عبادت تي زور ڏنو ويو آهي. ۽ عبادتون الله تعالىٰ سان براہ راست رابطي، تعلق ۽ ويجهڙائي جي عملي صورت آهن. ارشاد باري تعالىٰ آهي "۽ مان جنن ۽ انسانن کي ان لاءِ پيدا ڪيو آهي تہ منهنجي عبادت ڪن" (الذاريات:56). ٻي جڳهہ تي ارشاد باري آهي "اي انسانو! پنهنجي پروردگار جي عبادت ڪريو جنهن توهان کي ۽ توهان کان پهرين انسانن کي پيدا ڪيو جيئن توهان (ان جي عذاب کان) بچو" (سورة البقره:21) هن آيت ۾ عبادت جو مقصد "تقوىٰ" بيان ٿيل آهي،

جيڪا دل جي پاڪائي، روح جي صفائي ۽ عمل جي اخلاص کان پوءِ جي منزل آهي. هيءَ انسان جي اها قلبي ڪيفيت آهي، جنهن سان نيڪ عملن ڪرڻ جو شوق ۽ براين کان نفرت پيدا ٿيندي آهي. قرآن پاڪ ۾ ارشاد باري آهي قُلْ اِنَّ صَلَاتِيْ وَ نُسُكِيْ وَ مَحْيَايَ وَ مَمَاتِيْ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ـ (سورة الانعام:162) ترجمو: چؤ تہ منهنجي نماز ۽ منهنجي قرباني ۽ منهنجو جمڻ ۽ منهنجو مرڻ سڀ الله رب العالمين جي لاءِ ئي آهي. هر روز هر نماز ۾ مسلمان هر هر صراط مستقيم (سڌي رستي) جي لاءِ دعا گهرندو آهي. ذڪر ڪيل آيت ۾ صراط مستقيم جو مختصر ۽ جامع خاڪو پيش ڪيو ويو آهي جيڪو اسلامي زندگيءَ جو روح ۽ اسلامي معاشري جي جان آهي. آيت ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ مسلمان جو هر ساهہ، هر قدم ۽ هر ڪم الله تعاليٰ جي لاءِ هوندو آهي، غير الله يا پنهنجي نفس جي خواهش جي لاءِ نہ هوندو آهي ۽ اهو ئي مسلمان جي زندگي جو مقصد ۽ منشا آهي.

**عبادت جون تقاضائون:** اسان کي الله تعاليٰ جي سمورن حڪمن کي مڃڻ گهرجي، ان تي عمل ڪرڻ گهرجي، جنهن ڳالهہ کي ان حرام ڪيو آهي ان کي ڇڏڻ گهرجي ۽ جن شين کي واجب ۽ فرض قرار ڏنو آهي انهن کي ادا ڪري الله تعاليٰ جي مڪمل اطاعت ڪئي وڃي. زندگي جي هر شعبي کي الله تعاليٰ جي اطاعت جي دائري ۾ آڻڻ گهرجي يعني مڪمل اطاعت ڪئي وڃي. ارشاد باري تعاليٰ آهي. ترجمو: مؤمنو! اسلام ۾ پوري جا پورا داخل ٿي وڃو. (البقره: 208)

**انسان جي عملي زندگي تي عبادت جا اثر:** اسلام جو نظام عبادت انسان ۾ ٻئي انسان جي لاءِ محبت ۽ همدردي جا جذبا پيدا ڪندو آهي. ان لاءِ هڪ مسلمان ٻين ماڻهن سان محبت ۽ الفت رکندو آهي ۽ انهن سان همدردي ڪندو آهي ۽ انهن کي ڏک سک ۾ ڪم ايندو آهي. اهڙي طرح هي عبادتون صبر ۽ تحمل جو سبق بہ ڏين ٿيون گڏوگڏ الله تعاليٰ جي رضا ۽ اجتماعي مفاد جي لاءِ پنهنجي ذاتي مفاد کي قربان ڪرڻ جو جذبو بہ پيدا ڪن ٿيون.

- عبادتون اسان کي سماج سان گڏجي رهڻ جو سبق ڏين ٿيون. ان لاءِ انسان ٻين انسانن سان گڏجي رهڻ سکندو آهي ۽ معاشره پسند بڻجي ويندو آهي.
- عبادت جي پابندي سستي، ڪاهلپ ۽ وقت کي ضايع ڪرڻ جهڙين برين خصلتن کي ختم ڪري ڇڏي ٿي.
- نماز جي پابندي سان انسان جي اندر وقت جي پابندي، ظاهري ۽باطني طهارت ۽ پاڪيزگي، قائد جي اطاعت ۽ اجتماعيت جون صفتون پيدا ٿين ٿيون ۽ هو برائين ۽ بي حيائين کان رڪجي پوي ٿو.
- روزو انسان ۾ تقويٰ پيدا ڪري ٿو يعني خوف خدا ماڻهوءَ کي نيڪي ۽ برائي ۾ تميز ڪرائي ٿو.
- زڪواة جي ذريعي انسان جي اندر مان مال جي محبت گهٽ ٿئي ٿي ۽ هو پاڻ جهڙن انسانن جي مالي مدد ڪرڻ ۾ خوشي محسوس ڪري ٿو.
- حج عالمي طور تي اجتماعيت جو درس ڏئي ٿو.
- ماڻهن جي ڪم اچڻ، صلہ رحمي ڪرڻ ۽ پنهنجي ماتحت انسانن جي ڪفالت ڪرڻ جهڙن عملن سان پاڻ ۾ ميل جول ۽ تعلقات بهتر ٿين ٿا. عبادت جا اهي اثر مؤمن کي سندن نيت ۽ اخلاص جي بنياد تي حاصل ٿيندا. اهڙي طرح عبادت ۾ نيت جي درستگي ۽ اخلاص ان جي قبوليت جي ڪنجي آهن. پوءِ هر نيڪي مؤمن جي لاءِ عبادت جو درجو رکي ٿي ۽ ان تي قائم رهڻ جي لاءِ بہ تاڪيد ڪيو ويو آهي. ارشاد باري آهي: ترجمو: تہ ان جي عبادت ڪريو ۽ ان جي عبادت تي ثابت قدم رهو. (مريم: 65)
- اهي عبادتون ئي آهن جيڪي انسان جي اصلاح سان گڏوگڏ سماج ۾ ڀلاين ۽ نيڪين جي رواج آڻڻ جو ذريعو بڻجن ٿيون ۽ مؤمن جي لاءِ دنيوي ۽ آخرت جي سعادت جو سبب بڻجن ٿيون.

## مشق

**(الف) هيٺين سوالن جا تفصيلي جواب لکو:**

1. ”عبادت“ تي تفصيلي مضمون لکو.
2. عبادت جا عام زندگي تي اثر لکو.
3. عبادت جي اهميت ۽ افاديت لکو.

**(ب) هيٺين سوالن جا مختصر جواب لکو:**

1. عبادت جي لغوي ۽ شرعي معنىٰ ڇا آهي؟
2. عبادت جون ڪجهه تقاضائون لکو.
3. قُلْ اِنَّ صَلَاتِيْ وَنُسُكِيْ وَمَحْيَايَ وَمَمَاتِيْ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ جو ترجمو لکو.

**(ج) هيٺين سوالن جي صحيح جوابن تي (✓) جو نشان لڳايو:**

1. الله تعالىٰ انسانن ۽ جنن کي پيدا ڪيو آهي:

(الف) عبادت جي لاءِ　　(ب) زراعت جي لاءِ
(ج) تجارت جي لاءِ　　(د) صنعت ۽ حرفت جي لاءِ

2. حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي اسوه حسنه جي مطابق زندگي گذارڻ جو نالو آهي:

(الف) معيشت　　(ب) معاشرت
(ج) عبادت　　(د) تجارت

3. انسان کي پيدا ڪرڻ جو مقصد آهي:

(الف) زمين کي آباد ڪرڻ　　(ب) الله جي عبادت ڪرڻ
(ج) تجارت ڪرڻ　　(د) پوک ڪرڻ

## 2- جهاد

(تعارف، اهميت ۽ قسم)

**سکيا جي حاصلات**

* جهاد جو تعارف بيان ڪري سگهن.* جهاد جي فضيلت ۽ اهميت واضح ڪري سگهن. * جهاد جا قسم بيان ڪري سگهن.

**جهاد جي معنىٰ ۽ مفهوم:**

جهاد عربي زبان جو لفظ آهي جيڪو ”جهد“ مان ورتل آهي، ان جي لغوي معنىٰ آهي: محنت، جدوجهد، گهڻي ڪوشش ۽ جستجو ڪرڻ.

**شرعي اصطلاح:** الله عزوجل جي رضا خاطر هر اها جدوجهد ۽ ڪوشش جيڪا الله پاڪ جي دين جي سر بلندي، حفاظت، ملڪ ۽ ملت جي تحفظ ۽ دفاع جي لاءِ هجي. هر اها ڪوشش ۽ جدوجهد بہ جيڪا معاشري جي اصلاح جي خاطر نيڪي ۽ ڀلائي جي رائج ڪرڻ ۽ براين توڙي خرابين کي ختم ڪرڻ لاءِ هجي.

**جهاد جي فضيلت ۽ اهميت:** اسلام جهاد کي وڏي فضيلت ۽اهميت ڏني آهي، جو تہ دنيا ۾ ڦهليل فساد، ظلم ۽ هر قسم جي برائي جيڪا معاشري جي اندر فتنہ ۽ فساد جو سبب بڻجي ٿي. ان سڀ کي ختم ڪري دنيا ۾ امن ۽ سلامتي جي فضا قائم ڪرڻ ۽ انساني حقن جو تحفظ ڪرڻ صرف ۽ صرف جهاد جي ذريعي ئي ممڪن آهي. ارشاد باري آهي: وَّجَاهِدُوۡا بِاَمۡوَالِكُمۡ وَاَنۡفُسِكُمۡ فِىۡ سَبِيۡلِ اللّٰهِ‌ ؕ ذٰ لِكُمۡ خَيۡرٌ لَّـكُمۡ اِنۡ كُنۡتُمۡ تَعۡلَمُوۡنَ۔ (التوبة: 41) ترجمو: ۽ الله جي راهہ ۾ جهاد ڪريو، پنهنجي مال ۽ پنهنجي جانين سان، اهو بهتر آهي توهان جي حق ۾ جيڪڏهن توهان علم رکو ٿا.

جهاد جي حوالي سان رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ

جن فرمايو آهي: جيڪو شخص اهڙي حال ۾ فوت ٿيو هجي جو ان پنهنجي زندگي ۾ عملي طور تي نہ جهاد ڪيو ۽ نہ ئي جهاد جي خواهش ڪئي تہ ان نفاق جي درجي تي وفات ڪئي. (صحيح مسلم:1910)

**جهاد جا قسم ۽ ان جون عملي صورتون:**

1. **نفساني خواهشن جي خلاف جهاد:** انسان کي الله تعالىٰ جي اطاعت ۽ عبادت کان جيڪا اندروني قوت روڪي ٿي، اهو ان جو نفس اماره آهي. جيڪو انسان کي گناهن، برائين ۽ نافرمانين جي لاءِ اڀاريندو آهي، جنهن ۾ خود پسندي، بغض گلا غيبت، ڪوڙ ۽ بدڪلامي ۽ ٻين نفساني خواهشن جو مسلط ٿيڻ جيڪي انسان جي عملن ۽ ڪردار کي بگاڙي سگهن ٿيون.

ان نفس اماره کي ضابطي ۾ رکڻ جهاد جي زمري ۾ اچي ٿو. قرآن مجيد ۾ ارشاد باري آهي. ترجمو: ۽ جيڪو پنهنجي رب جي سامهون بيهڻ کان ڊڄي ٿو ۽ پنهنجي نفس جي خواهش کان پاڻ کي روڪي ٿو تہ ان لاءِ هميشہ رهڻ واري جڳهہ جنت آهي.

(سورة النازعات:40)

نبي اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن ان شخص کي جيڪو پنهنجي نفس کي قابو ڪري ٿو مجاهد قرار ڏنو آهي. فرمايائون: ”المجاهد من جاهد نفسه“ مجاهد اهو آهي جيڪو پنهنجي نفس سان جهاد ڪري. (سنن ترمذي:1621) ڪجهہ روايتن ۾ نفس سان جهاد ڪرڻ کي جهاد اڪبر چيو ويو آهي.

2. **برائين کي ختم ڪرڻ لاءِ جهاد:** ڪنهن بہ معاشري ۾ جڏهن انفرادي برائيون عام ٿي وينديون آهن. تہ اڳتي هلي اجتماعي فساد جي صورت وٺي وينديون آهن. انهن سڀني برائين کي اسلام منڪرات جو نالو ڏنو آهي.

جيئن تہ اسلامي معاشرو ڳڏيل خير ۽ ڪاميابيءَ جي اصولن تي قائم آهي. تنهن ڪري هر اهو عمل جيڪو معاشري ۾ بگاڙ پيدا

ڪري اسلام نہ صرف ان کي رد ڪري ٿو بلڪ مؤمنن کي ان جي مٽائڻ جو حڪم ڏئي ٿو. اسلام هن معاملي ۾ رهنمائي ڪئي آهي تہ جيئن معاشرتي نظم هر صورت ۾ پرامن ۽ منظم رهي. جيڪو گڏيل همدردي جي خيالن جي عام ڪرڻ جي ذريعي ممڪن آهي ۽ انهن عملن جي نشاندهي بہ ڪئي آهي جيڪي منڪرات جي ضمن ۾ اچن ٿا. معاشرتي منڪرات ۾ ظلم ۽ زيادتي، چوري، ڦر مار، زباني ۽ قومي فخر جي بنيادن تي رويا، ڪوڙيون شاهديون، ڏاڍائي ۽ رشوت، ملاوٽ، ماپ تور ۾ ڪوٽ، فاسد رسمون، حقدار جي حق تلفي ۽ ٻيون برايون وغيره شامل آهن.

اسلام ۾ معاشري جي هر فرد جي ذميواري آهي تہ منڪرات کان پاڻ بچي ۽ ٻين کي بہ بچائڻ جي ڪوشش ڪري. هي ڪوشش انفرادي بہ آهي ۽ اجتماعي بہ آهي.

منڪرات کي ختم ڪرڻ ۽ معاشري جي اصلاح لاءِ قرآن مجيد مختلف طريقا ذڪر ڪيا آهن. ڪٿي امر بالمعروف ۽ نهي عن المنڪر. ڪٿي دعوت ۽ تبليغ ۽ ڪٿي حق ۽ صبر جي وصيت جو نالو ڏنو ويو آهي. امت جي هر فرد کي پنهنجي طاقت ۽ وس جي مطابق هي ذميواري سرانجام ڏيڻي آهي. رسول ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جو ارشاد مبارڪ آهي. "مَنْ رَّاٰى مِنْكُمْ مُّنْكَرًا فَلْيُغَيِّرْهُ بِيَدِهٖ وَاِنْ لَّمْ يَسْتَطِعْ فَبِلِسَانِهٖ وَ اِنْ لَّمْ يَسْتَطِعْ فَبِقَلْبِهٖ-" (صحيح مسلم:49) توهان منجهان جيڪو شخص برائي کي ڏسي تہ ان کي گهرجي تہ ان کي پنهنجي هٿ سان ختم ڪري جيڪڏهن هٿ سان ختم نہ ٿو ڪري سگهي تہ پوءِ زبان سان ۽ جيڪڏهن زبان سان بہ نہ ٿو ڪري سگهي تہ پنهنجي دل ۾ ئي ان کي برو سمجهي.

عالمن ان حديث جي تشريح ۾ لکيو آهي تہ منڪرات کي قوت ۽ طاقت سان ختم ڪرڻ حڪومت جي ذميواري آهي. زبان ۽ قلم سان عالمن، اهل قلم جي ذميواري آهي، ۽ امت جي هر فرد جي ذميواري

آهي تہ برائي کي برو سمجهن ۽ ان کان پاسو ڪن.

اهڙي طرح اسلام ان ڳالهہ جو بہ تاڪيد ڪيو آهي تہ مومن خود بہ حق تي قائم رهي. حق ڳالهہ ڪري ۽ ٻين کي بہ حق تي قائم رهڻ تي آماده ڪري. ۽ حق جي سر بلندي جي لاءِ ڪوشش ڪندو رهي. ان عمل کي افضل الجهاد چئبو آهي.

رسول ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو آهي:

اَفْضَلُ الْجِهَادِ كَلِمَةُ عَدْلٍ عِنْدَ سُلْطَانٍ جَائِرٍ (سنن ابي داؤد: 4344) ظالم حاڪمن جي سامهون حق جو لفظ چوڻ افضل جهاد آهي.

**جهاد بالسيف/ مسلح جهاد (قتال):**

**جهاد بالسيف يعني تلوار سان جهاد:** ان مان مراد هي آهي تہ جيڪڏهن ڪا دشمن قوت ڪنهن اسلامي ملڪ تي حملو ڪري تہ ان ملڪ تي پنهنجي سرحدن ۽ شهرين جي دين، امان، جان ۽ مال، عزت ۽ آبرو جي حفاظت جي لاءِ قتال ڪرڻ فرض آهي.

**مسلح جهاد جي فرضيت:** حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جڏهن رياست مدينہ جو بنياد رکيو تہ مڪي جي ڪافرن ۽ ٻين اسلام جي دشمنن جي ڪاوڙ ڪروڌ وڌي ويو. ۽ اهي هن نئين رياست کي مڪمل طور ختم ڪرڻ جي لاءِ سرگرم ٿي ويا ۽ طرح طرح جا منصوبا ناهڻ لڳا، جنهن جي نتيجي ۾ اسلامي رياست جي وجود ۽ مسلمانن جي جان، مال ۽ عزت کي شديد خطرو لاحق ٿيو. تڏهن الله تعالىٰ دفاع جي لاءِ مسلمانن کي انهن ڪافرن سان مسلح جهاد ڪرڻ جي اجازت ڏني. ارشاد باري تعالىٰ آهي تہ: ترجمو: جن مسلمانن سان لڙائي ڪئي وڃي ٿي انهن کي اجازت آهي تہ اهي بہ وڙهن. چو تہ انهن تي ظلم ٿي رهيو آهي. ۽ الله تعالىٰ انهن جي مدد ڪندو ۽ يقيناً انهن جي مدد تي قادر آهي. (الحج:39) سورة الحج جي هي آيت قتال جي فرضيت جي حوالي سان پهرين ۽ ابتدائي آيت آهي. ان وقت جيئن تہ اسلامي رياست جو فوجي نظام نہ هئو تنهنڪري سيني عاقل ۽ بالغ

مردن مؤمنن تي قتال يعني جهاد ”فرض عين“ هيو.

**جهاد بالسيف جي فرضيت جا سبب:**

**الف: ڪافرن جي دشمني ۽ انهن جا پُرخطر ارادا:** مڪ مڪرمه ۾ جيڪو بہ اسلام قبول ڪندو هئو تہ اسلام جي دشمنن طرفان ان تي ظلم ۽ ڏاڍ ڪيو ويندو هو ڪيس سخت اذيتون ڏنيون وينديون هيون. جنهن جو بنيادي سبب ”ڪلمة الحق“ لااله الا الله محمد رسول الله جو اقرار هيو. ان ڪلمة الحق کي ڪافر پنهنجي عقيدي جي برخلاف سمجهندا هئا. ڪنهن بہ صورت ۾ هن ڪلمة الحق کي برداشت ڪرڻ جي لاءِ تيار نہ هئا، تنهن ڪري مسلمانن جي لاءِ مڪي جي زمين تنگ ڪئي وئي. ۽ مسلمانن کي مديني جي طرف هجرت ڪرڻ تي مجبور ڪيو ويو.

الله جل شانه فرمائي ٿو ترجمو: هي اهي ماڻهو آهن جيڪي پنهنجي گهرن مان ناحق ڪڍيا ويا آهن. ها هي چون ٿا تہ اسان جو پروردگار الله آهي. (الحج: 40)

مڪي جي ڪافرن جي مسلمانن سان شديد مخالفت ۽ دشمني جو اندازو هن آيت مان بہ بخوبي لڳائي سگهجي ٿو. ترجمو: ۽ هي ماڻهو (ڪافر) هميشہ توهان سان وڙهندا رهندا. ايستائين جو چاهن تہ توهان کي توهان جي دين کان ڦيري ڇڏن. (البقرة: 217)

**(ب): اسلامي رياست جي وجود کي خطرو:** ڪافر جنهن ڪلمة الحق کي مڪي ۾ برداشت نہ پيا ڪن، ان ڪلمة الحق تي مديني ۾ هڪ رياست جو بنياد رکيو ويو تہ ڪافرن کي هي انديشو وڌي ويو تہ اسلام جي طاقت انهن جي لاءِ هڪ مستقل خطرو بڻجي ويندي ۽ انهن جون نندون ڦٽي پيون. ۽ انهن مخالفت لاءِ ڪوششون وڌائي ڇڏيون. ۽ ان اسلامي رياست کي ختم ڪرڻ لاءِ جنگ جو منصوبو ناهڻ لڳا. تڏهن الله تعالي مسلمانن کي پنهنجي دفاع جي لاءِ هي حڪم جاري فرمايا. ترجمو: ۽ جيڪي ماڻهو توهان سان لڙائي ڪن ٿا، توهان بہ الله پاڪ جي رستي ۾ انهن سان لڙائي ڪريو پر زيادتي نہ ڪريو ڇو جو الله تعالیٰ زيادتي

ڪرڻ وارن کي پسند نہ ٿو ڪري. (البقرة:190)

زيادتي نہ ڪرڻ مان مراد هي آهي تہ قوت جو استعمال اتي ڪريو جتي ٻيو ڪو چارو نہ هجي ۽ ان حد تائين ڪريو جيتري ان جي ضرورت آهي.

**مسلح جهاد جا مقصد:**

قرآن ڪريم اسلامي رياست جي دفاع ۽ تحفظ کان علاوه اسلحي سان جهاد ڪرڻ جا ڪجهہ مقصد بہ ٻڌايا آهن مثلاً:

**الف: عهد شڪني جي سزا:** اسلام معاهدن جي پابندي جي لاءِ تمام گهڻو تاڪيد ڪيو آهي، ارشاد باري تعالىٰ آهي: ”۽ جڏهن الله سان پڪو وعدو ڪريو تہ ان کي پورو ڪريو ۽ جڏهن پڪا قسم ڪڻو تہ انهن کي نہ ٽوڙيو ڇو جو توهان الله کي پنهنجو ضامن مقرر ڪري چڪا آهيو ۽ جيڪو ڪجهہ توهان ڪيو ٿا الله ان کي ڄاڻي ٿو. (النحل:91)

اسلام ان قوم سان لڙائي ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي جيڪا اسلامي حڪومت سان جنگ نہ ڪرڻ جو معاهدو ڪري پوءِ ان معاهدي جي پويان جنگي ارادا رکي. قرآن ڪريم رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن کي مخاطب ٿي فرمايو آهي: ”جن ماڻهن سان توهان (صلح) جو عهد ڪيو آهي، پوءِ اهي بار بار پنهنجي واعدي کي ٽوڙين ٿا. ۽ الله کان نہ ٿا ڊڄن. جيڪڏهن توهان انهن کي جنگ ۾ ڏسو تہ انهن کي اهڙي سيڪت ڏيو جو جيڪي ماڻهو انهن جي پويان هجن انهن کي (ان مان) عبرت حاصل ٿئي. ۽ جيڪڏهن توهان کي ڪنهن قوم مان دغابازي جو خوف هجي تہ (انهن جو عهد) انهن جي ئي طرف اڇلي برابري وارو جواب ڏيو. ڪو بہ شڪ ناهي تہ الله دغابازن کي پسند ناهي ڪندو. (الانفال: 56 کان 58)

جيتوڻيڪ هنن آيتن جو شان نزول خاص موقعي جي مناسبت سان آهي، پر ان جو حڪم عام آهي. يعني اسلام ۾ بد عهد قوم سان ڪنهن قسم جي رعايت نہ آهي. ۽ جيڪا قوم معاهدو ڪرڻ کان پوءِ ان

کي ٽوڙي لڙائيءَ لاءِ ڪوشان هجي ته اسلام اسلامي حڪومت کي انهن سان لڙڻ ۽ مقابلي ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي.

(ب) احترام انسانيت ۽ مظلومن جي مدد: اسلام انساني عزت جو تمام وڏو پيغام رکي ٿو. ان پيغام ۾ انسانيت جي لاءِ جيڪي اصول رکيا ويا آهن، انهن ۾ مظلومن جي حمايت ۽ مدد ڪرڻ ۽ انهن کي ظالمن جي ظلم کان ڇوٽڪارو ڏيارڻ اسلامي حڪومت جي لاءِ لازم قرار ڏنو ويو آهي.

سورة النساء ۾ الله تعاليٰ جو فرمان آهي. ترجمو: ۽ توهان کي ڇا ٿيو آهي جو الله جي رستي ۾ انهن بي وَسِ مردن، عورتن ۽ ٻچن جي خاطر نه ٿا وڙهو جيڪي دعائون ڪندا رهن ٿا ته اي پروردگار! اسان کي هتان ڪڍي ڪٿي ٻي جڳهه موڪل ۽ پنهنجي طرف کان انهن کي اسان جو مددگار مقرر فرماءِ. (النساء:75)

ڪٿي جو هن آيت جو اشارو انهن مظلوم مردن، عورتن ۽ ٻچن جي طرف آهي جيڪي مڪي ۾ رهجي ويا هئا ۽ هجرت نه ڪري سگهيا هئا ۽ انهن کي ڪافرن جي طرفان تڪليفون ۽ اذيتون ڏنيون ويون. انهن جو جيئڻ حرام ڪري ڇڏيو هون. پر ان ۾ اسلامي جنگ جو هڪ اعليٰ اصول بيان ڪيو ويو آهي، ته دنيا جي ڪنهن به حصي ۾ انسانن جا حق پائمال ڪيا وڃن ۽ انهن جي لاءِ اتان جي زمين تنگ ڪئي وڃي، خواهه انهن جو ڪنهن به مذهب يا قوم سان تعلق هجي ته اسلامي حڪومت جو فرض بڻجي ٿو ته جيترو ممڪن ٿي سگهي انهن مظلومن جي مدد ڪري انهن کي ظلم کان نجات ڏياري.

(ج) فتني ۽ فساد جو خاتمو: اسلامي تعليمات جي بنيادي مقصدن ۾ امن بحال ڪرڻ، محبت ۽ رواداري کي عام ڪرڻ ۽ ظلم ۽ فتني فسادکي ختم ڪرڻ آهي.

دنيا ۾ جتي به ڪو گروهه ملڪ گيري لاءِ، يا پنهنجي مذموم مقصدن جي لاءِ ڪمزورن تي چڙهائي ، ظلم ۽ زيادتي يا فتني ۽ فساد

ذريعي خلقِ خدا جي امن ۽ سڪون کي خطري ۾ وجهي ته ان قسم جي فتنه سازي، ظلم ۽ جبر کان عوام کي بچائڻ لاءِ قرآن مجيد اسلامي رياست کي جنگ ڪرڻ جو تاڪيد ڪيو آهي. ارشاد باري تعالىٰ آهي ترجمو: ۽ انهن سان اهڙي قوت سان لڙندو رهجان جيستائين فساد ختم ٿي وڃي ۽ (ملڪ ۾) الله پاڪ جو دين ئي هجي ۽ جيڪڏهن اهي فساد کان پري ٿي وڃن ته ظالمن کان سواءِ ڪنهن تي به زيادتي نه ڪرڻ گهرجي.

هن آيت ۾ اسلامي جنگ جو مقصد، زمين تي فتني ۽ فساد کي ختم ڪرڻ ۽ دنيا ۾ امن جي فضا قائم ڪرڻ آهي.

**مسلح جهاد جا شرط:** اسلام مسلح جهاد جي لاءِ ڪجهه شرط رکيا آهن. جن کي ڌيان ۾ رکي جهاد ڪرڻ گهرجي:

**(الف) اعلاء ڪلمة الله (الله پاڪ جي دين جي سر بلندي):** مسلح جهاد جو پهريون شرط هي آهي ته اهو صرف الله پاڪ جي دين جي سربلندي جي لاءِ هجي.

**(ب): اسلامي رياست جي طرفان اعلان:** مسلح جهاد جو ٻيون شرط هي آهي ته قتال جو اعلان رياست جي طرفان هجي. اسلام ۾ قتال جي اعلان جي مجاز صرف ۽ صرف رياست آهي. ڪنهن فرد يا جماعت جي اعلان يا فتوىٰ (جنگ جي لاءِ) جي شرعي حيثيت نه آهي. بلڪ ان قسم جي فتوىٰ يا اعلان "فساد في الارض" جي زمري ۾ اچي ٿو.

**(ج): مناسب فوجي طاقت ميسر هجي:** مسلح جهاد لاءِ هي به شرط آهي ته مخالف قوت سان وڙهڻ جي لاءِ اسلامي حڪومت وٽ مناسب طاقت ۽ قوت ميسر هجي. قرآن مجيد اسلامي رياست کي مضبوط رکڻ جي لاءِ تاڪيد ڪيو آهي. فرمايائين ترجمو: ۽ جيترو ٿي سگهي (قوت جي) زور سان ۽ گهوڙن کي تياررکڻ سان انهن جي مقابلي لاءِ تيار رهو ته جيئن ان ذريعي اوهان هيبت طاري ڪريو الله پاڪ جي دشمنن ۽ توهان جي دشمنن ۽ ان کانسواءِ ٻين ماڻهن تي جن کي اوهان نه ٿا ڄاڻو ۽ الله پاڪ

جاڻي ٿو. ۽ توهان جيڪو ڪجهه به الله پاڪ جي راهه ۾ خرچ ڪندؤ ان جو ثواب توهان کي پورو جو پورو ڏنو ويندو ۽ توهان کي ذري برابر به نقصان نه ڏنو ويندو.

هن آيت جو مطلب هي آهي ته مسلمانو! توهان وٽ جنگ جو جوڳو سامان ۽ هڪ مستقل فوج هر وقت تيار هجڻ گهرجي ته جيئن ضرورت وقت فوراً ڪاروائي ڪري سگهو ۽ دشمنن جو ڀرپور مقابلو ڪري سگهو.

**(د): لڙائيءَ ۾ جاهليت وارا طريقا استعمال نه ڪيا وڃن:** لڙائي جي وقت صرف انهن سان لڙجي جيڪي مقابلي ۾ هٿيارن سان هجن ۽ وڙهڻ ڪوشش ڪندا رهن. عورتن، ٻارن، پوڙهن، زخمين ۽ عام شهرين تي هٿ کڻڻ نه گهرجي. دشمن جي مقتولين کي مثلو نه ڪيو وڃي. پوکن، فصلن، گهرن ۽ چوپاين کي خوامخواهه برباد نه ڪيو وڃي.

**جهاد ۽ قتال ۾ فرق:** جهاد جي معنىٰ آهي ڪنهن مقصد جي حصول جي لاءِ پنهنجي پوري ڪوشش ڪرڻ، جهاد جنگ جي هم معنىٰ نه آهي. جنگ جي لاءِ قتال جو لفظ استعمال ٿيندو آهي. جڏهن ته جهاد ان کان وسيع معنىٰ رکي ٿو، ان ۾ هر قسم جي جدوجهد شامل آهي.

جهاد في سبيل الله هي آهي ته سڀ ڪجهه صرف الله پاڪ جي رضا ڪاڻ ڪيو وڃي ته جيئن الله پاڪ جو دين ان جي زمين تي قائم ٿئي.

## مشق

(الف) هيٺين سوالن جا تفصيلي جواب لکو:

1. جهاد جي فضيلت ۽ اهميت بيان ڪريو.
2. جهاد جا قسم بيان ڪريو.
3. جهاد جا شرط لکو.

(ب) هيٺين سوالن جا مختصر جواب لکو:

1. جهاد جي معنىٰ ۽ مفهوم ڇا آهي؟
2. جهاد جا مقصد بيان ڪريو؟

(ج) هيٺين سوالن جي صحيح جوابن تي (✓) جو نشان لڳايو:

1. جهاد جا قسم آهن:

(الف) 3 (ب) 4

(ج) 5 (د) 6

2. جهاد بالسيف جو مطلب آهي جهاد ڪرڻ:

(الف) دل سان (ب) زبان سان

(ج) اسلحي سان (د) قلم سان

3. بعض روايتن ۾ نفس سان جهاد ڪرڻ کي چيو ويو آهي:

(الف) جهاد اصغر (ب) جهاد اڪبر

(ج) جهاد اوسط (د) جهاد اعظم

## 1. بعثت نبوي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ

**سکيا جي حاصلات**

* بعثت نبوي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ کان اڳ عرب جا حالات بيان ڪري سگهن. * بعثت نبوي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جو مفهوم بيان ڪري سگهن. * بعثت نبوي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جا آثار ۽ مقصد بيان ڪري سگهن.

### بعثت نبوي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ کان اڳ عرب جا حالات:

مڪه مڪرمه: مڪه مڪرمه عربستان جو وڏو شهر ۽ قريش جو روحاني ۽ سماجي مرڪز بڻجي چڪو هئو، پنهنجي واپاري سرگرمين، تمدن، معيشت ۽ ترقيءَ سبب يمن جي مشهور شهر صنعاء جي برابر ٿي چڪو هئو. قريش جا واپاري قافلا سال ۾ ٻه دفعا شام ۽ يمن جو سفر ڪندا هئا. جنهن جي ڪري مڪي جا رهاڪو زندگيءَ جي هر سهولت سان مالا مال هئا. پنجين صدي عيسويءَ جي دوران مڪي جي سردار قُصَي بِن ڪِلاب (جيڪو حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جو پنجين پيڙهيءَ ۾ ڏاڏو آهي) مڪي جو انتظامي ڍانچو ٺاهيو هو. جيڪو اجان تائين برقرار هئو، جنهن جو بنياد اتحاد، اجتماعي تعاون، عام مفاهمت ۽ انتظامي معاملن جي گڏيل ورڇ تي رکيل هئو، تنهن ڪري جنگي معاملات، واپار ۽ ٻين سماجي معاملن جي حل لاءِ ”دارالندوه“ نالي مشورن جي مجلس قائم ٿي.

مڪي شهر جي بهتر انتظام، معاشي ۽ واپاري سرگرمين ۽ سڌريل سماجي نظام جي سبب ان جا گهڻائي خاندان تمام وڏا مالدار ۽ سرمائيدار ٿي چڪا هئا، انهن مان ڪجهه اهڙا ماڻهو به هئا جيڪي

صدقو ۽ خيرات ڏيندڙ، محتاجن ۽ مسڪينن جي مدد ڪندڙ هئا. پر ڪجھ اھڙا ماڻھو بہ هئا جن جو وياج ۽ ناجائز ذريعن وارو ڪاروبار هئو، اهي عياش، ضدي ۽ ڪمزور طبقي جي لاءِ سخت دل هئا. انهن کي مال ۽ اولاد تي غرور هئو، اهي ٻين کي حقير سمجهندا هئا. اهي سماجي برائين مثلاً: شراب خوري، ظلم، بدڪاري، فحاشي، آمدني جي ناجائز ذريعن (ڌاڙي، ڦر، چوري، جوا) کي برو نہ سمجهندا هئا. پاڙيسرين کي تڪليف ڏيڻ، صلہ رحميءَ جو خيال نہ رکڻ، ناحق قتل ڪرڻ انهن جو شغل هئو. اهڙن غير انساني روين جي ڪري هو سخت دل، خشڪ مزاج ۽ بي رحم ٿي چڪا هئا. حجاز جي ٻين حصن ۾ بہ بدانتظامي ۽ ڇڙواڳي جي سبب ماڻهو سرڪش ٿي چڪا هئا. پنهنجن ئي ماڻهن سان وڙهڻ، جهيڙو ڪرڻ، مارڻ انهن وٽ جرأت ۽ فخر سمجهيو ويندو هئو، پنهنجي ئي نياڻين کي زنده دفن ڪرڻ تي بہ فخر ڪيو ويندو هئو.

جهالت عام هجڻ سبب بت پرستي، انهن جي مذهبي نشاني بڻجي چڪي هئي. صرف ڪعبة الله جي اندر ئي ٽي سو سٺ بت رکيل هئا، جڏهن پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جو دنيا ۾ اچڻ ٿيو تہ دنيا جو هيءُ حال هيو جو ظَهَرَ الْفَسَادُ فِي الْبَرِّ وَالْبَحْرِ (الروم: 41) خشڪي ۽ پاڻيءَ ۾ فساد پيدا ٿي پيو هو (دنيا جي مذهبن ۽ تهذيبن جي عقيدن ۽عملن ۾ خرابيون پيدا ٿي چڪيون هيون)

**بعثت نبوي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جو مفهوم:** حضور ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي عمر مبارڪ چاليهن سالن تائين پهچي چڪي هئي ۽ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن رمضان جي مهيني ۾ معمول مطابق غار حرا جي اڪيلائپ ۾ عبادت ۾ مشغول هئا تہ هڪ ڏينهن جبرائيل عليه السلام الله تعالیٰ جي حڪم سان پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن وٽ آيا ۽ نبوت جي نور جي جيڪا روشني پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي

سيني ۾ مخفي هئي، انهيءَ کي الله تعالىٰ جي وحي جي هنن لفظن سان روشن ڪري پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلىٰ آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن کي نبوت ۽ رسالت سان نوازيو. ۽ قرآن مجيد جون هي آيتون پڙهيون. اِقْرَاْ بِاسْمِ رَبِّكَ الَّذِىْ خَلَقَ ۚ۝۱ خَلَقَ الْاِنْسَانَ مِنْ عَلَقٍ ۚ۝۲ اِقْرَاْ وَ رَبُّكَ الْاَكْرَمُ ۙ۝۳ الَّذِىْ عَلَّمَ بِالْقَلَمِ ۙ۝۴ عَلَّمَ الْاِنْسَانَ مَا لَمْ يَعْلَمْ ؕ۝۵ (العلق: 1-5) ترجمو: (اي پيغمبر! تون پنهنجي پالڻهار جي نالي سان پڙهه جنهن پيدا ڪيو آهي (1). انسان کي رت جي دڳ مان پيدا ڪيائين (2). پڙهه تنهنجو پاليندڙ وڏو سخي آهي (3). جنهن قلم سان سيکاريو (4). انسان کي اهو ڪجهه سيکاريائين جنهن کي هو نه ڄاڻندو هئو (5). هي آيتون پهرئين قرآني وحي جي حيثيت سان محمد رسول الله بن عبدالله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلىٰ آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن کي نبوت جي شرف سان نوازيو ويو. جن جي نبوت آخري نبوت ۽ جن جي رسالت آخري رسالت آهي. ان سان نبوت جو آغاز ۽ وحي جي شروعات ٿي.

**بعثت نبويءَ جا آثار:** اعلان نبوت کان پوءِ جيڪڏهن ڪو عادت جي خلاف واقعو ڪنهن پيغمبر جي هٿ تي ظاهر ٿئي ته انهيءَ کي ”معجزو“ چيو وڃي ٿو. جنهن جو مطلب آهي ته اهڙو غير معمولي واقعو جيڪو عام طريقي ۽ طرز سان ظاهر نه ٿئي ۽ ڪنهن نبيءَ جي بعثت جي طرف اشارو ڪري ته اهو ”نبوت جي نشانين“ ۾ شمار ٿئي ٿو.

بعثت کان ڇهه سال پهريان نبي اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلىٰ آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن کي هڪ روشني ۽ چمڪ نظر اچڻ لڳي جنهن کي ڏسي پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلىٰ آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن بيحد خوش ٿيندا هئا. انهيءَ چمڪ ۽ روشنيءَ ۾ ڪنهن قسم جو آواز نه هوندو هئو.

هي الله تعالىٰ جو قانون آهي ته جڏهن به ڪنهن پيغمبر تي وحيءَ جي شروعات ٿيندي آهي ته سڀ کان پهريان ڪيس سچا خواب ڏيکاريا ويندا آهن. بخاري شريف ۾ ام المؤمنين حضرت عائشه رضي

الله عنها کان روايت آهي تہ حضور اکرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن تي وحيءَ جي شروعات سچن خوابن سان ٿي جو پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن رات جو جيڪي خواب ڏسندا هئا، اهي صبح جي روشنيءَ وانگر سچا ٿيندا هئا.

حضور اکرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جڏهن بہ مڪي مڪرمه جي رستن کان لنگهندا هئا تہ پٿرن ۽ وڻن مان آواز ايندو هو: "اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ يَارَسُوْلَ اللهِ" (اي الله جا رسول! اوهان تي سلام هجي) ۽ جڏهن پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن ساڄي ۽ کابي پاسي ڏسندا هئا تہ اتي پٿرن ۽ وڻن کان سواءِ ڪجهہ بہ نہ هوندو هئو. پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمائن ٿا تہ "آئون مڪي ۾ هڪڙي پٿر کي سڃاڻان ٿو جيڪو بعثت کان پهريان مون کي سلام ڪندو هئو. (صحيح مسلم: 2277)

**بعثت نبوي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جا مقصد: تعليم ۽ تدريس:**
قرآن ڪريم جي پهرئين وحيءَ جي اندر "پڙهڻ" ۽ "قلم" جو ذڪر موجود آهي، پوءِ حضور اکرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي بعثت جي وقت الله تعالىٰ هنن چار نڪتن کي محور ۽ مرڪز قرار ڏنو. 1. الله تعالىٰ جون آيتون انهن کي پڙهي ٻڌائڻ. 2. انهن انسانن کي پاڪ ڪرڻ. 3. انهن کي ڪتاب جي تعليم ڏيڻ، 4. حڪمت جون ڳالهيون سيکارڻ. (الجمعة:2) يعني پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ آيتون پڙهي ٻڌائڻ وارا مبلغ، آيتن جي تعليم ڏين وارا معلم، آيتن جي سمجهائڻ وارا هادي ۽ آيتن تي عمل ڪرڻ وارا مصلح هئا.

شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ سرگرمي

شاگردن ۽ شاگردياڻين کي سبق جو پس منظر ذهن نشين ڪرائڻ لاءِ حجاز مقدس جا قديم نقشا گهرايا وڃن، انهن ۾ بعثت نبوي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلى آلِهِ وَاَصْحَابِهِ وَسَلَّمَ متعلق جڳهن جي نشاندهي ڪري انهن لاءِ انتر نيٽ جي مدد ورتي وڃي.

## مشق

**(الف) هيٺين سوالن جا تفصيلي جواب لکو:**

1. بعثت نبوي تي مضمون لکو.
2. بعثت نبوي کان اڳ عرب جا حالات بيان ڪريو.
3. بعثت نبوي جا آثار بيان ڪريو.

**(ب) هيٺين سوالن جا مختصر جواب لکو:**

1. سڀ کان پهرين وحي واري آيت جو ترجمو لکو.
2. بعثت نبوي جو مفهوم بيان ڪريو.
3. بعثت نبوي جا چند مقصد بيان ڪريو.

(ج) هيٺين سوالن جي صحيح جوابن تي (✓) جو نشان لڳايو:

1. مڪي جا قريش سال ۾ ٻه دفعا جن ملڪن ڏانهن سفر ڪندا هئا اهي هئا:

(الف) ايران، چين (ب) عراق، مصر
(ج) شام، يمن (د) حبش، يمن

2. مڪي وارن جي مشاورتي مجلس جو نالو هئو:

(الف) دارالندوه (ب) دارالهجره
(ج) خانہ ڪعبه (د) صفه

3. سڀ کان پهرئين سورة نازل ٿي:

(الف) القلم (ب) المدثر
(ج) المزمل (د) العلق

4. پهرئين وحي ڪهڙي مهيني ۾ نازل ٿي:

(الف) محرم الحرام (ب) رمضان المبارڪ
(ج) ربيع الاول (د) شعبان المعظم

## 2. دعوت ۽ تبليغ

### سکيا جي حاصلات

* دعوت ۽ تبليغ جي معنیٰ ۽ مفهوم بيان ڪري سگهن. * دعوت ۽ تبليغ جا مقصد ۽ اثرات بيان ڪري سگهن. * دعوت ۽ تبليغ جا مرحلا بيان ڪري سگهن.

**دعوت ۽ تبليغ جو مفهوم:**

عربي زبان ۾ ”دعوت“ جي لغوي معنیٰ: سڏڻ ۽ پڪارڻ آهي. جڏهن تہ ”تبليغ“ جي معنیٰ ”پهچائڻ“ آهي. ديني اصطلاح ۾ ماڻهن کي اسلام جي طرف سڏڻ، سٺين ڳالهين ۽ ديني تعليم جي طرف سڏڻ کي ”دعوت دين“ ۽ ان جي ڳالهين کي خير خواهيءَ جي جذبي سان بين ماڻهن، قومن ۽ ملڪن تائين پوري طرح سان پهچائڻ جو نالو ”تبليغ“ آهي. ارشاد باري تعالي آهي: وَ مَنْ اَحْسَنُ قَوْلًا مِّمَّنْ دَعَآ اِلَى اللّٰهِ وَ عَمِلَ صَالِحًا۔ (فصلت:33) ترجمو: ۽ ان شخص کان وڌيڪ ڀلو ڪير ٿي سگهي ٿو، جيڪو الله جي طرف سڏي ۽ نيڪ عمل ڪري.

**دعوت ۽ تبليغ جا مقصد:** دعوت۽ تبليغ جي بنيادي مقصدن مان ڪجهہ هن ريت آهن: ماڻهن تائين الله تعالیٰ جو پيغام پهچايو وڃي. الله تعالیٰ کي هڪ الله ۽ رب مڃيو وڃي، الله تعالیٰ جي ذات، صفات، اختيارات ۽ حقوق ۾ ڪنهن کي شريڪ نہ ڪيو وڃي، اسلام کي حق جو دين سمجهي الله تعالیٰ جي سامهون پنهنجو پاڻ کي جوابدار سمجهيو وڃي، الله تعالیٰ جي پيغمبرن تي ايمان آڻي انهن جي پيروي ۽ تابعداري ڪئي وڃي. حضرت مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ خَاتَمُ النَّبِيِّيْنَ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن کي آخري نبي سمجهي سندن سيرت تي عمل ڪندي نيڪيءَ کي فروغ ڏنو وڃي ۽ برائين کي ختم ڪرڻ جي ترغيب ڏني وڃي.

حضور ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي مڪي زندگي ۾ دعوت ۽ تبليغ جا ٽي مرحلا آهن:

**پهريون مرحلو خفيہ تبليغ:** بعثت کان پوءِ ٽن سالن جو عرصو اهو آهي، جيڪو حضور ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن وڏي خاموشي ۽ رازداري سان توحيد جي تبليغ ۾ گذاريو. ان خاموش ۽ حڪيمانہ دعوت ۽ تبليغ واري انداز جو نتيجو اهو نڪتو جو سڀ کان پهريائين مردن ۾ حضرت ابوبڪر رضي الله عنه، عورتن ۾ حضرت خديجه رضي الله عنها، غلامن ۾ زيد بن حارث رضي الله عنه ۽ ٻارن ۾ حضرت علي رضي الله عنه جن اسلام قبوليو. ان وقت حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن دعوت ۽ تبليغ جي ڪم کي وقت ۽ حالات جي تقاضا تحت خفيہ رکيو، تنهن ڪري شروعات ۾ گهرياتين ۽ پروسي وارن دوستن تي محنت ڪئي وئي، آهستي آهستي ماڻهو اسلام ۾ داخل ٿيندا ويا ۽ ٿورڙي ئي عرصي ۾ مسلمانن جي هڪ ننڍڙي جماعت ٺهجي وئي، حضرت ارقم جو گهر دار ارقم جيڪو صفا جبل جي پرسان هو، انهن جي گڏجاڻيءَ جو مرڪز بڻيو، ان گهر ۾ هو قرآن ڪريم جي تعليم حاصل ڪندا هئا ۽ نمازون ادا ڪندا هئا. الله تعالىٰ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن کي ٻي وحي جي وقت ارشاد فرمايو.

ترجمو: اي نبوت جي لباس ۾ ويڙهجڻ وارا (1). اُٿ ۽ پوءِ ڊيڄار (2). ۽ پنهنجي پالڻهار جي وڏائي بيان ڪر(3). (سورة المدثر 1-3)

**ٻيون مرحلو کليل ۽ ظاهر تبليغ:** ٽن سال تائين حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن مخفي طريقي سان دعوت ۽ تبليغ جو ڪم ڪندا رهيا. ان کان پوءِ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي تبليغي ڪوشش جو ٻيو مرحلو ان وقت شروع ٿيو. جڏهن پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن کي حڪم ڏنو ويو: وَ اَنۡذِرۡ

عَشِيْرَتَكَ الْاَقْرَبِيْنَ ﴿۲۱۴﴾ (الشعراء:214) ترجمو: (اي پيغمبر) ۽ پنهنجي ويجهن مٽن مائٽن کي خبردار ڪر. ان حڪم ملڻ کان ڪجهه ڏينهن پوءِ رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن پنهنجي ڏاڏي عبدالمطلب جي خاندان کي دعوت ڏئي گهرايو جن ۾ سندن چوندبيل رڪن بہ شامل هئا ۽ پاڪ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جو چاچو عبدالعزىٰ، يعني ابو لهب ۽ ٻيا چاليهہ کن ماڻهو شامل هئا. ڪائڻ پيئڻ کان پوءِ پاڪ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن محفل کي مخاطب ٿيندي فرمايو: آئون توهان وٽ اهو پيغام کڻي آيو آهيان جيڪو عرب جي ڪنهن بہ شخص پيش نہ ڪيو آهي، هيءُ دنيا ۽ آخرت ٻنهي لاءِ ڪاميابيءَ جو پيغام آهي. اها شيءِ کڻي آيو آهيان جيڪا دين ۽ دنيا يعني ٻنهي لاءِ سعادت جو سبب آهي، اوهان منجهان ڪير آهي جيڪو هن مهم ۾ منهنجو ساٿ ڏيندو؟

حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي اعلان کان پوءِ سڄي محفل ۾ خاموشي ڇانئجي وئي ۽ خاندان جي سمورن ياتين مان صرف ننڍي عمر جو حضرت علي المرتضىٰ رضي الله عنه اٿيو جنهن عرض ڪيو تہ: آئون پاڪ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جو ساٿ ڏيندس، جيتوڻيڪ آئون سيني ۾ ننڍڙو ۽ ڪمزور آهيان ان جي باوجود بہ آئون پاڪ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جو ساٿ ڏيندس. محفل ۾ شريڪ ماڻهن پاڪ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي پيغام ڏانهن توجهہ نہ ڏنو ۽ اتان اٿي پنهنجن پنهنجن گهرن ڏانهن واپس هليا ويا.

صفا جبل: صفا جبل تي مٽن مائٽن، پاڙيسرين ۽ مڪي وارن تائين الله تعالىٰ جو پيغام پهچائڻ کان پوءِ الله ذوالجلال حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن کي ان دعوت کي عام ڪرڻ ۽ ان پيغام

کي وڏيڪ ڦهلائڻ جو حڪم ڏنو تہ سڄي قوم کي دعوت ڏيو. قرآن ڪريم ۾ آهي ترجمو: اسان توهان ڏي قرآن عربي وحيءَ جي ذريعي موڪليو آهي جيئن توهان مڪي وارن ۽ پرپاسي جي ماڻهن کي خبردار ڪريو (سورة الشوریٰ: 7) ان کان پوءِ هڪ دفعي حضور اڪرم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَعَلٰی آلِہٖ وَاَصْحَابِہٖ وَسَلَّمَ جن صفا ٽڪريءَ تي بيهي ڪري قريش جي قبيلن جا نالا وٺي ڪين سڏيو، قريش گڏ ٿيا، ڪن پنهنجا نمائندا موڪليا، ان کان پوءِ پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَعَلٰی آلِہٖ وَاَصْحَابِہٖ وَسَلَّمَ جن اعلان ڪيو: ”ياد رکو! آئون توهان کي حق جي ڳالھ چوان ٿو ۽ الله جي عذاب کان ڊيڄاريان ٿو. قُوْلُوْالَااِلٰہَ اِلَّااللّٰہُ تُفْلِحُوْا ترجمو: چئو الله تعالیٰ کان سواءِ ٻيو ڪو ئي عبادت جي لائق نہ آهي توهان ڪامياب ٿي ويندؤ. اهو ٻڌي سڀ کان پهريائين پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَعَلٰی آلِہٖ وَاَصْحَابِہٖ وَسَلَّمَ جن جو چاچو ابو لهب چوڻ لڳو: توهان هلاڪ ٿيو (نعوذبالله) ڇا توهان اسان کي هِنَ لاءِ گڏ ڪيو آهي؟ اهڙي طرح اهي گڏ ٿيل ماڻهو ٽڙي پکڙي ويا.

اڳتي هلي مرحلي ۾ الله تعالیٰ هن پيغام کي پوري انسانيت لاءِ بين الاقوامي درجو ڏيندي فرمايو: وَ مَآ اَرْسَلْنٰكَ اِلَّا كَآفَّةً لِّلنَّاسِ بَشِيْرًا وَّ نَذِيْرًا (سورة السبا:28) ترجمو: ۽ (اي پيغمبر) اسان تو کي سڀني انسانن لاءِ خوشخبري ڏيڻ وارو ۽ خبردار ڪرڻ وارو موڪليو آهي. تنهن ڪري رسول الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَعَلٰی آلِہٖ وَاَصْحَابِہٖ وَسَلَّمَ جن پنهنجي دعوت ۽ محنت کي اڳتي وڌائيندي عرب جي موسمي بازارن عڪاظ، مجنہ ۽ ذوالمجاز (جتي ماڻهو ڪثرت سان جمع ٿيندا هئا) ۾ بہ وڃي ماڻهن تائين اسلام جو پيغام پهچايو. اسلام جي تبليغ جي لاءِ طائف بہ ويا ۽ اتي تقريباً ڏھ ڏينهن تائين ماڻهن کي الله پاڪ جي طرف سڏڻ ۾ مصروف رهيا.

**دعوت ۽ تبليغ جا اصول:** الله تعالیٰ قرآن مجيد ۾ جهڙي طرح اسلام جي دعوت ۽ تبليغ جو حڪم فرمايو آهي، اهڙي طرح ان جا اصول بہ ٻڌايا آهن. فرمان الاهي آهي: اُدْعُ اِلٰى سَبِيْلِ رَبِّكَ بِالْحِكْمَةِ وَ الْمَوْعِظَةِ الْحَسَنَةِ وَ

جَادِلۡهُمۡ بِالَّتِیۡ هِیَ اَحۡسَنُ (سورة النحل: 125). ترجمو: تون پنهنجي پالڻهار جي رستي ڏي حڪمت ۽ چڱيءَ نصيحت سان سڏ!. ۽ انهن سان اهڙي نموني سان مباحثو ڪر جو سڀ کان چڱو هجي.

هن آيت ۾ دعوت ۽ تبليغ جا ٽي اصول بيان ڪيا ويا آهن ۽ ڪنهن به ڳالهه کي مؤثر انداز ۾ بيان ڪرڻ لاءِ هي اصول اپنايا وڃن ٿا: 1. حڪمت، 2. موعظ حسنہ، 3. عمدي طريقي جو بحث مباحثو.

**حڪمت سان تبليغ:** هن طريقي ۾ مخاطب جي ماحول ۽ سمجهه مطابق ساڻس گفتگو ڪئي وڃي ٿي ۽ ڪيس ڳالهه ٻڌڻ لاءِ آماده ڪيو وڃي پوءِ دانائي سان ان جي ذهني صلاحيت کي سمجهي حالات، موقعي ۽ جاءِ جي مناسب علمي ۽ عقلي دليلن سان دعوت ۽ تبليغ ڪئي وڃي.

**موعظ حسنه:** ڳالهه کي سهڻي انداز ۾ بيان ڪرڻ جو اثر ضرور ٿئي ٿو، تنهن ڪري پُر اثر گفتگو سان مخاطب جي سامهون نيڪي ۽ برائي کي ظاهر نصيحت واري انداز ۾ ڳالهه ڪرڻ جنهن سان ان جي دل آزاري نہ ٿئي بلڪ عمدي طريقي سان گفتگو ڪري ان کي حق لاءِ قائل ڪرڻ موعظ حسنہ آهي.

**بحث ۽ مباحثو:** ان مان مراد آهي تہ پنهنجي ڳالهه ٻڌائڻ لاءِ جيڪڏهن مباحثي يا گفتگو جي صورتحال پيش اچي تہ مضبوط دليلن سان گفتگو ڪئي وڃي ۽ مخالف جي موقف کي غلط ثابت ڪرڻ لاءِ بهتر ۽ نرم لهجي ۾ گفتگو ڪئي وڃي، جنهن ۾ سمجهڻ سمجهائڻ هجي، ڪاوڙ، جوش ۽ رڙين واري گفتگو کان پرهيز ڪئي وڃي.

دعوت ۽ تبليغ ڪرڻ واري لاءِ بہ ضروري آهي، تہ جنهن ڳالهه جي هو ٻين کي تبليغ ڪري ٿو، ان تي هو پاڻ بہ عمل ڪندڙ هجي. قرآن ڪريم ۾ ارشاد باري تعالیٰ آهي ترجمو: ۽ ان شخص کان وڌيڪ ڀلو ڪير ٿي سگهي ٿو جيڪو الله جي طرف سڏي ۽ نيڪ عمل ڪري. (فصلت:33)

**دعوت ۽ تبليغ جا اثرات ۽ نتيجا:** شروعات ۾ انصار مدينہ مان هڪ شخص سويد بن صامت جيڪو بهادري ۽ شاعري ۾ مشهور هئو، حج جي زماني ۾ مڪي مڪرمه آيو ۽ حضور ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي زبان مبارڪ منجهان قرآن شريف جون ڪجھ آيتون ٻڌي اسلام جي حقانيت جو قائل ٿي ويو. جنهن جي اسلام جي طرف رغبت جو اثر يثرب وارن تي پيو ۽ نتيجي ۾ ٻن ٽن سالن جي اندر مدينہ منوره جي ماڻهن جو ڪافي تعداد اسلام ۾ داخل ٿي ويو.ان کان پوءِ مڪي مڪرمه کان مديني منوره ڏانهن مسلمانن جي هجرت جو سلسلو شروع ٿي ويو ۽ مسلمان مديني پهچڻ کان پوءِ طاقتور ٿيڻ لڳا ۽ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن بہ هجرت ڪري مديني آيا. هتي اچڻ سان ئي هڪ مسجد جو بنياد رکيائون ۽ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن مدينہ منوره ۽ ان جي ڀرپاسي جي قبيلن سان امن ۽ صلح جا معاهدا ڪيا.

غزوه بدر، غزوه احد، غزوه خندق ۽ صلح حديبيہ کان پوءِ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن بادشاهن ڪي تبليغي خط لکيا ۽ خيبر فتح ٿيو. ان کان پوءِ حق جي فتح ٿي ۽ باطل کي شڪست ملي يعني مڪو مڪرمه فتح ٿيو. دعوت ۽ تبليغ جي نتيجي ۾ حجة الوداع جي موقعي تي هڪ لک کان وڌيڪ صحابہ رضي الله عنهم حج لاءِ تيار ٿيا.

تنهن ڪري اسان کي بہ گهرجي تہ دعوت دين ۽ تبليغ اسلام جي فريضي لاءِ گڏجي ڪوشش ڪريون تانتہ الله تعالىٰ جي دين جي عزت بلند ٿئي ۽ اسان بہ ٻنهي جهانن جون ڪاميابيون حاصل ڪري سگهون.

شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ سرگرمي

پنهنجي موجوده ماحول ۾ دعوت ۽ تبليغ لاءِ اهم معاملا/ نقطا آيت "ادع الى سبيل ربك بالحكمة والموعظة الحسنة" جي روشني ۾ گڏيل بحث ۽ مباحثي/ مڪالمي ڪرڻ ڪان پوءِ لکو.

## مشق

**(الف) هيٺين سوالن جا تفصيلي جواب لکو:**

1. دعوت تبليغ جا ڪهڙا مرحلا آهن؟ نوٽ لکو.
2. دعوت ۽ تبليغ جا ڪهڙا اصول آهن؟ لکو.

**(ب) هيٺين سوالن جا مختصر جواب لکو:**

1. دعوت ۽ تبليغ جي معنىٰ ۽ مفهوم ڇا آهي؟
2. دعوت ۽ تبليغ جا مقصد ڪهڙا آهن لکو؟
3. دعوت ۽ تبليغ جا اثر مختصر ڪري لکو؟

**(ج) هيٺين سوالن جي صحيح جوابن تي (✓) جو نشان لڳايو:**

1. دعوت جي لغوي معنىٰ آهي:

(الف) ٻڌائڻ (ب) پڙهائڻ
(ج) سڏڻ (د) گهرائڻ

2. نيڪ ۽ سٺي ڳالهه ٻين تائين پهچائڻ کي چيو ويجي ٿو:

(الف) تقدير (ب) تدريس
(ج) تبليغ (د) تجويز

3. مڪي مڪرمه ۾ دعوت ۽ تبليغ جو ابتدائي مرڪز هئو:

(الف) دار ارقم (ب) شعب ابي طالب

(ج) صفا جبل (د) مسجد الحرام

4. داعي جو ڪم آهي تہ مخاطب جي تنقيد ٻُڌي ان ڪان:

(الف) بدلو وٺي (ب) درگذر ڪري

(ج) جهيڙو ڪري (د) ڪاوڙ ڪري

**استادن لاءِ هدايتون**

موجوده دؤر ۾ جديد ٽيڪنالاجي جي ذريعن (ڪمپيوٽر، موبائيل، انٽرنيٽ وغيره) جي دعوت ۽ تبليغ ۾ ڪردار تي مضمون لکرايو.

## 3. هجرت مدينہ ۽ غزوات

### سکيا جي حاصلات

* هجرت مدينہ جا سبب، حالات ۽ واقعات بيان ڪري سگهن.
* غزوات جي معنىٰ مفهوم اجمالي تعارف بيان ڪري سگهن.
* هجرت مدينہ جا نتيجا ۽ ان جا اثر بيان ڪري سگهن.

**هجرت جي معنىٰ ۽ مفهوم:**

عربي زبان ۾ هجرت جي معنىٰ آهي جدائي، عليحدگي ۽ هڪ جڳهہ ڪي هميشہ لاءِ ڇڏي ٻي جڳهہ ڏانهن هليو وڃڻ. اسلام ۾ "هجرت" جو مفهوم آهي: الله تعالىٰ جي رضا جي حصول لاءِ پنهنجو اصل وطن ۽ ٻار ٻچا ڇڏي ٻئي ملڪ ۾ رهائش اختيار ڪرڻ، خاص طور تي جڏهن ماڻهو محڪوم ۽ مظلوم هجن. انهن کي اسلام تي عمل ڪرڻ ۾، زندگي گذارڻ ۾ مشڪلات هجي تہ اهڙي حالت ۾ هجرت ڪري اهڙي جڳهہ وڃجي جنهن هنڌ دين جون عبادتون ۽ گهرجون پوريون ڪري سگهجن ۽ انهن تي عمل ڪرڻ آسان هجي.

اسلام جي پهرين هجرت حبش ڏانهن ڪئي وئي ۽ ٻي هجرت "يثرب" مديني منوره جي طرف الله تعالىٰ جي حڪم مطابق ٿي، مڪي مڪرمه کان هجرت ڪري مدينہ منوره کي وطن بڻائڻ وارن صحابه ڪرام کي "مهاجر" ۽ انهن جي مدد ڪرڻ وارن مديني جي رهاڪن کي "انصار" چيو وڃي ٿو.

**هجرت مدينہ جا سبب:** مدينو عرب جو هڪ قديم شهر آهي، جنهن جو اصلي نالو "يثرب" هئو جيڪو حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي هجرت کان پوءِ "مَدِيْنَةُ النَّبِيّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ" (نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جو شهر) ۾ پوءِ مدينہ منوره مشهور ٿيو.

**مديني جي طرف هجرت جا سبب هيٺيان آهن:**

هڪ طرف مڪي ۾ صحابه ڪرام رضي الله عنهم تي مشرڪن جون زيادتيون بيحد گهڻيون هيون. ٻئي طرف يثرب ۾ اسلام جي عام مقبوليت جي سبب مسلمانن لاءِ ماحول سازگار هئو. تنهن ڪري حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن مسلمانن کي مديني جي طرف هجرت ڪرڻ جي اجازت عنايت فرمائي. مسلمانن جو گهڻو تعداد هجرت ڪري مديني هليو ويو. صرف ٿورا اهي ماڻهو باقي رهجي ويا جن کي مشرڪن قيد ڪري رکيو هئو يا وري اهي غربت ۽ مجبوري جي سبب نه ٿي وڃي سگهيا. ان کان سواءِ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن، حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه ۽ حضرت علي رضي الله عنه به ڪن خاص مصلحتن جي ڪري پوئتي رهڻ وارن ۾ شامل هئا.

**مڪي مڪرمه ۾ اسلام جي دعوت تي پابندي:** بعثت نبوي کان پهريان قريش حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن کي صادق ۽ امين جي لقبن سان سڏيندا هئا. پر پاڪ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي نبوت جي اعلان کان پوءِ سندن جاني دشمن بڻجي ويا تنهن ڪري حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي لاءِ ماڻهن کي اسلام جي دعوت ڏيڻ بيحد مشڪل ٿي پيو. ان جي باوجود پاڪ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن شروعات ۾ خفيه طريقي سان ماڻهن کي دين جي تعليم ڏيندا رهيا ۽ انهن جي تربيت ڪندا رهيا.

**مسلمانن تي ظلم:** مڪي مڪرمه ۾ دشمنن، اسلام قبول ڪرڻ واري هر ماڻهوءَ تي ظلم ڪيا. انهن کي جسماني ۽ ذهني اذيتون ڏيڻ جو ڪو موقعو نه ڇڏيندا هئا. ايستائين جو انهن حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن ۽ ٻين مسلمانن کي ٽن سالن تائين شعب ابي طالب ۾

بند ۽ قيد ڪري ڇڏيو ۽ انهن سان قطع تعلق ڪري ڇڏيو. ان ڪان سواءِ ڪيترن ئي انهن صحابه ڪرام رضي الله عنهم کي تڪليفون ڏئي ڏئي شهيد ڪري ڇڏيو.

**حبش واري هجرت جو حوصلہ افزا تجربو:** مڪي جي قريش جي سخت رويي کان تنگ ٿي ٻہ دفعا صحابه ڪرام رضي الله عنهم حبش جي طرف هجرت ڪرڻ تي مجبور ٿيا. جتي هنن کي اطمينان ۽ آرام مليو پر پوءِ مخالفن جي سازشن جي ڪري ٻيهر اهي مڪي مڪرمه جي طرف موٽي آيا ۽ مڪي جي ڪافرن جون اذيتون سهندا رهيا.

**مديني وارن جو شوق (رغبت):** مديني جا ڪجهہ نيڪ ماڻهو حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن سان عقبہ جي هنڌ تي ٻہ دفعا بيعت ڪري چڪا هئا ۽ انهن جي تمنا هئي تہ حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن يثرب اچي اسان کي دين جون ڳالهيون سيکارين پر حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن الله پاڪ جي حڪم ۽ اجازت جا منتظر هئا.

**حڪم الاهي:** انهن سيني مشڪلاتن کي سامهون رکندي مسلمانن جي اصرار تي حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن مسلمانن کي بعثت جي چوڏهين سال 27 صفر تي يثرب جي طرف هجرت جي اجازت ڏني ۽ ماڻهو لڪي لڪي يثرب جي لاءِ روانا ٿيندا رهيا. هيءَ هجرت سيني مسلمانن تي فرض هئي.

**حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي هجرت جو قصو:**

حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن ۽ سندن ٻہ پيارا ساٿي حضرت ابوبڪر صديق ۽ حضرت علي رضي الله عنهما الله تعالیٰ جي حڪم جا منتظر هئا ۽ ان وقت تائين اڪثر صحابہ ڪرام رضي الله عنهم مديني روانا ٿي چڪا هئا. پوءِ الله تعالیٰ جي اجازت سان پاڻ

ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن بہ هجرت جي تياري شروع ڪئي.

**دار الندوه ۾ ڪافرن جو مشورو:** مڪي جي مشرڪن جڏهن ڏٺو تہ مسلمان هجرت ڪرڻ ڪان پوءِ مدينہ منوره ۾ اهل ۽ عيال سان سڪون ۽ آرام جي زندگي گذاري رهيا آهن ۽ اوس ۽ خزرج جهڙا طاقتور قبيلا بہ انهن جا حمايتي ۽ مددگار بڻجي چڪا آهن تہ انهن کي مسلمانن ۽ خاص ڪري حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن سان حسد جي سبب پريشاني ٿي. تنهن ڪري قريش جا سيئي ڪافر دار الندوه ۾ گڏجي حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي خلاف تدبيرون سوچڻ لڳا.

**غار ثور ۾ قيام:** حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن کي اللّٰه تعالىٰ پهريان ئي ڪافرن جي ان مڪر ڪان باخبر ڪري ڇڏيو هئو ۽ ڪافرن جي ايڏي سخت دشمني جي باوجود حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن پاڻ وٽ رکيل ڪافرن جون امانتون صحيح سلامت انهن جي مالڪن تائين پهچائڻ جي غرض سان حضرت علي ڪرم الله وجهه کي گهرائي فرمايو: ”اسان کي هجرت جو حڪم ملي چڪو آهي، ان ڪري اسان اڄ ئي مديني ڏانهن روانہ ٿي وينداسين. اوهان منهنجي بستري تي چادر ويڙهي سمهي پئو، صبح ٿئي تہ هي امانتون مالڪن جي حوالي ڪري توهان بہ مديني پهچي وڃجو.“

حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن رات جي اونداهي ۾ حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه کي پاڻ سان گڏ وٺي مڪي مڪرمه ڪان نڪري ثور جبل جي طرف روانا ٿيا. رستي ۾ پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن مڪي کي خطاب ڪندي فرمايو: ”تون وڏو پاڪ ۽ مون کي محبوب آهين پر منهنجي قوم جيڪڏهن مون کي هتان نڪرڻ تي مجبور نہ ڪري ها تہ آئون تو ڪان

سواءِ ڪنهن ٻئي هنڌ نہ وڃان ها.“ پوءِ پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَعَلٰی آلِہٖ وَاَصۡحَابِہٖ وَسَلَّمَ ۽ سندن ساٿي حضرت ابو بڪر صديق رضي الله عنه غار ثور جي اندر ٽن ڏينهن تائين قيام ڪيو.

هيڏانهن صبح جو جڏهن ڪافرن حضور ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَعَلٰی آلِہٖ وَاَصۡحَابِہٖ وَسَلَّمَ جن جي گهر ۾ وڃي ڏٺو تہ رسول الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَعَلٰی آلِہٖ وَاَصۡحَابِہٖ وَسَلَّمَ جن جي بستري تي حضرت علي رضي الله عنه سمهيل هيو تہ ان کان رسول الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَعَلٰی آلِہٖ وَاَصۡحَابِہٖ وَسَلَّمَ جن جي باري ۾ پڇندا رهيا ۽ پوءِ رسول الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَعَلٰی آلِہٖ وَاَصۡحَابِہٖ وَسَلَّمَ جن جي ڳولا ۾ نڪري پيا. ايستائين جو غار ثور تائين پهتا. پر الله تعالىٰ جي حڪم سان انهن کي رسول الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَعَلٰی آلِہٖ وَاَصۡحَابِہٖ وَسَلَّمَ جن ۽ حضرت ابوبڪر رضي الله عنه نظر نہ آيا. حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه جو نوجوان پٽ حضرت عبدالله رضي الله عنه ڏينهن جو حالات معلوم ڪري رات جي وقت کين باخبر ڪندو هئو ۽ شام جي وقت روزانو حضرت ابوبڪر رضي الله عنه جو غلام عامر بن فهيره رضي الله عنه ٻڪريون چاريندو اچي کين کير ڏئي ويندو هئو. اهڙي طرح حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه جي وڏي نياڻي حضرت اسماء رضي الله عنها کاڌو تيار ڪري ڏيڻ ايندي هئي.

**غار ثور کان مدينہ منوره روانگي:** چوٿين ڏينهن حضور ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَعَلٰی آلِہٖ وَاَصۡحَابِہٖ وَسَلَّمَ جن غار کان ٻاهر نڪتا، عبدالله بن اريقط نالي شخص کي اجرت تي رستو ڏيکارڻ لاءِ ساڻ ڪنيائون. اهڙي طرح هي ننڍو قافلو ڏينهن ۽ رات لڳاتار هلندو رهيو ٻئي ڏينهن ٻيپهريءَ جي وقت گرمي ۽ اُس جي تپش کان بچڻ لاءِ حضرت ابوبڪر رضي الله عنه گُهريو تہ پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَعَلٰی آلِہٖ وَاَصۡحَابِہٖ وَسَلَّمَ جن ڪجهہ وقت آرام فرمائين پوءِ حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه چارئي طرف نظر

ڦيرائي ته انهن کي هڪ وڏي دڙي جي ويجهو ڪجهه پاڇو نظر آيو، تنهن ڪري اتي ئي آرام لاءِ رُڪجي پيا. حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه ويجهو ئي هڪ ٻڪرار کان ڪجهه کير وٺي آيو ۽ حضور ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي خدمت ۾ پيش ڪيائين، جڏهن سج لهڻ لڳو ته پاڪ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن اڳتي روانا ٿيا.

**قبا ۾ آمد:** رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن سن 14 نبوت بمطابق سن هڪ هجري تي باحفاظت قُبا ڳوٺ ۾ پهچي ويا. جتي پاڪ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن ڪجهه ڏينهن آرام ڪيو ۽ اتي هڪڙي مسجد تعمير ڪئي ۽ ان ۾ نماز پڙهي جنهن کي "مسجد قبا" چيو وڃي ٿو. جنهن لاءِ ارشاد باري تعالىٰ آهي: البته جنهن مسجد جو بنياد تقوىٰ تي پهرئين ڏينهن کان آهي.

مديني منوره ۾ اڳ ئي رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي خبر پهچي چڪي هئي. ان ڪري سڄي شهر جا ماڻهو پاڪ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جو وڏي تڙپ سان انتظار ڪري رهيا هئا. اهي روزانو صبح جو مقام حره تائين اچي پاڪ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جو انتظار ڪندا هئا ۽ پوءِ واپس هليا ويندا هئا. هڪ ڏينهن سيني ماڻهن جي واپس موٽي اچڻ کان پوءِ هڪ يهودي (جيڪو پنهنجي قلعي تي هئو) پاڪ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن کي ايندو ڏسي رڙ ڪري مسلمانن کي ٻڌايائين: اي اهل عرب! توهان جو مهمان پهچڻ وارو آهي.

**مديني منوره ۾ داخلا:** حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جمعي جي ڏينهن الله تعالىٰ جي حڪم سان مديني جي طرف روانا ٿيا. بنو سالم بن عوف جي ڳوٺ ۾ پهچي بطن وادي ۾ جمعي جي نماز

پڙهايائون، اهڙي طرح جڏهن پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلىٰ آلِهٖ وَاَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن مديني منوره پهتا تہ مديني وارن پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلىٰ آلِهٖ وَاَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جو پرجوش استقبال ڪيو ۽ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلىٰ آلِهٖ وَاَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي اچڻ تي خوشي جو اظهار ڪيو ۽ دل ڪولي پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلىٰ آلِهٖ وَاَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن سان هر طرح جو تعاون ڪيو.

**هجرت جي فضيلت:** هجرت ڪرڻ وارن مسلمانن ڪي دنيا ۽ آخرت جو فائدو ٿئي ٿو. ۽ اهي الله تبارڪ و تعالىٰ جي رحمت جا حقدار بہ آهن ۽ انهن لاءِ مغفرت، جنت ۽ پلي ڪان پلو انعام رکيل آهي ۽ انهن ڪي يقين ڏياريو ويو آهي تہ انهن جا عمل ضايع نہ ٿيندا، جيئن ارشاد باري تعالىٰ آهي ترجمو: پوءِ سندن پاليندڙ انهن جي دعا قبول ڪئي تہ آئون اوهان مان ڪنهن بہ عمل ڪندڙ مرد يا زال جو عمل نہ وڃائيندس. اوهان مان هڪڙا ٻين مان آهن يعني (اوهين مون وٽ سڀ برابر آهيو) پوءِ جن وطن ڇڏيو ۽ پنهنجن گهرن مان ڪڍيا ويا ۽ منهنجي رستي ۾ ڏکو يا ويا ۽ جنگ ڪيائون ۽ قتل ڪيا ويا تن جون بڇڙائيون انهن ڪان پري ڪندس ۽ انهن ڪي ضرور اهڙن باغن ۾ داخل ڪندس جن هيٺان واهہ وهن ٿا. اهو بدلو الله پاڪ جي طرفان آهي. (آل عمران -195) صحيح طور تي هيءَ ڳالهہ چئي سگهجي ٿي تہ جيستائين جهاد فرض نہ ٿيو هئو ان وقت تائين سڀ ڪان وڏو عمل هجرت هئو، پر فتح مڪي ڪان بعد هجرت فرض ناهي بلڪ مستحب آهي ۽ ان لاءِ شرط هيءُ آهي تہ هجرت الله تعالىٰ جي راهہ ۾ هجي ۽ الله تعالىٰ جي دين تي قائم رهڻ ۽ ان جي دعوت ۽ اشاعت جي لاءِ هجي.

**هجرت جا نتيجا:**

- هجرت جي برڪت سان اسلامي سلطنت وجود ۾ اچي وئي.
- ضعيف الايمان مسلمانن کي تقويت حاصل ٿي.
- هڪ مضبوط اسلامي سلطنت قائم ٿيڻ جي سبب دين اسلام جي

تبليغ ۾ آساني ۽ قوت حاصل ٿي وئي.

- هجرت کان پهريان مکي جا مسلمان اقليت واري زندگي گذاري رهيا هئا. ڪافرن جي ظلم جو شڪار رهيا هئا. ڪو بہ ديني ڪم آزاديءَ سان سرانجام ڏئي نہ سگهندا هئا ۽ جان جو خطرو وري الڳ هئو پر هجرت کان پوءِ اهي ئي مسلمان هڪ خطي جي زمين جا مالڪ بڻجي ويا ۽ انهن کي اسلام جي تبليغ جا بهترين موقعا حاصل ٿيا.

## غزوات

”غزوه“ جي معنىٰ ڪنهن سان وڙهڻ لاءِ نڪرڻ، حملو ڪرڻ ۽ جنگ ڪرڻ آهي. محدثن ۽ سيرت نگارن وٽ ”غزوه“ اهڙي جنگي مهم کي چيو وڃي ٿو جنهن ۾ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن بذات خود شرڪت ڪئي هجي ۽ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن لشڪر جي امير جي حيثيت سان اعلاء ڪلمة الله جي لاءِ ڪوشش ورتي هجي.

هجرت کان پوءِ عرب قبيلا مديني تي حملي جي لاءِ تيار ٿي ويا. مکي جي قريشن عبدالله بن ابي بن سلول ۽ ان جي ساٿين کي چورائي موڪليو تہ توهان اسان جي ماڻهوءَ (حضرت مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللهِ خَاتَمُ النَّبِيِّيْنَ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ) کي پناهہ ڏئي پاڻ وٽ رهايو آهي، ان سان لڙائي ڪريو يا ان کي پنهنجي شهر مان ڪڍي ڇڏيو نہ تہ اسان سڀ توهان تي حملو ڪنداسين پوءِ اوهان جي جوانن کي قتل ڪيو ويندو ۽ عورتن ۽ ٻارن کي غلام بڻايو ويندو.

ٻئي طرف مکي جي مشرڪن مديني جي يهودين سان سازشون ڪرڻ بہ شروع ڪري ڇڏيون. انهن کي مسلمانن جي خلاف وڙهڻ تي اياڻ کان پوءِ مسلمانن کي پيغام موڪليائون تہ مکي مان

نڪري توهان پنهنجو پاڻ کي يثرب ۾ محفوظ نہ سمجهو، اسان يثرب ۾ اچي توهان کي ختم ڪري ڇڏينداسين. تنهن ڪري اهڙي صورتحال جي پيش نظر ۽ مديني جي پهرئين اسلامي رياست جي قيام کان پوءِ الله تعالىٰ مسلمانن کي پنهنجي دفاع ڪرڻ ۽ رياست کي بچائڻ لاءِ جهاد ڪرڻ جي اجازت ڏني، ترجمو: جن سان ڪافر جنگ ڪن ٿا، انهن کي هاڻي جنگ ڪرڻ جي اجازت ڏني وئي آهي ڇو تہ اهي مظلوم آهن ۽ بيشڪ الله انهن جي مدد ڪرڻ تي قدرت رکي ٿو. (الحج: 39) تنهن ڪري رياست مدينہ جي دفاع لاءِ رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن اسلام جي مخالفن سان اسلحو کڻي جهاد ڪيو، غزوات مان چند اهم هي آهن:

**غزوه بدر:** حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن مدينہ منوره ۾ هڪ سال پورو ڪيو تہ رمضان سنہ 2 هجري ۾ مڪي جي مشرڪن ابو جهل جي اڳواڻي ۾ مديني تي حملي جو ارادو ڪيو. جڏهن حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن کي اطلاع مليو تہ پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن اڳتي وڌي "بدر" جي ميدان وٽ اچي مشرڪن سان مقابلو ڪيو جنهن ۾ الله تعالىٰ مسلمانن کي فتح عطا فرمائي.

**غزوه احد:** غزوه بدر کان هڪ سال پوءِ مڪي جي مشرڪن ابو سفيان جي اڳواڻي ۾ شوال سنہ 3 هجري تي مديني تي ڪاهہ ڪئي، مسلمانن "احد" جي هند تي انهن سان مقابلو ڪيو. ان جنگ ۾ مسلمانن جو تمام گهڻو نقصان ٿيو پر دشمن بہ پنهنجي مقصدن ۾ ڪامياب نہ ٿيو.

**غزوه خندق:** ٽئين دفعي ذوالقعد سنہ 5 هجري تي سڄي عرب جي مشرڪن ۽ ڪافرن گڏجي وڏي طاقت سان مديني تي حملو ڪيو، ان جنگ جو ٻيو نالو غزوه احزاب آهي. الله تعالىٰ طوفان ۽ سخت هوا موڪلي ڪافرن جي ارادن کي خاڪ ۾ ملائي ڇڏيو.

**غزوه خيبر:** سنہ 7 هجري ۾ خيبر جي يهودين سخت بغاوت شروع ڪئي. يهودين گهٽائي قلعا جوڙيا هئا. سيئي قلعا فتح ڪيا ويا، آخري قلعو قموص مضبوط هيو، جنهن کي شيرِ خدا حيدر ڪرار حضرت علي ڪرم الله وجهه جي اڳواڻي ۾ فتح ڪيو ويو.

**فتح مڪه:** مسلمانن رمضان المبارڪ سن 8 هجري ۾ مڪو مڪرمه فتح ڪيو.

**غزوه حنين:** سن 8 هجري ۾ مڪي مڪرمه جي فتح کان بعد ”غزوه حنين“ ٿيو. ان جنگ ۾ مسلمانن کي ڪاميابي ملي.

**غزوه تبوڪ:** سن 9 هجري ۾ رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن کي اطلاع مليو تہ رومي ۽ ان جا اتحادي مسلمانن سان جنگ جي ارادي ۾ نڪري چڪا آهن تہ رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن پنهنجي مجاهدن سان گڏ انهن جو مقابلو ڪرڻ لاءِ تبوڪ جي طرف روانا ٿيا. پر جڏهن رومين مسلمانن جو عزم ڏٺو تہ واپس هليا ويا ۽ اسلامي لشڪر بغير لڙائيءَ جي واپس آيو.

اسان کي گهرجي تہ رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي اسوه حسنه جي پيروي ڪندي ضرورت وقت هجرت ۽ اعلاء ڪلمة الله لاءِ ڪوشش ڪندا رهون ان ۾ ئي ٻنهي جهانن جي ڪاميابي آهي.

شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ سرگرمي

حضور ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي غزوات جو چارٽ ناهي، ان ۾ سال، مسلمانن ۽ ڪافرن جو تعداد، ڪاميابي/ شڪست ڪي ظاهر ڪيو وڃي. مثال: جنگ بدر 2 هجري ۾ واقع ٿي مسلمان 313 هئا ۽ ڪافر 1000 هئا، مسلمانن ڪي فتح ملي، 70 ڪافر قتل ٿيا ۽ 70 ڪافر قيدي بڻيا.

## مشق

### (الف) هيٺين سوالن جا تفصيلي جواب لکو:

1. هجرت واري واقعي جي باري ۾ اوهان ڇا ٿا ڄاڻو؟ وضاحت ڪريو.
2. مديني جي هجرت جا سبب بيان ڪريو؟
3. مختلف غزوات جو ڳڌيل تعارف لکو.

### (ب) هيٺين سوالن جا مختصر جواب لکو:

1. هجرت جي معنىٰ ۽ مفهوم بيان ڪريو.
2. غزوه بدر ڪڏهن ۽ ڇو ٿيو؟
3. هجرت جي فضيلت ڇا آهي؟ نوٽ لکو.

(ج) هيٺين سوالن جي صحيح جوابن تي (✓) جو نشان لڳايو:

1. هجرت لفظ جي معنىٰ آهي:

(الف) مسلمان هجڻ — (ب) علم جي حصول لاءِ سفر ڪرڻ

(ج) دين خاطر لڏڻ — (د) قيام ڪرڻ

2. هجرت جي سفر جي دوران حضور ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ آرام لاءِ رهيا:

(الف) غار حرا ۾ — (ب) غار ثور ۾

(ج) ڪهف ۾ — (د) طائف ۾

3. رسول اللّٰه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن خود جنهن جنگي مهم ۾ شامل ٿيا هجن ان ڪي چئجي ٿو:

(الف) غنيمت — (ب) جزيو

(ج) غزوه — (د) سريو

4. پيو نمبر غزوه آهي:

(الف) تبوڪ — (ب) خيبر

(ج) احد — (د) بدر

**استادن لاءِ هدايتون**

استادن کي گهرجي ته غزوات تي تفصيلي روشني وجهن جيئن شاگرد ۽ شاگردياڻيون ان جي هر پهلو کان آگاهه رهي سگهن.

# 4. خصائل ۽ شمائل نبوي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلىٰ آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ

**سکيا جي حاصلات**

* خصائل ۽ شمائل جي معنىٰ مفهوم بيان ڪري سگهن. * رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلىٰ آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جون عادتون ۽ طور طريقا بيان ڪري سگهن. * روزاني جي عملي ۾ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلىٰ آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي نقش قدم تي هلڻ جي ڪوشش ڪندا.

## خصائل ۽ شمائل جي معنىٰ ۽ مفهوم:

”خصائل“ عربي لفظ ”خصلة“ مان ورتل آهي جنهن جي معنىٰ عادت آهي. (سني هجي يا بُري) جڏهن تہ شمائل ”شميلة“ جو جمع آهي جنهن جي معنىٰ سني طبيعت، عمده عادت ۽ نيڪ صفت، خصلت آهي، خصائل ۽ شمائل نبوي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلىٰ آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ مان رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلىٰ آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جون ظاهري خوبيون، باطني خصلتون ۽ عمده عادتون مراد آهن گڏوگڏ ان ۾ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلىٰ آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي ڏينهن ۽ رات جي زندگي مثلاً: اٿڻ، ويهڻ، کائڻ، پيئڻ، سمهڻ، جاڳڻ، مزاج سندن معاشرت ۽ لباس، اخلاق ۽ پاڪ خصوصيتون ۽ خوبيون ۽ وصفون، خاص ڪري پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلىٰ آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جو گهر وارن سان ورتاءُ، ماڻهن سان ملڻ جلڻ، پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلىٰ آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جو ساٿين سان رويو ۽ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلىٰ آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي ظاهري صورت، سيرت، حليو مبارڪ ۽ جسماني بناوت بہ شامل آهي.

## خصائل ۽ شمائل نبوي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي اهميت ۽

**فضيلت:** حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي پاڪيزه زندگي ئي اسلام جي صحيح ۽ ڪامل تصوير آهي، پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي اقوال ۽ افعال ۽ زندگي مبارڪ جي پيروي ئي مومن لاءِ نجات جو ذريعو آهي. ارشاد باري تعالىٰ آهي تہ: لَقَدْ كَانَ لَكُمْ فِيْ رَسُوْلِ اللهِ اُسْوَةٌ حَسَنَةٌ۔ (الاحزاب: 21) ترجمو: (مسلمانو!) حقيقت ۾ توهان جي لاءِ رسول الله ۾ هڪ بهترين نمونو آهي.“ تنهن ڪري الله تعالىٰ پنهنجي پياري نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي عمده عادتن ۽ بي مثال سيرت کي هن امت لاءِ هڪ بهترين ”اسوه حسنه“ قرار ڏئي ماڻهن کي ان جي مطابق زندگي گذارڻ جي ترغيب ڏني آهي. الله تعالىٰ رسول اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن کي عمده عادتن، بي مثال صورت وانگر اعلىٰ سيرت، بلند اخلاق ۽ عمده صفتن جو مجموعو بڻايو، جنهن جي گواهي خود قرآن بہ ڏني آهي: وَاِنَّكَ لَعَلٰى خُلُقٍ عَظِيْمٍ۔ (سورة القلم:4) ترجمو: بيشڪ اوهان جا اخلاق اعلىٰ آهن. رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي ذات اقدس سيرت ۽ صورت ٻنهي جي اعتبار سان ڪامل ۽ اڪمل آهي. پاڻ پنهنجي قوم ۾ سٺي ڪردار، فاضلانہ اخلاق ۽ ڪريمانہ عادتن جي لحاظ کان نہ رڳو ممتاز هئا پر حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي شخصيت نهايت رُعب ۽ وقار واري هئي. پاڻ سڀ کان وڌيڪ بامروت، سڀ کان وڌيڪ خوش اخلاق، سڀ کان وڌيڪ سچار ۽ ڪريم، سڀ کان وڌيڪ نيڪ عمل ڪرڻ وارا، سڀ کان وڌيڪ وعدي جا پابند، سڀني کان وڌيڪ امانت دار هئا. جيڪي ماڻهو پنهنجي اڪيلائيءَ يا گڏ واري زندگيءَ کي سهڻو ۽ ڪامياب بڻائڻ چاهين ٿا تہ انهن کي نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي خصائل ۽

شمائل مٿان پوري رضامندي ۽ دل جي لڳاءَ سان پيروي ڪرڻ گهرجي ۽ ڪين اها خبر هجي تہ حضور ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جيڪو بہ حڪم پنهنجي زبان مبارڪ سان واضح لفظن ۾ ڏئي ويا يا نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن ڪي چا وڻي ٿو يا چا نٿو وڻي ۽ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي اٿڻ ويهڻ جو طريقو چا آهي ۽ ڳالهائڻ جو انداز ڪيئن آهي ۽ پاڻ هلندا ڪيئن هئا ۽ ڪپڙا ڪهڙا پائيندا هئا ۽ ڪين ڪاڏي ۾ ڪهڙي شيءِ پسند هئي. اهو سڀ ڄاڻي ايمان وارو ان جي پيروي ڪري ۽ ٻنهي جهانن جي ڪاميابي حاصل ڪري.

**پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جو پنهنجي گهر وارن سان ورتاءُ:** حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي گهريلو زندگي نهايت شائستہ ۽ خوشگوار قسم جي هئي. پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن پنهنجي گهر وارن سان گهر جي ڪمن ۾ هٿ ونڊائيندا هئا، پنهنجا ڪم پاڻ ئي ڪندا هئا ۽ گهر وارن سان ڪڏهن بہ سختيءَ سان پيش نہ ايندا هئا.

حضرت بيبي عائشه رضي الله عنها فرمائي ٿي تہ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو تہ توهان مان سڀني کان وڌيڪ اهو ماڻهو سنو آهي جيڪو پنهنجي گهر وارن جي لاءِ سنو آهي ۽ مان پنهنجي گهر وارن جي معاملي ۾ توهان سڀني کان وڌيڪ سنو ۽ بهتر آهيان. (سنن ترمذي حديث:3895)

حضرت انس رضي الله عنه جو بيان آهي تہ مون رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن کان وڌيڪ ڪنهن بہ ماڻهوءَ کي نہ ڏٺو جيڪو پنهنجي گهر وارن جي لاءِ شفيق ۽ مهربان هجي. (اخلاق النبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ (ابو الشيخ الاصبهاني، ج-1، ص-380)

حضور ڪريم ﷺ جن گهر ۾ عام ماڻهن وانگر زندگي گذاريندا هئا. ام المؤمنين حضرت بيبي عائشه رضي الله عنها فرمائي ٿي تہ حضور ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلىٰ آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن پنهنجا ڪپڙا پاڻ صاف ڪندا هئا، ٻڪريءَ جو کير پاڻ ڏهندا هئا، پنهنجا ڪم پاڻ ڪندا هئا. ڪپڙن ۾ جوتن تي چتيون هڻڻ ۽ پنهنجي ڪپڙي کي سبڻ جهڙا سڀ ڪم پاڻ ئي ڪندا هئا.

اهڙي طرح گهر وارن سان خوش طبعي سان پيش اچڻ، پنهنجي گهر وارن جي ضرورتن کي پورو ڪرڻ ۽ گهر ۾ اندر اچڻ وقت گهر وارن کي سلام ڪرڻ بہ رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلىٰ آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن کان ثابت آهي. اهي سڀ ڳالهيون هڪ سٺي گهراڻي کي جوڙڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿيون.

**حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلىٰ آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جو محلي ۽ معاشري جي ماڻهن سان ورتاءُ:** حضور ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلىٰ آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي زندگي نہ صرف هڪڙي سٺي اخلاق، پاڪيزه ڪردار اپنائڻ ۾ رهنمائي ڪري ٿي پر معاشري کي سٺي کان سٺو بڻائڻ ۽ گڏيل برابري کي ترقي ڏيڻ جي لاءِ خاندان، محلي ۽ پاڙيسرين سان سٺي سلوڪ تي بہ زور ڏيندي آهي، تنهن ڪري معاشرتي معاملن ۾ رشتيدارن ۽ پاڙيسرين سان سٺو سلوڪ ڪرڻ انهن جي ضرورتن جو خيال رکڻ، انهن کي تحفا ۽ سوکڙيون موڪلڻ، طبع پرسي ڪرڻ، تعزيت ڪرڻ، هڪ ٻئي کي دعوت ڏيڻ، معاشري جي ڪمزور ماڻهن جي ڪم اچڻ، دشمن سان بہ نيڪي ڪرڻ وغيره پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلىٰ آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي خصائل مبارڪ مان آهي جنهن تي رسول اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلىٰ آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن پنهنجي شريعت ۾ گهڻو توجہ ڏنو آهي.

ام المؤمنين حضرت بيبي خديجة الڪبرىٰ رضي الله عنها

حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلىٰ آلِهِ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن ڪي مخاطب ٿي فرمائي ٿي تہ اوهين صلہ رحمي ڪيو ٿا ۽ ٻي سهارن جا بار کڻو ٿا، خالي هٿن وارن جي مدد ڪيو ٿا، مهمان جي مهمان نوازي ڪيو ٿا، حق جي سلسلي ۾ اچڻ وارين مصيبتن ۾ مدد ڪندا آهيو، الله تعالىٰ توهان کي ڪڏهن بہ اڪيلو نہ ڇڏيندو. اهي سڀ خوبيون پياري رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلىٰ آلِهِ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي همدردي ۽ خير خواهي واري رويي جي عڪاسي ڪن ٿيون. جنهن مان معاشري جي ڪمزور طبقي سان بہ اهڙو ئي سلوڪ رکڻ جو طريقو معلوم ٿئي ٿو جيڪو ڪنهن شاهاڻي طرز رکڻ واري سان رکيو وڃي ٿو.

اهڙي طرح مظلومن ۽ بيواهن جي فرياد ٻڌڻ ۽ انهن جي ڪم اچڻ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلىٰ آلِهِ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جو پسنديده مشغلو هو مثال طور: هڪ اجنبي ماڻهو حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلىٰ آلِهِ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن وٽ اچي دانهن ڏيڻ لڳو تہ ابوجهل جي ذمي منهنجو ڪجهہ قرض آهي، جيڪو هو مون کي نہ ٿو ڏئي، ان وقت پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلىٰ آلِهِ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن ڪعبت الله ۾ عبادت ڪري رهيا هئا. پر عبادت کي مؤخر ڪري پنهنجي ذاتي دشمن ابوجهل وٽ بہ هڪ اجنبيءَ جي مدد ڪرڻ جي لاءِ اٿي پيا ۽ ان کي پنهنجو حق وٺي ڏنائون.
(تهذيب سيرت ابن هشام ص 74)

8 هجريءَ ۾ جڏهن الله تعالىٰ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلىٰ آلِهِ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن کي قريش مڪه تي غلبو عطا ڪيو ۽ مڪو فتح ٿيو تہ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلىٰ آلِهِ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن ويهن ورهين جي ظلم ۽ زيادتن جو بدلو وٺڻ جي بجاءِ پنهنجي قوم جي ماڻهن کي معاف ڪندي اعلان ڪيو تہ (ترجمو: اڄ توهان تي ڪا بہ ملامت نہ آهي وڃو توهان سڀ آزاد آهيو (رحمت للعالمين ج-1، ص-13) اسان کي گهرجي تہ

رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي خصائل ۽ شمائل کي اپنائي ٻنهي جهانن جي ڪاميابي حاصل ڪيون. خاص ڪري حضرت خديجة الڪبرىٰ رضي الله عنها جي پاران حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي لاءِ بيان ڪيل خصوصيتون اسان جي لاءِ تابعداريءَ جي لائق آهن. حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي محبت ماڻڻ جو ٻيو ذريعو درود ۽ سلام جي ڪثرت آهي جيڪو حضرت محمد صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي شفاعت کي حاصل ڪرڻ جو ذريعو آهي.

**شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ سرگرمي**

نبي اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي خصائل ۽ شمائل جي روشني ۾ موجوده ماحول (ڪلاس روم، اسڪول، گهر، محلي، راند جي ميدان ۽ شهر) بابت نڪتا لکو.

## مشق

**(الف) هيٺين سوالن جا تفصيلي جواب لکو:**

1. خصائل ۽ شمائل نبوي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي اهميت ۽ فضيلت تي نوٽ لکو.
2. ٻين جي ڪم اچڻ ۾ نبي اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جو طريقو ڪهڙو هو؟

**(ب) هيٺين سوالن جا مختصر جواب لکو:**

1. خصائل ۽ شمائل نبوي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ مان ڇا مراد آهي؟

2. حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جون گھريلو مصروفيتون ڇا هيون؟

3. حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي مبارڪ زندگي محلي وارن سان ڪهڙو رويو رکڻ جو درس ڏئي ٿي؟

(ج) هيٺين سوالن جي صحيح جوابن تي (✓) جو نشان لڳايو:

1. حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي خصائل ۽ شمائل مان مراد آهي:

(الف) سيرت نبوي (ب) اسوه حسنه

(ج) سنت (د) عمده عادات ۽ خصوصيات

2. حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جڏهن يهودي ڇوڪري وٽ ويا تہ ان کي:

(الف) اسلام جي دعوت ڏني (ب) سلام ڪيو

(ج) هديو پيش ڪيو (د) دعا فرمائي

3. فتح مڪه وقت پنهنجي قوم جي سيني ماڻهن کي حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن:

(الف) قيد ڪري ڇڏيو (ب) شهر ڇڏڻ تي مجبور ڪيو

(ج) معاف ڪري ڇڏيو (د) امير بڻائي ڇڏيو

**استادن لاءِ هدايتون**

شاگردن ۽ شاگرديائڻين کي سبق ۾ ڏنل حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي عادات مبارڪ خاص ڪري ”پنهنجو ڪم پاڻ ڪرڻ“ جي اهميت ٻڌائڻ.

## 5. مناقب اهل بيت اطهار رضي الله عنهم

### سکيا جي حاصلات

* اهل بيت اطهار جو تعارف بيان ڪري سگهن. * روزمره جي زندگي ۾ اهل بيت اطهار جي محبت ۽ نقش قدم تي هلڻ جي ڪوشش ڪري سگهن.

**مناقب جي معنىٰ ۽ مفهوم:**

مناقب عربي ٻولي جو لفظ آهي، جنهن جو واحد "مَنْقَبَةٌ" آهي جنهن جي معنىٰ: تعريف، سنائي، خوبي ۽ فضيلت آهي. اصطلاح ۾ ڪنهن مشهور شخصيت جي ڪارنامن ۽ فضائل کي "منقبة" چيو ويجي ٿو، ڀلي اهو نثر ۾ هجي يا نظم ۾ جهڙوڪ: اهل بيت، بزرگان دين، اصحاب ڪرام جي ثناء وصف ۽ تعريف.

**اهل بيت:** "اهل" عربي زبان ۾ "وارا" کي چئجي ٿو ۽ "بيت" جي معنىٰ "گهر" تنهن ڪري اهل بيت جي معنىٰ ٿي "گهر وارا".

**مناقب اهل بيت:** قرآن مجيد جي اصطلاح جي مطابق "اهل بيت" مان مراد حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جو گهراڻو آهي. جنهن ۾ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جو آل پاڪ، پاڪ گهر واريون، ۽ سندن اولاد شامل آهي. قرآن ڪريم نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي پاڪ گهر وارين رضي الله عنهن کي امهات المؤمنين (مؤمنن جون مائرون) قرار ڏنو آهي، جيئن ارشاد باري تعالىٰ آهي. وَ اَزْوَاجُهٗۤ اُمَّهٰتُهُمْ ؕ (سورة الاحزاب: 6) ترجمو: ۽ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جون پاڪ گهر واريون مؤمنن جون مائرون آهن. پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي پاڪ گهر وارين جو تعداد يارنهن آهي، جن مان ٻه گهرواريون پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ

عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي زندگي ۾ ئي وفات ڪري ويون ۽ نَوَ (9) پاڪ گهر واريون زندگي جي آخري ڏينهن تائين پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن سان گڏ رهيون. جن جو مختصر تعارف هن ريت آهي:

**1. ام المؤمنين حضرت خديجة الڪبرىٰ بنت خويلد رضي الله عنها:**

حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جنهن وقت ان بيبي سڳوري سان نڪاح ڪيو، ان وقت سندس عمر چاليهه (40) سال هئي، پاڻ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن تي سڀ کان پهريان ايمان آڻڻ واري خاتون آهي. سندس زندگي ۾ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن ٻي شادي نہ ڪئي ۽ حضور ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جو سڄو اولاد ان مان ئي هو سواءِ حضرت ابراهيم رضي الله عنه جي. حضرت ابو هريره رضي الله عنه کان روايت آهي تہ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: دنيا جي سيني عورتن تي چئن عورتن کي فضيلت ۽ مٿاهون درجو حاصل آهي. حضرت مريم بنت عمران، حضرت آسيہ بنت مزاجم (فرعون جي گهر واري) حضرت خديجة بنت خويلد رضي الله عنها ۽ حضرت فاطمه بنت محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ. حضرت خديجة رضي الله عنها پنهنجي سموري دولت اسلام ۽ رسول پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن لاءِ وقف ڪري ڇڏي. 65 سالن جي عمر ۾ سن 10 نبوت ۾ هن بيبي سائڻ جي وفات ٿي، دين اسلام لاءِ سندس ٻي مثال خدمتون آهن.

**2. ام المؤمنين حضرت عائشه صديقه بنت ابوبڪر صديق رضي الله عنه:** نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن هن بيبي سڳوري سان شوال 11 نبوت ۾ نڪاح ڪيو. هجرت جي ستن مهينن کان پوءِ شوال پهرين هجري ۾ سندن رخصتي ٿي. حضرت عائشه رضي الله

عنها امت جي سڀ کان وڏي فقيه عورتن ۾ شامل آهي. پاڻ نهايت بهادر ۽ دلير هئي. غزوه احد ۾ رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جا زخم صاف ڪيائين ۽ زخمين کي ڍوئي پاڻي پياريندي رهي. 17 رمضان المبارڪ تي سنڌس انتقال ٿيو ۽ پاڻ رضي الله عنها جنت البقيع ۾ مدفون آهي.

3. **ام المؤمنين حضرت زينب بنت خزيمه رضي الله عنها:** رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن هن بيبي سڳوري سان رمضان 4 هجري ۾ نڪاح ڪيو. ڪيس ”ام المساڪين“ چيو ويندو هو ڇو ته هوءَ مسڪينن کي کاڌو کارائيندي هئي.

4. **ام المؤمنين حضرت زينب بنت جحش رضي الله عنها:** هي بيبي سڳوري پاڻ حضور ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي پڦي حضرت اميمه بنت عبدالمطلب رضي الله عنها جي صاحبزادي هئي. ذوالقعد 5 هجري ۾ ٻنهي جهانن جي سردار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن ان سان شادي ڪئي. حضرت زينب رضي الله عنها وڏي عبادت گذار ۽ تمام گهڻو صدقو خيرات ڪرڻ واري عورت هئي. 53 سالن جي عمر ۾ سن 20 هجري ۾ سنڌس وفات ٿي ۽ جنت البقيع ۾ مدفون آهي.

انهن کان سواءِ باقي پاڪ گهر وارين هن ريت آهن: 1. ام المؤمنين حضرت سوده بنت زمعه رضي الله عنها، 2. ام المؤمنين حضرت حفصہ بنت عمر بن خطاب رضي الله عنها، 3. ام المؤمنين حضرت ام سلمه بنت ابو اميہ رضي الله عنها، 4. ام المؤمنين حضرت جويريه بنت الحارث رضي الله عنها، 5. ام المؤمنين حضرت ام حبيبه رملہ بنت ابو سفيان رضي الله عنها، 6. ام الؤمنين حضرت صفيه بنت حيبي بن اخطب رضي الله عنها، 7. ام المؤمنين حضرت ميمونہ بنت حارث رضي الله عنها ۽ 8. هڪ ٻانهي ام مؤمنين حضرت ماريه قبطيه

رضي الله عنها بہ آهي جنهن کي مصر جي بادشاهہ مقوقس تحفي ۾ پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ ڏانهن موڪليو هيو، جنهن مان پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جو فرزند حضرت ابراهيم رضي الله عنه مديني منوره ۾ پيدا ٿيو. سيئي پاڪ گهر واريون پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جو اهل ۽ امت مسلمہ جي رهنمائي لاءِ هدايت ۽ رهنمائي جا روشن ڏيئا آهن.

**اهل بيت (اولاد):**

حضرت ابراهيم رضي الله عنه کانسواءِ حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جو سمورو اولاد مبارڪ حضرت خديجة الڪبرىٰ رضي الله عنها مان پيدا ٿيو، جنهن جو مختصر تعارف هن ريت آهي:

1. **حضرت قاسم رضي الله عنه:** رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جا سڀ کان وڏا صاحبزاده هئا، سندن نسبت سان ئي حضور پاڪ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي ڪنيت ابو القاسم آهي. تقريباً ٻن سال جي عمر ۾ وفات ڪري ويا.

2. **حضرت سيده زينب رضي الله عنها:** هي بيبي سڳوري حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي سڀ کان وڏي صاحبزادي هئي، جيڪا اعلان نبوت کان ڏهہ سال پهريان پيدا ٿي. 8 هجري ۾ حضرت سيده زينب رضي الله عنها رحلت فرمائي ۽ جنت البقيع مديني منوره ۾ مدفون آهي.

3. **حضرت سيده رقيہ رضي الله عنها:** هي بيبي سڳوري حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي اولاد ۾ ٻي صاحبزادي آهي، ٻي هجريءَ ۾ غزوه بدر جي موقعي تي پاڻ رضي الله عنها بيمار ٿي پئي ۽ ان ئي سال رحلت فرمائي وئي ۽ جنت البقيع ۾ مدفون آهي.

4. حضرت ام ڪلثوم رضي الله عنها: هي بيبي سڳوري حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي ٽين صاحبزادي آهي. اعلان نبوت کان ڪجهه عرصو پهريان پيدا ٿي. سيده ام ڪلثوم رضي الله عنها 9 هجري ۾ رحلت فرمائي ۽ مديني منوره جي جنت البقيع ۾ مدفون آهي.

5. حضرت سيده فاطمة الزهراء رضي الله عنها: هن بيبي سڳوري جو نالو فاطمه ۽ لقب الزهراء آهي. پاڻ رضي الله عنها مسلمانن وٽ هڪ عظيم هستي آهن. سندن ولادت 20 جمادي الثاني جمعي جي ڏينهن ٿي.

حضرت سيده فاطمه الزهراء رضي الله عنها جي مشهور لقبن ۾ "الزهراء"، "سيدة نساء العالمين" (سيني جهانن جي عورتن جي سردار) ۽ "بتول" شامل آهن. جڏهن تہ سندن مشهور ڪنيت ام الائمه ۽ ام الحسنين آهي. ڪين مشهور ترين لقب سيدة نساء العالمين هڪ حديث جي سبب مليو، جنهن ۾ حضور پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ سندن بابت فرمايو تہ "هوءَ دنيا ۽ آخرت ۾ عورتن جي سيده (سردار) آهي." (صحيح البخاري: 4108)

حضرت سيده فاطمة الزهراء رضي الله عنها جي شادي امير المؤمنين شير خدا حضرت علي بن ابي طالب رضي الله عنه سان ٿي جنهن مان ڪين ٽي صاحبزادا، حضرت سيدنا حسن، حضرت سيدنا حسين ۽ حضرت سيدنا محسن رضي الله عنهم ۽ ٻہ صاحبزاديون حضرت سيده زينب ۽ حضرت سيده ام ڪلثوم رضي الله عنهما جن پيدا ٿيون. حضرت فاطمه رضي الله عنها جي رحلت پنهنجي والد حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي رحلت کان ڪجهه مهينا پوءِ ٿي.

6. حضرت عبدالله رضي الله عنه: حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جو هي فرزند حضرت خديجة الڪبرىٰ رضي الله عنها مان هو ۽ ننڍپڻ ۾ ئي وفات ڪري ويا هئا.

7. حضرت ابراهيم رضي الله عنه: حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جو هي صاحبزادو حضرت ماريه قبطيه رضي الله عنها مان هئو. سندس وفات ننڍپڻ ۾ ٿي ٿي ۽ جنت البقيع ۾ مدفون آهي.

قرآن مجيد ۾ الله تعالىٰ امهات المؤمنين رضي الله عنهن کي فرمايو: يٰنِسَآءَ النَّبِيِّ لَسْتُنَّ كَاَحَدٍ مِّنَ النِّسَآءِ (سورة الاحزاب: 32) ترجمو: اي نبيءَ جون گهر واريون! توهان دنيا جي عورتن وانگر نہ آهيو (پر رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن سان تعلق جي ڪري توهان جو شان ۽ مقام تمام بلند آهي) تنهن ڪري حضور ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جون پاڪ گهر واريون رضي الله عنهن، پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جو اولاد ۽ حضرت علي ڪرم الله وجهه جو خاندان جيڪو سيده فاطمة الزهراء رضي الله عنها مان آهي ”اهل بيت“ جو شرف رکي ٿو.

اهل بيت جي متعلق قرآن مجيد ۾ ارشاد باري تعالىٰ آهي. اِنَّمَا يُرِيْدُ اللّٰهُ لِيُذْهِبَ عَنْكُمُ الرِّجْسَ اَهْلَ الْبَيْتِ وَ يُطَهِّرَكُمْ تَطْهِيْرًا ﴿۳۳﴾ (سورة الاحزاب: 33) ترجمو: الله تعالىٰ گهري ٿو تہ اي اهل بيت توهان کان ناپاڪي پري ڪري ۽ توهان کي خوب پاڪ ڪري.

حديث الڪساء: حضرت عائشه صديقه رضي الله عنها کان روايت آهي تہ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن هڪ دفعي حضرت فاطمة الزهراء، حضرت علي، حضرت حسن، حضرت حسين رضوان الله عليهم اجمعين کي گهرايو ۽ هڪ چادر ۾ داخل فرمايو ۽ پوءِ دعا گهري: اَللّٰهُمَّ هٰؤُلَاءِ اَهْلُ بَيْتِيْ فَاَذْهِبْ عنهمُ الرِّجْسَ وَ طَهِّرْهُمْ تَطْهِيْرًا - (سنن ترمذي، حديث: 3871) ترجمو: اي منهنجا الله! هي منهنجا اهل بيت آهن. انهن کان نجاست ختم ڪري ڪين پاڪ فرماءِ ۽ جڏهن حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن سيده فاطمة الزهراء رضي الله عنها جي گهر

وڻان گذرندا هئا تہ انهن کي نماز لاءِ سڏيندا هئا. اَلصَّلٰوۃُ اَهْلَ الْبَيْتِ يُرِيْدُ اللهُ لِيُذْهِبَ عَنْكُمُ الرِّجْسَ ـ ”نماز، اي اهل بيت! الله توهان کان نجاست دور فرمائي.“ (سنن ترمذي، حديث:3206) حضور اکرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جو ارشاد گرامي آهي تہ: آئون اوهان وٽ بہ شيون ڇڏيان ٿو جيستائين اوهان انهن کي پڪڙي رکندؤ (پيروي ڪندؤ) تيستائين گمراهہ نہ ٿي سگھندؤ. اهي الله تعالىٰ جو ڪتاب ۽ منهنجا اهل بيت آهن. (سنن ترمذي: 3786)

هڪ ٻئي حديث ۾ انهن ٻن شين جو تفصيل آهي تہ حضور اکرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن الله تعالىٰ جي ڪتاب جي باري ۾ ماڻهن کي شوق ڏياريو ۽ پوءِ فرمايو ۽ (ٻي شيءِ) منهنجا اهل بيت آهن. آئون توهان کي انهن جي باري ۾ الله تعالىٰ کان ديڄاري رهيو آهيان. هي لفظ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن ٽي دفعا فرمايا پوءِ حضرت حصين بن سبرة رضي الله عنه، حضرت زيد بن ارقم رضي الله عنه کان پڇيو: حضور اکرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جا اهل بيت ڪير آهن؟ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جون پاڪ گهر واريون اهل بيت ۾ شامل نہ آهن؟ تہ حضرت زيد جواب ڏنو: پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جون پاڪ گهر واريون سندن جون اهل بيت آهن، پر پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جا اهل بيت اهي آهن جن تي وجوبي صدقو (وٺڻ) حرام آهي. ۽ اهي حضرت علي، حضرت جعفر، حضرت عقيل ۽ حضرت عباس جو آل آهن. (صحيح مسلم: 6225)

**8. سيدنا حضرت علي المرتضىٰ رضي الله عنه:** پاڻ رضي الله عنه جناب رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جو سؤٽ ۽ نياڻو آهي. پاڻ رضي الله عنه فاتح خيبر آهي ۽ ”ابو تراب“ جي ڪنيت سان مشهور ٿيا.

سندس ولادت ڪعبي ۾ ٿي. غزوه تبوڪ کانسواءِ سيني غزوات ۾ شريڪ ٿيا. غزوه تبوڪ جي موقعي تي حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن حضرت علي رضي الله عنه کي مديني منوره ۾ پنهنجو قائم مقام مقرر ڪيو ۽ کين مخاطب ٿي فرمايو: توهان منهنجي لاءِ ايئن آهيو جيئن حضرت هارون عليه السلام، حضرت موسىٰ عليه السلام جي لاءِ هو، پر مون کان پوءِ ڪو به نبي نه آهي. هجرت جي رات پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن کين کي پنهنجو نائب مقرر ڪيو پاڻ 35 هجري ۾ مسلمانن لاءِ خليفه مقرر ٿيا، پاڻ رضي الله عنه ڪوفي کي دارالخلافه بڻايو جتي 21 رمضان 41 هجري ۾ پاڻ رضي الله عنه عبدالرحمٰن ابن ملجم ملعون جي هٿان شهيد ٿيا. پاڻ رضي الله عنه عراق جي شهر نجف اشرف ۾ مدفون آهن.

سيده فاطمة الزهراء رضي الله عنها جي متعلق حضور انور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو آهي ته: فَاطِمَةُ بَضْعَةٌ مِّنِّىْ فَمَنْ اَغْضَبَهَا اَغْضَبَنِىْ. (صحيح البخاري: 3093) ترجمو: فاطمه منهنجي جسم جو ٽڪرو آهي، جنهن ان کي ناراض ڪيو ان مون کي ناراض ڪيو.

**9. حضرت امام حسن رضي الله عنه:** پاڻ رضي الله عنه جي 15 رمضان المبارڪ 3 هجري ۾ ولادت ٿي. پاڻ حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جا ڏهٽا، حضرت سيدنا علي ڪرم الله وجهه ۽ حضرت سيده النساء فاطمة الزهراء رضي الله عنها جا وڏا صاحبزاده آهن پاڻ رضي الله عنه جنت جي نوجوانن جا سردار آهن. سندن رضي الله عنه جو شان، فضيلت ۽ منقبت ۾ بيشمار حديثون بيان ٿيون آهن. پاڻ رضي الله عنه بيحد سخي هئا. پاڻ ٽي دفعا اڌو اڌ مال الله تعالىٰ جي راهه ۾ صدقو ۽ خيرات ۾ ڏئي ڇڏيو. سندن يوم وفات ۽ شهادت 5 ربيع الاول 49 هجري آهي.

**10. حضرت امام حسين رضي الله عنه:** رسول الله صَلَّى اللّٰہُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جو ڏهٽو حضرت بتول رضي الله عنها جي جگر جو ٽڪرو، جنت جي نوجوانن جو سردار، ڪربلا جي قافلي جو سردار، حق ۽ صداقت جو علم بردار، حضور اڪرم صَلَّى اللّٰہُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جو پيارو ڏهٽو، شير خدا حضرت علي ڪرم الله وجهه ۽ سيدة النساء حضرت فاطمة الزهراء جا عظيم فرزند ۽ ٻيو نمبر صاحبزاده آهن، سندن جي ڪنيت ابو عبدالله رضي الله عنه ۽ سيد، طيب، مبارڪ، سبط النبي صَلَّى اللّٰہُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ، ريحانة النبي صَلَّى اللّٰہُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ سندن رضي الله عنه جا لقب آهن. سيدنا حسين رضي الله عنه تقريباً ستن سالن تائين سرور ڪونين صَلَّى اللّٰہُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي شفقت جي پاڇي ۾ پرورش ورتي. نبي ڪريم صَلَّى اللّٰہُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن حضرات حسنين رضي الله عنهما سان غير معمولي محبت ۽ شفقت فرمائيندا هئا. حضرت سيدنا حسين رضي الله عنه بيحد سخي نهايت متقي، عبادت گذار ۽ ڪثرت سان نيڪ عمل ڪرڻ وارا هئا، سخاوت، مهمان نوازي، غرباء پروري، اخلاق ۽ مروت، حلم ۽ تواضع توڙي صبر ۽ تقوىٰ سندن خوبيون هيون. ڪين نماز سان بيحد لڳاءُ هو. اڪثر روزي سان رهندا هئا. حج ۽ عمري جي ادائگي جو ايترو شوق جو ڪافي حج پيدل ادا ڪيائون. سندن شهادت 10 محرم الحرام 61 هجري ۾ ڪربلا ۾ ٿي. سندن روضو مبارڪ عراق جي شهر "ڪربلا" ۾ واقع آهي.

حضرت امام حسن ۽ حضرت امام حسين رضي الله عنهما جي لاءِ حضور اڪرم صَلَّى اللّٰہُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هيءُ ٻئي منهنجا پٽ آهن، اي الله سائين! آئون ٻنهي سان محبت ڪريان ٿو توهان به انهن سان محبت ڪريو ۽ ان سان به محبت ڪريو جيڪي انهن

سان محبت ڪن. (سنن ترمذي:3775)

نبي اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلى آلِهِ وَاَصْحَابِهِ وَسَلَّمَ جن جي ويجهڙائپ جي سبب اهل بيت اطهار تمام مسلمانن لاءِ قابل تعظيم ۽ توقير آهن. عالمن اهل بيت رضوان الله عنهم اجمعين جي محبت، عزت ۽ توقير کي حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلى آلِهِ وَاَصْحَابِهِ وَسَلَّمَ جن جي محبت ۽ توقير جي برابر قرار ڏنو آهي. ۽ انهن جي زندگي پنهنجي لاءِ روشن راهه سمجهن ٿا.

حضرت ابو هريره رضي الله عنه کان روايت آهي تہ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلى آلِهِ وَاَصْحَابِهِ وَسَلَّمَ جن فرمايو: توهان منجهان سڀ کان بهتر اهو آهي جيڪو مون کان پوءِ منهنجي اهل عيال سان خير جو معاملو ڪري. (ڪنز العمال: 18 ۽ 13)

**اهل بيت جا حق:** جهڙي طرح اسان جي ماءُ پيءُ، رشتيدارن ۽ ويجهن مٽن مائٽن جا حق آهن. اهڙي طرح رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلى آلِهِ وَاَصْحَابِهِ وَسَلَّمَ جن جي اهل بيت جا بہ اسان تي حق آهن. انهن منجهان ڪجهه حقوق هيءُ آهن:

1. انهن سان محبت ڪئي وڃي.
2. انهن حضرات جي اطاعت ڪئي وڃي.
3. انهن جي عادل هجڻ جو اعتقاد رکيو وڃي.
4. انهن سان محبت ڪرڻ وارن سان محبت ۽ بغض رکڻ وارن سان بغض رکيو وڃي.

اسان کي گهرجي تہ اهل بيت سان محبت ڪريون. انهن جي سيرت کي پنهنجي روشن راهه بڻايون ۽ انهن جي نقش قدم تي هلئون. جيئن قيامت جي ڏينهن رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلى آلِهِ وَاَصْحَابِهِ وَسَلَّمَ جن جو قرب ۽ شفاعت نصيب ٿئي ۽ ديني ۽ دنيوي زندگي کي ڪامياب بڻائي سگهون.

شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ سرگرمي

مناقب اهل بيت پاڪ رضي الله عنهم تي تقريري نشست جو اهتمام ڪرائن. گڏيل مذاڪري جي ذريعي مناقب اهل بيت جا نڪتا لکو.

## مشق

**(الف) هيٺين سوالن جا تفصيلي جواب لکو:**

1. حديث جي روشني ۾ نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلىٰ آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي اهل بيت اطهار سان محبت ۽ عقيدت تي روشني وجهو.
2. امهات المؤمنين جي باري ۾ اوهان ڇا ٿا ڄاڻو؟

**(ب) هيٺين سوالن جا مختصر جواب لکو:**

1. مناقب جي معنىٰ ۽ مفهوم لکو.
2. اهل بيت مان مراد ڪير آهن؟
3. اهل بيت جا حقوق لکو.
4. حديث الڪساءِ جي روشني ۾ اهل بيت اطهار جا نالا لکو.

(ج) هيٺين سوالن جي صحيح جوابن تي (✓) جو نشان لڳايو:

1. حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي پاڪ گهر وارين کي قرآن مجيد ۾ چيو ويو آهي:

| | |
|---|---|
| (الف) امهات المومنين | (ب) امهات المسلمين |
| (ج) اخوات المومنين | (د) سيدات المومنين |

2. اهل بيت جي لغوي معنیٰ آهي:

| | |
|---|---|
| (الف) بيت لکڻ وارا | (ب) شاعري ڪرڻ وارا |
| (ج) گهر وارا | (د) ايمان وارا |

**استادن لاءِ هدايتون**

شاگردن ۽ شاگردياڻين کي حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي اهل بيت ۽ قريبن جي شان ۾ آيت (سورة آل عمران:61) جو مباحثو ۽ آيت مودة في القربىٰ (سورة الشورىٰ: 23) تفصيل سان بيان ڪريو.

# 6. مناقب صحابه ڪرام ۽ عشره مبشره رضي الله عنهم

**سکيا جي حاصلات**

* صحابه ڪرام رضي الله عنهم جو تعارف ۽ مناقب بيان ڪري سگهن. * عشره مبشره جو مفهوم ۽ مناقب بيان ڪري سگهن. * روزمره جي زندگي ۾ صحابه ڪرام ۽ عشره مبشره سان محبت ۽ انهن جي نقش قدم تي هلڻ جي ڪوشش ڪري سگهن.

صحابي عربي زبان جي لفظ "صحبة" مان ورتل آهي، جنهن جي لفظي معنیٰ "دوستي" آهي. اصطلاح ۾ صحابي ان شخصيت کي چئبو آهي، جنهن ايمان جي حالت ۾ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن سان ملاقات ڪئي هجي ۽ ايمان جي سلامتي سان ان جي وفات ٿي هجي.

اهڙيون بابرڪت هستيون جن کي صحابي هجڻ جو شرف حاصل ٿيو. اهي ماڻهو روءِ زمين تي انبياء ڪرام عليهم السلام کان پوءِ دنيا جي باقي سڀني انسانن ۾ اعلیٰ شان ۽ بلند مرتبو رکن ٿا.

**فضائل صحابه:**

حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو ته : طُوْبٰى لِمَنْ رَاٰنِىْ وَلِمَنْ رَاٰى مَنْ رَاٰنِىْ- (ميزان الاعتدال للذهبي، ج.1، ص-422)
ترجمو: ان شخص جي لاءِ وڏي خوشخبري آهي، جنهن مون کي ڏٺو ۽ ان لاءِ بہ جنهن اهڙي ماڻهوءَ کي ڏٺو جنهن مون کي ڏٺو هجي. ان حديث ۾ صحابي ۽ تابعيءَ کي پاڻ سڳورن طُوْبٰى جي خوشخبري ٻڌائي آهي.

اهڙي طرح حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: ترجمو: توهان مان بهترين انسان منهنجي زماني وارا آهن، پوءِ

اهي جيڪي انهن کان پوءِ ايندا، پوءِ اهي جيڪي انهن کان پوءِ ايندا.
(صحيح بخاري، حديث: 6695)

حضور ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَيْہِ وَعَلٰی آلِہٖ وَاَصْحَابِہٖ وَسَلَّمَ جن جا هي صحابي سڳورا رضوان الله عليهم اجمعين ئي آهن جن جي ذريعي اسان تائين قرآن ۽ سنت ۽ سچو دين پهتو آهي. انهن جي قربانين جي ذريعي دين اسلام دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين پهتو آهي. تنهنڪري هر مسلمان کي صحابہ ڪرام رضي الله عنهم سان محبت رکڻ ۽ دل ۾ انهن لاءِ عزت ۽ احترام رکڻ لازم آهي. الله تعالیٰ انهن سان پنهنجي رضامندي جو اعلان فرمايو آهي. ارشاد پاڪ آهي: وَ السّٰبِقُوْنَ الْاَوَّلُوْنَ مِنَ الْمُهٰجِرِيْنَ وَ الْاَنْصَارِ وَ الَّذِيْنَ اتَّبَعُوْهُمْ بِاِحْسَانٍ ۙ رَّضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمْ وَ رَضُوْا عَنْهُ وَ اَعَدَّ لَهُمْ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ تَحْتَهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ فِيْهَاۤ اَبَدًا ؕ ذٰلِكَ الْفَوْزُ الْعَظِيْمُ ۝۱۰۰ (سورة التوبة:100) ترجمو: انصار، مهاجر جيڪي ايمان آڻڻ ۾ اڳرائي ڪرڻ وارا آهن ۽ جيڪي چڱائي ۾ سندن پنيان هليا الله تعالیٰ انهن کان راضي آهي ۽ اهي ان سان راضي آهن. الله تعالیٰ انهن جي لاءِ اهڙا باغ تيار ڪري رکيا آهن، جن جي هيٺان واهيون وهن ٿيون. اهي ان ۾ هميشه رهندا ۽ هي وڏي ڪاميابي آهي.

## مناقب صحابه رضوان الله علهيم اجمعين:

جناب رسول الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَيْہِ وَعَلٰی آلِہٖ وَاَصْحَابِہٖ وَسَلَّمَ جن سان بابرڪت محبت جي بدولت اهي عظيم شخصيتون اهڙي بلند مقام تائين پهچي چڪيون آهن جو بعد وارن مان ڪو بہ انهن جي درجي تائين نہ ٿو پهچي سگهي. جو تہ نبوت جو در بند ٿي چڪو ۽ ڪنهن نبي سان بغير ملڻ جي ڪو بہ ماڻهو صحابي نہ ٿو بڻجي سگهي. اهي اهڙي دؤر ۾ گذريا آهن جنهن دؤر کي پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہُ عَلَيْہِ وَعَلٰی آلِہٖ وَاَصْحَابِہٖ وَسَلَّمَ جن ”بهترين زمانو“ فرمايو آهي. (بخاري: 3651)

تنهن ڪري صحابه ڪرام رضوان الله علهيم اجمعين جي

پاڪ جماعت سان دلي محبت ۽ عقيدت رکڻ عين ايمان آهي. جڏهن ته انهن جي شان ۾ ٿورڙي به بي ادبي ۽ گستاخي ڪرڻ وڏو گناهه آهي. حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جو ارشاد گرامي آهي: منهنجي صحابن کي برو نه چوندا ڪريو ڇو ته جيڪڏهن توهان مان ڪو شخص احد جبل جي برابر سون خيرات ڪندو ته به اهو انهن جي هڪ "مُدَ" جي برابر نه پهچي سگهندو، نه ئي وري اڌ مُدَ جي برابر. (بخاري: 3673، مسلم: 222) هڪ مُد (صاع جي چوٿين حصي کي چئبو آهي. جيڪو 796.068 گرام جو ٿيندو آهي.

## عَشَرَه مُبَشَّرَه

عربي زبان ۾ "عشرة" جي معنىٰ ڏهه آهي. جڏهن ته "مبشرة" لفظ بشارت مان ورتل آهي. جنهن جي معنىٰ آهي "بشارت ڏنل" "عشره مبشره" مان مراد اهي ڏهه صحابي سڳورا رضوان الله عليهم اجمعين آهن جن کي حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن دنيا ۾ ئي جنت جي خوشخبري ڏني. حضرت عبدالرحمٰن بن عوف رضي الله عنه فرمائين ٿا ته حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن هڪ دفعي فرمايو: اَبُوْبَكْرٍ فِى الْجَنَّةِ وَ عُمَرُ فِى الْجَنَّةِ وَ عُثْمَانُ فِى الْجَنَّةِ وَ عَلِيٌّ فِى الْجَنَّةِ وَ طَلْحَةُ فِى الْجَنَّةِ وَ الزُّبَيْرُ فِى الْجَنَّةِ وَعَبْدُالرَّحْمٰنِ بْنُ عَوْفٍ فِى الْجَنَّةِ وَ سَعْدٌ فِى الْجَنَّةِ وَ سَعِيْدٌ فِى الْجَنَّةِ وَاَبُوْعُبَيْدَةَ بْنُ الْجَرَّاحِ فِى الْجَنَّةِ۔ (سنن الترمذي، حديث: 3747) ترجمو: ابوبڪر جنت ۾ هوندو، عمر جنت ۾ هوندو، عثمان جنت ۾ هوندو، علي جنت ۾ هوندو، طلحه جنت ۾ هوندو، زبير جنت ۾ هوندو، عبدالرحمٰن بن عوف جنت ۾ هوندو، سعد جنت ۾ هوندو، سعيد جنت ۾ هوندو، ابو عبيده بن الجراح جنت ۾ هوندو. هي سڀ صحابه ڪرام رضي الله عنهم جنتي آهن. انهن سيني جو مختصر اجمالي تذڪرو هيٺ ڏجي ٿو:

1. **حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه:** سندس نالوعبدالله بن ابي قحافه آهي. مرد حضرات ۾ پاڻ رضي الله عنه سڀ کان پهرين اسلام قبول ڪرڻ وارا آهن. پاڻ رضي الله عنه اها شخصيت آهن جن جو والد، اولاد ۽ گهرواري سڀ صحابي آهن. پاڻ رضي الله عنه جناب رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي سفر ۽ حضر جا ساٿي ۽ يار غار آهن. سفر معراج جي تصديق ڪرڻ جي ڪري "صديق" ڪوٺيا ويا. امت جا پهريان خليفه راشد آهن. پاڻ رضي الله عنه 13 هجري ۾ 63 سالن جي عمر ۾ مدينہ منوره ۾ رحلت فرمايائون. ۽ رسول ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي روضي مبارڪ ۾ مدفون آهن.

2. **حضرت عمر فاروق بن الخطاب رضي الله عنه:** حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي خصوصي دعا سان پاڻ رضي الله عنه اسلام قبوليائون، حق ۽ باطل ۾ فرق ڪرڻ جي ڪري "فاروق" سڏيا ويا. سندن مشوره سان حضرت ابوبڪر رضي الله عنه قرآن مجيد ڪي جمع ڪرايو. اسلام جو ٻيو خليفو بڻجڻ کان پوءِ پاڻ رضي الله عنه جن اسلامي رياست کي مضبوط ڪيائون ۽ فلاح انسانيت جو ڪم ڪيائون. مسجد الحرام ۽ مسجد النبوي کي ڪشادو ڪيائون. ڏهه سال خليفو رهڻ کان پوءِ ابو لؤ لؤ فيروز مجوسيءَ جي هٿان شهيد ٿيا ۽ رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي روضي مبارڪ ۾ مدفون آهن.

3. **حضرت عثمان بن عفان رضي الله عنه:** پاڻ رضي الله عنه حضرت ابوبڪر جي دعوت تي اسلام قبول ڪيو. حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي ٻن نياڻين حضرت رقيه ۽ حضرت ام ڪلثوم رضي الله عنهما سان هڪ ٻئي پٺيان نڪاح ڪرڻ جي ڪري (هڪ جي رحلت کان پوءِ ٻي سان نڪاح ٿيو) "ذوالنورين" سڏبا آهن. جڏهن تہ دين جي لاءِ پنهنجو مال خرچ ڪرڻ جي ڪري "غني" سڏبا آهن. پاڻ رضي

الله عنه ناشر القرآن ۽ اسلام جا ٽيان خليفہ راشد آهن. پاڻ رضي الله عنه مسلمانن جي لاءِ رومہ کوھ خريد ڪري وقف ڪيائون ۽ ڪيترن ئي موقعن تي مالي امداد فرمايائون. پاڻ رضي الله عنه بيحد حياء دار ۽ رحم دل شخصيت جا مالڪ هئا. پاڻ رضي الله عنه قرآن مجيد جي تلاوت ڪندي پنهنجي گهر ۾ 18 ذوالحج 35 هجري ۾ شهيد ڪيا ويا. ۽ جنت البقيع ۾ مدفون آهن.

**4. حضرت علي المرتضىٰ بن ابي طالب رضي الله عنه:** پاڻ رضي الله عنه جن ٻارن ۾ سڀ کان پهريان اسلام قبول ڪيو. پاڻ جناب رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي چاچي ابو طالب جا پٽ ۽ نياٽا آهن. پاڻ رضي الله عنه فاتح خيبر آهن ۽ "ابو تراب" جي ڪنيت سان مشهور ٿيا. سندن ولادت ڪعبي ۾ ٿي. غزوه تبوڪ کانسواءِ سيني غزوات ۾ شريڪ ٿيا. 35 هجري ۾ مسلمانن جا خليفا مقرر ٿيا. پاڻ رضي الله عنه ڪوفي کي دارالخلافه بڻايائون، جتي 21 رمضان 41 هجري ۾ عبدالرحمٰن ابن ملجم ملعون جي هٿان شهيد ٿيا. پاڻ رضي الله عنه عراق جي شهر نجف اشرف ۾ مدفون آهن.

**5. حضرت طلحه بن عبيدالله رضي الله عنه:** پاڻ رضي الله عنه سابقين اولين في الاسلام مان هڪ آهن. پاڻ جود ۽ سخا ۽ فياضي جي ڪري "طلحة الخير" ۽ "طلحة الفياض" جي لقب سان مشهور ٿيا. بدر جي موقعي تي حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن کين حضرت سعيد بن زيد رضي الله عنه سان گڏ قريش جي قافلي جي خبر گيري جي لاءِ روانو ڪيو. ان کان پوءِ سيني غزوات ۾ شامل رهيا. 36 ھ ۾ جنگ جمل جي موقعي تي شهيد ٿيا ۽ بصره عراق ۾ مدفون آهن.

**6. حضرت زبير بن عوام رضي الله عنه:** پاڻ رضي الله عنه جناب رسول پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي ڦڦيءَ جا پٽ هئا. سندن والده حضرت صفيه بنت عبدالمطلب آهي ۽ حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه جي صاحبزادي حضرت اسماء رضي الله عنها سندن

گھرواري هئي. پاڻ رضي الله عنه بيحد بهادر ۽ دلير هئا. اسلام جي لاءِ سڀ کان پهريون تلوار هلايائون ”حواري رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ “ جي لقب سان مشهور آهن. حبشہ ۽ مديني منوره جي طرف هجرت ڪيائون. جنگ جمل کان پوءِ بصره جي قريب عمرو بن جرموز جي هٿان شهيد ٿيا ۽ بصره عراق ۾ مدفون آهن. رحلت جي وقت سندن عمر 67 سال هئي.

**7. حضرت عبدالرحمٰن بن عوف رضي الله عنه:** پاڻ رضي الله عنه سابقين اولين صحابه ڪرام رضي الله عنهم ۾ شامل آهن. ابتدا ۾ عبدالڪعبه يا عبد عمر جي نالي سان موسوم هئا. جناب رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن سندن نالو عبدالرحمٰن رکيو. پاڻ رضي الله عنه بہ هجرتون ڪيائون ۽ مديني منوره ۾ حضرت سعد بن ربيع انصاري جا مواخاتي ڀاءُ بڻيا. الله تعالىٰ سندن واپار ۽ تجارت واري ڌنڌي ۾ بيحد برڪت عطا فرمائي. صدقہ خيرات ۽ حق جي رستي ۾ دل سان خرچ ڪندا هئا. 32 ھ ۾ 75 سالن جي عمر ۾ رحلت فرمايائون ۽ جنت البقيع ۾ مدفون آهن.

**8. حضرت سعد بن ابي وقاص رضي الله عنه:** پاڻ رضي الله عنه جي والد جو نالو مالڪ هو. تنهنڪري سعد بن مالڪ جي نالي سان بہ مشهور آهن. 17 سالن جي عمر ۾ اسلام قبوليائون. ۽ سابقين اولين ۾ شمار ٿين ٿا. مڪي مڪرمه ۾ مسلمانن کي بدلو وٺڻ ۽ جوابي ڪاروائي ڪرڻ جي اجازت نہ هئي، تہ بہ پاڻ رضي الله عنه اٺ جي کلهي جي هڏي سان هڪ مشرڪ جو مٿو ڦاڙڻ وارا پهريان شخص هئا. پاڻ رضي الله عنه ماهر تير انداز هئا. غزوه احد ۾ جناب رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن کين فرمايو: يَا سَعْدُ ارْمِ فِدَاكَ أَبِي وَأُمِّي۔ (صحيح بخاري، ڪتاب المغاري: 4059) منهنجا ماءُ پيءُ توتي قربان ٿين، سعد! تير چٽيندو رهہ. پاڻ رضي الله عنه عظيم فاتح ۽ وڏا جرنيل هئا. حضرت

عمر فاروق رضي الله عنه جي دؤر ۾ پاڻ رضي الله عنه ايران فتح ڪيائون ۽ سندن وفات مدينه منوره کان ڏهه ميلن جي فاصلي تي واقع عتيق پهاڙيءَ تي پنهنجي گهر ۾ ٿي ۽ جنت البقيع ۾ مدفون ڪيا ويا.

9. **حضرت سعيد بن زيد رضي الله عنه:** پاڻ رضي الله عنه جو والد زيد اسلام کان اڳ ۾ بہ دين حنيف جي پيروڪارن مان هو ۽ ڪفريہ ۽ مشرڪانہ عقيدن توڙي هر قسم جي فسق ۽ فجور کان پري رهندا هئا. پاڻ رضي الله عنه اسلام جي شروعات ۾ ايمان قبول ڪيائون ۽ پوءِ سندن گهر واري حضرت فاطمه بنت خطاب (حضرت عمر رضي الله عنه جي ڀيڻ) بہ اسلام قبول ڪيو، جنهن تي حضرت عمر رضي الله عنه سختي ڪئي هئي. غزوه بدر ۾ پاڻ رضي الله عنه قريش جي قافلي جو تعاقب ڪرڻ جي لاءِ نڪتا هئا. بقيہ سيني غزوات ۽ جنگين ۾ شامل رهيا. پاڻ رضي الله عنه پهريان مسلمان آهن جيڪي دمشق جا گورنر بڻيا. آخري عمر ۾ پاڻ رضي الله عنه زهد ۽ قناعت پسندي جي ڪري مديني منوره جي ويجهو عتيق وادي ۾ سڪونت اختيار ڪيائون ۽ اتي ئي رحلت فرمايائون ۽ مديني منوره ۾ مدفون آهن.

10. **حضرت ابو عبيده بن الجراح رضي الله عنه:** پاڻ رضي الله عنه جو نالو عامر بن عبدالله بن جراح آهي. سندن والد سندن جي ئي هٿان حالت ڪفر ۾ قتل ٿيو. ان جي ڪري پاڻ رضي الله عنه پنهنجي ڏاڏي جي طرف منسوب آهن. جناب رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلَى آلِهِ وَاَصْحَابِهِ وَسَلَّمَ جن ڪين "امين هذه الامة" (هن امت جي امين) جو لقب عطا فرمايو. پاڻ رضي الله عنه سيني غزوات ۾ شامل رهيا. پاڻ رضي الله عنه دمشق، شام ۽ فلسطين جي فتح ۾ بيحد جدوجهد کان پوءِ شام جا گورنر مقرر ٿيا. پاڻ رضي الله عنه نهايت سادگي پسند ۽ قناعت پسند هئا. 18 هه ۾ طاعون جي وبا ۾ دمشق جي قريب جابيہ مقام ۾ رحلت فرمايائون ۽ اتي ئي مدفون آهن.

| | |
|---|---|
| شاگردن ۽ شاگرديائين لاءِ سرگرمي | مناقب صحابه ڪرام ۽ عشره مبشره رضي الله عنهم تي تقريري نشست جو اهتمام ڪرايو يا اسان پنهنجي روزمره جي عملي زندگي ۾ صحابہ ڪرام جي سيرت ۽ ڪردار مان ڪهڙو فائدو حاصل ڪري سگهون ٿا؟ گڏيل مذاڪري جي ذريعي نڪتا ترتيب ڏيو. |

## مشق

(الف) هيٺين سوالن جا تفصيلي جواب لکو:

1. مناقب صحابه ڪرام رضي الله عنهم تي مضمون لکو.
2. صحابه ڪرام رضي الله عنهم جا فضائل بيان ڪريو.

(ب) هيٺين سوالن جا مختصر جواب لکو:

1. صحابيءَ جي لفظي ۽ اصطلاحي معنىٰ لکو.
2. عشره مبشره جي لفظي معنىٰ لکو.
3. عشره مبشره جا نالا لکو.

(ج) هيٺين سوالن جي صحيح جوابن تي (✓) جو نشان لڳايو:

1. عشره مبشره جي معنىٰ آهي:

(الف) ڏهه دوست (ب) ڏهه ساٿي

(ج) ڏهه انسان (د) خوشخبري ڏنل ڏهه انسان

2. صحابي اهو آهي جنهن ايمان جي حالت ۾ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن سان:

(الف) ملاقات ڪئي هجي (ب) تجارت ڪئي هجي

(ج) دوستي ڪئي هجي (د) مواخات ڪئي هجي

3. حديث شريف ۾ سڀ کان بهتر زمانو قرار ڏنو ويو آهي:

(الف) موجوده زماني کي (ب) حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي زماني کي

(ج) بعثت کان پهرين واري زماني کي (د) آخرت جي زماني کي

**استادن لاءِ هدايتون**

شاگردن ۽ شاگردياڻين مان هر هڪ کان مردن، عورتن، ٻارن ۽ پوڙهن صحابه ڪرام رضي الله عنهم جي مناقب متعلق مضمون تيار ڪرايو، جنهن ۾ انهن جي عملي خدمتن کي به واضح ڪيو ويو هجي. ۽ انهن کي انٽرنيٽ کان مدد وٺڻ جي تربيت ڏني وڃي.

# علم جي اهميت ۽ فضيلت

## سکيا جي حاصلات

* علم جي معنىٰ ۽ مفهوم بيان ڪري سگهن. * علم جي اهميت ۽ فضيلت ۽ افاديت سمجهي عملي زندگي ۾ استفاده ڪري سگهن.

**علم جي معنىٰ ۽ مفهوم:**

"علم" جي لغوي معنىٰ: ڄاڻ ۽ آگاهه ٿيڻ آهي. جڏهن تہ تعليم جو لفظ ٻين ڪي علم ڏيڻ ۽ سيکارڻ جي لاءِ استعمال ٿيندو آهي. اصطلاح ۾ انسان جي حواس خمسه ۽ عقل جي ذريعي ڪنهن شيءِ جي حقيقت ڪي ڄاڻڻ جو نالو علم آهي.

الله تعالىٰ جا پنهنجي ٻانهن تي بي شمار انعام ۽ احسان آهن ۽ انسانن جي مٿان جيڪي خاص نعمتون ۽ نوازشون آهن، انهن مان علم جو عطا ٿيڻ سڀ کان وڏي نعمت ۽ احسان آهي. حضرت آدم عليه السلام جي پيدائش کان پوءِ سڀ کان پهرين جيڪا شيءِ کين عطا ڪئي وئي اهو علم هئو. الله تعالىٰ جو ارشاد پاڪ آهي. وَعَلَّمَ اٰدَمَ الْاَسْمَآءَ كُلَّهَا۔ (سورة البقرة: 31) ترجمو: ۽ الله تعالىٰ آدم کي سڀني شين جا نالا سيکاريا.

**علم جي اهميت ۽ فضيلت:** رب ڪائنات انسان کي اشرف المخلوقات قرار ڏئي ان کي علم ۽ عقل سان نوازيو. علم جي ذريعي ئي انسان جي لاءِ سڄي ڪائنات مسخر ڪئي وئي. علم جي ئي سبب انسان کي باقي سموري مخلوق تي شرف حاصل آهي. علم ئي انسان جي لاءِ عظمت ۽ شرف جو بنياد آهي ۽ سر بلندي جو ذريعو آهي. علم الله تعالىٰ جي صفت آهي. هو عالم الغيوب ۽ عليم بذات الصدور جهڙيون صفتون رکي ٿو. سموري مخلوق کي ان جي ضرورت جو علم عطا

ڪرڻ واري ذات به اها ئي آهي. جنهن زماني ۾ عرب ۾ اسلام جو آغاز ٿيو. دنيا علم جي اهميت کان ناواقف هئي، اسلام علم جي قدر ۽ قيمت ٻڌائي ۽ ماڻهن کي علم جي حاصل ڪرڻ جو شوق ڏياريو. علم ۽ اهل علم جي فضيلت جي باري ۾ قرآن ڪريم ۾ ارشاد باري تعالىٰ آهي. ترجمو: توهان مان جن ماڻهن ايمان آندو ۽ جن کي علم عطا ڪيو ويو. الله تعالىٰ انهن جا درجا بلند ڪري ڇڏيندو. (سورة المجادلة: 11) هتي بلند درجن ۾ علم کي ايمان سان گڏ بيان ڪيو ويو آهي. هڪ ٻي جاءِ تي ارشاد باري تعالىٰ آهي. ترجمو: ۽ دعا گهرو ته اي منهنجا پروردگار! منهنجي علم ۾ اضافو فرماءِ. (سورة طه: 114) ارشاد باري تعالىٰ آهي ترجمو: چئو ڀلا جيڪي ماڻهو علم رکن ٿا ۽ جيڪي علم نه ٿا رکن ٻئي برابر ٿي سگهن ٿا. بس نصيحت ته اهي حاصل ڪندا آهن جيڪي عقلمند آهن. (الزمر:9)

علم ۽ اهل علم جي فضيلت ۾ حضرت رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو آهي ته اِنَّ الْعُلَمَاءَ وَرَثَةُ الْاَنْبِيَاءِ (سنن ترمذي، حديث:2682) ترجمو: اهل علم ئي انبياء ڪرام عليهم السلام جا وارث آهن. رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو آهي ته: هڪ سمجهه وارو عالم، شيطان لاءِ هزار عابدن کان وڌيڪ وزني آهي. (سنن ابن ماجه: 222)

پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو ته طَلَبُ الْعِلْمِ فَرِيضَةٌ عَلَى كُلِّ مُسْلِمٍ (سنن ابن ماجه: 224) ترجمو: علم حاصل ڪرڻ هر مسلمان (مرد ۽ عورت) تي فرض آهي.

علم ۽ اخلاق جي چانءَ ۾ جيڪڏهن بهتر تربيت جو اهتمام هجي ته انسان ۾ بري ڀلي جي تميز، صحيح ۽ غلط جو امتياز، خالق ۽ مالڪ جي سڃاڻ، ان جي مخلوق سان محبت، همدردي ۽ خير خواهي جهڙيون صفتون پيدا ٿينديون آهن ۽ اهو سيرت ۽ ڪردار جي اعتبار

سان باوقار ۽ ڪارائتو بڻجي ويندو آهي. تنهن ڪري اسلام ۾ علم حاصل ڪرڻ فرض شمار ڪيو ويو آهي. جڏهن تہ پنهنجي ماتحتن، اولاد ۽ اهل و عيال جي اخلاقي تربيت جي ذميواري بہ اسان جي مٿان لازم ڪئي وئي آهي. ان لاءِ علم ۽ اخلاق کي هڪ ٻئي جي لاءِ لازم ۽ ملزوم تصور ڪيو ويو آهي. بلڪ اخلاق ۽ ٻين سڀني صفتن جو بنياد علم آهي، جنهن کي هر صورت ۾ فوقيت ڏيڻ هڪ مسلمان جو پهريون فريضو هجڻ گهرجي.

**شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ سرگرمي**

- شاگردن ۽ شاگردياڻين کان هيٺين عنوانن تي نوٽ لکرايو.
- حديث شريف ۾ اهل علم جون وصفون
- حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ بحيثيت استاد.

## مشق

**(الف) هيٺين سوالن جا تفصيلي جواب لکو:**

1. علم جي اهميت ۽ فضيلت ۽ افاديت تي مضمون لکو.

**(ب) هيٺين سوالن جا مختصر جواب لکو:**

1. علم جي معنىٰ ۽ مفهوم ڇا آهي؟
2. علم جي اهميت بابت قرآن ڪريم جي ڪا هڪ آيت ۽ ان جو ترجمو بيان ڪريو.

(ج) هيٺين سوالن جي صحيح جوابن تي (✓) جو نشان لڳايو:

1. حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلىٰ آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جو ارشاد پاڪ آهي ته انبياء ڪرام عليهم السلام جا وارث آهن:

| | | | |
|---|---|---|---|
| (الف) | علماء ڪرام | (ب) | اولياء ڪرام |
| (ج) | استاد ڪرام | (د) | شاگرد |

**استادن لاءِ هدايتون**

استادن کي گهرجي ته شاگردن ۽ شاگرديائين سان هيٺين عنوانن تي مضمون لکرائين:

- علم جي اهميت ۽ فضيلت
- علم ۽ اهل علم جي فضيلت.

# اسلام ۾ خاندان جي اهميت

**سکيا جي حاصلات**

* اسلام ۾ خاندان جي اهميت ۽ افاديت واضح ڪري سگهن.
* خاندان جا گڏيل حق بيان ڪري سگهن. * روز مره جي عملي زندگي ۾ حقن جي ادائگي جي ڪوشش ڪري سگهن.

**خاندان جي معنيٰ ۽ مفهوم:**

”خاندان“ فارسي زبان جو لفظ آهي، جنهن جي لفظي معنيٰ گهراڻو، ڪٽنب، قبيلو، ٻار ٻچا ۽ حسب نسب آهي. هڪ ئي نسل جي قريبي رشتيدارن جو مجموعو عائلي (خانداني) زندگيءَ جو مفهوم آهي. انسان جي فطرت ۽ طبيعت ۾ هيءَ ڳالهه شامل آهي ته هو اڪيلو نه ٿو رهي سگهي. بلڪ اهي گهر، محلو، ڳوٺ ۽ شهر آباد ڪري گڏ رهندا آهن. خاندان جا اهم فرد ماءُ، پيءُ، زال، مڙس ۽ اولاد بنيادي حيثيت رکن ٿا. ۽ هي سلسلو آهستي آهستي وسعت اختيار ڪري ڏاڏي، ڏاڏيءَ، ناني، نانيءَ، چاچي، چاچيءَ، پڦيءَ، ماسيءَ، مامي، مامِيءَ ۽ انهن جو اولاد سان ملي هڪ ڪٽنب يا خاندان ٺهبو آهي. خانداني زندگي انسان جي تمدني زندگيءَ جي سڀ کان پهرين ڪڙي آهي، پر انسان پنهنجي سماجي فطرت جي ڪري پنهنجي خاندان، رشتيدارن ۽ ٻين انسانن کان بغير آرام ۽ اطمينان واري زندگي گذاري نه ٿا سگهن. جڻ ته خاندان معاشري جو بنيادي جزو آهي.

**خاندان جو آغاز ۽ سماجي ضرورت ۽ اهميت:** خاندان ۽ ڪٽنب سان ئي معاشرتي زندگي جي شروعات ٿيندي آهي. خاندان جي ابتدا مرد ۽ عورت (مڙس ۽ زال) جي گڏيل نڪاح سان ٿيندي آهي. ان اصول تي اسلام ٻنهي مرد ۽ عورت کي برابر اهميت ڏني آهي. هر هڪ جو دائرو مقرر آهي. اسلام هر هڪ جي حقن ۽ فرضن جي ادائيگي جي تلقين ۽

تاڪيد ڪري ٿو. قرآن مجيد ۾ ارشاد باري تعالىٰ آهي. ترجمو: اي انسانو! بيشڪ اسان توهان کي هڪ مرد ۽ هڪ عورت مان پيدا ڪيو آهي. (سورة الحجرات: 13)

انسانن کان علاوه خاندان ۽ رشتن ناتن جو تصور ڪنهن بہ مخلوق ۾ موجود ناهي. هي شرف اشرف المخلوقات انسان کي حاصل آهي تہ اهو گهر ۾ ماءُ پيءُ ڏاڏي ڏاڏي پيڻ ڀائرن ۽ اولاد جي حيثيت ۾ عزت ۽ احترام ، پيار ۽ محبت سان پيش ايندو آهي. مرد ڪمائي ايندو آهي، انهن جي ضرورتن کي پورو ڪندو آهي. جيڪڏهن انهن جي وچ ۾ اٽبڻت ٿي پوندي آهي تہ خوش دليءَ سان ان کي سلجهائيندو آهي. هي سڀ شيون هڪ خاندان جي ڪري ظاهر ٿين ٿيون. ان لاءِ اسلام خاندان کي سماج ۽ صالح معاشري جي زينت بڻايو آهي.

**مڙس ۽ زال جو رشتو:** انسانيت جي بقاء ۽ انساني نسل جو وجود مرد ۽ عورت جي گڏيل تعلق سان آهي ۽ انسانن جي گڏيل تعلقن ۾ مڙس زال جي رشتي کي وڏي اهميت حاصل آهي. ٻنهي طرفن کان والدين جي رضامندي کان پوءِ ايجاب ۽ قبول ۽ نڪاح جي اعلان سان هي رشتو قائم ٿيندو آهي. ۽ ان سان عظيم مصلحتون ۽ نفعا وابستہ آهن. نڪاح ئي سٺي خاندان ۽ پاڪ سماج کي جنم ڏئي ٿو. قرآن ڪريم نڪاح واري رشتي کي ”احصان“ جو نالو ڏنو آهي. يعني قلعو بند ڪري محفوظ ٿيڻ. حقيقت ۾ نڪاح هڪ معاهدو آهي. جنهن جي ذريعي مڙس ۽ زال هڪ ٻئي جي لاءِ زندگيءَ جا ٻہ ساٿي، ڏک سک جا پائيوار ۽ هڪ ٻئي جا همدرد بڻجي ويندا آهن ۽ مسئلن جي حل ۾ هڪ ٻئي جا مددگار هوندا آهن. زندگي جو سڪون ۽ دل جو اطمينان وڏي حد تائين انهن جي خوشگواري ۽ گڏيل الفت ۽ اعتماد جو ذريعو هوندو آهي. جيتري قدر محبت ۽ الفت گهٽي هوندي ايتري قدر ان جو نتيجو بہ سنو هوندو. نڪاح نسل انساني جي لاءِ نہ صرف بقا جو سبب آهي، بلڪہ ان جي ذريعي ماڻهو ڪيترن ئي غير اخلاقي ڪمن کان محفوظ رهي ٿو.

اولاد پيدا ٿيندي ئي هڪ نئين خاندان جي ابتدا ٿي ويندي آهي. جنهن جي ڪري زال مڙس جو تعلق وڌيڪ مضبوط ٿي ويندو آهي. ٻنهي طرفن کان محبت ۽ احترام وڌي ويندو آهي. گهر اولاد جي ڪري رونق وارو ٿي پوندو آهي.

حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو:

اَلنِّكَاحُ مِنْ سُنَّتِيْ فَمَنْ رَغِبَ عَنْ سُنَّتِيْ فَلَيْسَ مِنِّيْ۔ (سنن ابن ماجه، حديث:1846)

ترجمو: نڪاح واري زندگي گذارڻ منهنجي سنت آهي. جيڪو به منهنجي سنت کان منهن موڙيندو اهو اسان مان ناهي.

نڪاح جي ان بابرڪت رشتي کي الله تعالىٰ مڙس ۽ زال جي لاءِ هڪ ٻئي جو پردو ۽ لباس قرار ڏنو آهي. ارشاد باري تعالىٰ آهي. هُنَّ لِبَاسٌ لَّكُمْ وَ اَنْتُمْ لِبَاسٌ لَّهُنَّ (سورة البقره: 187) ترجمو: اهي عورتون توهان جي لاءِ لباس آهن ۽ توهان انهن جو لباس آهيو.

**خاندان ۽ ازدواجي زندگي جا مقصد:**

الله تعالىٰ وٽ عائلي (خانداني) زندگيءَ جو مقصد نسل انساني جي بقا ۽ ان جو واڌارو آهي. * انسان کي سڪون ۽ اطمينان ازدواجي زندگيءَ سان ئي ملندو آهي. زال مڙس جي پاڻ ۾ محبت ۽ الفت جو ذريعو بڻبو آهي خانداني زندگيءَ جي راحت ۽ سڪون جو سبب بڻبو آهي. * ٻنهي کي پاڪ زندگيءَ جون خوشيون ۽ راحتون نصيب ٿين ٿيون. نسل انسانيءَ جو سلسلو ۽ بقاء به انساني عظمت ۽ شرف سان جاري رهي ٿو. * اجتماعيت جو هڪ خاص حلقو وجود ۾ اچي ٿو جنهن جا فائدا مشترڪ هوندا آهن. جنهن جي بنياد تي ڪٽنب ۽ معاشرو مضبوط ٿيندو آهي.

**مڙس ۽ زال جا حق ۽ ذميواريون:** حديث ۾ آهي ته كُلُّكُمْ رَاعٍ، وَكُلُّكُمْ مَسْئُولٌ عَنْ رَعِيَّتِهٖ۔ (صحيح بخاري: 2409) ترجمو: توهان سڀ نگران آهيو ۽ توهان کان توهان جي نگرانيءَ ۾ موجود فردن (گهرياتين) جي باري ۾ پڇا

ڪئي ويندي. اسلامي تعليمات جي مطابق زوجين جا هڪ ٻئي جي مٿان ڪجهه حق ۽ فرض مقرر ڪيا ويا آهن. ارشاد باري تعالىٰ آهي: وَلَهُنَّ مِثْلُ الَّذِىْ عَلَيْهِنَّ بِالْمَعْرُوْفِ ـ (البقره:228) ترجمو: ۽ عورتن جا حق مردن تي اهي ئي آهي جيئن دستور جي مطابق مردن جا عورتن تي آهن. ان اعتبار ڪان کاڌو پيتو، خرچ، لباس، گهر، علاج ۽ ٻيون ضرورتون مهيا ڪرڻ مڙس جي ذميواري آهي. جيڪي هو پنهنجي مالي وسيلن جي اعتبار سان پوريون ڪندو. زال کي مهر ۾ ڏنل رقم يا ٻي ذاتي ملڪيت رکڻ ۽ ڪاروبار ڪرڻ جي جائز حدن ۾ اجازت ڏيڻ کان علاوه مرد جي فرضن ۾ هي ٻه شامل آهي ته زال ۽ گهر جي ٻين فردن سان پيار ۽ الفت سان پيش اچي. ان تي ظلم ۽ زيادتي نه ڪري، عدل ۽ احسان جو رويو اختيار ڪري، انهن جا حق شريعت جي مطابق ادا ڪري.

زال جي ذميواري هي آهي ته مڙس جي غير موجودگيءَ ۾ مال ۽ ملڪيت پنهنجي عزت جي امانت وانگر حفاظت ڪري. مڙس جي اجازت کانسواءِ ڪنهن نامحرم کي گهر ۾ اچڻ جي اجازت نه ڏئي، فرمان الاهي آهي. فَالصّٰلِحٰتُ قٰنِتٰتٌ حٰفِظٰتٌ لِّلْغَيْبِ بِمَا حَفِظَ اللّٰهُ ـ (النساء: 34) ترجمو: ته جيڪي نيڪ ٻيبيون آهن اهي فرمانبردار هونديون آهن ۽ پر پٺ الله تعالىٰ جي حفاظت ۾ مال ۽ آبرو جي حفاظت ڪنديون آهن. مڙس جي آمدني ۽ مالي حيثيت کان وڌيڪ خرچ جو مطالبو نه ڪري. مڙس جي گهر ۾ ڪا تڪليف يا تنگي ڏسي ته خواهه مخواهه ٻين کي ان جي شڪايت نه ڪري بلڪه درگذر ۽ برداشت جو مظاهرو ڪري. مڙس يا گهر جا راز ظاهر نه ڪري. نسب ۽ نسل جي حفاظت ۽ ٻارن جي بهتر نگهباني ۽ تربيت ڪري. مڙس جي خدمت ۽ فرمانبرداري ڪري وغيره. حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جو پاڪ فرمان آهي. خَيْرُكُمْ خَيْرُكُمْ لأَهْلِهِ وَأَنَا خَيْرُكُمْ لأَهْلِي ـ (سنن ابن ماجه، حديث 2052) ترجمو: توهان ۾ بهتر اهو آهي جيڪو پنهنجي گهر وارن جي لاءِ بهتر هجي ۽

مان پنهنجي گهر وارن جي لاءِ سڀ کان بهتر آهيان.

**والدين جو ادب ۽ احترام:** سڀني رشتن ۾ والدين جو رشتو اهم ۽ قابل احترام آهي. انهن جي ڪري ئي اسان هن جهان ۾ آياسين ۽ انهن جي سار سنڀال ۽ پرورش سان اسان جي اندر قوت پيدا ٿي. ان لاءِ اسان کي والدين جي خدمت ۽ احترام ۾ ڪوتاهي نه ڪرڻ گهرجي. الله تعالىٰ اسان کي اهو ئي حڪم ڏئي ٿو. وَ قَضٰى رَبُّكَ اَلَّا تَعْبُدُوْۤا اِلَّاۤ اِيَّاهُ وَ بِالْوَالِدَيْنِ اِحْسَانًا ؕ اِمَّا يَبْلُغَنَّ عِنْدَكَ الْكِبَرَ اَحَدُهُمَاۤ اَوْ كِلٰهُمَا فَلَا تَقُلْ لَّهُمَاۤ اُفٍّ وَّ لَا تَنْهَرْهُمَا وَ قُلْ لَّهُمَا قَوْلًا كَرِيْمًا ﴿۲۳﴾ وَ اخْفِضْ لَهُمَا جَنَاحَ الذُّلِّ مِنَ الرَّحْمَةِ وَ قُلْ رَّبِّ ارْحَمْهُمَا كَمَا رَبَّيٰنِيْ صَغِيْرًا ﴿۲۴﴾ (سورة الاسراء 23-24) ترجمو: ۽ تنهنجي پالڻهار حڪم ڪيو آهي ته ان (الله) کانسواءِ ڪنهن کي نه پوڄيو ۽ ماءُ پيءُ سان ڀلائي ڪريو جيڪڏهن انهن مان هڪ يا اهي ٻئي تنهنجي سامهون پوڙهپ کي پهچن ۽ ڪنهن ڳالهه تي خفا ٿين ته (خبردار! انهن جي جواب ۾) ڪين اف به نه چئو ۽ انهن کي ڇڙٻ نه ڏيو ۽ (جيڪي چوڻو ٻڌڻو هجي ته) تمام ادب سان ڳالهايو. ۽ انهن جي اڳيان شفقت سان عاجزي ڪري ڪنڌ نماءِ ۽ چئو ته اي منهنجا پالڻهار! انهن تي رحم ڪر جيئن انهن ٻنهي مون کي ننڍي هوندي رحم ڪري پاليو.

ماءُ پيءُ جيڪڏهن ڪافر ۽ مشرڪ ئي ڇو نه هجن، دنيا ۾ انهن جو ادب ۽ احترام ڪرڻ، انهن جي فرمانبرداري ڪرڻ، ساڻن سٺو سلوڪ ڪرڻ ۽ انهن جي خدمت ڪرڻ لازمي آهي. ها جيڪڏهن اهي الله تعالىٰ جي نافرماني يا ڪفر ۽ شرڪ اختيار ڪرڻ جو حڪم ڪن ته انهن سان معذرت ڪئي وڃي. والدين جي رشتيدارن ۽ دوستن سان به تعلق رکڻ گهرجي. اولاد مٿان والدين جا حق هي آهن:

* عزت ۽ احترام * اطاعت ۽ فرمانبرداري * حسن سلوڪ * والدين جي قريبن ۽ رفيقن سان حسن سلوڪ * شڪر جو اقرار * مغفرت جي دعا.

**اولاد جا حق:** خاندان جي رونق اولاد آهي ۽ اولاد جو مقصد بقاءِ نوع ۽ زندگيءَ جو سبب آهي. اولاد جو هجڻ الله تعالىٰ جي وڏي نعمت آهي،

اولاد جي لاءِ ماءُ پيءُ جي ذمي ادب سيکارڻ ۽ صحيح تربيت ڪرڻ آهي ۽ پڻ والدين تي ڪجهه ٻيون ذميواريون عائد ٿين ٿيون جن کي اولاد جي حقن سان تعبير ڪيو ويندو آهي جنهن ۾ اولاد جي سٺي پرورش ۽ تعليم، سٺي تربيت جو اهتمام ڪرڻ، رحمت ۽ شفقت، سٺي جڳهه تي انهن جي شادي ڪرڻ، وراثت ۾ عدل ڪرڻ شامل آهن ان کان علاوه ٻيا حق هن ريت آهن: * اولاد کي دين جي ضروري ڳالهين، قرآن ڪريم جي تعليم ۽ نماز جي تربيت ڏيڻ. * اولاد کي اسلامي اقدار جي تعليم ڏيڻ، وراثت ۾ اولاد جي وچ ۾ برابري ۽ انصاف جو معاملو ڪرڻ. * ڌيئرن کي به پٽن وانگر سوڪڙيون ۽ پيار ۾ شريڪ ڪرڻ. * ڌيءُ جي پيدائش تي غمگين نه ٿيڻ چو ته ناراضگي جو اظهار ڪرڻ ناشڪري آهي. * اولاد تي هرو ڀرو سختي ۽ تشدد کان پرهيز ڪرڻ. ۽ انهن سان شفقت ۽ پيار محبت جو رويو رکڻ. * پنهنجي اولاد کي بک ۽ تنگدستي جي ڪري قتل نه ڪرڻ.

**خاندان سان حسن سلوڪ:** والدين کان پوءِ مائٽن سان به سٺو سلوڪ ڪرڻ گهرجي. ڀيڻ ڀاءُ ۽ اهي رشتيدار جيڪي ماءُ ۽ پيءُ جي واسطي سان مائٽ بڻجن ٿا. مثلاً: ڏاڏو ڏاڏي، نانو ناني، مامي، ماسي، پڦي، چاچو چاچي ۽ انهن جو اولاد جيئن سوٽ، ماروٽ، ماسات ۽ پڦات وغيره انهن سڀني سان سٺو سلوڪ ڪرڻ ۽ انهن جي مالي مدد ڪرڻ جو حڪم ڪيو ويو آهي. رشتيدار بلڪ هر مسلمان سان سٺي اخلاق سان پيش اچڻ گهرجي. انهن کي ايذاءُ ڏيڻ حرام آهي. ارشاد باري تعالىٰ آهي. ترجمو: (اي محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلَىٰ آلِهِ وَاَصْحَابِهِ وَسَلَّمَ) ماڻهو تو کان پڇن ٿا ته (الله جي رستي ۾) ڪهڙي قسم جو مال خرچ ڪجي. چو ته جيڪو مال خرچ ڪرڻ چاهيو اهو (درجہ بدرجہ مستحق ماڻهن يعني) ماءُ پيءُ کي ۽ قريبي رشتيدارن کي ۽ يتيمن کي ۽ محتاجن ۽ مسافرن کي ڏيو ۽ جيڪا ڀلائي توهان ڪندؤ الله پاڪ ان کي ڄاڻي ٿو. (البقره: 215)

**خاندان وارن جا ڳڏيل حق:** خاندان جي فرد هجڻ جي حيثيت سان اسان

مان هر هڪ جي لاءِ هيٺين ڳالهين تي عمل ڪرڻ لازمي آهي: * خاندان وارن سان حسن سلوڪ ڪرڻ. * محبت ۽ شفقت سان پيش اچڻ. * مصيبت ۽ پريشاني جي وقت دلجوئي ڪرڻ. * غربت ۽ تنگ حالي جي وقت مالي مدد ڪرڻ. * خاندان جي يتيم ٻارن جي پرورش ڪرڻ. * خاندان جي خوشي ۽ غمي ۾ شرڪت ڪرڻ. * گڏيل تعاون ڪرڻ (مسئلن جي حل ڪرڻ ۾ مالي، جسماني ۽ نيڪ مشورن جي صورت ۾ تعاون ڪرڻ) خاندان ۾ ٽيندڙ رنجشن ۽ جهيڙن جهڳڙن جي وقت صلح صفائي ڪرڻ.

| شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ سرگرمي | هڪ گروپ ذريعي موجوده ماحول ۾ انهن ڪمن جي نشاندهي ڪريو جيڪي خاندان کي نقصان ۽ تعلقات کي ڪمزور ڪري رهيا آهن. |
|---|---|

## مشق

**(الف) هيٺين سوالن جا تفصيلي جواب لکو:**

1. اسلام ۾ خاندان جي اهميت تي مضمون لکو.
2. مڙس زال جي حقن ۽ فرضن تي نوٽ لکو.

**(ب) هيٺين سوالن جا مختصر جواب لکو:**

1. خاندان مان ڇا مراد آهي؟ لکو.
2. والدين جي ادب ۽ احترام جي متعلق لکو.
3. اولاد جا حق لکو.

(ج) هيٺين سوالن جي صحيح جوابن تي (✓) جو نشان لڳايو:

1. سيني رشتن ناتن مان اهم رشتو آهي:

(الف) ماءُ پيءُ جو (ب) زال مڙس جو
(ج) ڀاءُ ڀيڻ جو (د) استاد شاگرد جو

2. خاندان جي خوبصورتي آهي:

(الف) نعمت (ب) دولت
(ج) اولاد (د) وراثت

3. جن رشتيدارن سان نڪاح نہ ٿو ٿي سگهي انهن کي سڏبو آهي:

(الف) دوست (ب) محرم
(ج) پاڙيسري (د) قريبي رشتيدار

**استادن لاءِ هدايتون**

”خاندان جي اهميت“ تي تقريري مقابلو ڪرايو.

# احترامِ انسانيت

## سکيا جي حاصلات

* احترام انسانيت جو مفهوم بيان ڪري سگهن.
* احترامِ انسانيت جي اهميت کي سمجهي سگهن.
* احترامِ انسانيت جي خلاف صورتن کان پاسو ڪري سگهن.

### احترامِ انسانيت جو مطلب:

"احترام" جي معنيٰ: عزت ۽ قدر، فضيلت ۽ برتري آهي. "احترامِ انسانيت" جو مطلب آهي انسان جي عزت ۽ عظمت. انسان زمين تي الله تعالىٰ جي بهترين مخلوق آهي. ان کي ٻي سڄي مخلوق تي برتري حاصل آهي. يعني هن ڪائنات ۾ هر انسان کي عزت ۽ فضيلت جو مرتبو ۽ مقام حاصل آهي. ڪنهن به رنگ ۽ نسل، مذهب ۽ زبان، قوم ۽ ملڪ سان تعلق رکڻ واري هر انسان کي ٻئي انسان پاران سندس جان، مال ۽ عزت جو تحفظ ڏيڻ "احترامِ انسانيت" چئبو آهي.

**احترامِ انسانيت جي اهميت:** الله تعالىٰ انسان کي وڏو شرف ۽ عزت بخشي آهي. ان زمين ۽ آسمان ۽ ان جي وچ ۾ سيني شين کي انسانن جي فائدي ۽ سهولت جي لاءِ پيدا ڪيو آهي. سموريون شيون انسانن جي لاءِ مشترڪ ميراث آهن. هر انسان انهن نعمتن مان فائدو وٺي رهيو آهي. انسانيت جي ان وڏي شرف کي قرآن ڪريم هن طرح بيان فرمايو آهي: وَلَقَدْ كَرَّمْنَا بَنِيْٓ اٰدَمَ وَحَمَلْنٰهُمْ فِى الْبَرِّ وَالْبَحْرِ وَرَزَقْنٰهُمْ مِّنَ الطَّيِّبٰتِ وَفَضَّلْنٰهُمْ عَلٰى كَثِيْرٍ مِّمَّنْ خَلَقْنَا تَفْضِيْلًا ۝ (سورة الاسراء: 70) ترجمو: اسان آدم جي اولاد کي عزت بخشي آهي. اسان انهن کي خشڪي ۽ پاڻيءَ ۾ سواري ڏني آهي. انهن کي پاڪ شيون رزق طور عطا ڪيون آهن ۽ اسان انهن کي پنهنجي سموري مخلوق تي فضيلت سان نوازيو آهي.

انسان کي علم ۽ عقل سان گڏ ڳالهائڻ جي نعمت ملي آهي

جنهن سان هو پنهنجي اندر جون ڳالهيون مناسب انداز سان بيان ڪري سگهي ٿو. هي نعمتون اهڙيون آهن جو سڀ انسان ان ۾ برابر آهن. اسلام رنگ ۽ نسل، زبان ۽ وطن جي امتياز کي باطل قرار ڏنو آهي. ان وٽ عظمت ۽ بزرگيءَ جو معيار صرف تقويٰ ۽ الله تعاليٰ جو خوف آهي. ارشاد باري تعاليٰ آهي اِنَّ اَكْرَمَكُمْ عِنْدَ اللّٰهِ اَتْقٰكُمْ۔ (الحجرات: 13) ترجمو: بيشڪ الله تعاليٰ وٽ توهان ۾ وڏيڪ عزت وارو اهو آهي جيڪو گهڻو پرهيزگار آهي. اسلام سيڪاري ٿو تہ دنيا جا سيئي ماڻهو هڪ ئي مان آهن. ترجمو: (الله تعاليٰ) توهان کي هڪ شخص (حضرت آدم) مان پيدا ڪيو ۽ ان مان ان جو جوڙي وال بڻايائين پوءِ انهن ٻنهي مان گهڻائي مرد ۽ عورتون پيدا ڪري سڄي زمين ۾ ڦهلايائين.

(النساء:1)

قرآن مجيد انسان کي ان جي صحيح منصب کان آگاهہ ڪيو آهي. الله تعاليٰ ان کي زمين تي خليفو ۽ نائب بڻايو آهي. ان کي ان جي ذميوارين جي اصل حيثيت کان آگاهہ ڪري ان کي سيني باطل معبودن جي غلامي کان آزاد ڪرايو ۽ ان کي ذميوار ۽ باوقار بڻايو آهي. ان کي ٻڌايو ويو آهي تہ هو صرف هڪ الله پاڪ جي حڪمن جو پابند آهي. ڪنهن کي ڪنهن تي سواءِ ايمان، علم ۽ تقويٰ جي ڪا بہ فضيلت ناهي. انهن سيني آيتن مبارڪن ۾ عام طور تي رڳو انسان کي ئي حيثيت ڏني وئي آهي. توڙي مسلمان هجي يا غير مسلم.

**انسانيت ۽ جهالت جو دور:** اسلام کان پهريان واري زماني کي ”دور جهالت“ چئبو آهي. ان دور ۾ انسانيت جو احترام تقريباً ماڻهن مان ختم ٿي چڪو هئو. ماڻهو پٿرن، وڻن، دريائن، سمنڊن، سج، چنڊ، ستارن ۽ ٻين طاقتور شين کي محترم ۽ لائق عزت سمجهندا هئا. انهن غير جاندار ۽ بي اصل شين کي ديوتا مڃي انهن جي پوڄا ڪندا هئا. انهن جي سامهون انڪساري، عاجزي ۽ جانورن کي باس طور قربان ڪندا هئا، ڪي مشرڪ تہ انهن ديوتائن جو قرب حاصل ڪرڻ لاءِ

پنهنجي اولاد کي بہ انهن جي سامهون قربان ڪري ڇڏيندا هئا.

اسلام اهڙن باطل خيالن ۽ رسمن کي رد ڪيو. هڪ طرف انسانن کي انسانيت جي احترام جو درس ڏنو ۽ ٻئي طرف وڏائي، تڪبر ۽ خود پسندي جهڙين خصلتن کي برو قرار ڏنو. حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن ماڻهن ۾ هي پيغام پهچايو تہ اي انسانو! توهان سڀ هڪ ئي پيءُ جو اولاد آهيو، جنهن جي پيدائش مٽيءَ مان ٿي آهي، تنهن ڪري توهان مان ڪن انسانن جو پاڻ کي ٻين کان وڏو ۽ بلند سمجهڻ ۽ تڪبر ڪرڻ صفا بي سمجهي ۽ جهالت جي ڳالهہ آهي. (مسند احمد، حديث: 23489)

**احترام انسانيت جي خلاف ڳالهيون:** انسان پرهيزگاري ۽ حسن خلق جي ڪري ممتاز حيثيت رکي ٿو ۽ اهڙيون ڪيتريون ئي صفتون ۽ عادتون آهن جيڪي احترام انسانيت جي ابتڙ آهن. جن مان ڪجهہ هيٺ بيان ڪيون وڃن ٿيون:

- تڪبر ڪرڻ، الله تعالىٰ يا مخلوق جي سامهون پاڻ کي فڪري، علمي، مالي يا نسبي اعتبار سان قابل فخر سمجهڻ.
- ماڻهن کي حقير سمجهڻ، انهن سان مسخري يا ٺٺوڪ وارو رويو اختيار ڪرڻ ۽ الزام تراشي ڪرڻ.
- ماڻهن سان ظلم، زيادتي يا بي انصافي جو مظاهرو ڪرڻ. انهن مان عيب ڪڍڻ، جاسوسي جي ڪوشش ڪرڻ.
- ڪنهن انسان جي جسماني يا عملي ڪوتاهي جي ڪري ان کي طعنو ڏيڻ، برن لقبن سان سڏڻ يا ان جي ڪنهن بہ قسم جي بي عزتي ڪرڻ.
- اولاد ۾ ننڍي وڏي، عقلمند بي عقل يا پٽ، ڌيءُ جي بنياد تي غير برابريءَ جو سلوڪ ڪرڻ.
- هڪ ٻئي سان بداخلاقي، بدڪلامي، يا خراب انداز سان گفتگو ڪرڻ.

شاگردن ۽ شاگرديائڻين لاءِ سرگرمي

* شاگرد پنهنجي ماحول ۾ روزمره جي عملي زندگيءَ ۾ احترامِ انسانيت بابت پنهنجو ڪو به هڪ قصو ٻڌائن.
* احترامِ انسانيت جي مخالف ڪمن ڪي ڳڌيل بحث ڪان پوءِ نڪتن جي صورت ۾ لکو.

## مشق

(الف) هيٺين سوالن جا تفصيلي جواب لکو:

1. احترامِ انسانيت بابت ڏهه نڪتا لکو.
2. احترامِ انسانيت بابت قرآن ڪريم ڪهڙو حڪم ڏئي ٿو؟

(ب) هيٺين سوالن جا مختصر جواب لکو:

1. احترامِ انسانيت جو مفهوم لکو.
2. احترامِ انسانيت جي مخالف ڳالهين مان ڪي صورتون لکو.

(ج) هيٺين سوالن جي صحيح جوابن تي (✓) جو نشان لڳايو:

1. اسلام کان پهريون زمانهٔ جاهليت ۾ احترامِ انسانيت هو:

(الف) گهٽو　　(ب) ٿورو
(ج) ختم　　(د) بهتر

2. توهان مان الله تعاليٰ وٽ وڌيڪ عزت وارو اهو آهي جيڪو:

(الف) وڌيڪ تقويٰ وارو آهي　　(ب) وڌيڪ مرتبي وارو آهي
(ج) وڌيڪ علم وارو آهي　　(د) وڌيڪ دولت وارو آهي

استادن لاءِ هدايتون

استاد شاگردن ۽ شاگرديائڻين کي ڪجهه اهڙين شخصيتن جي باري ۾ معلومات فراهم ڪن جيڪي احترامِ انسانيت جي حوالي سان سڃاتيون وڃن ٿيون. مثلاً: عبدالستار ايڌي جي يتيمن ۽ محتاجن جي سار سنڀال ڪرڻ.

# اجتماعي عدل

## سکيا جي حاصلات

* اجتماعي عدل جو مفهوم ۽ ان جو اسلام ۾ تصور بيان ڪري سگهن.
* اجتماعي عدل جي اهميت ۽ اثرات بيان ڪري سگهن.
* دؤر حاضر ۾ اجتماعي عدل جي ضرورت ۽ صورتون بيان ڪري سگهن. * اجتماعي عدل جا فائدا (عدل واري معاشري جو قيام) بيان ڪري سگهن.

### اجتماعي عدل جو مفهوم:

عدل عربي زبان جو لفظ آهي. جنهن جي لغوي معنیٰ آهي سڌو ڪرڻ. برابري ڪرڻ، ٻن شين جي وچ ۾ موازنو ڪرڻ ۽ ٻن حالتن ۾ وچٽرائي اختيار ڪرڻ. اصطلاح ۾ عدل جو مفهوم تمام وسيع آهي هيٺيون ڳالهيون ان جو مفهوم واضح ڪن ٿيون: ڪنهن شيءِ کي ٻن برابر حصن ۾ تقسيم ڪرڻ. اهڙي طرح جو ٻنهي ۾ گهٽ وڌائي نہ ٿئي. ڪنهن شيءِ کي ان جي صحيح جڳهه ۾ رکڻ. يعني قول ۽ عمل ۾ سچائي جي ترازو کي ڪنهن هڪڙي طرف جهڪڻ نہ ڏيڻ. اهڙو ڪم ڪرڻ گهرجي ۽ اهڙي ڳالهه چوڻ جيڪا سچائيءَ تي پوري اچي. پڻ هر ماڻهوءَ سان بنا ڪنهن ڏاڍ ۽ رعايت جي معاملو ڪرڻ. جنهن جو هو مستحق هجي "عدل" آهي. عدل جي مقابلي ۾ ظلم ايندو آهي. يعني ڪنهن شيءِ کي بي موقع رکڻ. هڪ ظالم سان "عدل" هي آهي تہ ان کي ظلم ڪرڻ کان بچائجي.

**عدل جي اهميت:** اسلام امن ۽ سلامتي جو دين آهي. جيڪو دنيا لاءِ رحمت بڻجي آيو آهي. اسلام هڪ اهڙي ضابطہ حيات کي مرتب ڪيو آهي. جنهن تي عمل ڪري انسان زندگيءَ جي حقيقي خوشين سان مالا مال ٿي سگهي ٿو. ان سلسلي ۾ اسلام عملي زندگيءَ جي لاءِ سڀ کان

وڏيڪ عدل تي زور ڏنو آهي. حقيقت هي آهي تہ معاشري جي هر طرح جي بي چيني ۽ خرابيءَ جو پهريون سبب ”عدل“ کان هٽي وڃڻ آهي. معاشري ۾ خرابي ان وقت پيدا ٿيندي آهي جڏهن ان جا فرد ”عدل“ کي ڇڏي ڏين. اسلام عدل جي متعلق سڀني ڳالهين ۾ رهنمائي فرمائي آهي. چاهي عدل اجتماعي هجي يا انفرادي. معاشي هجي يا معاشرتي. قانوني هجي يا سياسي. عدل ئي معاشري جي بهترين نظام جو ضامن آهي. اسلامي معاشرتي زندگيءَ جي بہ هيءَ تقاضا آهي تہ ماڻهن جي وچ ۾ ۽ زندگيءَ جي هر شعبي ۾ عدل ۽ انصاف کي فروغ ڏنو وڃي. قرآن ڪريم ۾ ارشاد پاڪ آهي. ترجمو: بي شڪ الله تعالىٰ انصاف ڪرڻ جو ۽ ڀلائي ڪرڻ جو ۽ رشتيدارن کي ڏيڻ جو حڪم ڪري ٿو ۽ بي حيائي ۽ برين ڳالهين ۽ ظلم کان روڪي ٿو. توهان کي سمجهائي ٿو جيئن توهان سمجهو. (سورة النحل: 90)

هن آيت جي نازل ٿيڻ جو مقصد هي آهي تہ سيئي انسان پنهنجي اجتماعي زندگيءَ ۾ عدل ۽ انصاف سان رهن، ظلم ۽ زيادتي کي ختم ڪن جيئن انهن جي سماجي زندگي امن ۽ سڪون جو مرڪز بڻجي پوي.

الله تعالىٰ قرآن ڪريم ۾ ارشاد فرمايو آهي. ترجمو: ۽ توهان جڏهن ماڻهن جي وچ ۾ فيصلو ڪريو تہ انصاف جو فيصلو ڪريو. بيشڪ الله تعالىٰ توهان کي تمام سٺي ڳالهہ جي نصيحت ڪري ٿو. يقيناً الله پاڪ خوب ٻڌڻ وارو آهي. (سوره النساء: 58)

”۽ جڏهن ماڻهن جي وچ ۾ توهان فيصلو ڪريو“ جو مطلب هي آهي تہ فيصلو ڪرڻ واري جي لاءِ ٻئي ڌريون برابر هجڻ گهرجن. چاهي اهو دوست هجي يا دشمن. پنهنجو هجي يا پرائو، مسلمان هجي يا غير مسلم، ويجهو هجي يا پري وارو. امير هجي يا غريب. ڪهڙي بہ قسم جو هجي فيصلي ڪرڻ واري کي غير جانبدار ٿي فيصلو ڪرڻ گهرجي.

زندگيءَ جي هر شعبي ۾ ”عدل“ جي ضرورت آهي. ڪٿي جو ان

جو تعلق اسان جي پنهنجي ذات سان هجي يا مخلوق سان. پنهنجي ذات سان عدل ڪرڻ جو مطلب هي آهي تہ پنهنجي لاءِ لباس، خوراڪ، آرام وغيره جو مناسب انتظام ڪيو وڃي. مخلوق سان عدل ڪرڻ جو مطلب هي آهي تہ انهن جا حق پوري طرح ادا ڪيا وڃن ۽ انهن ۾ ڪنهن بہ طرح جي ڪوتاهي نہ ڪئي وڃي.

**عدل جا قسم:** (1) عدل انفرادي (2) عدل اجتماعي.

**عدل انفرادي:** انسان پنهنجي انفرادي زندگيءَ ۾ وچترائيءَ جو لحاظ رکي، پوءِ اها جسماني زندگي (ڪائڻ، پيئڻ، سمهڻ، خوشي، غمي وغيره) هجي يا روحاني زندگي (عبادتون)، يا دنياوي معاملا هجن يا معاشي زندگي (ڪمائڻ) هجي. هر حال ۾ عدل/ اعتدال (وچترائي) ۽ برابريءَ ڪي ملحوظ رکيو وڃي.

**عدل اجتماعي:** انساني معاشري ۾ انصاف ۽ مساوات هجي ۽ هر هڪ کي پنهنجا حق حاصل هجن. عدل اجتماعي جون ڪجهہ صورتون هيٺ ڏجن ٿيون:

**قانوني مساوات:** سماج ۾ قانوني مساوات جو هجڻ يعني قانون جي نظر ۾ سڀ برابر آهن. ۽ قانون کي سيني تي بالادستي حاصل هجي. ان ۾ امير هجي يا غريب، افسر هجي يا ماتحت، دوست هجي يا دشمن، پنهنجو معاملو هجي يا ٻئي ڪنهن جو. ننڍو هجي يا وڏو ڪو بہ فرق نہ هجي.

**معاشي معاملا ۽ اجتماعي عدل:** اسلام جي اقتصادي نظام ۾ هر شخص پنهنجي صلاحيتن ۽ پسند جي مطابق جائز ذريعہ روزگار اختيار ڪرڻ ۾ آزاد آهي. روزي ڪمائڻ جو ڪو بہ ذريعو مثلاً: تجارت، زراعت، صنعت، ملازمت وغيره ڪنهن بہ شخص جي لاءِ منع ناهي. روزي حاصل ڪرڻ جا جيترا بہ وسيلا آهن، انهن کي الله تعالىٰ سمورن ماڻهن جي لاءِ مهيا ڪيو آهي. تنهن ڪري ان مان فائدو حاصل ڪرڻ جو سيني کي برابر حق حاصل آهي.

اسلام مطابق ڪنهن بيروزگار ۽ معذور جي لاءِ بنيادي ضرورتن جو فراهم ڪرڻ حڪومت ۽ سوسائٽي جو فرض آهي، جيئن ڪو بہ شخص معاشي ناانصافي جو شڪار نہ بڻجي.

**عدل واري معاشري جو قيام:** معاشري ۾ سڀ انسان بحيثيت انسان برابر آهن. ڪنهن کي ڪنهن طبقي، خاندان، قوم يا علائقي سان تعلق رکڻ جي ڪري فضيلت ناهي. ارشاد باري تعالىٰ آهي. يٰۤاَيُّهَا النَّاسُ اِنَّا خَلَقْنٰكُمْ مِّنْ ذَكَرٍ وَّ اُنْثٰى وَ جَعَلْنٰكُمْ شُعُوْبًا وَّ قَبَآىِٕلَ لِتَعَارَفُوْا ؕ اِنَّ اَكْرَمَكُمْ عِنْدَ اللّٰهِ اَتْقٰىكُمْ (الحجرات:13) ترجمو: اي انسانو! اسان توهان کي هڪ مرد ۽ هڪ عورت مان پيدا ڪيو ۽ توهان جا قبيلا ۽ قومون ناهيوسين. جيئن هڪ ٻئي کي سڃاڻي سگهو. بيشڪ الله تعالىٰ وٽ توهان مان وڏيڪ عزت وارو اهو آهي جيڪو وڏيڪ پرهيزگار آهي. گڏوگڏ اسلام معاشري جي سيني معاملن ۾ عدل جو حڪم ڏنو آهي. جنهن سان ئي هڪ سٽريل ۽ انصاف وارو سماج جڙندو.

**عدالتي معاملن ۾ اجتماعي عدل:** اسلام عدل جو باقاعده نظام پيش ڪيو آهي جنهن کي "قضاء" يا "عدليہ" چئبو آهي. ان جو بنياد رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن پنهنجي مبارڪ دور ۾ رکيو هو. حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن کي "عدل" جو ايترو قدر خيال هو جو پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جڏهن بہ پنهنجا عمال (آفيسر يا قاضي) ڪنهن علائقي لاءِ روانا ڪندا هئا تہ انهن جي انتظامي قابليت سان گڏوگڏ انهن جي عدالتي قابليت جي باري ۾ بہ مڪمل اطمينان حاصل ڪندا هئا.

**اجتماعي عدل جا اثرات:** اسلام "عدل" جو جيڪو تصور پيش ڪيو آهي، اهو اڄ بہ بنيادي حيثيت رکي ٿو، ۽ اسلام جيڪي اصول ۽ قانون پيش ڪيا آهن اهي اڄ بہ دنيا وارن جي لاءِ مشعل راهہ آهن جيڪڏهن انهن تي پوري طرح عمل ڪيو وڃي تہ ڏکايل انسانيت موجوده

مصيبتن ۾ ڏکن کان نجات حاصل ڪري سگهي ٿي.

معيشت ۾ عدل قائم ڪرڻ سان سڄو معاشرو خوشحال ٿي ويندو آهي ۽ معاشري جو ڪو به فرد بنيادي ضرورتن کان محروم نه رهندو آهي. ”عدل“ زندگيءَ جي سيني شعبن ۾ برابري به قائم ڪندو آهي. انسان جي زندگي ان وقت بهتر ٿي سگهي ٿي جڏهن زندگي جي سيني شعبن ۾ خاص توازن ۽ اعتدال هجي.

## مشق

### (الف) هيٺين سوالن جا تفصيلي جواب لکو:

1. عدل اجتماعي ڪي نظر انداز ڪرڻ سان معاشري ۾ ڪهڙيون برايون پيدا ٿين ٿيون؟
2. توهان جي نظر ۾ اجتماعي عدل قائم ڪرڻ جي لاءِ ڪهڙيون تدبيرون اختيار ڪرڻ گهرجن؟

### (ب) هيٺين سوالن جا مختصر جواب لکو:

1. اجتماعي عدل جي معنىٰ ۽ ان جو مطلب بيان ڪريو.
2. قرآن ڪريم اجتماعي عدل جي باري ۾ ڪهڙي رهنمائي ڪري ٿو؟

### (ج) هيٺين سوالن جي صحيح جوابن تي (✓) جو نشان لڳايو:

1. عدل عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي جنهن جي معنىٰ آهي:

(الف) انصاف قاعم ڪرڻ (ب) ماڻهن سان سنو سلوڪ ڪرڻ

(ج) ڪنهن شيءِ کي ٻن برابر حصن ۾ تقسيم ڪرڻ (د) مظلوم جي دعا کان بچڻ

2. قرآن ڪريم ۾ حڪم آهي ته عدل ڪريو، چو ته اهو وڌيڪ ويجهو آهي:

(الف) نيڪيءَ کي (ب) فرمانبرداريءَ کي
(ج) جنت کي (د) تقويٰ کي

3. ملڪ ۾ عدل ۽ انصاف قائم ٿيندو ته معاشرو بڻجي ويندو:

(الف) امن ۽ سڪون وارو (ب) ترقي يافته
(ج) عام ڀلائيءَ وارو (د) نيڪي وارو

**استادن لاءِ هدايتون**

استادن کي گهرجي ته اهي شاگردن ۽ شاگردياڻين کان حضور پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي سيرت طيبه ۽ صحابه ڪرام رضي الله عنهم جي حياة طيبه جي روشنيءَ ۾ اجتماعي عدل تي مضمون لکرائين.

## عفت ۽ حياءُ

**سکيا جي حاصلات**

* عفت ۽ حياءَ جي مفهوم کي بيان ڪري سگهن.
* عفت ۽ حياءَ جو مظاهرو واضح ڪري سگهن.
* عفت ۽ حياءَ جي فضيلت ۽ اهميت سمجهي سگهن.

### عفت ۽ حياءَ جي معنیٰ ۽ مفهوم:

”عفت“ عربي زبان جو لفظ آهي جنهن جي لفظي معنیٰ آهي پرهيزگاري ۽ پاڪيزگي ۽ عفت جو شرعي مفهوم آهي: پاڪ دامن رهڻ، اخلاقي پاڪيزگي ڏارڻ ۽ نفساني خواهشن کي قابوءَ ۾ رکي، خراب رستي تي هلڻ، بدڪاري ۽ بي حيائيءَ جهڙن ڪمن کان نفس کي محفوظ رکڻ، ان سان گڏ ٻيو لفظ ايندو آهي ”عصمت“ جو جنهن جي معنیٰ آهي پاڪ دامني، بيگناهي ۽ شرافت. قرآن ڪريم ۾ سچي مؤمن جون ڪيترين ئي صفتون بيان ڪيون ويون آهن. جنهن مان هڪ ”عفت“ آهي: وَ الَّذِيْنَ هُمْ لِفُرُوْجِهِمْ حٰفِظُوْنَ (المؤمنون:5). ترجمو: ۽ (ڪامياب مؤمن اهو آهي) جيڪو پنهنجي شرم گاهه جي حفاظت ڪندو آهي تنهنڪري اهڙي انسان کي عفيف / عفيفہ عفت وارو (پاڪ دامن چئبو آهي.

”حيا“ جي لفظي معنیٰ آهي شرم ۽ غيرت. حياءَ جو مطلب آهي: انسان جي اندر هڪ فطري ۽ اخلاقي صفت رکي وئي آهي. جنهن سان انسان خوف خدا جي جذبي سبب بي حيائي ۽ بداخلاقي جهڙي خراب ڪم کان پاڻ کي بچائي وٺندو آهي ۽ برائيءَ کان پري پرڄڻ جي ڪوشش ڪندو آهي تہ اهڙي انسان کي حيادار چئبو آهي. انسان جي شرافت، عزت ۽ پاڪدامنيءَ جو بنياد ئي حياءَ تي آهي. جنهن ماڻهوءَ ۾ هيءَ صفت جيتري گهٽي هوندي اهو برائي ۽ گناهه وارن ڪمن کان

ايتري وڏيڪ نفرت ڪندو آهي ۽ احڪام خداوندي ۽ اخلاقي اقدار جي پابندي ڪندو آهي.

الله تعالىٰ انسان ۾ پنهنجي وجود کي برقرار رکڻ ۽ نسل وڌائڻ جي لاءِ ڪجھ حيواني ۽ نفساني جذبا رکي ڇڏيا آهن گڏوگڏ ان کي عقل ۽ وحيءَ جي ذريعي جائز ۽ ناجائز ڪمن جو فرق ٻڌائي ڇڏيو آهي. جسم ۽ روح ٻئي پاڻ ۾ لازم ملزوم آهن ۽ ٻنهي کي مناسب توجھ ڏئي انهن جي نشوونما جو خيال رکڻ انسان تي فرض آهي. اسلام ٻه هي چاهي ٿو تہ انسان پنهنجي جسماني گهرجن کي عقل ۽ دين جي ماتحت رکي زندگي گذاري. جڏهن ڪو ٻہ انسان نفساني خواهشن کي عقل ۽ دين جي ماتحت ڪري پنهنجي قابو ۾ رکي ٿو ۽ روحانيت کي حيوانيت تي غالب رکي ٿو تہ ان کي "عفت وارو" چئبو آهي. ۽ جڏهن اهو ناشائستہ ڪمن کان خوفِ خدا جي جذبي سبب پاسو ڪري ٿو تہ ان کي "حيادار" چئبو آهي.

**عفت ۽ حياءَ جي فضيلت ۽ اهميت:**

عفت ۽ حياءَ اسلامي اخلاق جي فهرست ۾ روح ۽ جان جي حيثيت رکي ٿو. الله تعالىٰ مسلمانن کي عفت ۽ حياءَ جي تعليم ڏني آهي. ۽ هن عظيم گڻ کي سيني اسلامي فضيلتن ۾ مٿاهون قرار ڏنو آهي. رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جو ارشاد گرامي آهي تہ ترجمو: هر دين جا ڪجھ اخلاق آهن ۽ اسلام جو اخلاق حياءُ آهي. (مؤطا امام مالڪ، حديث: 2634) ٻي حديث ۾ آهي تہ: ترجمو: يقيناً الله تعالىٰ حيادار ۽ پرده پوشي ڪرڻ وارو آهي ۽ حياءَ داري ۽ پرده پوشيءَ کي پسند ڪندو آهي. (سنن ابي دائود، حديث: 4012)

حياءَ ۽ غيرت مؤمن جي هڪ اهم صفت آهي جو تہ نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن ان کي ايمان جي شاخ قرار ڏنو آهي. وَالْحَيَاءُ شُعْبَةٌ مِنَ الْإِيْمَانِ۔ (بخاري:9، مسلم: 30) ترجمو: ۽ حياءَ ايمان جو هڪ وڏو شعبو آهي.

حياءُ هڪ اهڙي صفت آهي، جنهن جي ڪري انسان وڏي ڪان وڏين برائين کان بچي ويندو آهي. جڏهن ڪنهن ماڻهوءَ مان هي صفت نڪري ويندي آهي تہ اهو ڪنهن بچڙي ۽ گناهہ جي ڪم ڪرڻ جي ڪا بہ پرواهہ ناهي ڪندو. نہ ان ڪي پيشماني ٿيندي آهي. ان صورتحال جي پيش نظر حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو تہ: ”جڏهن توهان مان حياءُ هليو وڃي تہ پوءِ جيڪو وڻيوَ اهو ڪريو.

(سنن ابي دائود، حديث: 4797).

حضرت ابو سعيد رضي الله عنه کان روايت آهي تہ: ”اسان جي پياري نبي حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن سڀ کان وڌيڪ عفت ۽ حياءَ وارا هئا. پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن ڪنواري پرديدار عورت کان بہ وڌيڪ حيادار هئا ۽ ڪا ناپسند شيءِ ڏسندا هئا تہ ان جو احساس سندن چهري مبارڪ تي ظاهر ٿي ويندو هئو. جڏهن تہ بچڙين ڳالهين کان پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن کي طبعي نفرت هئي.

حضرت ابو هريره رضي الله عنه کان روايت آهي. ترجمو: رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: ايمان جون ستر کان وڌيڪ شاخون آهن جن مان حياءَ بہ هڪ وڏي شاخ آهي.

(بخاري:9، مسلم: 30)

حضرت عمر رضي الله عنه کان روايت آهي: ترجمو: رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: يقيناً ايمان ۽ حياءُ جو پاڻ ۾ گهرو تعلق آهي. جڏهن هڪ ويندو آهي تہ ٻيو بہ هليو ويندو آهي. (الادب المفرد للبخاري: 1313) جڏهن انسان پنهنجي حياءَ کي ختم ڪري ڇڏيندو آهي تہ پوءِ اهو هڪ وحشي درندي وانگر ٿي ويندو آهي ۽ پنهنجي خواهشن جي پويان ڊوڙندو آهي. سنن کان سنن جذبن کي ختم ڪندو آهي ۽ غريبن جو مال غصب ڪندو آهي. ۽ ڪنهن لاءِ

پنهنجي دل ۾ رحم نہ رکندو آهي. خدا جي مخلوق کي تکليفون ڏيندو آهي تہ ان کي اثر بہ نہ ٿيندو آهي. ان جي انا پرستي ان جي اکين تي اونداهون پردو وجهي ڇڏيندي آهي. جيکو انسان ان حد تائين پهچي وڃي تہ سمجهي ڇڏجي اهو انسانيت جي حدن کان ٻاهر ٿي ويو آهي.

**عفت ۽ حياءَ جا مظاهر:** انسان جي عفت ۽ حياءَ جو تعلق نہ صرف ان جي ڪردار ۽ عمل سان آهي، بلڪ ان جي سوچ ۽ فڪر، گفتار ۽ انداز ۾ بہ ان جي وڏي اهميت آهي. ان ڪري هر انسان کي ۽ خصوصي طور تي هڪ مسلمان مرد ۽ عورت کي پنهنجي طرز زندگي ۾ عفت ۽ حياءَ کي اوليت ڏيڻ گهرجي، جيئن اهو معاشري جو باعزت، ڪار آمد شهري ۽ آخرت جي لاءِ تياري ڪندڙ فرد شمار ٿئي، هيٺ ڏنل ڳالهيون قابل توجهہ آهن جن ۾ عفت ۽ حياءَ جي عڪاسي هجڻ لازم آهي:

**گفتگو:** مؤمن جي لاءِ هي مناسب ناهي تہ اهو گارگند، بدڪلامي ۽ اڻ وڻندڙ انداز ۾ گفتگو ڪري. بلڪ ان کي سنيون ڳالهيون يا خاموشي اختيار ڪرڻ گهرجي ۽ ناپسند گفتگوءَ کان بچڻ گهرجي ۽ فضول ڳالهين کان ڪراهت محسوس ڪرڻ ئي گفتگو جي عفت ۽ حياءُ آهي.

**لباس:** اسلام لباس جا بہ مقصد ٻڌيا آهن. هڪڙو تہ ان ۾ ڍَڪ ۽ سَتُر هجي ۽ ٻيو تہ زينت بہ هجي. ان لاءِ مردن ۽ عورتن کي پنهنجي حياءَ ۽ پردي جو لحاظ رکندي اهڙو لباس اختيار ڪرڻ گهرجي. جنهن ۾ هي ٻئي مقصد حاصل ٿين. ان لحاظ کان اهڙو لباس جيڪي حياءَ، پرده داريءَ ۽ اخلاق جي خلاف يا ٻين سان مشابهت رکندو هجي اهو عفت ۽ حياءَ جي خلاف آهي.

**اٿڻي ويهڻي:** هڪ سچي مؤمن کي پنهنجي روزانہ جي معمولات ۾ هر وقت بي حيائيءَ ۽ نازيبا سرگرمين کان پاسو ڪرڻ گهرجي. قرآن ڪريم مؤمن مرد ۽ عورت کي حڪم ڪري ٿو تہ اهي پنهنجي نظرن کي جهڪائي رکن ۽ پنهنجي عفت ۽ عصمت جي حفاظت ڪن. اهڙي طرح اهي پنهنجي نظر ۽ سوچ کي بي حيائيءَ واري ڳالهہ ۾ استعمال نہ

ڪن. جو ته الله تعالىٰ ارشاد فرمائي ٿو. ترجمو: اهو اکين جي خيانت کي ڄاڻي ٿو ۽ جيڪي ڳالهيون سينن ۾ لڪيل آهن انهن کي به ڄاڻي ٿو (الغافر:19)

مجلس: انسان پنهنجون ڪجهه گهڙيون ڪنهن مجلس، ميٽنگ يا مشاورتي سرگرميءَ ۾ گذاريندو آهي. ان لاءِ جيڪو به وقت ماڻهو ٻين ماڻهن سان گذاري ان دوران به ان جي اٿڻ ويهڻ، گفتگو ۽ انداز ۾ عفت ۽ حياءُ برقرار رهڻ گهرجي.

حياءُ جون تقاضائون:

- انسان جو پنهنجي زبان کي فحش ڳالهين کان پاڪ رکڻ، بي حيائيءَ جي ڳالهه زبان تي نه آڻڻ ۽ برين ڳالهين جي اظهار کان شرمائڻ، حديث ۾ آهي ته حياءُ ايمان جو حصو آهي ۽ ايمان جنت ۾ (وٺي ويندو) آهي ۽ بدڪلامي بداخلاقي جو حصو آهي ۽ بداخلاقي جهنم ۾ (وٺي ويندي) آهي. (الترمذي: 2009)
- انسان پاڻ سان رهڻ وارن جي حقن ۽ مرتبن کي سڃاڻي ۽ صاحب فضل کان ان جي علم ۽ فضل حاصل ڪرڻ ۾ احترام بجا آڻي ۽ ان جي آواز کان پنهنجو آواز بلند نه ڪري ۽ نه ان جي اڳيان قدم کڻي هلي حديث ۾ آهي ته "جنهن کان سکو ان سان نوڙت سان پيش اچو."

حياءُ جا مرتبا: بعض حڪيمن حياءُ جا ٽي مرتبا لکيا آهن:

- خدا جي حڪمن ۽ فرمانن جي پابندي ڪرڻ، الله تعالىٰ جي منع ڪيل شين کان بچڻ، نفساني خواهشن تي قابو رکڻ ۽ موت کي ياد ڪري برين خواهشن کان پاسو ڪرڻ.
- ماڻهن کي ايذاءُ پهچائڻ کان پري رهڻ.
- خود انسان جو اڪيلائيءَ ۾ پنهنجو پاڻ کان حياءُ ڪرڻ ۽ هر حالت ۾ الله تعالىٰ کي حاضر سمجهي سيني گناهن کان بچڻ.

موجوده دور ۾ جديد ايجادن جي ڪري بي حيائي، عرياني ۽ فحاشي جون ڳالهيون آسانيءَ ۽ سهولت سان دستياب ٿيو وڃن ٿيون پر

هڪ مؤمن جو هي شان ناهي تہ هو اهڙين ڳالهين جي ڦهلائڻ جو سبب بڻجي، ڇو تہ اهو ڪبيرو گناهہ آهي. اللہ تعالىٰ ارشاد فرمائي ٿو. ترجمو: جيڪي ماڻهو هن ڳالهہ کي پسند ڪن ٿا تہ مؤمنن ۾ بي حيائيءَ يعني تهمت، بدڪاريءَ جي خبر ڦهلجي تہ انهن کي دنيا ۽ آخرت ۾ ڏکوئيندڙ عذاب ٿيندو ۽ اللہ ڄاڻي ٿو توهان نہ ٿا ڄاڻو. (النور:19)

## مشق

### (الف) هيٺين سوالن جا تفصيلي جواب لکو:

1. عفت ۽ حياءَ جا مظاهر ڪهڙا آهن؟ مثالن سان واضح ڪيو.
2. عفت ۽ حياءَ جي فضيلت تي قرآن ۽ حديث جي روشنيءَ ۾ نوٽ لکو.
3. دين اسلام ۾ عفت ۽ حياءَ جي ڪهڙي اهميت آهي؟

### (ب) هيٺين سوالن جا مختصر جواب لکو:

1. عفت ۽ عصمت جو مفهوم ڪهڙو آهي؟
2. حياءَ جي لغوي معنىٰ ۽ مطلب لکو.
3. حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي صفت حياء کي حديثن ۾ ڪهڙي طرح بيان ڪيو ويو آهي؟

(ج) هيٺين سوالن جي صحيح جوابن تي (✓) جو نشان لڳايو:

1. عفت جي لفظ سان گڏ ٻيو لفظ استعمال ٿيندو آهي:

(الف) عصمت (ب) پاڪدامني

(ج) پرهيزگاري (د) پاڪيزگي

2. حياءُ اهم شعبو ڇئبو آهي:

(الف) اسلام جو (ب) ايمان جو

(ج) شريعت جو (د) قرآن ۽ سنت جو

3. اسلام ۾ لباس جا ٻه مقصد آهن:

(الف) سادگي ۽ صفائي (ب) عمدگي ۽ نفاست

(ج) سترُ ۽ زينت (د) سفيدي ۽ ڪشادگي

4. حديث ۾ ايمان جي شاخن جو تعداد فرمايو ويو آهي:

(الف) پنجاهه ڪان وڌيڪ (ب) سٺ ڪان وڌيڪ

(ج) ستر ڪان وڌيڪ (د) اسي ڪان وڌيڪ

5. بعض حڪيمن حياءُ جا مراتب ٻڌايا آهن:

(الف) ٻه (ب) ٽي

(ج) چار (د) پنج

**استادن لاءِ هدايتون**

شاگردن ۽ شاگردياڻين کي عفت ۽ حياءَ جي هن سبق ۾ ڏنل حديثون ترجمي سان زباني ياد ڪرايون وڃن ۽ انهن جو تلفظ درست ڪرايو وڃي.

# حضرت سيدنا امام حسين رضي الله عنه

## سکيا جي حاصلات

* سيدنا امام حسين رضي الله عنه جو حسب نسب ۽ ولادت باسعادت بيان ڪري سگهن. * سيدنا امام حسين رضي الله عنه جي تعليم ۽ تربيت تحرير ڪري سگهن. * سيدنا امام حسين رضي الله عنه جا فضائل بيان ڪري سگهن. * سيدنا امام حسين رضي الله عنه جون ديني خدمتون بيان ڪري سگهن.

### حسب نسب:

حضرت امام حسين رضي الله عنه جو پورو نالو حسين بن علي بن ابي طالب بن عبدالمطلب بن هاشم رضي الله عنه آهي. سندن والد شير خدا حضرت علي ڪرم الله وجهه ۽ والده خاتون جنت حضرت فاطمة الزهراء رضي الله عنها بنت حضرت مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللهِ خَاتَمُ النَّبِيِّيْنَ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ يعني ماءُ ۽ پيءُ ٻنهي طرفن کان پاڻ هاشمي، صاحب شرف ۽ فضيلت وارا آهن. سندن ڪنيت ابو عبدالله ۽ لقب "سَيِّدُ الشُّهَدَاءِ"، "سَيِّدُ شَبَابِ اَهْلِ الْجَنَّةِ" ۽ "رَيْحَانَةُ النَّبِيِّ" آهن. جڏهن ته امت مسلمه ۾ پاڻ رضي الله عنه شهيد ڪربلا جي لقب سان به ياد ڪيا وڃن ٿا.

### ولادت باسعادت:

حضرت امام حسين رضي الله عنه حضرت علي رضي الله عنه ۽ حضرت فاطمة الزهراء رضي الله عنها جي گهر ۾ شعبان جي پهرئين تاريخ سن 3 يا 4 هجري ۾ مدينه منوره ۾ پيدا ٿيا. حضرت امام حسين ۽

امام حسن رضي الله عنهما ٻئي پائر سيرت ۽ صورت ۾ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي مشابه هئا.

ننڍڙي حسين رضي الله عنه جي پيدائش تي سندن ناني حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن سندن ساڄي ڪن ۾ اذان ۽ کابي ڪن ۾ اقامت چئي، پوءِ ستين ڏينهن سندن جو نالو حسين رکيو ويو. ان سان گڏ ئي عقيقي ۾ ٻه گهيٽا ٻه ذبح ڪيا ويا. مٿي جا وار لاهي دفن ڪيا ويا ۽ انهن جي وزن جي برابر چاندي خيرات ڪئي وئي.

**ننڍپڻ جو زمانو:** سيدنا امام حسين رضي الله عنه جي ننڍپڻ جو زمانو ناني حضور ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن، والده محترم حضرت فاطمة الزهراء رضي الله عنها ۽ والد حضرت علي رضي الله عنه جي سرپرستي ۾ گذريو جڏهن حضرت امام حسن رضي الله عنه ستن سالن ۽ حضرت امام حسين رضي الله عنه ڇهن سالن جا ٿيا ته سندن شفيق ۽ مهربان ناني جي رحلت ٿي وئي. اهو ڏک اڃا پريو ئي نه هو ته ڪجهه مهينن کان پوءِ سندن والده ماجده جنت جي عورتن جي سردار حضرت فاطمة الزهراء رضي الله عنها به پنهنجي ٻنهي ننڍڙن کان جدا ٿي وئي.

حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جڏهن نماز ۾ مشغول هوندا هئا ته ٻئي ننڍڙا نماز ۾ سجدي جي دوران سندن پٺيءَ مبارڪ تي چڙهي ويهندا هئا ته پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن سجدي کي ڊگهو ڪري ڇڏيندا هئا پر ڪڏهن به کين ائين ڪرڻ کان منع نه ڪندا هئا.

حضرت امام حسين رضي الله عنه جو ننڍپڻ به پنهنجي ڀاءُ وانگر گهر ۾ پنهنجي والدين ۽ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن سان گذريو. سڀ صحابه ڪرام رضي الله عنهم انهن کي پيار

۽ محبت ڪندا هئا ۽ انهن سان عزت ۽ احترام سان پيش ايندا هئا.

سيدنا امام حسين رضي الله عنه ننڍپڻ کان ئي ڏاڍا ذهين ۽ هوشيار ۽ اعلىٰ سيرت ۽ اخلاق جا مالڪ هئا جنهن جو ثبوت هيٺئين واقعي مان ٿئي ٿو. پاڻ رضي الله عنه هڪ دفعي پنهنجي ڀاءُ سيدنا امام حسن رضي الله عنه سان گڏ مسجد ۾ وينا هئا ته ڏٺائون ته هڪ ماڻهو وضو ڪري رهيو آهي پر ان جو وضو ڪرڻ جو طريقو صحيح نه هو پاڻ رضي الله عنه ان کي چيائون ته "اي چاچا! اسان ننڍا آهيون ۽ وضو ڪري رهيا آهيون ڏسجو ته ڪٿي وضو ۾ اسان غلطي ته نٿا ڪيون" جڏهن ٻنهي امامن وضو ڪيو ته اهو ماڻهو هي ڏسي اچرج ۾ پئجي ويو ته هي ٻئي ته وضو صحيح ڪري رهيا آهن پر منهنجو وضو صحيح نه آهي. (بحار الانوار امام مجلس ج43، ص 319)

**تعليم ۽ تربيت:** سيدنا امام حسين رضي الله عنه شروعاتي تعليم نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن ۽ پنهنجي والدين کان حاصل ڪئي خاص ڪري قرآن پاڪ جي معنىٰ، مفهوم ۽ مطلب جي تعليم والدين کان حاصل ڪئي.

والده جي وفات کان پوءِ حضرت علي المرتضىٰ رضي الله عنه پنهنجي ٻنهي پٽن جي تعليم ۽ تربيت نهايت ئي اعلىٰ طريقي سان ڪئي ته جيئن انهن جون زندگيون باقي دنيا تائين هڪ مثال بڻجي وڃن.

**فضيلتون:**

سيدنا امام حسين رضي الله عنه جي سڀ کان وڏي فضيلت سندن نبوت واري گهراڻي ۾ پيدا ٿيڻ آهي جنهن جو نانو، نبي آخر الزمان حضور ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ، ناني حضرت بيبي خديجة الڪبرىٰ رضي الله عنها، ڏاڏو حضرت ابو طالب بن عبدالمطلب، ڏاڏي فاطمه بنت اسد، والد حضرت علي شير خدا رضي الله عنه ۽ والده خاتون جنت حضرت فاطمة الزهراء رضي الله تعالىٰ

عنها ۽ ياءُ سيدنا امام حسن رضي الله عنه جهڙيون هستيون هجن تہ ان کان وڌيڪ ٻي کهڙي فضيلت ٿي سگهي ٿي.

حضور اکرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي زبان مبارڪ مان سندن فضيلتن جي باري ۾ ڏاڍيون حديثون آهن:

حضور اکرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو تہ فاطمة جنت جي عورتن جي سردار آهي ۽ حسن ۽ حسين جنت جي نوجوانن جا سردار آهن. (سنن ترمذي:3781)

حضور اکرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: مَنْ أَحَبَّ الْحَسَنَ وَالْحُسَيْنَ فَقَدْ أَحَبَّنِیْ، وَمَنْ أَبْغَضَهُمَا فَقَدْ أَبْغَضَنِیْ (ترجمو: جيڪو ماڻهو حسن ۽ حسين سان محبت ڪندو اهو ڄڻ مون سان محبت ڪندو ۽ جيڪو انهن سان بغض رکندو ڄڻ ان مون سان بغض رکيو.

هڪ دفعي حضور اکرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن صحابه ڪرام رضي الله عنهم سان گڏ ڪنهن دعوت تي وڃي رهيا هئا تہ مدينه منوره جي هڪ گهٽيءَ ۾ حضرت امام حسين رضي الله عنه کي ٻارن سان کيڏندي ڏٺائون نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن ان کي پڪڙڻ جي لاءِ پنهنجا هٿ اڳتي وڌايا. ان تي پاڻ هيڏي هوڏي ڀڄڻ لڳا، نيٺ نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن کين کلائيندي پڪڙي ورتو ۽ سندن پيشاني چمندي فرمايائون: حُسَيْنٌ مِنِّیْ وَ اَنَا مِنْ حُسَيْنٍ، اَحَبَّ اللهُ مَنْ اَحَبَّ حُسَيْناً، حُسَيْنٌ سِبْطٌ مِّنَ الْاَسْبَاطِ ترجمو: حسين مون مان آهي ۽ آءٌ حسين مان آهيان، جنهن جي حسين سان محبت هوندي الله تعالىٰ ان سان محبت رکندو منهنجن ڏوهٽن مان حسين هڪ ڏوهٽو آهي. (سنن ابن ماجه، حديث:144)

سيدنا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جڏهن آخري ڏينهن ۾ بيمار ٿي پيا تہ جنت جي عورتن جي سردار حضرت

فاطمة الزهراء رضي الله عنها پنهنجي ٻنهي پٽن کي گڏ وٺي نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي عيادت جي لاءِ حاضر ٿي ۽ عرض ڪيائين تہ بابا سائين! توهان منهنجي هنن ٻنهي پٽن کي ڇا عنايت فرمايو تا تڏهن رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: اَمَّا الْحَسَنُ فَلَهُ هَيْبَتِيْ وَ سُؤْدَدِيْ وَ اَمَّا الْحُسَيْنُ فَلَهُ جُرْأَتِيْ وَجُوْدِيْ (المعجم الڪبير للطبراني:18508) ترجمو: مون پنهنجي هيبت ۽ سرداري حسن کي عطا ڪئي ۽ مون پنهنجي جرائت ۽ سخاوت حسين کي عطا ڪئي.

حضرت حسن ۽ حسين رضي الله عنهما سان محبت ڪرڻ رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن سان محبت ڪرڻ برابر آهي ۽ انهن ٻنهي سان بغض ۽ عناد رکڻ نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن سان بغض ۽عناد رکڻ برابر آهي.

**ديني خدمتون، سيرت ۽ ڪردار:** حضرت امام حسين رضي الله عنه جون دين اسلام کي جيارڻ ۽ قرآن ۽ سنت جي اشاعت ۾ بي مثال خدمتون آهن. جڏهن پاڻ رضي الله عنه قرآن مجيد ۽ حديث جو سبق ڏيڻ جي لاءِ مسجد ۾ ويهندا هئا تہ ماڻهن جو وڏو مجمع سندن سامهون جمع ٿي ويندو هو. جڏهن پاڻ رضي الله عنه ڳالهائيندا هئا تہ سيئي غور سان ڪين ٻڌندا هئا ۽ پنهنجي جڳهن کان چرندا بہ نہ هئا ڄڻ تہ انهن جي مٿن تي پکي ويٺا هجن، ان کان علاوه مدينه منوره جا ماڻهو قرآني آيتن جي تشريح، حديثن سمجهڻ ۽ شرعي مسئلا معلوم ڪرڻ لاءِ سيدنا امام حسين رضي الله عنه جي خدمت ۾ حاضر ٿيندا هئا. پاڻ رضي الله عنه سٺي اخلاق ۽ پاڪيزه ڪردار جا مالڪ هئا ان کان علاوه پاڻ عبادت ۽ رياضت، زهد ۽ تقوىٰ، سخاوت ۽ شجاعت جا پيڪر هئا. پاڻ رضي الله عنه پنهنجي زندگي ۾ پنجويهہ دفعا حج ادا ڪيائون. سندن پوري زندگي سهڻن اخلاقن ۽ صفات حميده سان ڀريل هئي.

**شادي ۽ اولاد:** حضرت امام حسين رضي الله عنه چار شاديون ڪيون هيون. جنهن مان ڪين اولاد ٿيو جنهن جو تفصيل هن ريت آهي:

| گهر واريون | اولاد |
|---|---|
| حضرت ليلىٰ بنت ابي مرة رضي الله عنها | حضرت علي اڪبر رضي الله عنه (جيڪي ڪربلا جي ميدان ۾ شهيد ٿيا) |
| حضرت سلامہ (شهربانو) رضي الله عنها | حضرت علي رضي الله عنه جيڪي زين العابدين جي نالي سان مشهور آهن. حضرت فاطمه رضي الله عنها |
| حضرت قضاعيہ رضي الله عنها | حضرت جعفر رضي الله عنه |
| حضرت رباب بنت امريء القيس رضي الله عنها | حضرت عبدالله رضي الله عنه، حضرت علي اصغر رضي الله عنه (جيڪي ڪربلا ۾ شهيد ٿيا.) حضرت سُڪينہ رضي الله عنها جيڪا واقع ڪربلا ۾ پاڻ رضي الله عنه سان گڏ هئي. |

**يزيد جي بيعت کان انڪار ۽ ڪربلا جو سانحو:** يزيد جي تخت تي ويهڻ کان پوءِ مدينه منوره جي گورنر وليد بن عقبہ يزيد جي حڪم سان سيدنا امام حسين رضي الله عنه کي يزيد جي بيعت ڪرڻ لاءِ گهرايو پر پاڻ رضي الله عنه بيعت ڪرڻ کان انڪار ڪيائون ۽ مڪه مڪرم روانا ٿي ويا.

پاڻ رضي الله عنه مڪه مڪرم ۾ چار مهينا قيام فرمايائون. انهيءَ دوران ڪوفي جي ماڻهن سندن ڏانهن خط موڪليا تہ پاڻ رضي الله عنه ڪوفي اچن جيئن هو سندن هٿ تي بيعت ڪن. سندن کان

سواءِ انهن جو ڪو بہ پيشوا ۽ امام نہ آهي. چو تہ يزيدي حڪومت ۾ اسلامي روايتون لتاڙجي رهيون آهن ۽ اسلامي حڪمن جي مذاق اڏائي پئي وڃي. ان ڪان پوءِ حضرت امام حسين رضي الله عنه پنهنجي سؤٽ مسلم بن عقيل رضي الله عنه کي ڪوفي موڪليو تہ جيئن اهو وڃي اتي جي حالات جو جائزو وٺي.

انهيءَ دوران يزيد کي مسلم بن عقيل رضي الله عنه جي اچڻ جي خبر ڏني وئي پوءِ يزيد ڪوفي جي گورنر حضرت نعمان بن بشير رضي الله عنه کي معزول ڪري عبيدالله بن زياد کي گورنر مقرر ڪيو ۽ ان کي حڪم ڏنو تہ امام حسين رضي الله عنه جي نمائدي مسلم بن عقيل رضي الله عنه کي قيد يا قتل ڪيو وڃي.

انهيءَ دوران مسلم بن عقيل، حضرت امام حسين رضي الله عنه کي اطلاع ڏئي ڇڏيو تہ پاڻ ڪوفي اچن ۽ ڪوفي جا ماڻهو منهنجي هٿ تي سندن بيعت ڪري چڪا آهن. هيڏانهن ابن زياد مسلم بن عقيل کي شهيد ڪرائي ڇڏيو.

امام حسين رضي الله عنه پنهنجي اهل ۽ عيال سان گڏ 8 ذي الحج 60 هجري تي مڪه مڪرم مان ڪوفي جي لاءِ روانا ٿيا، چوويهن ڏينهن جو نهايت ئي ڏکو ۽ ڏکيو سفر طئي ڪري 2 محرم الحرام 61 هجري تي ڪربلا واري جڳهہ تي پهتا.

يزيدي لشڪر جي ڪماندر عمر بن سعد، حضرت امام حسين رضي الله عنه کي يزيد جي بيعت ڪرڻ لاءِ اصرار ڪيو ۽ ان ڳالهہ ٻولهہ جو سلسلو 2 محرم الحرام ڪان 10 محرم الحرام تائين هلندو رهيو. مگر حضرت امام حسين رضي الله عنه يزيد جي بيعت ۽ باطل جي سامهون جهڪڻ ڪان صاف انڪار ڪيو، بالآخر 10 محرم الحرام 61 هجري تي حق ۽ باطل جو معرڪو ٿيو جنهن ۾ حضرت امام حسين رضي الله عنه پنهنجي اهل ۽ عيال ۽ جان نثارن سان گڏ بک ۽ اڃ جي حالت ۾ شهيد ڪيا ويا. اهڙي طرح حضرت امام حسين رضي الله عنه

دين اسلام جي سربلنديءَ ۽ ڪلمه حق جي برتري جي لاءِ عظيم الشان قرباني ڏئي عالم اسلام جي لاءِ هڪ مثال قائم ڪيو.

آرامگاهه: عراق جو شهر ڪربلا جيڪو اڄ ڪلهه مشهور شهرن ۾ شمار ٿئي ٿو. اتي سيدنا امام حسين رضي الله عنه جو روضو مبارڪ واقع آهي ۽ اها سندن آرامگاهه آهي.

## مشق

(الف) هيٺين سوالن جا تفصيلي جواب لکو:

1. حضرت امام حسين رضي الله عنه جن جي فضيلتن جي باري ۾ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن ڇا فرمايو آهي؟
2. واقعہ ڪربلا جي باري ۾ توهان ڇا ڇا ڄاڻو ٿا ان تي هڪ مختصر نوٽ لکو.

(ب) هيٺين سوالن جا مختصر جواب لکو:

1. حضرت امام حسين رضي الله عنه جو سلسلہ نسب بيان ڪيو؟
2. حضرت امام حسين رضي الله عنه هڪ ماڻهوءَ جي وضو ڪيئن درست ڪرايو؟

(ج) هيٺين سوالن جي صحيح جوابن تي (✓) جو نشان لڳايو:

1. حضرت امام حسين رضي الله عنه جي آخري آرامگاهه واقع آهي:

| | | | |
|---|---|---|---|
| (الف) | ڪوفه ۾ | (ب) | بصره ۾ |
| (ج) | ڪربلا ۾ | (د) | مدينه منوره ۾ |

2. يزيد ڪوفي جو نئون گورنر مقرر ڪيو هو:

| | | | |
|---|---|---|---|
| (الف) | عبيدالله بن زياد کي | (ب) | وليد بن عتبه کي |
| (ج) | مسلم بن عقيل کي | (د) | نعمان بشير کي |

3. حضرت امام حسين رضي الله عنه جي شهادت 61 هه ۾ ٿي:

| | | | |
|---|---|---|---|
| (الف) | 10 محرم الحرام | (ب) | 15 شعبان |
| (ج) | 12 ربيع الاول | (د) | 10 شوال |

# حضرت ابو عبيده بن جراح رضي الله عنه

## سکيا جي حاصلات

* حضرت ابو عبيده بن جراح رضي الله عنه جي پيدائش ۽ حسب نسب بيان ڪري سگهن. * حضرت ابو عبيده بن جراح رضي الله عنه جون ذاتي، اخلاقي صفتون ۽ فضيلتون بيان ڪري سگهن.
* حضرت ابو عبيده بن جراح رضي الله عنه جي ديني جدوجهد ۽ ڪارناما لکي سگهن.

**نالو ۽ نسب:** اسلامي تاريخ ۾ حضرت ابو عبيده بن جراح رضي الله عنه پنهنجي ڪنيت ابو عبيده سان سڃاتا وڃن ٿا. سندن اصلي نالو عامر بن عبدالله بن جراح بن ﺑﻼل آهي. سندن تعلق قريش جي بنو فهر شاخ سان آهي جڏهن ته سندن والده قبيلہ بنو حارث مان هئي، جنهن اسلام قبوليو هو. حضرت ابو عبيده بن جراح رضي الله عنه جو والد ڪفر جي حالت ۾ جنگ بدر ۾ قتل ٿيو. اسلامي غيرت جي ڪري پاڻ رضي الله عنه پنهنجي نالي سان غير مسلم والد جو نالو شامل ڪرڻ پسند نه ڪيائون. ڏاڏي جي طرف نسبت ڪندي ابو عبيده بن جراح سڏرائڻ لڳا.

**ولادت:** حضرت ابو عبيده بن جراح رضي الله عنه جو خاندان اصل کان مڪي جو رهندڙ هو، جتي عام الفيل کان يارهن سال پوءِ عبدالله بن جراح فهريءَ جي گهر ۾ سندن ولادت ٿي ۽ مڪي ۾ ئي پاڻ رضي الله عنه پليا ۽ وڏيا.

**اسلام قبول ڪرڻ:** بعثت نبوي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي اعلان وقت حضرت ابو عبيده بن جراح رضي الله عنه اٺٽيهه سالن جو نوجوان هو، جوانيءَ جي جوش ۽ آزاد ماحول واري ان دور ۾ به حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه جي ذريعي جڏهن اسلام جو آفاقي پيغام وٽن پهتو ته بغير ڪنهن شڪ جي فوراً اسلام قبوليائون ۽ سڀ کان

پھريان اسلام قبولڻ وارن اَنن ماڻھن کان پوءِ ايمان آڻڻ ۾ سندن شمار ٿئي ٿو.

ذاتي خصتلون ۽ صفتون: حضرت ابو عبيده بن جراح رضي الله عنه سنين خصلتن ۽ اوصاف حميده جا مالڪ هئا. مٿن حد درجي جو الله تعالىٰ جو خوف غالب هوندو هو. سندن طبيعت ۾ تواضع، نوڙت ۽ زهد جھڙيون صفتون سمايل هيون. ۽ جرائت ۽ بهادري ڪين خانداني ورثي ۾ مليل هئي.

پاڻ رضي الله عنه نهايت ئي سادو کائيندا ۽ سادو لباس پائيندا هئا. ڪين اسلامي لشڪر جي اڳواٽي ۽ شام جي ولايت سنڀالڻ جو عهدو به مليو پر سندن قناعت ۽ زهد تي انهن شين جو ڪو به اثر نه ٿيو. حضرت عمر فاروق رضي الله عنه جي زماني ۾ جڏهن پاڻ رضي الله عنه شام ۽ فلسطين جي مهم تي لشڪر جا سپه سالار هئا ته هڪ ڏينهن امير المؤمنين حضرت عمر رضي الله عنه سندن خيمي ۾ اچي پهتا ته اتي ڪين تلوار ۽ ڍال کان سواءِ ڪو به ٻيو سامان ڏسڻ ۾ نه آيو تنهن تي فرمائڻ لڳا: ”(اي ابو عبيده)! ضرورت جو ڪجھ ته سامان پاڻ وٽ رکندا ڪريو.“ ان وقت پاڻ رضي الله عنه جواب ڏنائون ته ”يَا اَمِيْرَالمومنين اِنَّ هٰذَا سَيُبْلِغُنَا الْمَقِيْلَ۔“ (اي امير المؤمنين! اسان جي اها ساڳي حالت اسان کي ڏاڍو جلدي اسان جي آسائش گاھ يعني جنت تائين پهچائيندي. (مصنف عبدالرزاق ڪتاب الجامع باب زهد الصحابه 311/11)

ٻيو دفعو فلسطين جي فتح کان پوءِ حضرت عمر فاروق رضي الله عنه جڏهن فلسطين واري علائقي ۾ حضرت ابو عبيده بن جراح رضي الله عنه جي گھر کاڌي جي لاءِ تشريف فرما ٿيا ته پاڻ رضي الله عنه، امير المؤمنين رضي الله عنه جي سامهون سڪل مانيءَ جا ڪجھ ٽڪرا پاٽيءَ ۾ ٻوڙي پيش ڪيا جيڪي پاڻ به کائيندا هئا، ان وقت امير المؤمنين رضي الله عنه فرمايو: شام ۾ اچي سيئي بدلجي ويا، پر ابو عبيده! توهان ئي آهيو جيڪي پنهنجي حال تي قائم آهيو. الحمدلله!

مسلمانن ۾ اهڙا ماڻهو بہ آهن جو (عهدي ۽ منصب جي باوجود) انهن جي نظر ۾ مال ملڪيت جي ڪا بہ حيثيت نہ آهي.
(سنن ابي دائود ڪتاب الزهد حديث:115)

حضرت ابو عبيده رضي الله عنه جو قد ڊگهو ۽ بدن ڪمزور ۽ نحيف هو. سندن صورت ۽ شڪل بيشڪ سادگي ۽ ڪمزوريءَ جي عڪاس هئي، ليڪن پاڻ رضي الله عنه پنهنجي سيرت ۽ ڪردار سان اسلام جي لاءِ اهي ڪارناما سرانجام ڏنائون جو اڄ بہ پاڻ رضي الله عنه اسلام جي عظيم سپه سالارن ۾ شمار ڪيا وڃن ٿا.

**فضائل ۽ مناقب:** حضرت ابو عبيده بن جراح رضي الله عنه جي لاءِ سڀ کان وڏي فضيلت اها آهي تہ هڪ مجلس ۾ رسول اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جنهن ڏهن صحابن ڪي دنيا ۾ ئي جنتي هجڻ جي خوشخبري ڏني. انهن مان هڪ پاڻ رضي الله عنه هئا. حضرت ابو عبيده رضي الله عنه کي جنگ بدر ۾ بہ شرڪت نصيب ٿي ۽ بدري صحابي سيني صحابہ ڪرام رضي الله عنهم ۾ هڪ ممتاز شان رکندا آهن جن جي تعريف قرآن مجيد ۾ ڪئي وئي آهي.

پاڻ رضي الله عنه پهريان حبش جي طرف ۽ پوءِ مدينه منوره جي طرف هجرت ڪري ٻنهي هجرتن جي سعادت حاصل ڪئي. هجرت جي نائين سال جڏهن يمن ڏانهن علائقي نجران جا ڪجهہ اهل ڪتاب حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي خدمت ۾ علمي مناظري جي لاءِ حاضر ٿيا ۽ ناڪام ٿي بلآخر جزيي ڏيڻ تي آماده ٿيا تہ انهن عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ! توهان اسان تي جزيو مقرر ڪريو اسان اهو ادا ڪنداسين ۽ اسان سان گڏ هڪ امانتدار ماڻهو بہ موڪليو تڏهن نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن حضرت ابو عبيده جو هٿ پڪڙي فرمايو: هٰذَا اَمِيْنُ هٰذِهِ الْاُمَّةِ (هي شخص هن امت جو امين آهي.) (صحيح بخاري، حديث 4380)

**دیني جدوجهد ۽ ڪارناما:** حضرت ابو عبيده بن جراح رضي الله عنه جيئن ايمان آڻڻ ۾ اڳرائي ڪئي اهڙي طرح پاڻ رضي الله عنه ان حق واري راهه ۾ پيش ايندڙ آزمائشن ۽ مشڪلاتن جو مقابلو به ڪيائون ۽ هر موقعي تي استقامت سان قائم رهيا ۽ ان سان گڏ اسلام جي اشاعت جي ڀرپور ڪوشش ڪيائون. سندن انهن بيمثال ڪوشش ۽ ڪارنامن سان تاريخ اسلام جا ورق ڀريل آهن. جڏهن رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن مدينه ڪي باقاعده هڪ اسلامي رياست قرار ڏنو ۽ مدينه منوره جي دفاع کي مضبوط ڪرڻ جي لاءِ ٻهرين هجري ۾ جهاد فرض ٿيو ته حضرت ابو عبيده رضي الله عنه سڀني غزون ۾ ڀرپور حصو ورتو. سن ٽي هجري ۾ غزوه احد جي وقت ڪافرن جي حملي ۾ جڏهن رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جو منهن مبارڪ زخمي ٿي پيو ۽ جسم مبارڪ ۾ زره جون فولادي ڪڙيون اٽڪي پيون ته حضرت ابو عبيده رضي الله عنه پنهنجي ڏندن سان اهي ڇڪي ڪڍيون جنهن جي ڪري سندن ٻه ڏند ڀڄي پيا هئا. حضرت ابو عبيده رضي الله عنه جون اهي قائدانه صلاحيتون ڏسي رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن فتح مڪه جي موقعي تي پوري لشڪر اسلام کي چئن حصن ۾ ورهائي هڪ جٿي جو امير حضرت ابو عبيده رضي الله عنه کي بڻايو. حضرت ابوبڪر رضي الله عنه ۽ حضرت عمر رضي الله عنه جي دور خلافت ۾ حضرت ابو عبيده رضي الله عنه ٻنهي خليفن جي خاص مشيرن ۾ شمار ٿيندا هئا.

حضرت ابوبڪر رضي الله عنه جڏهن ڪين شام جي لاءِ لشڪر جي سربراهيءَ ۾ موڪليو ته ٿوري عرصي ۾ سندن هٿ تي حمص، شام ۽ بيت المقدس فتح ٿيا. 16 هجري 637ع جو حضرت ابو عبيده بن جراح رضي الله عنه جي سامهون رومي سربراه بيت المقدس مسلمانن جي حوالي ڪرڻ تي راضي ٿي ويو ائين حضرت عمر فاروق رضي الله عنه

جي عهد خلافت ۾ بيت المقدس مسلمانن جي قبضي ۾ اچي ويو ۽ فاتح شام ۽ بيت المقدس جهڙا اعزاز حضرت ابو عبيده بن جراح رضي الله عنه جن جي حصي ۾ آيا.

وفات ۽ مدفن: انهن ڏينهن ۾ مسلمانن جي فوجي ڇانوڻي فلسطين جي ڀرارڙي واري علائقي عمواس ۾ هئي تہ اوچتو طاعون جي بيماري ڦهلجڻ شروع ٿي، حضرت ابو عبيده رضي الله عنه جي مشوري سان حضرت عمر فاروق رضي الله عنه هن لشڪر کي دمشق جي قريب جولان علاقي ۾ جابيه جي طرف منتقل ڪيو. وبا جو اثر ايڏو ڦهلجي ويو هو جو هزارين فوجي مسلمان شهيد ٿي ويا، جن ۾ حضرت ابو عبيده بن جراح رضي الله عنه بہ هو. پاڻ رضي الله عنه 18 هہ ۾ 59 سالن جي عمر ۾ هن فاني جهان مان لاڏاڻو ڪيائون. سندن آخري آرامگاهہ الهندي اردن جي شهر ”دير علا“ ۾ واقع آهي جتي هڪ ننڍڙي مسجد بہ قائم آهي.

## مشق

(الف) هيٺين سوالن جا مختصر جواب لکو:

1. حضرت ابو عبيده بن جراح رضي الله عنه جو خانداني تعارف ڇا آهي؟
2. حضرت ابو عبيده بن جراح جي ولادت ڪڏهن ٿي ۽ پاڻ رضي الله عنه پنهنجي پاڻ کي ڏاڏي جي طرف ڇو منسوب ڪيائون؟
3. حضرت ابو عبيده بن جراح رضي الله عنه کي امين هذه الامة ڇو چيو ويو؟
4. ”سريہ سيف البحر“ ۾ مسلمانن کي خاص مدد جو ڪهڙو واقعو پيش آيو؟
5. حضرت ابو عبيده بن جراح رضي الله عنه جي ساده زندگي جو هڪ مثال پيش ڪيو؟

(ب) هيٺين سوالن جي صحيح جوابن تي (✓) جو نشان لڳايو:

1. حضرت ابو عبيده بن جراح رضي الله عنه جو نالو هو:

(الف) عبدالله (ب) عمر
(ج) عمران (د) عامر

2. ”اَمِيۡنُ هٰذِهِ الۡاُمَّةِ“ لقب هو:

(الف) حضرت انس رضي الله عنه جو (ب) حضرت عمر رضي الله عنه جو
(ج) حضرت ابو عبيده بن جراح رضي الله عنه جو (د) حضرت اسامه رضي الله عنه جو

3. حضرت ابو عبيده بن جراح رضي الله عنه ٻن ملڪن جي طرف هجرت ڪئي:

(الف) حبش ۽ مدينه منوره (ب) مڪه مڪرمه ۽ مدينه منوره
(ج) شام ۽ فلسطين (د) طائف ۽ مدينه منوره

4. حضرت ابو عبيده بن جراح رضي الله عنه جي وفات جو سبب هو:

(الف) شهادت (ب) طاعون جي وبا
(ج) بخار (د) دل جو دورو

**استادن لاءِ هدايتون**

استاد محترم ڪي گهرجي تہ هو شاگردن ۽ شاگردياڻين کي بيت المقدس جي موجوده صورتحال کان واقف ڪن ۽ ان سلسلي ۾ هڪ مذاڪري جو اهتمام ڪن.

# جابر بن حيان رحمة الله عليه

## سکيا جي حاصلات

* جابر بن حيان جو نالو ۽ نسب ۽ زندگي جا حالات بيان ڪري سگهن.
* جابر بن حيان جا سائنسي ڪارناما ۽ تصنيفون تحرير ڪري سگهن.

**تعارف:**

جابر بن حيان رحمة الله عليه مشهور مسلمان سائنسدانن مان هڪ آهي، جنهن کي علم ڪيميا ۾ "ڪيميا جي باني" جي لقب سان ياد ڪيو ويجي ٿو. علم ڪيميا کانسواءِ فلڪيات، طب، جاميٽري، فلسفو، منطق، سياست ۽ ادب ۾ بہ کين ڪامل مهارت حاصل هئي.

**نالو ۽ نسب:** سندن پورو نالو جابر بن حيان بن عبدالله ڪوفي رحمة الله عليه آهي ۽ لقب "صوفي" ۽ ڪنيت "ابو موسیٰ" آهي سندن ابا ڏاڏا خراسان ۽ طوس سان تعلق رکندا هئا. جتي 102 هجري ۾ ازد قبيلي ۾ سندن ولادت ٿي. انهن سيني نسبتن جي سبب پاڻ کي پنهنجي ڪتابن ۾ نالي سان گڏ "ڪوفي" "اَزدي"، "طوسي" يا "صوفي" لکندا هئا. يورپ وارا کين "Gaber" جي نالي سان سڃاڻن ٿا.

**زندگي جا حالات:** جابر جو والد حيان بن عبدالله اصل ۾ شام جو رهاڪو هو، اُتان جي سياسي ۽ اقتصادي حالتن جي خراب هجڻ سبب هو شام مان لڏي "طوس" ۾ اچي رهيو، حيان بن عبدالله عطر جو ڪاروبار ڪندو هئو. ان لاءِ طوس ۾ اچڻ ساڻ ئي هن پنهنجي ابي ڏاڏي واري هنر جي ذريعي "خوشبو جو دڪان" کوليو.

دڪان کولڻ جي ڪجھ مهينن کان پوءِ جابر جي ولادت ٿي، تنهن ڪري سندن رحمة الله عليه جي ابتدائي تعليم طوس ۾ پنهنجي والد محترم جي نگراني ۾ ٿي. اسڪول جو ڪم پورو ڪرڻ کان پوءِ پنهنجي والد جي دڪان تي اچي ويهندا هئا. پهريان تہ صرف ڏسندا ۽

اتي موجود شين جي باري ۾ پڇندا هئا. پر پوءِ پنهنجي پيءُ کي دڪان ۾ هٿ ونڊائڻ لڳا. هن جي دلچسپي دڪان ۾ موجود عطر، خوشبوئن، خوشبو ناهڻ جي ڪم ۾ اچڻ وارين جڙي ٻوٽين، ٻوٽن، گلن ۽ ٻين شين جي طرف وڌڻ لڳي. پنهنجي پيءُ کان معلومات وٺندا، شين کي سجاڳيندا پوءِ انهن جي باري ۾ تجربا ڪندا ۽ انهن جون خصوصيتون ذهن نشين ڪندا رهندا هئا. حيان پنهنجي پٽ جي دلچسپي جو خيال رکندي ان کي موضوع متعلق ڪتاب ۽ معلومات فراهم ڪندو رهيو. ان سان گڏ هن کي قديم فلاسفرن جي باري ۾ به ٻڌائيندو هو.

جڏهن جابر بن حيان رحمة الله عليه جو پيءُ وفات ڪري ويو ته ان پنهنجي پيءُ جي وصيت کي ياد ڪندي ٻيهر نئين جذبي سان پنهنجي تعليم تي توجهه ڏنو، سندن استادن ۾ امام جعفر صادق رضي الله عنه نمايان حيثيت رکن ٿا. ڪين پيءُ جي وصيت هئي ته ”تون خوب محنت ڪان ڪم وٺ، هڪ ڏينهن ضرور تنهنجو شمار وڏن وڏن سائنسدانن ۾ ٿيندو.“ ان ڳالهه کي ياد ڪندي پاڻ رحمة الله عليه طبعيات، رياضي ۽ ٻين علمن کي حاصل ڪرڻ ۾ مشغول ٿي ويا جڏهن سندن عمر ٽيهه سال ٿي ته پنهنجي خاندان کي وٺي ڪوفي لڏي ويا.

**سائنسي ڪارناما:** جابر بن حيان رحمة الله عليه دواسازي ۽ ذات سازي ۾ ڏاڍا تجربا ڪيا ۽ نيون نيون شيون ايجاد ڪيون ۽ خاص ڪري علم ڪيميا بابت اهڙا اصول ناهياؤن جيڪي اڄ تائين قابل اعتبار سمجهيا وڃن ٿا.

جڙي ٻوٽين ۽ ميون کي گرم ڪري انهن مان عرق ڪڍڻ جي لاءِ پاڻ رحمة الله عليه ”قرع انبيق“ نالي اوزار ناهيائون جنهن کي اڄ جي زماني ۾ ”قرنفل“ چيو وڃي ٿو. پاڻ رحمة الله عليه ”گندرف جو تيزاب“، ”لوڻ جو تيزاب“، ”ڪاربونيٽ آرمينڪ سلفائيڊ“، ”خضاب ناهڻ جو طريقو“، ”ڌاتو کي ڪشتو ڪرڻ“ ۽ ”لوهه کي چمڪائڻ جا طريقا“

ايجاد ڪيا. هيءُ پهريون ڪيمياڊان هو جنهن مادي کي ٽن حصن ۾ تقسيم ڪيو: نباتات، حيوانات ۽ معدنيات ۽ وري معدنيات کي ٽن حصن ۾ ورهايو: بخارات ۾ تبديل ٿيڻ واريون شيون، باهه تي ڳرڻ واريون شيون ۽ اهي شيون جيڪي گرم تي ڦاٽي پون.

اڳين مطالعي ۽ تجربن جي بنياد تي پاڻ رحمة الله عليه دوا سازي، طب ۽ ذات سازي جي باري ۾ غور ۽ فڪر ڪري نيون شيون ايجاد ڪيائون جيڪي پهريان ڪنهن کي بہ معلوم نہ هيون، مختلف ذاتي جزن ۽ ڪيميائي عملن جي ذريعي هڪ پاڻياڻي مادي کي تيار ڪيو جيڪو هر شي کي ڳاري رکي پيو ان جو نالو ”تيزآب“ کان ”تيزاب“ پئجي ويو. اهڙيءَ طرح سندن ڪوشش سان هڪ نئون سائنسي فن ”ڪيميا“ جو بنياد پيو.

**جابر بن حيان رحمة الله عليه جون تصنيفون:** جابر بن حيان رحمة الله عليه کي گهڻين تصنيفن وارن ماڻهن ۾ شمار ڪيو وڃي ٿو. ان جي رسالن ۽ ڪتابن جو تعداد 232 کان وڌيڪ آهي. هڪ قول مطابق سندن پنج سؤ کان وڌيڪ تصنيفون آهن جن مان گهڻيون زماني جي حالات جي نذر ٿي ضايع ٿي ويون.

جابر بن حيان رحمة الله عليه جا گهڻا عربي ڪتاب لاطيني ۽ پوءِ لاطيني کان انگريزي زبان ۾ ترجمو ٿي يورپ تائين پهتا، ائين سندن جي ڪري يورپ علم ڪيميا سان روشناس ۽ واقف ٿيو. انهن ڪتابن مان ”ايضاح“، ”الخواص الڪبير“، ”الميزان“ علم ڪيميا سان متعلق آهن. (اعظم علماء ڪيميا جابر بن حيان ص 20) جڏهن تہ ٻيا ڪتاب فلڪيات، طبعيات، جاميٽري، فلسفہ ۽ منطق ۽ علم سياست جي باري ۾ آهن.

## مشق

**(الف) هيٺين سوالن جا تفصيلي جواب لکو:**

1. جابر بن حيان رحمة الله عليه جون علم ڪيميا ۾ خدمتون لکو.
2. جابر بن حيان رحمة الله عليه جي تصنيفن جي باري ۾ اوهان ڇا ٿا ڄاڻو؟

**(ب) هيٺين سوالن جا مختصر جواب لکو:**

1. جابر بن حيان رحمة الله عليه جي خاندان ۽ پيدائش جي جاءِ جي باري ۾ اوهان ڇا ٿا ڄاڻو؟
2. جابر بن حيان رحمة الله عليه جو پيءُ ڪهڙو ڪاروبار ڪندو هئو؟
3. جابر بن حيان رحمة الله عليه جون ڪهڙيون مشهور ايجادون آهن؟
4. جابر بن حيان رحمة الله عليه جي تصنيفن مان علم ڪيميا جي متعلق ڪتابن جا نالا ٻڌايو؟

(ج) هيٺين سوالن جي صحيح جوابن تي (✓) جو نشان لڳايو:

1. جابر بن حيان رحمة الله عليه جي ڏاڏي جو نالو هو:

(الف) عبيدالله (ب) عبدالرحمٰن (ج) عبدالله

2. جابر بن حيان رحمة الله عليه جي خاندان جو نالو هو:

(الف) قريش (ب) صديقي (ج) ازد

3. جابر بن حيان رحمة الله عليه جي پيءُ جو ڪاروبار هو:

(الف) ڪاٺيون وڪڻڻ (ب) خوشبو جو (ج) چمڙو تيار ڪرڻ جو

4. جابر بن حيان رحمة الله عليه جي مشهور ايجاد آهي:

(الف) ڪمپيوٽر (ب) بلب (ج) تيزاب

5. عرق ڪڍڻ لاءِ انهيءَ ايجاد ڪيو:

(الف) مٽڪو (ب) قرنفل (ج) بوتل

استادن لاءِ هدايتون

استادن کي گهرجي تہ شاگردن ۽ شاگردياڻين کي:

- جابر بن حيان رحمة الله عليه جي تصنيفي خدمتن جي باري ۾ خاص طور تي رهنمائي ڪن.
- مسلمانن جي سائنسي خدمات جي باري ۾ هڪ مذاڪرو منعقد ڪن.

# حضرت محمد راشد روضي ڌڻي رحمة الله عليه

**سکيا جي حاصلات**

* حضرت محمد راشد روضي ڌڻي رحمة الله عليه جي ولادت باسعادت ۽ ننڍپڻ لکي سگهن. * حضرت محمد راشد روضي ڌڻي رحمة الله عليه جي تعليم تربيت ۽ روحاني سلسلو لکي سگهن.
* حضرت محمد راشد روضي ڌڻي رحمة الله عليه جي علمي روحاني ۽ مجاهدانہ خدمتون بيان ڪري سگهن.

**تعارف:**

سنڌ جي سر زمين هميشہ کان مشهور خطو رهيو آهي جنهن ۾ اهي هستيون پيدا ٿيون آهن جن جي ڪري سنڌ کي علم ۽ ادب ۽ امن ۽ سڪون جي سر زمين شمار ڪيو وڃي ٿو. اهڙين بزرگ شخصيتن مان سنڌ جي هڪ مايہ ناز شخصيت حضرت محمد راشد روضي ڌڻي رحمة الله عليه بہ آهن. سندن پورو نالو سيد محمد راشد بن محمد بن بقا بن محمد امام شاهه آهي. جڏهن تہ سندن لقب ”روضي ڌڻي“ ۽ ڪنيت ”ابو ياسين“ آهي. حضرت محمد راشد رحمة الله عليه سنڌ جي مشهور سادات قبيلي راشدي خاندان جا جدِ امجد آهن. سندن سلسلہ نسب ڇهين پيڙهي کان پوءِ حضرت امام حسين بن امير المؤمنين حضرت علي ڪرم الله وجه سان ملي ٿو.

حضرت محمد راشد رحمة الله عليه جي خاندان جا جد امجد (ڏاڏا سڳورا) حضرت سيد علي مڪي رحمة الله عليه آهن جن دين اسلام جي اشاعت خاطر پنهنجو وطن ڇڏيو ۽ ڪوهين ڏور اچي سنڌ جي قديم شهر سيوستان (سيوهڻ) جي ويجهو لڪ آري ۾ رهائش اختيار ڪئي. انهيءَ سبب سان سندن جو خاندان لڪياري مشهور ٿيو. لڪياري سادات ۾ مشهور بزرگ حضرت شاهه صدر رحمة الله عليه جي اولاد مان حضرت سيد محمد بقاء شاهه شهيد رحمة الله عليه پنهنجي

دور جا وڏا عالم، عارف بالله ۽ باڪمال بزرگ آهن جيڪي حضرت محمد راشد رحمة الله عليه جا والد گرامي آهن.

**ولادت باسعادت:** حضرت پير محمد راشد رحمة الله عليه جي پيدائش رمضان المبارڪ 1171هه ۾ خيرپور ميرس جي ويجهو هڪ ڳوٺ رحيم ڏنو ڪلهوڙو ۾ ٿي. چيو وڃي ٿو ته رمضان المبارڪ ۾ کير پياڪ هن ٻار جي عادت ٿي وئي جو سحريءَ جي وقت پنهنجي ماءُ جو کير پي سڄو ڏينهن روزيدارن وانگر گذاريندو هو ۽ مغرب جي اذان مهل وري کير جي لاءِ ماءُ کي چنبڙي ويندو هو، ان رويي جي سبب کين "روزي ڌڻي" (روزي رکڻ وارو) چيو ويندو هو بعد ۾ سندن روضي جي طرف منسوب ڪري کين روضي ڌڻي چيو ويو.

**ننڍپڻ جو زمانو:** پير سيد محمد راشد روضي ڌڻي رحمة الله عليه نيڪ بخت والد جا سعادت مند فرزند هئا جنهن جا اهڃاڻ سندن ابتدائي زندگي کان ئي ظاهر هئا. سندن ننڍپڻ جو زمانو تلاوت قرآن ۽ ذڪر الاهي ڪرڻ واري والده جي هنج ۾ گذريو پنهنجي هم عمر ٻارن سان گڏ کيڏڻ ۽ فضول ڪمن ۾ مشغول ٿيڻ بدران سندن گهڻو وقت گهر جي پاڪيزه ۽ روحاني ماحول ۾ گذرندو هو جنهن ڪري سندن ننڍپڻ کان ئي علم ۽ عرفان سان عشق ٿي پيو. علم حاصل ڪرڻ جي عمر کي پهچڻ تائين پنهنجي گهر ۽ والدين جي پاڇي ۾ رهيا.

**تعليم ۽ تربيت:** حضرت سيد محمد بقاء رحمة الله عليه پنهنجي اولاد جي تربيت جي لاءِ خصوصي طور تي وقت مقرر ڪري ڇڏيو هو ۽ پاڻ سيد محمد راشد رحمة الله عليه سان گڏ ان جي ڀين ڀينرن ۽ ڀائرن کي گهر ۾ ئي پاڻ وٽ ابتدائي تعليم ڏيڻ جو سلسلو شروع ڪيائون ۽ شروع کان ئي پنهنجي اولاد جي ذهن سازي جي لاءِ انهن کي فرمائيندا هئا: پٽ! اسان توهان کي ظاهري علم جي تعليم ڏيارڻ جي لاءِ جيڪا محنت ڪيون ٿا ان جو مقصد اهو ناهي ته توهان صرف دنياوي غرض جي لاءِ قاضي ۽ عالم چورائيندا رهو. بلڪ ان جو مقصد شريعت مطهره

جي واقفيت ۽ سنت جو اتباع آهي جنهن ۾ ٻنهي جهانن جي ڪاميابي آهي. حضرت محمد راشد رحمة الله عليه پنهنجي والد گراميءَ کان علاوه حافظ زين الدين مهيسر رحمة الله عليه ۽ ميان محمد اڪرم گهمرو رحمة الله عليه کان بہ تعليم حاصل ڪندا رهيا. وڌيڪ تعليم جي لاءِ ڪين شڪارپور جي مشهور بزرگ شاهہ فقير الله علوي رحمة الله عليه جي مڪتب ۾ ويهاريو ويو اهو بزرگ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي رحمة الله عليه جو خاص شاگرد هو.

هڪ دفعي جڏهن پاڻ رحمة الله عليه جا والد سيد محمد بقا شاهہ رحمة الله عليه مدرسي ۾ آيا تہ ڪين معلوم ٿيو تہ مدرسي جي عام طالبن جي ڪاڏي جي بجاءِ سندن اولاد ڪي سنو ۽ الڳ ڪاڏو ڏنو وڃي ٿو تڏهن پاڻ رحمة الله عليه فرمايائون تہ ”جتي ماني سان گڏ ڀاڄي ملندي هجي اتان علم حاصل نہ ٿيندو آهي.“ پوءِ سندن ڀاءُ علي المرتضىٰ رحمة الله عليه سان گڏ ڪين موجوده ضلع نوشهرو فيروز جي شهر ڪوٽڙي محمد ڪبير جي مشهور عالم مخدوم يار محمد صديقي رحمة الله عليه جي مدرسي ۾ داخل ڪرايو ويو جتان تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ ڪين لاڙڪاڻي جي ويجهو آريجا ڳوٺ جي استاد الڪل حضرت مولانا محمد آريجوي رحمة الله عليه وٽ موڪليو ويو ۽ جتان ڪين فراغت جي سند حاصل ٿي.

**روحاني سلسلو ۽ سلوڪ ۽ عرفان:** حضرت محمد راشد روضي ڌڻي رحمة الله عليه سلوڪ جي ابتدائي تربيت پنهنجي والد گرامي حضرت محمد بقا شاهہ رحمة الله عليه کان سلسلي نقشبندي ۽ پوءِ قادري طريقي ۾ حاصل ڪئي. سيد محمد بقا شاهہ سلسلي قادري ۾ جهنگ پنجاب جي حضرت عبدالقادر خامس جيلاني رحمة الله عليه سان ۽ سلسلي نقشبنديءَ ۾ مخدوم محمد اسماعيل پريالوي سان بيعت ڪئي هئي تنهن ڪري ستاويهن سالن جي عمر ۾ پاڻ پنهنجي والد گراميءَ حضرت محمد بقا شاهہ جا جانشين مقرر ٿيا ۽ شريعت، طريقت،

ذڪر خداونديءَ ۽ سنت نبويءَ جي اشاعت ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو.

علمي، روحاني ۽ مجاهدانہ خدمتون: حضرت محمد راشد رحمة الله عليه نہ صرف علم روحاني ۾ ڪامل هئا بلڪ ظاهري علوم خاص ڪري تفسير، حديث، فقه، تصوف، تاريخ، لغت ۽ علوم ۽ فنون ۾ ڪامل دسترس رکندا هئا. ڪين فارسي ۽ عربي زبانن سان غير معمولي لڳاءُ هو، سندن وسعت مطالعه ۽ ڪتب بينيءَ جو هي عالم هو جو هر وقت ڪو نہ ڪو ڪتاب سندن هٿ ۾ هوندو هو. وٽن هڪ وڏو علمي ڪتب خانو بہ هو. ماڻهن کي ڪتابن جو شوق ڏيارڻ جي لاءِ فرمائيندا هئا: "جيڪو ماڻهو مهانگا ڪتاب خريد ڪندو ان جي اولاد مان علم ڪڏهن بہ نہ ڪٽندو."

حضرت محمد راشد روضي ڌڻي رحمة الله عليه عوام کي رشد ۽ هدايت ۽ دين جي طرف دعوت ڏيندا رهندا هئا ۽ جيڪو وقت بچندو هئن تہ تصنيف ۽ تاليف ۾ مصروف رهندا هئا، تنهن ڪري جمع الجوامع، فارسي لغت ڇئن وڏن جلدن ۾، "آداب المريدين"، "مڪتوبات" "شرح اسماء الله الحسنىٰ" ۽ "جامع سنڌي ڪلام" سندن مشهور تصنيفون آهن جڏهن تہ سندن وعظ و نصيحت اقوال ۽ احوال جو مجموعو "ملفوظات شريف پير محمد راشد روضي ڌڻي رحمة الله عليه" جي نالي سان مشهور آهي جيڪا سندن خليفن مرتب ڪيو. حضرت محمد راشد روضي ڌڻي رحمة الله عليه جي علمي فيض سان گڏ سندن روحاني فيض بہ هزارين ماڻهن جي دلين جي لاءِ فائديمند ثابت ٿيو.

پنهنجي والد گراميءَ کان سلوڪ ۾ خلافت حاصل ڪرڻ کان پوءِ پاڻ رحمة الله عليه سنڌ کان سواءِ پنجاب، انديا جي علائقن: ڪڇ ڀُڄ، راجستان، گجرات، ڪاٺياواڙ ۽ بلوچستان تائين سفر ڪري ماڻهن کي علمي ۽ روحاني فيض ڏيندا رهيا. ان کان سواءِ سماج ۾ ڦهليل غلط رسمن ۽ بدعتن کي ختم ڪرڻ جي لاءِ بہ پاڻ مجاهدانہ ڪردار ادا

ڪيائون. اها حقيقت آهي تہ هندستان ۾ جهڙي ريت شرڪ ۽ بدعتن جي خلاف حضرت مجدد الف ثاني رحمة الله عليه ۽ شاهہ ولي الله محدث دهلوي رحمة الله عليه جهاد ڪري سنتِ رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ کي زنده ڪيو ۽ ماڻهن جي دلين ۾ نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ ۽ صحابن سڳورن جي محبت ۽ عقيدت کي مضبوط ڪيو، ساڳي ريت حضرت محمد راشد روضي ڌڻيءَ رحمة الله عليه سنڌ جي اندر اهي ڪارنامہ سرانجام ڏنا. سندن روحاني سلسلي ۽ تعليمات کي ڦهلائڻ ۾ سندن اولاد (پير پاڳارو ۽ پير جهنڊو) ۽ خليفن اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. جنهن جا اثر اڄ بہ موجود آهن.

**وفات:** علم ۽ عرفان جي هن عظيم رهبر پهرئين شعبان المعظم 1234 هجري تي وفات ڪئي. سندن عمر 63 سال هئي. ڪين درگاهہ رحيم ڏنو ڪلهوڙو ۾ دفنايو ويو پر بعد ۾ سن 1250 هجري ڌاري سنڌو درياءَ جي ڇاڙھ سبب ڪين موجوده شهر پير جو ڳوٺ، ڪنگري ضلع خيرپور ميرس ۾ منتقل ڪيو ويو جتي سندن روضو ۽ خانقاهہ موجود آهي.

## مشق

(الف) هيٺين سوالن جا تفصيلي جواب لکو:

1. حضرت محمد راشد روضي ڌڻيءَ رحمة الله عليه جون علمي ۽ روحاني خدمتون لکو.
2. حضرت محمد راشد روضي ڌڻيءَ رحمة الله عليه کي روضي ڌڻيءَ جو لقب ڇو ڏنو ويو؟

(ب) هيٺين سوالن جا مختصر جواب لکو:

1. حضرت محمد راشد روضي ڌڻي رحمة الله عليه جو خانداني نسب بيان ڪريو؟
2. حضرت محمد راشد روضي ڌڻي رحمة الله عليه شروعاتي تعليم ڪٿي حاصل ڪئي؟

(ج) هيٺين سوالن جي صحيح جوابن تي (✓) جو نشان لڳايو:

1. حضرت محمد راشد روضي ڌڻي رحمة الله عليه جو سلسلہ نسب ملي ٿو:

(الف) حضرت ابوبڪر رضي الله عنه سان (ب) حضرت عباس رضي الله عنه سان

(ج) حضرت امام حسين رضي الله عنه سان (د) حضرت حمزه رضي الله عنه سان

2. حضرت محمد راشد روضي ڌڻي رحمة الله عليه جو ڳوٺ رحيم ڏنو ڪلهوڙو واقع آهي:

(الف) شڪارپور ۾ (ب) سکر ۾

(ج) خيرپور ميرس ۾ (د) نواب شاهہ ۾

3. حضرت محمد راشد روضي ڌڻي رحمة الله عليه جي اقوال ۽ احوال تي مشتمل ڪتاب آهي:

(الف) سنڌي ڪلام (ب) تحفة السالڪين

(ج) جمع الجوامع (د) ملفوظات شريف

4. اسلام جي اشاعت جي لاءِ پنهنجو اباڻو وطن ڇڏي ڪري رهائش اختيار ڪئي:

(الف) سيوهڻ (ب) لڪ آري

(ج) آمري (د) ميهڙ

**استادن لاءِ هدايتون**

شاگردن ۽ شاگردياڻين کي حضرت پير محمد راشد رحمة الله عليه جي اولاد جي خدمتن کان آگاهه ڪن خاص ڪري:
* وطن جي آزادي ۾ حر تحريڪ جو ڪردار * پير جهنڊو ۾ مدرسي دارالرشاد ۽ مڪتب جو قيام * هن خاندان تي پاڳارو ۽ پير جهنڊو نالو پوڻ جي وجہ تسميہ